
بلديو گاجرا

۽

سنڌس چونڊ رچنائون



موتيرام ايس. رامواڻي

ٻلديو گاجرا

۽

سندس چونڊ رچنائون

ٻلديو گاجرا

۽

سنڌس چونڊ رچنائون

سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ :

موتيرام سترامداس رامواڻي

شاردا پرڪاشن - بمبئي

ڌنيواد

هيٺين سڄڻن هن گرانٿ لاءِ پنهنجو سهڪار ڏنو آهي:

١. راشٽريه سيوا سمتي، بمبئي	٢ هزار رپيا
٢. شري آسود ومل، دهلي	٥٠٠ رپيا
٣. شري ڀيرواڻي نروتمداس، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٤. شري ڀاڳچنداڻي ڀڳوانداس، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٥. شري چاولا ٺاڪر، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٦. شري درياناڻي ونسيمل ايس.، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٧. شري ڏاٺا ارجنداس ديوپداس، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٨. شري گربخشاڻي چندرو ايم.، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٩. شريمتي گرناڻي وشني، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٠. شري سمک اسراڻي، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١١. شري جواهراڻي رام، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٢. شريمتي ڪسم ڪندن، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٣. شري ڪيولاڻي چوئٿرام ٽلوڪچند، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٤. شري منگهناڻي چندرو، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٥. شري ناگپال ڪنيالال، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٦. شري ننداڻي هيرانند، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٧. شري روپاڻي نانڪ، بمبئي	٥٠٠ رپيا
١٨. شري رائسنگهاڻي سي.، پونو	٥٠٠ رپيا
١٩. شري رامواڻي موٽيرام ايس.، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٢٠. شري راجپال ڀلاجداس، ٽي. بمبئي	٥٠٠ رپيا
٢١. شري سپاهيملاڻي منگهارام، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٢٢. شهاڻي موهنلال جي.، پونو	٥٠٠ رپيا
٢٣. شري ٽولاڻي نندلال پريداس، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٢٤. شري واسواڻي ٻي. ڪي.، بمبئي	٥٠٠ رپيا
٢٥. شري واسواڻي ٽرمل، گانڌيڌام - ڪڇ	٥٠٠ رپيا
٢٦. هڪ سڄڻ، دهلي	٥٥٠ رپيا
٢٧. شريمتي ريتا شهاڻي، پونو	٥٠٠ رپيا

پنوتري

ڀاڱو پهريون

صفحو

ڀاڱو ٻيون

Published by :
MOTIRAM S. RAMWANI
14/3-4 Ramakrishna Society,
J. V. P. D. Scheme, Road No. 9,
JUHU, Bombay-400 049

December 1990

Price Rs. 75/—

Printed by :
Vasudev G. Wadhwani
Sundri Printing Press,
Near Municipal School,
Gandhi Bazar Road,
Chembur Colony,
Bombay - 400 074
Phone: 555 09 74

ٻه اکر

سنڌي سماج پنهنجن جن سپوتن ۽ سپٽ پرشن تي ناز ۽ فخر وٺي سگهي ٿو، ان مان لاشڪ شري ٻلديو ٽاراچند گاجرا هڪ آهي. سپٽ پنهنجي ٻاسي ورهين جي جيوت ۾ سڀا سارا سٺ سال ساروجنڪ جيون ۾، ۽ ديش ۽ سماج جي سيوا ۾ صرف ڪيا آهن. هي پيارو سنڌي سماج جو هڪ پرم سيوڪ آهي. ديش ڀڳت، سوتنترتا سنگرامي، ودوان، پترڪار، ليکڪ، ساهتڪار ۽ شاعر آهي. ڪرم يوگي جيان جيون جي جدا جدا کيترن ۾ پاڻ موهيو ۽ موڪيو اٿس. پنهنجن اُديشن ۽ آدرشن سان سدائين سچو ٿي رهيو آهي. پنهنجي پد لئي پورو، پڪو ۽ پختو رهي، قرباني ۽ تياڳ ڀري جيون گهاري، دنيا ڪارڻ دين نه گنوايو آهي. جت لوڪ لهوارو وهندا آهن، اتي هي سورهيه وهڪ سامهون اوپارو هلي راهه ۾ پيدا ٿيل ڏکيائن، ڪٺنائن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيئي، سنتوش ۾ رهي، آنند ڀري جيون گهاري رهيو آهي.

گذريل ۹ سيپٽمبر ۱۹۹۰ تي سنڌس ٻاسي جنم ڏينهن هو. ان ڪان ڪجهه ڏينهن اڳ دل اندر ڀاونا اڀري ته ٻلديو جهڙي شخصيت جي سنڌس جيئري ئي قدرشناسي ڪري، هڪ ٿاهوڪو ۽ لاثاني گرنٿ تيار ڪري ڇپائي وڃي، جو هڪ عمدي ۽ خاصي دائمي يادگار جو واهڻ ٿئي. اهي ويچار مون پنهنجي متر نند ڇپائيءَ سان ونڊيا. هو هن ڏس ۾ مون سان سؤ سيڪڙو سهمت ٿيو.

ٻه سال اڳ مون "جيٺمل پرسرام ۽ سنڌس چونڊ رچنائون" گرنٿ لکي تيار ڪيو هو. هڪ ساهتڪار جي جدا جدا

اٿم. خبر نه آهي ته باقي ڪيتري حياتي آهي. ايشور کي اهائي پرارٿنا آهي ته مون کي جو سنتوش جو ڏن ڏنو اٿس، اهو مون کان ڪڏهن به کسي نه وڃي. پاٺڪن ۽ مترن کان به اهائي دعا ٿو منگيان.

گرنٿ جو ٻيو ڀاڱو ٢٢٤ صفحن ۾ آهي، جنهن ۾ سنڌس ٣٥ چونڊ رچنائون ڏنل آهن. جن مان ۴ رچنائون ڪوتا ۾ ڏنل آهن. نثر ۾ رچنائون، سنڌس ڇپيل ڪتابن - زندگيءَ جا ورق، گوناگون مضمون، ادبي مضمون، پروفيسر رام پنجواڻي - ساهتڪار ۽ ڪلاڪار، روحاني رهاڻ، ٽيڳونمل ۽ ايش اُپنشد - مان چونڊيل آهن.

ڪوتا ۾ چار رچنائون آهن: "ڪانگريس جي ڪهاڻي" "آزاد ٿيو وطن"، "جيون گاٿا" ۽ "پنڊت جواهرلال جا سنگه" باپوجي جي ڪهاڻي "جيون گاٿا" ۾ گمنام لکيو آهي:

جڏهن ڀيرت ٿي ڀارت مات ٻاڏائي ڪئي فرياد
۽ گيتا ۾ ٻڌايل قول ڪرشن کي ياد ڏياريو
تڏهن آيو وري اوتار موهن جو ڪري ڌارڻ
آزادي ڪال کان پرڀوءَ ڏنل پنهنجي وچن ڪارڻ.

۽ باپوجيءَ

ٻڌائي مرد مٽيءَ مان ٺهي ۾ جان ڦوڪيائين
وهايو خون ڀل پنهنجو، وهائڻ ٻين جو روڪيائين
سدرشن چڪر جي عيوض هلائي چڪر چرخي جو
اهنسڪ سوٽر پهرڻ کان ورتائين ڪارڻ گولن جو
ٺڪ چپٽي منجهان پيدا ڪيائين وير لاثاني
لڙيا جي جنگ آزادي ٻڌي سوراج جا باني

روسي شاعرا مئڊم مرزا ڪيمپي جي روسيءَ ۾ لکيل ڪوتا "پنڊت جواهرلال جا سنگه" دنيا جي ڪيترن ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. ٻڌيو گاجرا "گمنام" ان ڪوتا جو ترجمو

پهلوئن تي مضمون لکڻ ۽ انهن سان گڏ سندس چونڊ رچنائون پڻ شامل ڪري هڪ گرنٿ ۾ ڇپائڻ جي رٿا سنڌي ساهت ۾ نرالي ۽ انوکي هئي. اهو ڇهن سون جي گرنٿ جو دستخط ڪجهه عرصي کان سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ هيٺ سنڌي صلاحڪار بورڊ کي سندن گرانٽ لاءِ موڪليل آهي. ساڳئي وچار ڌارا کي ويڪرو ڪرڻ جوڳو سمجهي، "بلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون" گرنٿ تيار ڪرڻ کي لڳي ويس.

"بلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون" گرنٿ ڇپجي ۽ راس ٿي سنڌي سماج اڳيان ڌري رهيو آهيان. هن وقت ائين ٿي چئبو ته هي گرنٿ سنڌي ساهت ۾ هڪ انوکي ۽ يگاني جاءِ والاريندو. هي گرنٿ ڊيمي سائيز ۾ ڪل ٣٦٤ صفحن ۾ آهي ۽ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي.

١١٦ صفحن جي پهرئين ڀاڱي جا ست باب هي آهن: آپ بيتي؛ بلديو گاجرا - ساهتڪار؛ بلديو گاجرا - شاعر؛ بلديو گاجرا - نقاد؛ بلديو گاجرا - سماج سڌارڪ؛ بلديو گاجرا - پرڪاشڪ ۽ بلديو گاجرا اتهاسڪار.

آپ بيتي باب بلديو گاجرا جي قلم مان آهي. مون ڪيس وينتي ڪئي ته هو پنهنجي جيون جون مکيه جهلڪون پاڻ لکي ڏئي. هن منهنجي وينتي سويڪار ڪري هي لکي ڏنو. هن باب ۾ هن پنهنجي اوائلي جيون، ڪاليجي جيون، آزاديءَ جي بعد ۾ گهرڻ، پاڪستان ۾ رهي پوڻ، ڀارت ۾ اچڻ، سارو جنڪ جيون ۽ پترڪار جيون، گرهستي جيون ساهتڪ کيتر ۾ ڪتابن لکڻ ۽ ڇپڻ جو سلسليوار ٺاهوڪو ورڻن ڪيو آهي. باب جي پڇاڙيءَ واري "الوداع" باب جو پوڳه پائيندي، هن لکيو آهي: "پياسي ورهيه عمر

رچنائون واد وواد جون ڪارڻ بڻيون آهن. ادبي ملهن لئي سنڌس رچنائون ڪامياب رهيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سنڌس ڪنهن بہ رچنا/ڪتاب کي ڪو انعام ڪونہ مليو. ان لاءِ مکيہ سبب سنڌس کري - تيز آلوچنا ٿي سگهي ٿو. ڪتابي سمالوچنا واري ڪالم ۾ پارٽواسي سنڌس اخبار اڳري رهي. اسان کي ڪاليج ۾ ائين چوندا هئا تہ تنقيد جي خيال کان پارٽواسي ضرور نظر مان ڪيو. شاعريءَ واري ميدان ۾ مان سمجهان ٿو ٻلديو گاجرا اڪيلو شخص آهي جنهن عزيز جهڙي نر شاعر سان ٻهر وزن تي ٽڪر کاڌو. ڊاڪٽر ارجن شاد سان بہ سنڌس وڙهہ وسرڻ جي ڪونہ آهي. هاڻي سرڪاري انعام ۽ اقرار ڏيڻ وارا اڳتي گاجرا جي قلم کان ادبي ڦٽيل - ڏکوئل تہ پوءِ ڀلا ڪير سفارش ڪري؟ پر تنهن هوندي بہ گاجرا جو قلم چپ نہ رهيو. سنڌس سمالوچنائون ۽ سنڌي سماج جو قافلو اڳيان وڌندو رهيو. عام ۾ ڪيس پيارو ڪندو رهيو. ان جو ثبوت اهو آهي تہ سنڌس هر رچنا ڇاپي هيٺ رهي. جڏهن جڏهن بہ هن پنهنجي پارٽواسي ۾ کي خاص اڪ ڪيڻ يا ڪتاب ڇپائڻ جو ذڪر ٿي ڪيو تہ سنڌس پڙهندڙن، دوستن، پرستارن هڪدم سڏ ۾ سڏ ڏنو. هيءَ ڪتاب اهڙي سڏ جو پڙاڏو ئي آهي. ٻنان ڪنهن مٽاڪت جي مٽس پنسن جي ورکا ٿيندي رهندي آهي ڇا اهو گهٽ انعام آهي.

سنڌس سياست ۾ اصول پرستي قائم رهي. اڄ سوڌو هڪ ئي پارٽيءَ ڪانگريس جو وفادار سپاهي ٿي رهندو آيو آهي. ان وچ ۾ ڪانگريس ٽٽي، جنتا راڄ آيو - ويو پر گاجرا ڪانگريس جو دامن نہ ڇڏيو. توهان نٿا پائيو تہ

سوچڻ لکڻ جي شڪتيءَ ۽ رفتار تي رشڪ ڪانئبو.

منهنجي ساڻس واقفيت ڪرائڻ وارو ان وقت منهنجو همڪلاسي ۽ ٻلديو جو سڪيلڌو شاگرد ڊاڪٽر ناراڻ ڀارتي هو. هڪ رشي پتر طور واقفيت ٿي. سندس پتا ٽاراچند گاجرا اسانجي سڪول ۾ هڪ رشيءَ طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو. شاگرد کين بيحد عزت ۽ شرڌا سان ڏسندا هئا. اڄ به من جي اندرين تهن مان سندن اهي عالماڻا ليڪچر، سمجهاڻيون ٻُڌلي دهرائجن ٿيون ته ڪنڌ شرڌا وچان جهڪيو وڃي. ٻلديو گاجرا کي به پتا جن وٽان اهو اعليٰ ورثو مليو. اهو سنڀاليو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڀرپور نموني ڪم آندو.

ٻلديو گاجرا جي زندگي ته لاهين چاڙهين سان ڀري پئي آهي. ڦوهه جواني ۾ سندس اک سرڪار ڪٽجي ويس. گهرواري گذاري ويس. ٻيهر شادي ڪون ڪيائين ۽ نه ئي وري ڪنهن جي گرفت ۾ ڦاٿو. سپاٽ اولاد طور پنهنجي زندگيءَ جي بهترين رچنا "ايش اُپنشد" پنهنجي پتا شري ٽاراچند کي ارپڻ ڪيائين. سنڌيءَ ۾ وڏن وڏن عالمن به سندس ان ٽيڪا کي دل کولي داد ڏنو آهي. ان ڪتاب مان گاجرا جي هندو ۽ مغربي فلاسافيءَ جي ڄاڻ ملي ٿي. سندس هڪ ئي سپاٽ پٽ ۱۴ ورهين جي ننڍڙيءَ ڄمار ۾ پرلوءَ کي پيارو ٿي ويو. هن اهو ڏک به صبر سان سٺو. خوش نصيبان سندس سپتري هن ٻرڌ اوسٿا ۾ سار سنڀال لڌس ٿي. انهن لاهين چاڙهين دوران بلڪل سنتوش ٿي رهيو آهي.

شري ٻلديو گاجرا هر کيتر ۾ پاڻ موکيو آهي. ساهتيه ۾ ٽيڪو نمل - ادبي مضمون، ادبي تنقيد معياري آهن. ادبي کيتر سندس هر رچنا ڌيان ڇڪائيندڙ رهي آهي. کيترن

وڏايون هر اشرف المخلوقات ۾ موجود آهن. هر وڏيرو پاڻ کي ميان مٺو سڏائڻ لاءِ ٻئي جي عيبجوئي ڪري ڇيڪو وجهو پائي هڙئي هڙپ ڪرڻ. انهن کان گاجرا مٿي آهي ۽ نه وري هن شخصي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سان غليظ عهدنامو ڪيو. مونکي ائين لڳندو آهي ته چند شخص گاجرا جي غلطفهميءَ جو شڪار به ٿيا آهن يا ڪن خلاف سندس ڪن لڳاتار ٻئي ڀريا ويا آهن يا ڪن ڄڻن ننڍڙيون غلطيون به هو معاف نه ڪري سگهيو آهي. ان ڳالهه ۾ هو ڪنجوس رهيو. شايد سواءِ ڀوتراج کان معاف ڪرڻ وارو پاٺ ڪو نه پڙهيو اٿائين. سياست ۾ سرگرم هئڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن سندس تنقيد مان سياسي تنقيد جو هڳاءُ پيو ايندو ئي. نفي پاسو اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور سگهه اٿس. ٻيوس کان متاثر ٿيو. اڄ سوڌو ٻيوس جي ٻاريءَ جو گل آهي.

اخبار نويسيءَ جي هر ڪنڊ کان واقف آهي. ڪنهن کي، ڪيڏي مهل، ڪٿي، ڇا لکڻ کپي، اهڙو ڏانو مشڪل ڪو ڪم آڻي سگهيو هوندو جيترو گاجرا ڪم آندو آهي. سندس فراخدليءَ جي ڄاڻ اِن مان ملندي هئي جو ڪڏهن ڪڏهن ڄاتل سڃاتل مخالفين جي به خوب ساراهه ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندو آهي. ڪيترا اهڙا اڻ ڪچا اڻ پڪا ڏٺا اٿم جي گاجرا کان حاصل ڪيل سرٽيفڪيٽ تعويذ طرح، صرف آخر سمجهي، پايو پيا ٽينگ ٿا ڏين،

وڏي عمر ٿائين ڪم ڪرڻ جي شڪتي پنهنجي ليکي صحت جو ثبوت آهي. انگريزي دوائن کان اڃان ٿائين به پاسو ڪيو اٿائين، گهڻو ٽڻو هوميوپٿيءَ جو علاج پنهنجو پاڻ ڪندو آهي، جيڪو وقت به ”پارٽواسي“ ٻـا

جيئي چڱا ڀلا ڳاجرا ۽ ڀاڙواسيءَ کان ڪوٺ کائيندا هئا ۽ آهن اهي ڪيئن لب لالچ نه ڏني وئي هوندي!؟ پر هو ڪانگريس سان سچو رهيو. ڀل موقعيپرست ڪجهه به چون هو ڪانگريس پارٽيءَ جو شردالو نه ڇا پر اند شردالو به ٿيڻ پسند ڪندو آيو آهي.

سنڌي ساهتيه ۾ به جڏهن عربي - ديوناگريءَ جو مامرو متو نه ان ڏينهن کان وٺي اڄ سوڌو هو ديوناگريءَ جو حامي ٿي رهيو آهي. ان وچ ۾ گهڻن پنهنجون ٽوپيون نه ڇا پر ويس وڳا به مٽايا - سرڪاري ڏيارون ڪري عهدا ماڻيا - چوڙيا پر هي همراه هڪ ئي. سڌو سنواٽو ڇاتي ٺوڪي. دادا جئرامداس دؤلترام جي آتما کي به شانتي ڏيو بخشي. اندران ئي اندران ڪاٽ نه ڪو نه هٽي. منهن ملا جو اکيون چور جون واري ڪار ڪونهيس. شخصيءَ کان شوم ڀلو جو ٽرت ڏئي جواب. پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي ساهتيه اڪاديمي پاران ”انوکا آزمودا“ تي انعام مليو. سنڌي ساهتيه جا دڳ مڙس پنجواڻي صاحب جي برخلاف. پر انهن سڀني کي زوردار جواب ڏيڻ وارو اڪيلو ڀلديو ڳاجرا. اصل ڀانئون ڪنهن پنجواڻي صاحب سامهون ٿي بيٺو. مڙس تي مٿي وڙهيو پر ادبي نموني، ڪلم ڪلا. دل ۾ بيو غير نه. ”رام پنجواڻي شخص ۽ ڪلاڪار“ ڪتاب طور ظاهر ڪيائين. وڏي واڪي ظاهر ڪيائين ته مان پروفيسر پنجواڻيءَ جو شردالو آهيان، اند شردالو نه. ۽ اڄ سوڌو اها شردا قائم اٿس. نه ته ڪئي پڄاڻا گهڻن گرو بدلايا آهن. اهڙا اصول پرست سنڌي ساهتيه ۾ ٿورا آڳرين تي ڳڻڻ جيترا. ڀلديو ڀي جا ڪردار جي خلق جي شڪتي به اتان ڦٽي نڪرندي آهي. باقي شخصي جيوت جو گهٽ

پاڱو پهريون

آپ بيتي

"هندستان" معرفت عام ڄاڻ لاءِ ڏيندو رهيو. ڪي لـ
مرض به سنڌس ٿي آهن. مرض کان واقف هوندي به ڪنارهه
ڪشي ڪونه ڪري. زندگيءَ ۾ هلندو هل واري اصول جو
قائل آهي. پوءِ پـلا ڊاڪٽر به ان مرض جو ڪهڙو علاج
ڪندو. سنڌس اچا شڪتي دوائن کان بهتر علاج ثابت
ٿي آهي.

اسانجي سائين در اهائي پرارٿنا آهي ته اڃان به ٻه ڏهو
گاجرا وڏي آورجا ماڻي ۽ پنهنجي ڀرپور ساهتڪ پيداري
مان سنڌي ساهتيه لاءِ ڪجهه ڏيندو رهي.

نند ڇڳاڻي

آپ ٻيتي

پارسيءَ واري چيو آهي:

بهاءِ خويش مي دانم بہ نيمي جَوَ نہ مي ارزد
اگر مولاي ڪرم سازد، بهايم بي بها گردد.

مان پنهنجي بها ڄاڻون ٿو اَڌ جَوَ جي برابر بہ ڪانہ آهي. پر جيڪڏهن ڌڻيءَ جي مهر ٿئي تہ منهنجي بها بي بها ٿي وڃي.

مان هڪ ناچيز هستي آهيان. منهنجي بها بہ ٽڪي ٿي آهي. ڌڻيءَ جي مهرباني ٿي آهي جو مٽر موليرام رامواڻيءَ جي دل ۾ چاهنا پيدا ٿي آهي تہ هو منهنجي باري ۾ هڪ ڪتاب لکي. شري موليرام مونکي حڪم ڪيو آهي تہ مان پنهنجي باري ۾ ڪجهہ کيس ان ڪتاب لاءِ لکي ڏيان. سندس حڪم کي ٽاري نہ سگهيس. ان ڪري هتي ڪجهہ لکي رهيو آهيان.

پر لکان ڇا؟ مونکي تہ حيراني آهي تہ مان هن وقت تائين زندهہ ڪيئن رهيو آهيان! پاٺڪن کي بہ شايد حيراني لڳندي تہ مان مئل ڄائو هوس، پنهنجي ماتا پتا جو پهريون بالڪ آهيان. جڏهن ماتا جي گرڀ ۾ هوس تڏهن منهنجو نانو گذاري ويو. ان جو سياپڪ ماتا کي صدمو رسيو. وري پتاجن کيس هردوار وٺي ويو جتي گهڻيون لاهيون چاڙهيون کيس ڪرڻيون پيئون. ان ڪري مان پيٽ جي اندر ئي گهٽجي ويس. جڏهن ڄايس تہ اهو آواز ڪو نہ نڪتو. دائيءَ چيو تہ آهي تہ پٽڙو، پر مئل ٿو لڳي ساهہ

فرسٽ اسسٽنٽ ماستر هو. ١٩-١٩٢٠ ۾ مهاتما گانڌيءَ
اسهڪار جي هلچل شروع ڪئي. ١٠ فيبروري ١٩٢١ تي
سرڪاري سڪولن ۾ جلسا ڪيا ويا جتي سرڪار طرفان
ڀرين مهاڀاري يڌ جي کٽڻ جي خوشيءَ ۾ شاگردن ۾ ٻلا
ورهايا ويا. انهن ٻلن تي لکيل هو: ”آزادي ۽ عزت.“

اسانجي سڪول ۾ اهو ٻلن ورهائڻ جو ڪارڻ منهنجي
پتا کي سونپيو ويو هو. هن پنهنجي ڀاشڻ ۾ چيو ته،
”هن سرڪار جي هٿ هيٺ نه عزت آهي ۽ نه آزادي.
ان ڪري مان هي ٻلو ڪو نه ورهائيندس. مان هن سرڪار
جي نوڪري ڪرڻ پاپ ٿو سمجهان سو مان اڄ ۽ هينئر،
ان نوڪريءَ جو تياڳ ٿو ڪريان.“ ائين چئي هو سڪول
کان ٻاهر نڪري آيو ۽ سوين شاگرد به هن سان گڏ نڪري
آيا، ڪيس گاڏيءَ ۾ چاڙهي شهر ۾ سرگس ۾ گهمايائون ۽
گاڏي ماڻهن ڇڪي.

سيوڪ مان به ان وقت سڪول مان نڪري آيس ۽
ٻي سال سانده شڪارپور ۽ سکر ۾ قومي سڪولن ۾
پڙهندو رهيس. جڏهن اهي سڪول بند ٿي ويا تڏهن مان
وري سرڪاري سڪول ۾ موٽي آيس. مزيدار ڳالهه اها،
جڏهن ٻين ڪيترن شاگردن جن مون سان گڏ سڪول ڇڏيو
تن مان ڪن هڪ سال وڃايو ته ڪن ٻه يا ٻي سال، پر
مان اڳلندو هڪ سال بچايو. ڇو ته هڪ لڳا ڪلاس ماستر
منهنجي بيحد قابليت ڏسي موکي ڊبل پروموشن وٺي ڏنائين.

ٿوري ۾ ان سڪول جي جيون جي ڪهاڻي اِتي ختم
ڪريان ٿو. ١٩٢٦ ۾ مون شڪارپور هاءِ سڪول مان مئٽرڪ
جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ
ڪاليج ۾ داخلا ورتي.

ڪونه اٿس. گهر ۾ ماتم مچي ويو.

اوچتو مون ڪجهه اوٺان اوٺان جو آواز ڪيو. تنهن تي مائٽ ڀڳا ۽ ٻاهران سوناري وٽان واٽ جي ڦوڪڻي ڪڍي آيا ۽ منهنجي واٽ ۾ وجهي ڦوڪيائون. انهن مان جڙ جي پيس.

اڄ منهنجي عمر ٨٢ ورهيه آهي. انهن ٨٢ ورهين ۾ ڪيترين بيمارين جو شڪار ٿيو آهيان. ڪي سچ پچ ۽ ڪي غلط پهچاڻ سبب. پر مون ڪڏهن به همت نه هاري آهي هيل تائين بيمارين جو مقابلو ڪندي پاڻ کي ڪاريه ۾ سرگرم رکيو اٿم.

منهنجي جنم جي تاريخ اهڙي آهي جو هڪ دفعو جو ٻڌندو سو وساري نه سگهندو. نائين تاريخ، نائون مهنو ۽ ١٩٠٩ (٩٩٩). مان ننڍي هوندي سڪول ۾ ڪونه پڙهيم. پتا جن مونکي هندي پاٺشالا ۾ داخل ڪرايو، جتي ٽي سال هندي پڙهندو رهيس. سنڌي ٻوليءَ پڙهڻ کان محروم رهيس. ٽن سالن کانپوءِ ماتا جي زور ڀرڻ تي پتا عربي سنڌي سڪول ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. چاچو ٽوپڻداس جو تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر هو تنهن مونکي رڪ جي ڳوٺ ۾ هڪ سڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. ٽن مهنن ۾ ٽن سالن جو ڪورس پورو ڪرائي امتحان ڏياري سرٽيفڪيٽ وٺي ڏنو. پوءِ شڪارپور ۾ ميونسپل جي هڪ اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ داخلا وٺي ڏني. انهن منهنجو بنياد ڪچو ٿي رهيو ۽ اڄ تائين ڪڏهن ڪڏهن هجي‍ءَ ۾ غلطيون رهجي وييون آهن.

سنڌي چوٿون درجو پاس ڪري شڪارپور هاءِ سڪول ۾ انگريزي پهرين درجي ۾ داخل ٿيس. هتي منهنجو پتا

ساٿي گوبي رامڪرپلاڻي ڪاليج ۾ وڏي ۾ وڏي عهدي -
جنرل سيڪريٽريءَ جي جڳهه لاءِ اميدوار بيٺو. ڪاليج جا
مرائي، گجراتي ۽ مسلم شاگردن سنڌين خلاف مورچو ٺاهي،
هڪ مسلم شاگرد ايس. ايف. ڪاچيءَ کي سوڀارو ڪيو.
رامڪرپلاڻيءَ هارايو. مون اُن ڏينهن فيصلو ڪيو ته جيسين
مان ڪاچيءَ خلاف اوشواس جو ٺهراءُ پاس ڪرائي کيس
استعفا ڏيڻ لاءِ مجبور نه ڪيو آهي تيسين مان سک نه
سمهندس. اُن مهنا ساندهه پڙهڻ کي وساري مان لڙائيءَ
۾ رڌل رهيس. ۽ آخر جيت حاصل ڪيم. شاگردن جي عام
ميڙ ۾ ڪاچيءَ خلاف اوشواس جي رٿ بحال ٿي ۽ ان
کي استعفا ڏيڻي پيئي.

پڙهڻ کان دور رهيس، ان ڪري منهنجي پروفيسر
جي. جي. ڪيولراماڻيءَ صلاح ڏني ته آنرس ڪورس کي
ڇڏي رڳو پاس ڊگريءَ جي لاءِ امتحان ۾ ويهان. مون کيس
چيو ته ڊگري کپي ته آنرس جي پاس جي ڊگري ڇا ڪجي!
پڙهڻ لاءِ رڳو هڪڙو مهنو مليو. نتيجو اهو ٿيو جو فرسٽ
ڪلاس حاصل ڪري نه سگهيس. جيتوڻيڪ ٥٦ سيڪڙو
مارڪون کٽيون، هاءِ سيڪنڊ ڪلاس مليم.

منهنجو خيال هو ته مان وڪالت به پڙهان ۽ ايم. اي.
۾ داخلا وٺان. ٻنهي لاءِ ڪاليج ۾ داخلا فارم ڀريم. پر قسمت
۾ اهي ٻئي ڊگريون لکيل ڪو نه هيون.

٢- ڪاليجي جيون

١٩٢٦ ۾ مان ڪاليج ۾ داخل ٿيس ۽ ١٩٣٠ ۾ مون بي. اي. جي ڊگري فلاسافيءَ ۾ ورتي. منهنجي ماتا کي ڏاڍو شوق هو ته مان انجنيئر ٿيان پر منهنجو چاهه اُن طرف نه ٿيو جيتوڻيڪ سائنس توڙي حساب ٻنهي وشين ۾ ماهر هوس.

ڪاليجي جيون ۾ ئي منهنجي من ۾ خودداريءَ ۽ سؤاڀمان جون ڀاونائون اڀري آيون. جونيئر بي. اي. ۾ مان ڪاليج مئگزين جو ايڊيٽر چونڊيو ويس. ٻيو ساٿي ايڊيٽر هو شري رامرکياڻي. الائي ڇو پروفيسر ڌرمداس ماڙيوالا جو مئگزين ڪاميٽيءَ جو ايڪس آفيشو چيئرمين هو تنهنجي من ۾ شنڪا اُٿي ٿي ته اسان الائي مئگزين جو سمپادن ڪري سگهنداسون الائي نه، هن ڇا ڪيو جو مئگزين ڪاميٽيءَ جي پهرين ميٽنگ ۾ رٿا ڏني ته شري ڪشنچند هولچند ناگراڻي جو اسان کان اڳ ايڊيٽر ٿي رهيو هو، ان کي ڪو-آپٽ ڪجي.

شري ناگراڻيءَ سان منهنجا دوستاڻا ناتا هئا، مگر مون کي لڳو ته ڪيس ڪو-آپٽ ڪرڻ جي معنيٰ ٿيندي پاڻ ۾ اوشواس ظاهر ڪرڻ. ٻين سڀني ميمبرن ان رٿا جي حق ۾ ووٽ ڪيو پر مون ان رٿا جي مخالفت ڪئي.

شري ناگراڻيءَ چيو ته هڪڙو ميمبر به جي نه ٿو چاهي ته مان هجان ته مان ميمبري قبول نه ڪندس. ائين مون جيون جي پهرين سياسي لڙائي کٽي.

سينيئر بي. اي. ۾ ٻي سياسي لڙائي اچي سر تي پيئي. ڪاليج جي سالياني چونڊن ۾ منهنجو گهرو دوست ۽

سنبند جڙيو جو ٻهاڙيءَ تائين لڳاتار هلندو رهيو.

ڪراچيءَ ۾ فارين ڪلاٿ بائيڪاٽ ڪاميٽيءَ ۾ ڪم تي رکيل هوس. ان بعد سري واليچا سنڌ جو ڊڪٽيٽر ٿيو تہ سندس سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيم، هو جيل ۾ ويو تہ جيڪب آباد ۾ جهنڊي جي ستياگرهہ جو وڃي ڪارڻ سنڀاليم. ١٩٣٠، ١٩٣٢ ۽ ١٩٤٢ وارن سڀني تحريڪن ۾ سرگرم بهرو ورتم ۽ اٽڪل اڍائي ٽي سال جيل ۾ گذاريم.

مٿين جيل ياترا ڪانسواءِ مون تي ۽ منهنجي ڪن ساٿين تي پوليس ڪوڙا ڪيس پڻ داخل ڪيا مگر اهي ثابت ڪو نہ ٿي سگهيا.

سوامي پرڪاش پارٽي، پنج سڪولي شاگرد ۽ مان هڪ ڪيس ۾ ڦاسايا وياسين تہ اسان پوليس تي مارا ماري ڪئي آهي جا ڳالهہ بلڪل ڪوڙي هئي. مئجسٽريٽ همت ڏيکاري اسانکي ڇڏي ڏنو. ٻيو ڪيس بغاوت جي قلم هيٺ چئن ڄڻن تي ڪيو ويو. مولوي عبدالڪريم چشتي، پيرڻ ڪکي لالواڻي، آتمارام ۽ مان. اهو ڪيس مدائجي ۾ هندو مسلم ايڪتا ڪانفرنس ۾ ڪيل تقريرن لاءِ ڪيو ويو هو. ان ڪيس ۾ بہ مئجسٽريٽ اسان کي ڇڏي ڏنو. دلچسپيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ ٿورو ئي اڳہ فيڊرل ڪورٽ جي جج مئڪٽ گاير هڪ الهاسڪ فتوي ڏني هئي تہ سرڪار جي خلاف ڳالهائڻ ١٢٤ قلم هيٺ ڏوهہ ڪو نهي. سرڪار کي بدلائڻ جي طلب ڪرڻ بہ ڏوهہ ڪو نهي. ڏوهہ تڏهن ٿو ٿئي جڏهن هنسڪ ڇيڙڇاڙ ڪئي تي وڃي.

٣- آزاديءَ جي يُڌ ۾

مان آزاديءَ جي يُڌ ۾ ڪيئن گهڙيس، سو به هڪ دلچسپ پرسنگ آهي. ايم. اي. ۽ ايل. ايل. بي. ڊگرين لاءِ فارم ته ڀريم ته مائٽن ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي سمرٿي ڪانه هئي. پتا جن سرڪاري نوڪري ڇڏڻ کانپوءِ ڪنهن سگهي ۽ سٺي روزگار تي لڳو ڪو نه هو. پبلڪ ڪارين ۾ گهڻو ئي رڌل رهيو. بي. اي. تائين به الاجي ڪيئن پڙهائي سگهيو. مون ڪوشش ڪئي ته ڪٿي ڪا نوڪري هٿ ڪريان. تنهن ڪراچيءَ ۾ هڪ عاملن جي اسڪول ۾ جڳهه خالي هئي. مون اُن لاءِ درخواست ڪئي، پر عامل نه هئڻ ڪري نوڪري ڪانه ملي. جيتوڻيڪ پروفيسر ٽي. ايم. آڏواڻيءَ ميمبرن کي خاطري ڏني ته هن غير عامل جي هٿ هيٺ، اوهان جون عامل ڇوڪريون وڌيڪ ٿي سلامت رهنديون. تراس تي پنهنجي جنم نگر شڪارپور ۾ آيس. اتي پتاجن هڪ پريس چالو ڪئي هئي جنهن جي اچي چارج ورتم.

تنهن وچ ۾ مهاتما گانڌيءَ نمڪ ستياگره هلچل شروع ڪري ڇڏي هئي. قوميت جو جذبو ته ننڍي کان دل ۾ جاڳيل هو سو پڪو ڪائي اُٿيو. شري سي. ٽي. وليچا کي ڪراچيءَ لکي موڪليم ته جي مهنجي گهرج هجي ته مان هليو اچان. ان لکيو "جيڪڏهن جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار هجين، لٺين کائڻ لاءِ تيار هجين، ڦاسيءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار هجين ته هليو اچ. اهڙن جوانن جي ديس کي گهرج آهي."

مان يڪدم ڪراچيءَ هليو ويس ۽ وڃي وليچا سان گڏيس، بس انهيءَ ڏينهن کان مهنجو آزاديءَ جي يُڌ سان

کي ٻڌايم. گاڏو ڀناٽن سان ڀريل هو. مان اڪيلو هوندو هوس. سردار حڪم ڪيو ته ڪافر کي ڪٽي گاڏيءَ مان ٻاهر اڇلايو. اهڙا واقعا روزانا پيا ٿيندا هئا. سوچيم اڄ موت اچي ويو. پر همت نه هاريم. سردار کي چيم ته ٻاهر ڦٽو ڪرڻ بدران گولي هڻو ته خاطري ٿيندو ته ڪافر مئو. هڪ سندن ساٿيءَ پنهنجي بندوق مون ڏانهن ڦيري ته مون چاليءَ جا ٻٽڻ کولي چيو ته چلائو گولي.

اهو جوان گولي ڇوڙڻ لڳي هو ته سردار ٽپو ڏيئي سندس ٻانهن کي جهلي ورتو. چيائين اهڙي بهادر کي مارڻ گناهه آهي. مونکي ڳراٽڙي پائي پڇيائين ته توکي اهڙو بهادر ڪنهن بڻايو آهي. مون چيس مهاتما گانڌيءَ.

اهو واقعو منهنجي جيون جو وڌ ۾ رونگن کڙا ڪندڙ مگر ساڳئي وقت آنند ڏيندڙ واقعو آهي. ان جي اهميت جو هڪ ٻيون ثبوت اهو آهي جو لنڊن جي بي.بي.سي. B.B.C. وارن مون کان ان باري ۾ ملاقات ورتي.

ان دؤر جو ٻيو هڪ دل اُتاريندڙ واقعو ٢٦ جنوري ١٩٤٨ واري ڦرلٽ سلسلي ۾ ٿيو. ان ڏينهن سوين هندن جا گهر ڪراچيءَ ۾ مسلمانن ڦريا، مگر مون پنهنجو گهر بچائي ورتو، جڏهن منهنجي مٿان هيٺان گهر ڦريا ويا. ان ڏينهن نهايت ئي ڏکوئيندڙ آزمودو مليو. جنهن مڪان ۾ اسان رهيل هئاسون ان مڪان ۾ هڪ ئي مسلم پناهگير اچي رهيو هو. اسان ان جي ڏاڍي خاطرداري ۽ مهمانوازي ڪئي. مگر صد افسوس جڏهن لٽيرا آيا تڏهن انهن ئي ڪين بالڪنيءَ مان چيو ته مٿين گهر ۾ هندو رهيل آهن. ڪيڏي نه ڪرت گهڻا.

۴- پاڪستان ۾

۱۹۴۷ ۾ هندستان آزاد ٿيو، مگر ان مهاديس جو ورهاڱو ڪيو ويو. سنڌ پاڪستان کي ملي. مون فيصلو ڪيو ته سنڌ ۾ ئي رهندس ۽ ڀارت ڏانهن نه ويندس. سوچيم سنڌ ۾ رهي پنهنجن پاڙن جي به سيوا ڪندس ۽ هندستان مان جي مسلم پاڙ لڏي آيا آهن انهن کي به سندن پنرواس ۾ مدد ڪندس.

مون پنهنجي اخبار ۾ لکيو ته اسان کي گهرجي ته هندستان مان جي پاڙ لڏي ٿا اچن انهن کي اسان پنهنجن گهرن ۾ جڳهه ڏيون ته هو اسانکي پنهنجن دلين ۾ جڳهه ڏيندا. ڏاڍو ڪو ڀولو ڀالو هوس.

پر مونکي سنڌ جي مسلم ليگ سرڪار الي نه سٺو. ڪين شڪ ورايو ته مان هند سرڪار جو جاسوس آهيان. مون تي وارنٽ ڪڍيو ويو. مگر ڪنهن طرح ۳۱ مارچ ۱۹۴۸ تي هوائي جهاز رستي ڪراچيءَ مان نڪري، دهليءَ اچي پهتس.

سنڌ جي وڏي وزير مسٽر کهڙي هڪ مٽر کي چيو ته گاجرا هند سرڪار جو جاسوس آهي. اسانکي هڪ ۵۰ رپين جو چيڪ هٿ آيو آهي جو بهار جي گورنر جئرامداس کيس موڪليو آهي. ڪيڏي نه مورکائي! ڀلا ڪو ماڻهو ۵۰ رپين لاءِ جاسوس ٿي ڪم ڪرڻ جو جوکو کڻندو؟ دادا ته اها ننڍڙي رقم مونکي کيسي خرچ لاءِ موڪلي هئي. ڪيئن به جي ۸ مهنا مان سنڌ ۾ رهيس انهن دوران مون کي ڪي دل آٿاريندڙ آزمودا مليا.

هڪ لڳا ريل ۾ سفر ڪندي پناڻ جي گوليءَ کان پاڻ

دفعو پريس جي ڏنڊي ۾ پاڻ کي ڦاسايو. پهريون پتا جي حڪم هيٺ ۽ هاڻي پاڻ جي چاهنا ڪارڻ. ٻارنهن مهنا سانده ديوڻداس ماڻهن کان منهنجي لاءِ پڇندو رهيو ته بلديو ڪٿي آهي.

سنڌ مان پاڻ سان ڪل موڙي ۸ هزار آندي هئي، پر اها رقم به پاڻ سان کڻي ڪونه آيو هوس. پر هڪ ساٿي ۽ همراهه سوتنتر سنگراميءَ کي موڪلي هيم. دوست چون ته تون ڪو پاڳل آهين. اهي پئسا توکي ٿورو ئي تنهنجو دوست واپس ڏيندو. هن پنهنجي ئي پرواس ۾ لڳائي ڇڏيا هوندا. پر نه، ڪشنچند (ڏاندومل) ٻيءَ مٽيءَ جو ٺهيل هو. هن منهنجي امانت پوري ئي موٽي ڏني. پر ۸ هزارن ۾ ڪهڙي پريس ملندي؟ جنهن کان پنج سو پنجاهه هزار پيو گهري. پاڻ وٽ به رڳو ۱۵ هزار هئا. مان وري پاڳل اهڙو جو چيم ته مان سرڪار کان ڪابه مدد ڪونه وٺندس. نه قرض، نه گرانٽ نه رهڻ لاءِ گهر ۽ نه ڏنڊي لاءِ دڪان.

منهنجن ٻين ڪانگريسي سائين گهڻو ڪري سڀني سرڪار کان مدد ورتي. فليٽ جن جي پڳڙي اڄ لکن ۾ آهي. قرض ڏيڻ وارو آفيسر شري هاسومل ميرچنداڻي منهنجو گهرو دوست هو. چيائين درخواست ڏي، ته مان، اڄ جو اڄ توکي ۲۵ هزار رپيا قرض وٺي ڏيان. پر مان پنهنجي هٺ تي قائم.

خوش نصيبا، فورٽ ايراضيءَ ۾ ئي هڪ پريس ملي وئي. مالڪ هو هڪ گجراتي پاڻ پران ناٿ ڏيسائي. مون جيان ڪانگريسي هو ۽ مون جيان نيم پاڳل به. چيائين ته ۱۱،۱۱۱ روپيه ڏئي پريس پنهنجي ڪر. مون يڪدم 'ها' ڪئي ۽ سؤدو ٿي ويو. اڄ تائين ساڻس دوستي قائم آهي.

۵- ڀارت ۾

مدعي لاک ٻرا چاهي، تو ڪيا هوتا هي
هوتا وهي هي، جو منظور خدا هوتا هي

منهنجو پاڪستان ۾ ئي رهڻ جو سپنو ٽٽي پيو، جو
کهڙي صاحب مونکي ڀارت جو جاسوس سمجهي گرفتاريءَ
جو وارنٽ ڪڍيو. مان سنڌ ۾ جيل اندر رهڻ نه ٿي چاهيو
سوچيم ته ڀارت ۾ وڃي، اتي سنڌي نرواسين جي پنرواس
جي ڪارڻ ۾ ڇو نه وڃي هٿ ڏيان. اهو فيصلو ڪري،
۳۱ مارچ ۱۹۴۸ تي هوائي جهاز ۾ سوار ٿي دهليءَ پهتس.
جيسين هوائي جهاز اڏامڻ شروع ڪري تيسين دل ڪنبي
رهي هئي ته متان پوليس اچي مونکي گرفتار ڪري.

دهلي پهچڻ سان دادا جئرامداس وٽ ويم. دادا
پڇيو ته ڇا سرڪاري نوڪري گهرجيئي. مون چيس جيڪو
حڪم ڪندا ان تي عمل ڪندس. هن مون کي هندستان
ٽائيمس جي سمپادڪ مهاتما گانڌيءَ جي سپتر شري
ديوداس گانڌيءَ وٽ موڪليو. ديوداس پنهنجي منٽ
ملاقات وٺي نوڪريءَ جي آڇ ڪئي جا مون قبول ڪئي.
چار سؤ رپيا ماهيانو پگهار جو انگ، ان سمي چڱو چوکو
سمجهيو ٿي ويو. اڄ شايد هندستان ٽائيمس جو سمپادڪ
هجان، پنج ڇهه هزار پگهار سان. پر منهنجي تقدير ۾ اهو
لکيل ڪونه هو. ٻئي ڏينهن مونکي ٻخار آيو ۽
مان ٻڙودي هلي آيس جتي منهنجا مائٽ رهيل هئا.
ننڍي ڀاءُ چيو ته تون ته نوڪري وٺي سگهي ٿيندين، پر
مان ڇا ڪندس. مان ته گريجوئيٽ ڪونه آهيان. انڪري
اڄ ته هتي گڏجي پريس جو ڌنڌو شروع ڪريون. انهن ٻيو

٦- ساروجنڪ جيون ۽ پترڪار

منهنجي ساروجنڪ جا ٻه مکيه ڪيتر رهيا آهن- پترڪار ۽ سياست. سياسي ڪيتر ۾ مان ڪانگريس جو هڪ پڪو پيروڪار ٿي رهيو آهيان. ١٩٢٠ کان وٺي مون ڪانگريس کان ڪڏهن ٻه منهن نه موڙيو آهي. ان معاملي ۾ مان شري نيونڊرام وشنداس جو پوئلڳ ٿي رهيو آهيان. ١٩٢٥-١٩٢٨ ۾ جڏهن ڪيترائي ڪانگريس مئر سنڌ جي پرسڌ ترووڻيءَ سوڌا هندو سڀا ۾ وڃي شريڪ ٿيا هئا، تڏهن به مان ڪانگريس ۾ ٽڪي رهيس.

ٻيءَ طرح مان ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ جئرامداس جو ساٿي هوس. مگر هتي ڀارت ۾ شروع کان وٺي شري نيونڊرام جو ساٿي ٿي رهيس. انهن جي وچار ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ سندس ڪيترا ساٿي جي ڪانگريس جا مخالفت بڻجي ويا سو سنڌين جي هٿ ۾ ڪونه هو. دادا جئرامداس البت ڪانگريس سان جڙيو رهيو.

سنڌ ۾ ڪانگريس اندر گهڻيئي پد سنڀاليا، ۽ ڪجهه وقت پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري به ٿي رهيس. هتي ڀارت ۾ سنڌي ڪانگريس جي ٻن سنستائن جو شروع کان وٺي سيڪريٽري ٿي رهيو آهيان- سنڌ ڪانگريس ورڪرس سميتي، سورڳيه شري آر. ڪي. سڌوا جي استاپت ڪيل؛ ۽ سنڌي ڪانگريسمن فورم شري جئرامداس جو برپا ڪيل، جنهن جو هينئر سڀاپتي شري آسودومل ٻولچند آهي. تنهن سواءِ ٻين ڪيترين سنستائن جو پد اڌڪاري ٿي رهيو آهيان، ڪن جو پريزيڊنٽ، ڪن جو جنرل سيڪريٽري. انهن ۾ مکيه ۾ مکيه آهي سنڌي

پريس جو ڌنڌو نه سٺو مليو پر ناڻو ڪو نه جوڙيم. جيڪي ڌنڌي ۾ ڪمايان، سو اخبار ۾ وڃايان. ڏهه سال روزاني پارتواسي هلائي ڏيڍ لک نقصان ڪيم. اڄ پريس وڪڻي قرض لاٿم. باقي اڄ پريس پارٽي کي ڏنم جو سندس پٽا پاڳيدار هو. وري هٿين خالي! گهر ڪونهيم. ڏکي وقت رهيو پيو آهيان. ڪمائي ڪانهيم. سو تنتر سنگرامي طور جا پينشن ملي ٿي ان مان ڏکيو سکيو گذران پيو ڪريان. دوستن ۽ ساٿين جي مدد سان اخبار پيو هلايان.

ڌنڌي جي باري ۾ به ٻي ڳالهيون اهڙيون ٿيون جنهن لاءِ فخر وٺي سگهان ٿو. مون لکن رپين جو سرڪار جو ڪم ڪيو آهي، پر انهيءَ لاءِ ڪڏهن به ڪنهنکي رشوت ڪانه ڏنم. نه ڪم هٿ ڪرڻ لاءِ ۽ نه بل پاس ڪرائڻ لاءِ. نه سيلس ٽئڪس وارن کي، نه انڪم ٽئڪس وارن کي.

ٻي ڳالهه اها ته جيڪو ڪم ملندو هوم اهو بلڪل قابليت سان ڪندو هوس. خود سرڪار وٽان جيڪو ڪم ملندو هو، ان ۾ غلطيون درست ڪندو هوس. ايتري قدر جو گجرات سرڪار جي ڊائريڪٽر ته مون کي ڪورو چيڪ ڏيئي ڇڏيو ته جيڪي درسي ڪتاب توڏانهن ڇاپي لاءِ موڪليون ٿا، انهن ۾ پڻ چڪون هجن ته درست ڪر. ڇپائين دک آهي جو اوهان جا ئي ماستر صاحب هزارين رپيا وٺن ٿا ترجمي ڪرڻ لاءِ پر غلط ڪم ٿا ڪن.

هتي هڪڙي دکدائي آزمودي جو ذڪر ڪري دل جو بوجو هلڪو ڪريان. روزاني پارتواسيءَ ۾ نقصان ڇو ٿيو ۽ ڇو بند ڪرڻي پيئي. مون کي هند سرڪار جا اشتهار ملندا هئا اهي پنهنجن ئي ساٿين هندستان وارن اخبار خلاف رپورٽ ڪري بند ڪرايا. ساٿي جن لاءِ مون ڪيترا دفعا جان به جوکي ۾ وڌي.

روزاني اخبار هلائڻ چرچو نه ڪو نه هو. مون هڪ دفعي پنهنجي اخبار ۾ لکيو ته شايد اخبار بند ڪرڻي پوي جو نقصان پيو پوي. شڪارپور جا ٻه شراف پاڻ لنگهي آيا. تلسيداس ڪالرو ۽ ساڌورام. چيائون اخبار بند نه ڪج. نقصان جيڪو ٿئي سو اسان ڀريندا سون. هنن کي ڪا غرض ڪانه هئي. ايشور جي مهرباني ٿي. اخبار پنهنجن پيرن تي بيهي وئي، ڪانئن مدد وٺڻ جي ضرورت ڪانه ٿي.

هتي هندستان جو آزمودو الڳ. پنهنجي ساٿين نقصان پوندو ڏسي چيو ته روزاني بند ڪر. پر مان پنهنجي هوڏ تي رهيس. ۽ ڪيئن هند سرڪار جا اشتهار بند ٿيا سو مون اڳي ٻڌايو آهي. مجبورن روزاني اخبار بند ڪرڻي پيئي ۽ پنهنجي شخصي ملڪيت وڪڻي قرض لاٿم. مونکي اهڙو مثال پيو ڪو نه سجهي جو ڪنهن ساروجنڪ جنون ۾، ساروجنڪ ڪارڻ ۾ نقصان جي پري ڏيڻ لاءِ پنهنجي شخصي ملڪيت وڪي هجي.

آخر ۾ ٻه اکر، جن انگريزي اخبارن جو عيوضي ٻڻيس تن جي سمپادڪن وٽان واهه جو داد مليو. سنڌ آبزرور جو مشهور ايڊيٽر مسٽر پنيها هڪ دفعي لکيو ته جيڪي ٽون لکي موڪليندو آهين تنهن جو هرهڪ شبد ڇاپڻ لائق هوندو آهي.

ٻه خاص حاصلاتون هن حوالي ۾ درج ڪرڻ لائق آهن. ڪنڊياري ۾ ڪانگريس طرفان هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهنجو سڀاپتي پروفيسر گهنشيام هو. هن سڀاپتيءَ جي دوران هڪ جملو چيو ته اسيمبليءَ ۾ ڪانگريسي فقط ٧ آهيون سو اسين گهٽو ڪجهه ڪري ته ٿا سگهون پر

سوتنتر سنگرام سيناني سان جنهن جو شروع کان وٺي سياپٽي تي رهيو آهيان. سنستا جو مکيه ڪارڻ آهي سنڌي سوتنتر سنگرامين کي پينشن وٺي ڏيڻ. اُن سان جي ذريعي شروعات ۾ آچاريه ڀڳوانديو جي سهڪار ۽ پوءِ شري آنند هنگوراڻي ۽ شري آسودومل ٻولچند جي سهائتا سان سنڌي سنگرامين لاءِ پينشن منظور ڪرائي سگهيا آهيون.

هتي ڀارت ۾ ۱۹۵۳ ۾ ”ڀارتواسي“ شروع ڪئي. پهريان هفتيوار ۽ پوءِ ڏهه سال روزاني. وڏيڪ نقصان ٿيڻ کان پوءِ روزاني بند ڪرڻي پيم. هفتيوار اڃا چالو آهي. پاٺڪ چوندا آهن ته منهنجا ٻه روپ – سنڌي سماج جو قافلو ۽ ولدر وروڌهن نهايت ئي لوڪپريه آهن.

سنڌ ۾ ته مان ڪيترن انگريزي اخبارن جو به عيوضي ٿي رهيو هوس. مثلن سنڌ آبزرور، ڪراچي، ٽربيون، لاهور، امرت بزار پتريڪا، الله آباد، بامبي ڪرانيڪل، بمبئي، ائسوسيئيٽيڊ آف انڊيا، ڪراچي. ۱۹۳۳ ۾ سوراج اخبار شروع ڪيم. پهريان هفتيوار، پوءِ سال کان پوءِ روزاني. سوراج روزاني واري دور ۾ ”پرڀات“ هفتيوار به ڪڍيم. سوراج اخبار ايتري قدر لوڪپريه بڻجي وئي جو ان جو وڪرو سنڌ جي هندوءَ جيترو هو.

۱۹۴۷ ۾ هڪ مٽر آڇ ڪئي هئي ته اخبار ڇپڻ ۾ جو نقصان ٿئي سو مان ڀري ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مون ان مٽر جي اها ڪوري چيڪ ٿي آڇ قبول نه ڪئي جو هُو سڄڻ ان وقت شڪارپور ميونسپل جو پريزيڊنٽ هو ۽ سياويڪ هُو اهڙا آشا رکي ها ته مان سندس ڪارڻ جي ساراهه ڪندس ۽ ڪا نڪتچيني نه ڪندس.

٧- گرهستي جيون

منهنجو گرهستي جيون بلڪل ٿورو ۽ مختصر رهيو. رڳو ٥ سال. ١٩٣٥ کان ١٩٤٠ تائين. پر اهي ٥ سال بلڪل آنندمي رهيا. ڪٿ ڦٿ يا ڇڪتاڻ کان بلڪل مڪت. سس ۽ ننهن جي وچ ۾ ڪڏهن به تڪرار ڪونه ٿيو. هڪڙو دفعو به نه. اوهان کي حيراني لڳندي اهو ٻڌي ته منهنجي ماتا ڪڏهن به منهنجي ڌرمپتنيءَ خلاف شڪايت نه ڪئي. سس جي شڪايت ٿي اُلٽو جوءِ چوندي هئي ته تون ماءُ کي پنهنجو پورو نه ٿو ڏين ۽ ماءُ چوندي هئي ته، تون جوءِ کي سيئر سپاٽو نٿو ڪرائين. تڏهن به مان زال کي ٻه دفعا سيئر تي وٺي ويس. هڪ دفعي ڪلڪتي ۽ ٻئي سملا. ذري گهٽ سڄي اتر هندستان جو سيئر ڪيوسون ۽ تيرٿن سميت.

ان زماني ۾ هڪ نهايت گندو رواج گهرن ۾ ڏسبو هو ته مرد زالن تي مارڪٽ ڪندا هئا. مونکي ان ڳالهه لاءِ ڏاڍي حقارت هئي. مون پهرينءَ رات ئي زال کي چيو هو ته مان توسان انجام ٿو ڪريان ته توتي ڪنهن به حالت ۾ هٿ ڪونه هلائيندس. جڏهن ڪنهن وقت غصي ۾ اچي توتي هٿ اولاريان ته هي انجام ياد ڪرائج. پنجن سالن جي عرصي ۾ هڪڙو دفعو اهڙو موقعو آيو جو مون زال تي هٿ اولاريو. ان يڪدم سهاڳ رات جي انجام جي ياد ڪرائي، مان ڪلي ويٺس.

ڌرمپتني ٻه امانتون ڏئي ويئي. هڪ سهڻو ۽ ٺاهوڪو بيدار دماغ وارو ڪڪو ۽ هڪ سلڇڻي ۽ سدوري نياڻي. ڌيءَ ١٩٣٩ ۾ جنم ورتو ۽ ويم ويل ڊاڪٽرياڻيءَ جي

ايترو ڪري سگهنداسون جو هڪ پهريدار ڪتي جيان اوهان جي هٿ جي سنڀال ڪندا رهنداسون.

سنڌ آبزرور ۾ پروفيسر گهنشيام جي تقرير پهرئين صفحي تي ڇپي. انکي سرو ڏنائون: Lone dog that guards your house. دادا جيرامداس اهو پڙهي ايترو ته پرڀاوت ٿيو جو مون کان پڇيائين ته سنڌ آبزرور جو خاطو ڪير آهي. مون چيس اوهانجي سامهون ئي ته بيٺو آهي.

ٻيو مثال. سکر ۾ منزل گاهه جو معاملو اٿيو. هند سرڪار ويسٽن کي جج مقرر ڪيو ان باري ۾ جاچ ڪرڻ لاءِ. جج ويسٽن ان باري ۾ هڪ نوٽ تيار ڪيو جو واسطيدار ڌرين کي موڪليائين ته اوهان ان باري ۾ پنهنجا رايا تيار ڪريو ۽ اهي ڪورٽ ۾ پيش ڪجو. ان تي نوٽ لکيائين "بلڪل خانگي." مون ڪنهن طرح اهو نوٽ هٿ ڪيو ۽ سنڌ آبزرور ڏانهن موڪلي ڏنم. هنن اهو ڇاپيو جو سڄا سارا ٻي صفحا اخبار جو ٿي ويو. سڄي هندستان ۾ اهائي هڪڙي اخبار هئي جنهن اهو نوٽ ڇاپيو. سڄي ديش جي اخبارن پوءِ سنڌ آبزرور تان مصالحو کڻي اهو نوٽ ڇاپيو.

مون کي ان لاءِ سنڌ آبزرور جي سمپادڪ وٽان شاباس ملي. هو ڏانهن جج ويسٽن ڪاوڙجي ويو ۽ حڪم ڪيائين ته مونکي ڏيکارڻ کانسواءِ ڪو به خاطو ڪا به خبر ڪورٽ جي ڪارروائيءَ جي نه موڪلي.

سان ڪهي پوءِ شادي ڪجي. هن خود ٻي شادي ڪئي هئي. ڪيس شايد ماٽيجي ماءُ جي ظلمن جي ڄاڻ هئي، آزمودو هئو.

دوست پڇندا هئا ته ٻلديو ٻي شادي ڪڏهن ڪندين ته ڪين چوندو هوس ته ڪٿي محبت ۾ ڦاسي وڃس ته ٻي ڳالهه آهي؛ ورنه ٻي شادي ڪرڻ جو خيال ڪونهي. قدرت، سچ پچ محبت جي ڄار ۾ ڦاسايو ۽ ائين لڳو ٿي ته شادي ٿيندي. پر ايشور کي اها ڳالهه منظور نه هئي جنهن ڪري بچي وڃس. ڏٺيءَ جا لک شڪرانا، ور نه جي ڦاسجي وڃان ها ته الاجي ٻيءَ استريءَ جو ۽ ٻارن جو ڪهڙو حال ٿئي ها.

ٻي شادي نه ڪانه ڪيم ۽ مان پوري آتم وشواس سان چئي سگهان ٿو ته مون پنهنجي جيون ۾ پنهنجي ڌرمپتني ڪانسواءِ ٻي ڪا استري نه ڏٺي آهي.

حقيقت ته اها آهي ته مون شروع ۾ ئي شادي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. سوچيم ته سماج سيوڪ کي شادي ڪرڻ جو حق ڪونهي، ڇو ته هو گهر ۽ ڪٽنب ڏانهن پورو ڌيان ڏئي نه ٿو سگهي. پر ۱۹۳۲ واري جيل جي عرصي ۾ جڏهن پارٽي فيلسوفيءَ جو اڀياس ڪيم تڏهن ته محسوس ڪيم ته جيسين مرد شادي نه ٿو ڪري تيسين هو اڌورو ۽ اڻپورو آهي. ان ڪري اتي جيل ۾ ئي پنهنجو فيصلو بدلايو ۽ گهر لکي موڪليم ته هاڻ مان شادي ڪندس.

لاپرواهيءَ ڪارڻ ساوڙيءَ جي شڪل ۾ زهر چڙهي ويو ۽ هوءَ راهه رباني وٺي ويئي. جنهن ڏينهن گذاري ويئي ان ڏينهن کجهه بهتر ٿي ڏسڻ ۾ آئي. دوستن شغل ڪيو هو ۽ مونکي ڪوٺ ڏنائون. زال کان موڪل گهري. هن موڪل نه ڏني پر ناراضپي سان. مان دوستن سان وڃڻ جو انڪار ڪيو. قادر جو ڪرشمو جو ان ڏينهن ئي هوءَ موڪلائي ويئي. جي مان وڃان ها ته پنهنجي ٻن مهنن جي لڳاتار سيوا وٺرت پاسي ها. مان ٻي مهنا ساندهه ڌنڌي کي وساري گهر ۾ سندس سيوا ۾ رهيس، شهر جي بهترين ڊاڪٽريءَ جو علاج ڪيو ويو، تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن أمر ٽٽي انهن کي.

مونکي ٻيو صدمو هتي ٻمبئيءَ ۾ آيو، جڏهن ۱۴ سالن جو ٺاهوڪو پٽڙو دل جي بيماريءَ ڪارڻ گذاري ويو. ڪيس ڇپيت ته آئي جڏهن ۴-۵ سالن جو هو. ٻي علاج ڪراياسون. ان سمي اڃا دل جا آپريشن ڪونه ڏسبا ٻڌبا. اعتبار ڪندا جڏهن پٽاندرو ويو تڏهن گهر ۾ ماتم مچي ويو. سڀني ئي زار زار رنو ۽ پٽيو، پٽاڄن سميت. مان بلڪل خاموش هوس. هٿ جوڙي ايشور کي چيم ته تيري اڇا پورن هو. هڪ ڳوڙهو ڪونه ڳاڙيم. ڪا ڏانهن ڪوڪ ڪانه ڪيم.

استريءَ جي موڪلائڻ وقت سوال اٿيو ته ٻي شادي ڪندس يا نه. منهنجي دل چيو ٻي شادي ڪونه ڪجي. پلي ڪٽي اڃا ۳۰ سالن جو جوان هوس. ڊاڪٽر دوست پڇيو: ٻي شادي ڪندين؟ مون چيس ته خيال نه ڪونهيم. چيائين، جڏهن ٻي شادي ڪرڻ جي دل ٿئي ته اڳ ۾ هڪڙو ڪم ڪجئ، جو پنهنجن ٻنهي ٻارن کي پنهنجي هٿن

ان چٽاڀيٽيءَ ۾ ٻهريون نمبر انعام نارائڻ شيام کي مليو جو مون کان هزاروار اعليٰ شاعر هو.

اخبار ۾ منهنجي روپڪ قافلي جي لوڪ پريتا ڏسي جهولي لال واري ڪاروان روپڪ شروع ڪيم. ٽي.ٽي. جي نالي هيٺ، ”وندر ورونهن“ جو روپڪ شروع ڪيو ته پاٺڪ چوندا هئا ته تنهنجي اخبار جا ١٠ پئسا، اهو ڪالم پڙهڻ سان وصول ٿي ويا. ڪرڪيٽ جي باري ۾ لکڻ شروع ڪيم. ۽ هڪ دفعي لکيم ته الاجي پاٺڪن کي انهن ليکن ۾ دلچسپي آهي يا نه، ته نوجيون ڪالونيءَ مان لنگهي رهيو هوس ته هڪ واپاري پاٺڪ واڪو ڪري چيو ته سائين لکندا رهو، لکندا رهو. اسانکي اهي ليکه ڏاڍو وڻن ٿا. مان شعر لکڻ شروع ڪيا ته امرو هنگوراڻيءَ لکيو ته هڪ نئون شاعر پيدا ٿيو آهي، فاني صاحب چيو ڪيس منهنجي شعرن ۾ وزن ۽ بحر بلڪل درست ٿو رهي. ضيا صاحب چيو ته وزن ته بلڪل صحيح آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن قافيئي ۾ چوڪون ڪرين ٿو. جي مونکي اڳ ۾ ڏيکارين ته مان درست ڪري ڏيان. مون کيس چيو: مان آڌارن ڪنهن تي اڏامڻ نٿو چاهيان. بحر، وزن ۽ قافيو اهي ته زنجير آهن. شعر جو روح ته ان ۾ آيل ڀاونا آهي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ منهنجا جنگي ترانا منچ تي ڳائي، چين ۽ پاڪستان سان جنگ جي وقت ۾ هزارين رپيا جنگي ڪم لاءِ ڪٺا ڪندو هو.

شريمتي اندرا گانڌي جڏهن بمبئي ۾ آئي ته مڪاني نيتائن جي چوڻ تي مون هڪ خاص گيت هنديءَ ۾ تيار ڪيو، جو پرسڌ سنڌي ڳائڪا وجيه پريش، اندرا گانڌيءَ جي سامهون چوپاٽيءَ واري شاهي ميڙ ۾ ڳايو. اهو گيت هو:

٨- منهنجا ڪتاب ۽ رچنائون

مون پنهنجي سرگرم جيون ۾ اٽڪل ١٥ ڪتاب لکيا آهن. انهن لاءِ مونکي وقت بوقت داد به مليو آهي. البت ڪي وڏا پرسڪار يا انعام ڪو نه مليا آهن. جنهن نموني اڄ ڪالهه پرسڪار ۽ انعام ڏنا ٿا وڃن يا حاصل ڪيا ٿا وڃن ان دستور ۽ رواج موجب مون لاءِ ان قسم جا انعام حاصل ڪرڻ ممڪن نه هو. مان اهي طريقا اپنائي نٿو سگهان. منهنجو وشواس آهي ته جنهن شيءِ تي منهنجو حق آهي، اها ڪوئي روڪي نه سگهندو. ۽ جنهن چيز تي حق نه آهي اها ڪوئي ڏيئي يا ڏياري نه سگهندو. پوءِ ڇو ڪنهن جي خوشامد ڪريان يا ڪنهن کان ڀڄان.

ڪويءَ چيو آهي:

سهج ملي سو دود برابر، مانگ ليا سو پاڻي
ڇين ليا سو خون برابر، گورک ٻولي ٻاڻي.

پر مونکي ازخود بنا طلب يا ڇو ڇاوَ جي گهڻو ئي ڪجهه مليو آهي ۽ مون وٽ ان جو گهڻو ملهه آهي.

سنڌ ۾ مئٽرڪ ۾ سڄي سنڌ جي پالين ۾ پهريون نمبر بيٺس ته انعام مليو جنهن جي مونکي ڪا ڄاڻ به ڪا نه هئي. انٽر ۾ لاڄڪ ۾ ڊنشا ايڊلجي ميڊل مليو ۽ بمبئي جيو ديا منڊليءَ وٽان مانس آهر خلاف چٽاڀيٽيءَ ۾ چاندي سوني جو ٻلو مليو. مهاتما گانڌيءَ جي فيلسوفيءَ تي چٽاڀيٽيءَ ۾ به پهريون نمبر انعام مليو. 'سنڌو نگر' جي ليکن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون نمبر انعام مليو. شروعاتي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا طرفان آيوجت چٽاڀيٽين ۾ مضمون تي پهريون نمبر انعام مليو ۽ شعر جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ٻيو نمبر انعام مليو.

ريڊيو يا ٽي.وي. تي اچڻ لاءِ ماڻهو ترسندا آهن ۽ الاجي ڇا ڇا ڪندا آهن. مونکي ته احمدآباد مان لکجي آيو ته اچي ملاقات ڏيو، ”آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو“ ان وشيه تي. منهنجي ملائڪن کي جاڻ کانءِ هوندي ته لنڊن مان بي.بي.سي. وارا مون کان ٽي.وي. لاءِ ملاقات وٺندا. مان سمجهان ٿو ته بي. بي. سي. جي ان سيريل ۾ مان ئي اڪيلو سنڌي آهيان جنهن کان ملاقات ورتي وئي آهي.

مون جيڪي ١٥ ڪتاب لکيا آهن انهن مان هرهڪ لاءِ مهاڳ ٻئي ساهتڪار کان ورتو آهي. وشنو ڀانيه چوي ٿو ته تنهنجو نيشونل توکي امر ڪندو. مونکي امر ٿيڻ جي ڪا چاهنا ڪانهي. مون هڪ دفعي لکيو:

موکش نه چاهيان، مڪت نه ٿيان،
ڳايان تنهنجي گاٿا، جنم جنم ڀارت ماتا.

مون کان ڪير پڇي ته تنهنجو بهترين شاهڪار ڪهڙو، ته مان هوند ”ايش اپنشد“ جو نالو کڻان جنهن ۾ مون ڀارتي فيلسوفي ۽ مغربي فيلسوفي جو سنگم ڏنو آهي.

اسان جي جاتي جنهن منهنجي ڪتاب تي گورو وٺي سگهي ٿي سو آهي منهنجو ”آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو.“ اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپيو آهي، انگريزيءَ ۾ ڇپيو آهي، هنديءَ ۾ ڇپجي پيو ۽ مرهٽيءَ ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي. گجرات جي پرسد ساهتڪار جئينت رلواڻيءَ انهيءَ جو گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جو دلاسو ڏنو آهي. سنڌين جي يوگدان بابت ٻين ڀاشائن ۾ ڪتاب اچي سا حقيقت جاتيءَ لاءِ گورو جي ڳالهه آهي.

جن غيرسنڌين اهو ڪتاب پڙهيو آهي سي حيرانيءَ ۾ اچي ويا آهن ۽ چون ٿا ته اسانکي ته ڪجهه ڄاڻ ڪانه

نيا زمانا آيا هئا، اب گيت نئين هم گائينگي،
سماج واد کي پٿ پر، آگي قدم بڙهائينگي.

مون پوءِ بي، اي. لاءِ سنڌي ڪتاب جو سلسلو شروع ڪيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو تــه تــون ادبي تنقيد جو پايو وجهندڙ آهين. ڪاليج جا پروفيسر شاگردن کي چوندا هئا ته ”پارتواسي“ ۾ جيڪي ڪجهه بي. اي. جي ڪتابن جي باري ۾ اچي ٿو اهو وڃي پڙهو.

اندور ۾ هڪ واپاري متر هڪ اسپتال ۾ مئنيجر ٿي ڪندو هو. مان هن کي پنهنجي اخبار موڪليندو هوس. هن لکيو ته ڪو منهنجي اخبار ۾ ڪا دلچسپي ڪانهي، بند ڪر. مون بند ڪانه ڪئي. ڪجهه ڏينهن بعد مون شاهه تي ليک لکڻ شروع ڪيا. ان پاڻ لکي موڪليو ته اخبار بند نه ڪر. هن ١٠٠ رپيا چندي جا موڪليا ۽ پوءِ ٢٥٠ رپيا. چيائين اسانکي ته شاهه جي ڪا ڄاڻ ئي ڪانه هئي. خود سنڌ مان خط آيا آهن ته تنهنجا شاهه تي لکيل ليکه نهايت اعليٰ آهن. ڪراچيءَ مان شري نورالدين سرڪي پنهنجي خط ۾ لکيو آهي ته: ”شري ٻلديو گاجرا جا ڇهه ست ڪتاب مون چڱيءَ طرح پڙهيا آهن ۽ مونکي ڏاڍا وڻيا آهن. سندس ٻولي، توڙي مواد ۽ لکڻ جو ڍنگ ۽ سڀني کان وڌيڪ سندس تنقيدي نظر ۽ ادبي ڄاڻ مونکي سچ ته ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. اسان جي اديبن توڙي سياسي ليکڪن، گاجرا جو قدر اڃا ڪو نه ڪيو آهي.

دادرسي ازخود ملندي رهي آهي ٻنا طلبڻ جي. ڀارتي گيان پيٺ جي ڪوتائن جي سنگرهه ۾ پنجن سنڌي ڪوتائن ۾ منهنجي ڪوتا اچي، ٻنا منهنجي طلبڻ جي، اهو داد منهائنتو يا آزيون نيازيون ڪري داد وٺجي.

٩- الوداع

ڪانڊيوليءَ ۾ جڏهن سنڌي ڪالونيءَ رهندا هئاسون ان وقت جو هڪ دلچسپ قصو ياد آهي ۽ اهو ور ور دهرائڻ جي قابل آهي. ڪالونيءَ ۾ رهڻ واسترن لاءِ ڪاڪوس هئا. مردن کي جهنگل ۾ وڃڻو پوندو هو. مان ۽ منهنجا ٻه قريب ساٿي ٽيئي آزاديءَ جي جنگ جا سپاهي هڪ ڏينهن گڏجي جهنگل وڃي رهيا هئاسون ته مٿان اچي بارش پيئي. هڪڙي ساٿيءَ شڪايت طور ”ڊاڪٽر“ فلم جي هڪ گاني جي سٽ دهرائي:

آج اپني محنتون ڪا، همڪو ثمر مل گيا

يعني ته اسان جي قربانيون ڪيون ۽ جيل جون تڪليفون ڏٺيون تن جو هي انعام ملي رهيو آهي.

مون يڪدم اُن ساٿيءَ کي خاموش ڪرائڻ لاءِ ان گاني جي ٻي سٽ دهرائي:

يهه نه پوڇو ڪيا نه پايا، يه ڪهو ڪيا مل گيا!

بس، جيون ۾ مون پنهنجي اڳيان اهوئي ماٽو رکيو آهي ته شڪايت نه ڪرڻي، شڪايت ڇا لاءِ؟ ڪرم ڦل جي قانون جو اهو اٽل دستور آهي، ته نيڪ ڪرمن جو ڦل نيڪ ٿيندو آهي، ۽ بديءَ جو ڦل هاڃيڪار ٿيندو آهي. منهنجو اٽل وشواس آهي ته جيڪي مونکي ملڻو آهي ان کان ڪوبه مونکي وانجهي نٿو سگهي ۽ جنهن تي منهنجو حق ڪونهي، اهو ڪوئي مونکي ڏياري نٿو سگهي. ان ڪري مان هميشه سنتوشي رهيو آهيان.

دهليءَ ”هندستان ٽائيمس“ ۾ نوڪريءَ جي آڇ ٿي پر ڪري نه سگهيس، جو ننڍي ڀاءُ چيو ته مونکي ته

هئي، سنڌين کي ايترو يوگدان ڏنو آهي. ڪالمسٽ ايم. وي. ڪامٿ لکيو ته اڄ کان ٢٠ سال پوءِ ماڻهو تنهنجي ان ڪتاب لاءِ ڳولها ڪندا. اوڙيسا جي اڳئين مکيه منتري سرڳواسي ڊاڪٽر هري ڪرشن مهتاب لکيو: ”تو نه فقط سنڌ جي يوگدان جو اُليکو ڪيو آهي، پر تو ڀارت جي آزاديءَ جي يڌ جي معنيٰ ۽ مقصد سمجهايو آهي.

مونکي هڪ متر چيو ته اُن ڪتاب لکڻ لاءِ منهنجو نالو پدم شري جي اُپاديءَ لاءِ سفارش ڪيو ويو آهي، پر پوءِ ڪيئن ۽ ڇو آخرين ياداشت مان ڪٽيو ويو سا هڪ دل ڏکوئيندڙ ڪهاڻي آهي. ڪنهن شڪايت ڪئي ته مان ڪنهن سنڌو نيتا کي راجيه سڀا تي کڻڻ لاءِ سفارش ڪئي، شايد مان ان جو دلال آهيان.

سا ڪاميابي نه ڇڏجي؟ احمدآباد مان نوٽو آيو ته اچي دوردرشن لاءِ ملاقات ڏي، آزادي پڄاڻ سنڌ جي ڀوڳدان جي ٻاري ۾. هند سرڪار وٽان هڪ دفعو ٻنا چاڻ جي چئن هزار رپين جو چيڪ آيو، ٻهترين سنڌي سمپادڪ هئڻ لاءِ. اعتبار ڪندا ته ان وقت جي سوچنا ۽ پرسارڻ منتري شري اِندر ڪمار گجرال پنهنجي ٻمبئيءَ جي آفيسر کي لکي موڪليو ته ڀارتواسي ۾ ايندڙ سنڌي سماج جي قافلي واري روپڪ جو هر هفتي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري موڪليندو ڪر ۽ اهو عملدار برابر ڪيس هر هفتي انگريزي ترجمو موڪليندو هو.

لنڊن جي بي. بي. سي. وٽان ٽوٽو آيو ته اچي اسانکي ملاقات ڏي، سا حقيقت ڪيتري نه سنتوش ڏيندڙ آهي. ان سلسلي ۾ بي. بي. سي. وارن جن پنجاهه کن ڀارتواسين کان ملاقات ورتي تن ۾ مان اڪيلو ئي سنڌي هوس. اها ملاقات هئي ان واقعي جي ٻاري ۾ جنهنجي دوران مان سنڌ ۾ پناڻن جي گوليءَ کان بچي آيس ۽ جڻ ٻيو جنم مليو.

ٻياسي ورهيه عمر اٿم. خبر نه آهي ته باقي ڪيتري حياتي آهي. ايشور کي اهائي پرارٿنا آهي ته مونکي جو سنتوش جو ڌن ڏنو اٿس اهو مون کان ڪڏهن به کسي نه وڃي. پاٺڪن ۽ مترن کان به اهائي دعا ٿو منگيان.

نوڪري ملي نہ سگھندي جو مان گرئجوئيٽ نہ آهيان ان ڪري اچو تہ گڏجي ڌنڌو ڪريون. ان ۾ بہ ڪا ايشور جي مهما هئي. جي هندستان ٽائيمس ۾ هجان ها تہ سارو جنم جيون ۾ ڪيترن اچي سگھان ها ۽ سيوا ڪارڻ کان محروم رهجي وڃان ها.

هڪ دفعي دادا جئرامداس چيو تہ منهنجي مرضي آهي تہ توکي آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ لاءِ نامزد ڪرايان. مون دادا کي چيو مونکي ڪا اهڙي تمنا نہ آهي، جي اوهين سمجهو تہ مان اتي ڪو ڪارائتو ڪم ڪري سگھندس تہ ڀلي موڪليو. پوءِ دادا ناراض ٿي ويو جو مان شري رام جيٺملاڻي جي هڪ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيس جتي شري ايس. ڪي. پاٽيل جي ڌي ۽ ناٽي ۽ شري وليڇا بہ شريڪ ٿيا هئا. دادا چيو تہ مان ڪيئن تنهنجي سفارش ڪريان. مون چيو تہ مان اوهان کان اهڙي گھر ئي ڪانہ ڪئي آهي.

هڪ ڏينهن هڪ مترچيو تہ ڪيس خاطريءَ جهڙي خبر ملي آهي تہ منهنجو نالو پدم شري جي اپاڌيءَ لاءِ سفارش ڪيو ويو آهي. پوءِ معلوم ٿيو تہ آخرين منزل تي منهنجو نالو ڪڍيو ويو جو مون ڪنهن سنڌي نيتا کي راڄيہ سڀا تي ڪٽ جي سفارش ڪئي هئي جنهن کي هنن يوڳيہ نہ ٿي سمجهيو.

مونکي متين ناڪاميابين هرگز نراس نہ ڪيو آهي. ان جي خلاف مونکي جي ڪاميابيون مليون آهن بنا جاڪ جي ۽ بنا طلب جي سي دل اٿارينديون آهن. مون ڪا بہ چونڊ نہ هارائي آهي، ڪو بہ ڪيس نہ هاريو آهي، ڪا بہ لڙائي راڄنيٽي ڪيتر ۾ نہ وڃائي آهي ۽ هميشه سچ جي اوٽ ورتي.

يارنهن ڳيان پيٺ جي سنگرهہ ۾ منهنجي ڪوتا اچي

بلديو گاجرا - ساهتبكار

ڪي ٿي وڃتي ڪريان. هڪڙو ته هو نپٽ سياسي مدبر آهي. مان اڪثر چوندو آهيان ته سنڌس جنم جي ساهتيءَ بدران حيدرآباد ۾ ٿئي ها، ته سنڌ جي راڄنيتي ڪيتر ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو ليڊر هجي ها. سياست ۾ نپٽ هڻڻ ڪان وڏيڪ مونکي هو هڪ رشي پاسندو آهي؛ نشڪامتا جو مجسم.

"جيل ۾ مونکي ساڻس گڏ ساڳئي بئرڪ ۾ رهڻ جو سوڀاڳيه حاصل ٿيو جتي سنگت ۾ سنڌس رهبريءَ هيٺ مون ڌرمي گرنٿن، گيتا، اپنشدن وغيره جو اڌين ڪيو. آتما سنبنڌي مسئلن جي باري ۾ سنڌس ڄاڻ ۽ ان مطابق سنڌس رهڻيءَ مونکي سنڌس شرڌالو بڻائي ڇڏيو ۽ اها شرڌا اڄ ڏينهن قائم آهي. ان شرڌا ڪارڻ ئي مون ۾ اهـا چاهنا جاڳي ته هن پنهنجي ڪتاب لاءِ مهاڳ ڪانئس لکايان.

شري ڏيوندرام وشنداس مهاڳ ۾ لکيو آهي ته "شري ٻلديو گاجرا سان پهريان گڏجاڻي ١٩٣٢ ۾ حيدرآباد جيل ۾ ٿي. اٺ مهينا گڏ گهاريا سين. هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آيا سين. گهاٽا متر ٿي وياسين. ڌرمي پستڪن جو ابياس خاص ڪري شريمد ڀڳوت گيتا جي ودوانن جون ٽيڪائون يا ان جا ترجما ڪرڻ جو چڱو موقعو مليو. مهاتما گانڌيءَ، جيئن پنهنجي ۽ پنهنجي آشرم نواسين جي ٽوليءَ جي جيون ۾ گيتا سنديش کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي تيئن اسان کي به ان باري ۾ ڪجهه پريرڻا ملي. جيل اندر ته انهن مشغولين جي ڪري ڪجهه آتم ابياس ڪري سگهياسين.

"شري ٻلديو اڄ 'زندگي جا ورق' ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي رهيو آهي. اهي ورق پارلواسيءَ ۾ وقت به وقت

زندگيءَ جا ورق

ٻلديو گاجرا جو ٻهراڙون نثر ۾ ڇپيل ڪتاب ”زندگيءَ جا ورق“ ناليٰ سان مارچ ١٩٨٢ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. ڪتاب جي ”ٻه اکر“ ۾ شري ٻلديو هن ريت شروعات ڪئي آهي: ”پارٽواسيءَ“ ۾ پاڪن جي جاڻ ۽ تفريح لاءِ مون وقت به وقت ’زندگيءَ جا ورق‘ روپڪ هيٺ سنڌ ۾ راڄنيتي جيون جا دلچسپ واقعا شايع ڪيا آهن. سياسي جيون کانسواءِ ڪي واقعا سماجڪ جيون ۽ واپاري ڪيتر سان به لاڳاپو رکندڙ هئا. ڪيترن مترن وقت بوقت مونکي صلاح ڏني ته اهي دلچسپ واقعا ڪتابي روپ ۾ آڻي شايع ڪر جيئن انهنکي ڪجهه دائمي روپ ملي.

”سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب شايع ڪرڻ آسان چيز نه آهي. هڪڙو پريس جي تنگي، ٻيو پاڪ ٿورا ۽ خريدار ان کان به گهٽ. ان ڪري سٺ نه ٿي ساري سگهيم.

”پريس جي ڌنڌي مان رٽاهر ڪرڻ ڪانپوءِ هي ڪارڻ، ٿهائين وڌيڪ مشڪل بڻجي پيو. پر ڪن مترن وٽان اتيجنا ملڻ تي ساهس ڪيم ۽ جي انيڪ ”ورق“ پارٽواسيءَ ۾ وقت بوقت ڇپيا آهن تن مان ڪي چونڊ هن گلدستي ۾ پوتا اٿم.

”هن پستڪ جي مهاڳ لکڻ لاءِ بزرگ نيتا شري نيوندرام کي تڪليف ڏنم، ان لاءِ به اوس ڪو وزندار سبب هوندو. خاص ڪري جڏهن شري نيوندرام ڪو ساهتڪار نه آهي جيئن جو هن گرانٿ ۾ درج ڪيل ورق گهڻي قدر سياسي ڪيتر سان واسطو رکندڙ آهن انڪري منهنجي من ۾ اهو ويچار آيو ته هن سنگره لاءِ مهاڳ لکڻ لاءِ شري نيوندرام

۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ وديارٿي هوس، تڏهن ٿي مون ”بيوس“ کي هڪ مهان ڪوي ڪري سڃاتو.

هتي ڀارت ۾ جڏهن ”عزيز“ (شري ليکراج ڪشنچند ’عزيز‘) حسد وچان ٻيا شاعر جي پوري پرک نه هئڻ ڪارڻ ”بيوس“ خلاف هڪ اڻ سهائيندڙ جهاد شروع ڪيو تڏهن مون ”پارتواسي“ ۾ ڪيترائي مضمون بيوس جي بچاءُ ۾ لکيا. ڪن ساهتڪ سڀائن ۾ مون بيوس جي شعر تي ڳالهايو به ۽ پوءِ وري جيڪي ڳالهايم سو پارتواسي ۾ شايع ڪيم.

ڪيترا مترَ مون تي زور آڻيندا رهيا ته اهي مضمون هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪريان. هينئر جڏهن ايندڙ سال ”بيوس“ جي جنم شتابدي ملهائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن، تڏهن اهڙي ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ چاهنا پاڻ ئين سر زور پڪڙيو.

”پر اڄ جي مهانگائيءَ واري زماني ۾ ڪنهن پستڪ جي ڇپائڻ جي مون ۾ شڪتي ڪٿان آئي؟ مون ۾ اهڙي قسم جي آرٿڪ شڪتي ڪڏهن به ڪانه هئي، اڄ به ناهين عجب. مترَ رام بخشاڻيءَ سان ڳالهه ڪيم، جنهن همت ڏياري. پاڻ ۽ ٻن ٻين کان سهايتا وٺي ڏنائين. انهن مترن جي شڪرگذاري ادا ڪرڻ هڪ لازمي فرض آهي. اها هڪ خوشيءَ جي وارتا آهي جو واپاري طبقي جا متر ساهتڪ سرگرميءَ لاءِ سهايتا ڪن. اهي متر ٻئي جا سڄڻ هي آهن: شري موج منگهناڻي، شري وڪيومل شراف ۽ شري رام جي. بخشاڻي.

”بيوس جا جي شردالو ڀڳت آهن، تن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي پهريون نمبر جڳهه ٿو والاري. هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لکڻ لاءِ ڪانو نس وڌيڪ يوگيه. ڪهڙو ساهتڪار ٿو

پڻ پڙهيا اٿم. جيل ۾ ئي ٻلديو جي انيڙفهم، يورپ ۽ پشچم جي فيلسوفين جو اڀياس، هر هڪ ڳالهه ۾ ڀاو نا رهت ٿي، سوال جو ڇيد ڪرڻ ۽ جيون سارٿڪ بڻائڻ لاءِ اونهي چاهنا ۽ سندس ٻيا گڻ ڏٺا هئم. هن ڪتاب ۾ جدا جدا وقتن تي جيڪي هن لکيو آهي سندس دليري، ساهس، آفت اچڻ تي نه گهٻرائڻ پر سنجيدگيءَ سان مشڪل جو حل ڪڍڻ، ڪو ڪم هٿ ۾ کڻڻ ته اورچ ٿي ان کي پورو ڪرڻ، مخالفت ۾ منجهي وڃڻ بجاءِ وڌيڪ چست ٿي پنهنجي ڪاريه کي لڳو رهڻ، اهي گڻ چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

”ٻلديو جي ڳالهين ۽ آزمودن مان پاٺڪن کي اوس لاڀ ملندو. سندس جيون ۾ سادگي، خود آرپنتا، ديش جو پريم، قرباني ۽ سالم سمجهه ٻوجهه جا گڻ پاٺڪن کي پريرڻا ڏيئي سگهن ٿا.“

”زندگيءَ جا ورق“ ڪتاب ڊيمي سائيز ۾ ١٧٠ صفحن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ ٤٠ مضمون ڇپيل آهن.

شاعر ته ٻيوس

”شاعر ته ٻيوس“ ڪتاب، ڊيمي سائيز ۾، ١٠٤ صفحن ۾ شري ٻلديو گاجرا جي قلم مان ٻيوس سائينءَ تي لکيل مضمونن جو سنگرهه جولاءِ ١٩٨٣ ۾ ڇپجي تيار ٿيو. ڪتاب جي ”ٻه اکر“ ۾ ٻلديو گاجرا لکيو آهي: ”مان ڪوي ٻيوس جو شردالو ڀڳت آهيان، جيتوڻيڪ اَنڌ شردالو نه آهيان. مان سمجهان ٿو ته جيون ۾ آئون ڪنهن جو به انڌ شردالو بڻجي ڪو نه سگهيو آهيان، اهو منهنجي سڀاءَ ۾ ئي نه آهي.

”ٻيوس سان، يعني ٻيوس شاعر سان ۽ نه ٻيوس سان، منهنجي پهريان پهريان پريچيه تڏهن ٿي جڏهن مان ڪراچيءَ

خيال جي اوائل سان گڏ "بيوس" ٻوليءَ جو روايتي رنگ ۽ مٺائي ڇڏيو......

"... هن ليکن جي مجموعي شاعر ۽ "بيوس" ۾ ٻلديو گاجرا سائين بيوس لاءِ وڏي شرڌا ۽ عقيدت ڏيکاري آهي. هو بيوس جو عاشق آهي، نه اند شرڌا وچان، پر پورن پيار وچان. هو سمجهي ٿو ته سائين بيوس جو پيدا ٿيڻ هن ملڪ لاءِ هڪ وڏو وڙ هو. ڏاڍي شوق ۽ اڀياس سان هن سائين بيوس جي شعر تي ٽيڪا ڪئي آهي جنهن ۾ دليلن ۽ حقيقتن سان هن سائين بيوس کي اوچ ڪوٽيءَ جي ڪويءَ جو حقدار ٺهرايو آهي. پريميءَ کي پنهنجي پريتم لاءِ، ڪنهن جا ٻه ڪُوچن ڪين وڻندا آهن. ان ڪري شاعر "عزيز"، بيوس جي باري ۾ جيڪي به بي ادبي جا لفظ چيا تن ڪيس ڪاوڙايو ۽ تپايو. جي "عزيز" کي حق هو سائين بيوس جي باري ۾ ڪجهه چوڻ جو ته ٻلديو کي به "عزيز" جي باري ۾ ڪجهه چوڻ کان روڪي نه ٿو سگهجي... ٻلديو بيوس جو جيون چتر ڪونه لکيو آهي. هن جدا جدا وقتن تي پنهنجي اخبار ۾ بيوس تي مضمون لکيا آهن. اهو سڀاوڪ آهي ته اهڙن مضمونن ۾ ڪي ڳالهيون دهرايل هجن. دهرائڻ سان ليکڪ جي لکڻيءَ کي وڌيڪ زور ملندو آهي. سچ کي نروار ڪرڻ لاءِ دهراءُ ضروري لڳندو آهي. ٻلديو به ان نموني جيڪي هن بيوس جي باري ۾ سچ سمجهيو آهي ان کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڪي نقطا ورتي ورتي دهرايا آهن."

شري گوبند پنهنجي قرب ۽ شرڌا جا ڦول چاڙهيندي پنهنجي مضمون کي "ڪو عطائي آيو" سرو ڏئي لکيو آهي "بيوس" سائينءَ جي سچي مهانتا ته ان ۾ آهي جو

ٿي سگهي؟ شري گوبند ڀائيا جو به بيوس جي پوڄارين ۾ شمار آهي. تازو ئي هن انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب شايع ڪري 'بيوس' لاءِ پنهنجي قرب ۽ شردا جو ٺوس ثبوت ڏنو آهي. سندس قلم مان به ڪجهه شردا جا قول هن پستڪ ۾ درج ڪرڻ بي جاءِ نه ٿيندو.

"آخرين تو ٻڌن، آءٌ بيوس جو بچاءُ ڪرڻ يا سندس شعر جو مرم سمجهائڻ جي دعويٰ ڪرڻ نٿو چاهيان. شاعر ته پيغمبر آهي، ان کي سمجهڻ يا سمجهائڻ لاءِ وڏي يوگيتا گهرجي ۽ اها يوگيتا ساڌنا سان ئي اچي ٿي. مون نه ايتري ساڌنا ڪئي آهي، ۽ نه ئي وري اهڙي يوگيتا پراپت ڪئي آهي. مون هن مضمون ۾ رڳو اها ڪوشش ڪئي آهي ته بيوس جي شعر پڙهڻ سان جيڪي تاثر منهنجي من تي ٿيا، انهن جي ترجماني ڪريان. اهي تاثر ۽ انهن تاثرن جي ترجماني جيڪڏهن هن مضمون جي پاٺڪن جي من ۾ 'بيوس' شعر پڙهڻ لاءِ ڪجهه اڀيڇا پيدا ڪئي ته مان پاڻکي ڀاڳوان سمجهندس."

پروفيسر رام پنجواڻيءَ پنهنجي مهاڳ جو سرو "سائينءَ کي سلام" ڏيئي، هن ريت شروعات ڪئي آهي: "بيوس کي شاعريءَ جي نئين دور جو باني ڪوٺيو ٿو وڃي. بيوس جي اچڻ سان سنڌي شعر نئون موڙ ورتو ۽ انهيءَ موڙ سبب سنڌي شعر ۾ نئين دور جي شروعات ٿي. خيالي ۽ روحاني ڳالهين جي بجاءِ هن دور دور ۾ حقيقت نگاريءَ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. بيوس شعر کي سماجڪ بهبودي ۽ انسان جي اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ جو وسيلو بڻايو. قومي شعر جهڙي سنڌي شعر ۾ هڪ نئين لهر جاڳايائين، جنهن لهر کي ٻين شاعرن طوفان بڻائي ڇڏيو.

”ٻلديو ذڪر ڪيل مثالن مان ٻيوس وارا مثال ٻلڪل سنڌر چونڊيا آهن. جهڙوڪ:

ڏاڙ جنم ڏيڻ تي ٽئين ڪير جي وهائي
سنسار ۾ سفر ڪان ٻهراڻ سمر اچي ٿو

جنهن جي پيٽ، هو هميشه ڪيٽس جي استريءَ جي سٽڻن بابت جماليائي مصرع سان ڪندو آهي (جا ڪيس پڙهائڻ جو هن ٻلديو کي شرف حاصل آهي.)

Those dainties made to still an infant's cries.

”مضمون جي آخرين فقري ۾ ٻلديو ٻيوس جي شاعريءَ جو جائزو ٽن لفظن ۾ ڏئي ٿو. ٻيوس جون خوبيون ۽ خاميون جنهن ٻي رباڻيءَ سان ڳاڄرا سمجهيون آهن تنهن نموني هرڪو آلوچڪ، شرڌالو هوندي به، انڌ شرڌالو نه بڻجي سمجهي ته سنڌي تنقيد ۾ ڪيترو نه توازن اچي وڃي.“

گوناگون مضمون

”گوناگون مضمون“ ٻلديو ڳاڄرا جي قلم مان لکيل مضمونن جو سنگرهه، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر پاران جنوري ١٩٨٤ ۾ پڌرو ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ ١٧ مضمون آهن.

پبليڪيشن جي مکيه سمپادڪ شري نارائڻ ڀارتي پنهنجي ”ڪتاب بابت...“ ۾ لکيو آهي ته ”ڪيترن ئي جدا جدا ٻولين ۾ نڪرندڙ روزانين، هفيتوار يا ماهوار رسالن جا سمپادڪ، اخبارنويس هئڻ سان گڏوگڏ ناميارا ساهتيڪار ۽ اديب به هوندا آهن. انهن اخبارن ۽ رسالن ۾ اڪثر جي سنڌن مهتمي ليکه ايندا آهن، انهن جي اهميت فقط ان عرصي تائين محدود نه هوندي آهي بلڪ اهي ليکه يا

وشو-وياپي وس رکندي ۽ وصيت جو والي هوندي ۽ پاڻ کي بيوس سڏايو. سادگي ۽ سرلتا، نماڻائي ۽ نمرتا، نهٺائي ۽ نرملتا، هن جي سڀاو جا انوٽ انگ هئا. لوڪ جڏهن جي تصنيفن جي تعريف ڪندا هئا ته، شرم ٻوٽيءَ جيان شرمائجي ويندو هو ۽ سندس ڳلن تي لڄا جي سوکيم لعلي نرت ڪندي نظر ايندي هئي، هن جون اکيون، ڪنهن ازغيبي خمار ۾ متوالا جي موهني پائي ملاقين کي مست ۽ مگن ڪري ڇڏينديون هيون ۽ وائو منڊل جي ڪايا پلٽ ڪري سيتل ۽ مڌ سڳنڌ جي متر مدهوشيءَ جو احساس ڪرائينديون هيون.

"بيوس صحيح معنيٰ ۾ شاعر هو. شاعر جي معنيٰ آهي شخص جنهن کي شعور يا احساس هجي ۽ نه اهو شخص جو ڪاغذ ۽ قلم کڻي قافين جي لاءِ تيار ڪري، وزن تاهي شعر گهڙيندو وتي. ان کي سگهڙ چئبو شاعر نه چئبو. شاعر اهو آهي جنهن کي دل ۾ جذبو هجي ۽ جو انهيءَ جذبي کي سهڻو لفظي لباس پهرائي.

سڄوري شاهه سائينءَ جيڪي بيت لاءِ چيو سو ئي بيوس لاءِ چوي ها جي هو بيوس جي سمي اسان وٽ هجي ها.

ڪو عطائي آيو!

پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻيءَ، ٻلديو گاجرا جي بيوس جي باري ۾ مضمون تي رائزني ڪندي لکيو: "ٻلديو گاجرا جڏهن بيوس جي شاعريءَ تي اچي ٿو تڏهن ان سان خوب نباهي هو... تنهن ڪانپوءِ نثر ۽ نظم جي وچ ۾ فرق جيڪو سمجهايو اٿس سو هڪ پروفيسر جي قابليت رکي ٿو.

پڙهي سگهندا يا نه، اهو مان پاڻ ڪيئن چوان؟ پاٺڪ ان
باري ۾ فتوي ڏيئي سگهندا.“

ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ ڪتاب ۾ پنهنجي ”ٻه لفظ“
سري سان مهاڳ ۾ هن ريت لکيو آهي: ”ڪي اخبارون/
مخزنون، پنهنجن خاص سمپادڪن جي ڪري هلنديون آهن.
جيڪڏهن اهي سمپادڪ اتي نه هجن ته اهي اخبارون/
مخزنون نه وڪامجن. ”پارتواسي“ اهڙي هفتيوار اخبار
آهي جا شري گاجرا جي سمپادڪيءَ ڪري هلي ٿي.
ڪنهن هفتي پارتواسي نه آئي ته اڻين پيو لڳندو ته پڙهڻ
واري ميز تي من جو ڪاڏو اُلوٽو آهي. هو صاحب سنڌي
جو جهونو اخبار نويس آهي. سندس ليکن/ مضمونن ۾
سنڌي سماج جي اڌ صديءَ جو اتهاس پکڙيل پيو آهي.

”هو ان اڌ صديءَ ۾ رهي ڪري ٻه زمان ۽ مڪان ۾
وامن جيان وچرڻ ڪري ٿو ۽ پنهنجي سليس ۽ سپڪ ٻولي
۽ دلچسپ عبارت ۾ جيون ۽ ساهت جي گوناگون پهلن
تي نظرثاني ڪري ٿو. هو نئين شايد انهن پهلن ڏانهن اسان
جو ڌيان نه به وڃي پر هو انهن کي اهڙي نموني ۾ ڏسي
ٿو جو اسان پڻ انهن کي ڏسڻ لڳون ٿا.

”شري گاجرا جا مضمون اسان کي وڏيڪ ۽ وڏيڪ
سوچڻ لاءِ آماده ڪن ٿا ۽ سندس مضمون نويسيءَ جي
اها هڪ وڏي سڦلتا آهي.“

روحاني رهاڻ

”روحاني رهاڻ“ ڪتاب چوڏهن مضمونن جو سنگرهه
آهي، جاڪاڻ ته انهن مضمونن جو سنٻنڌ روحاني وشيه
سان آهي، تنهن ڪري ڪتاب کي اهو نالو ڏنو ويو آهي.
هي ڪتاب آگست ١٩٨٥ ۾ ڇپيو آهي.

پيا مضمون هڪ قسم جا دستاويز هوندا آهن جن کي ادبي ڪيتر ۾ به ڪافي جڳهه ڏي سگهندي آهي.

”هي گوناگون مضمون، سنڌيءَ جي ٻرک پترڪار ۽ اديب شري ٻلديو گاجرا جي قلم مان آيل، اهڙن مضمونن جو سنگرهه آهي. ان ۾ هفتيوار ڀارتواسيءَ ۾ شري ٻلديو گاجرا جا جدا جدا وشين تي لکيل ليکه ڏنل آهن ۽ ڪي سندس ليکه ”هندواسي“ ۾ به آيل شامل ڪيا ويا آهن.“

ٻلديو گاجرا، پنهنجي ”ليکڪ جي قلم مان“ ۾ لکيو آهي.

”مضمون ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا سڪول جي ٻند ڪمري اندر ڪنهن وشيه جي ڄاڻ ڏيڻ جي مقصد سان لکيل ۽ ٻيا ماڻهن جي وچ ۾ گهمندي ڦرندي پرايل آزمودن مان پيدا ٿيندڙ تاثرات درج ڪرڻ لاءِ لکيل. پهرين قسم جي مضمونن کي خارجي مضمون ڪري ڪوٺبو آهي ۽ ٻئي قسم جي مضمونن کي داخلي.

”داخلي مضمونن کي شخصي (Personal) مضمون ڪري به سڏيو ويندو آهي، ڇو ته انهن ۾ ليکڪ جي پنهنجي شخصي آزمودن ۽ تجربن جو ورڻن ٿو ملي ۽ هن جي جذباتن ڀاونائن، ويچارن جي ڄاڻ ٿي پوي. انگريزي دانن اهڙن مضمونن کي ”نثر ۾ ڪوتا Lyric in Prose ڪري ڪوٺيو آهي. هن سنگرهه ۾ مون جي مضمون ڏنا آهن، اهي انهن شخصي مضمونن جي دفعي ۾ اچن ٿا.

”انهن مضمونن ۾ هڪڙو مضمون آهي: ’لکجي ڇو ۽ ڪڏهن؟‘ ان مضمون ۾ مون اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته لکڻ جو حق ان شخص کي آهي جنهن کي لکڻ جي واهڻ يعني ڀاڪن کي ٻڌائڻ لاءِ ڪي هجي ۽ اهو ٻڌائڻ ڀوگيه هجي. ان ڪسوٽيءَ تي هي مضمون پار

جيان انهن جي حل ڪرڻ جو جتن نٿو ڪري. ڪي وري هرهڪ سڌارت جيان راجيه محل جو تياڳ ڪري، جهر جهنگل ٿو جهاڳي. گهڻو ڪري اهي سوال روايتي سنساري منش وساري ٿو ڇڏي.

"پر هڪڙو سوال، هرڪنهن جي من ۾ ور ور ڪري اڀري ٿو ۽ ان کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندي به وساري نٿو سگهجي. سچ ته سموري جيون جي جد و جهد ڪشمڪش ان سوال جي حل ڪرڻ لاءِ آهي. اهو سوال آهي خوشي يا سک ڇا ۾ سمايل آهي؟ هرڪو خوشيءَ يا سک جي تلاش ۾ حيران پريشان آهي. جدا جدا منشيه جدا جدا چيزن ۾ خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪي ڌن ۽ دولت ۾، ڪي عهدي ۽ اختياريءَ ۾، ڪي پرتشٺا ۽ پرسديءَ ۾،

"ڪاليج ودياٿيءَ جي حيثيت ۾، مون پڇمي فيلسوفيءَ جو ابياس ڪيو ۽ جيل ياترائن جي دوران ڀارتي فيلسوفيءَ جو. ان ابياس جي دؤر ۾ ايشور ۽ پرڪرتي، آتما ۽ پرماتما، جيون - مرتيو ۽ ٻين لاڳو وشين جي سنبنڌ ۾ گهڻو ئي ڪجهه پڙهيو ۽ گهڻو ڪجهه سوچيو. گرهستي جيون ۾، ڌنڌي ڪاروبار ۾، سارو جنڪ جيون ۾، ان ابياس دوران حاصل ڪيل ڄاڻ کي آزمائڻ جو موقعو مليو. منهنجو اهو وشواس آهي ته ڌرمي گيان ۽ فيلسوفي ڄاڻ جي عملي جيون ۾ ڪم نٿا اچن، نٿا اچي سگهن ته انهن جو ڪو ملهه ڪونهي. مان ڌرم کي وهنوار کان الڳ شمار ڪونه ڪندو آهيان.

جيڪي ڪجهه پڙهيو اٿم ۽ جيڪي ڪجهه سوچيو اٿم سو جدا جدا وقتن تي ليکن جي صورت ۾ پنهنجي

شري ٻلديو گاجرا پنهنجي منڍ کي "مصنف جي قلم مان" سرو ڏيئي هن ريت شروعات ڪئي آهي: "۱۲ سالن جي ٻالڪ مول شنڪر کي شوراتريءَ جي پرب تي سندس پتا شو شنڪر جي مندر ۾ وڃي ورت رکي پوڄا ڪرڻ جو آديش ڏنو. مول شنڪر مندر ۾ ڏٺو ته هڪ ڪوئو اچي شو مهراج جي آڏو رکيل پرساد کائي رهيو. ان درشيه سندس من ۾ شنڪا پيدا ڪئي ته جو ويڪتي پنهنجي کاڌي جي هڪ ڪوئي کان رکيا نٿو ڪري سگهي، سو سرو شڪتيمان ڪيئن ٿو ٿي سگهي. سندس ويجهي عزيز جو مرڻو ٿو ٿئي ته هن جي من ۾ اهو مسئلو ٿو اڀري، مرڻو ڪهڙي وستو آهي؟ ان تي فتح پائي سگهجي ٿي يا نه؟ ۽ جي هائو ته ڪهڙي دستور؟ هو سالن جا سال ڀٽڪي، سنياسين سان سنگ ڪري پنهنجي شنڪائن جو سماڌان ٿو ڪري ۽ سوامي ديانند بڻجي دنيا کي مڪتيءَ جي راهه ڄاڻائڻ جو يتن ٿو ڪري.

"راجڪمار سدارٿ گهمندي، بيماري ۽ ڪمزوريءَ ۾ گرفتار ٿيل هڪ ٻڍڙ شخص کي ٿو ڏسي. هڪ ڪاٺيءَ تي ڪنهن جو مرتڪ سرير کڻي ويندو ٿو پسي، سندس من ۾ ساڳيو سوال ٿو اٿي. موت ڪهڙي وستو آهي؟ ان تي فتح ڪيئن ملي سگهندي؟ هو بن رڻن ڪري پنهنجي شنڪا جو حل ڳولهي ٿو ڪڍي ۽ ٻڌ بڻجي سنسار کي اپديش ٿو ڪري.

"جيون ڇا آهي؟ مرڻو ڇا آهي؟ جيوُ ۽ ايشور ٻه جدا جدا هستيون آهن يا هڪڙي ئي؟ پرڪرتي ۽ پرماتما جي وچ ۾ ڪهڙو متڀيد آهي؟ اهي سوال هر ڪنهن جي من ۾ ڪنهن نه ڪنهن وقت اٿن ٿا. پر هرڪو نه مول شنڪر

ايشور آهي، الاجي نه آهي؛ - جيو آتما ايشور جو انش يا ان کان الڳ آهي انهن سوالن جو خاطر خواهه حل ملي يا نه ملي مگر هڪڙو اٽل سدانت جو اوهان سمجهو ۽ ۽ ان کي جيون ۾ اپنايو ته پوءِ اوهانجي من کي اوس سنتوش ايندو، آنند ملندو، جو اوهان کان ڪوئي ڪسي نه سگهندو. اهو سدانت هي آهي ۽ ان سدانت ۾ منهنجو اٽل ۽ انوڀوت، اڻ ٽٽندڙ، اڻ مٽجندڙ وشواس آهي ته موکي منهنجي ڪرمن انوسار جيڪي ڪجهه ملڻو آهي اهو مون کي اوس ملندو. اهو ايشور به ڪسي ڪونه سگهندو. جي ايشور ڪا چيز آهي ۽ جيڪي موکي نه ملڻو آهي يعني جنهن تي موکي حق ڪونهي سو موکي ڪوئي ڏيئي نه سگهندو، نه ايشور به. بس اهو وشواس من جي شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ، خوشي ۽ آنند جي پراپتيءَ لاءِ اڪسير علاج آهي ناياب نسخو."

شري ليرت سپاٽيءَ ڪتاب* جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

ڀلديو ۽ مان ڪاليج ۾ گڏ پڙهيا آهيون. هن بي. اي. ۾ فيسلوفي ڪئي هئي. سندس نظريو ۽ ويچار فيلسوفاڻا آهن. هو ڇيد ڪرڻ، ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، اڻرائتي وياکيا ڪرڻ ۽ اوک ڊوک ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن جو اڀياس اونهو ۽ اڪٿ آهي. يادگيري تيز ۽ تکي اٿس. سنسڪرت ۽ پارسيءَ جو ڄاڻو آهي. لکڻ جو رنگ ڍنگ دلپذير ۽ نرالو اٿس. جيڪي لکندو آهي سو سوچ ويچار بعد ۽ جنهن دلچسپ ۽ گوناگون نمونن ۾، واقعا ۽ ويچار پيش ڪندو آهي سي پڙهڻ ۾ لطف ۽ فرحت ڏيندا آهن. ٻولي* سرل، سپڪ ۽ سلوڻي اٿس.

هن سنگرهه ۾ ڏنل سڀئي مضمون عالماڻا آهن. روحاني

”پارٽواسي“ ۽ وقتي ”هندواسي“ ۾ شايع ٻئي ڪيو اٿم. دل ۾ ويچار آيو ته اهي ليک گڏي هڪ سنگرهه جي روپ ۾ شايع ڪريان. ان ويچار جي نتيجي روپ، هي ڪتاب ڇپيو آهي.

هي مضمون جدا جدا موقعن تي لکيا ويا آهن ۽ جدا جدا وشين تي. اهي مضمون ڪنهن درشن شاستر جي سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ ڪو نه لکيا ويا آهن. مان اهڙي سمجهاڻي ڏيڻ جي نه پاڻ ۾ سمرٿي ٿو سمجهان ۽ نه دعوي ٿو ڪريان. مگر جدا جدا وقتن تي جي ويچار من ۾ اٿيا آهن يا جي مسئلا اڀريا آهن انهن کي انهن مضمونن ۾ درج ڪيو ويو آهي ۽ جيئن جو انهن جو سنبنڌ روحاني وشيه سان آهي ان ڪري سنگرهه جو نالو ئي رکيو اٿم ”روحاني رهاڻ.“

”پاٺڪ متان ائين سمجهن ته هن روحاني رهاڻ‘ ۾ ڪين ڪي فيلسوفي سدانتن تي ڪي بحث مباحثه، ترڪ وترڪ، يا ان مان نڪرندڙ نتيجا ملندا. مون رڳو ڪٿي ڪٿي اهي مسئلا ڇيڙيا آهن ان لاءِ ته جن جي دلچسپي هجي اهي انهن جو وڌيڪ اونهون ابياس ڪن.

”مان رڳو هڪڙي ڳالهه هوند چوان، بلڪل خاطريءَ سان ۽ اها خاطري محض ابياس تي بدل نه آهي، مگر پنهنجي آزمودي تي ته من جي خوشي ۽ سک حاصل ٿي سگهن ٿا، بنا ڪنهن ٻاهرين مدد يا سهائتا جي. ڌن، مرتبو، جس، پرسدي اوهان کي ملي سو اوهانجي همت ۾ نه آهي، ٻين جي همت ۾ آهي. مگر من جي خوشي حاصل ڪرڻ بلڪل ئي اوهانجي همت ۾ آهي. جي اوهين چاهيو ته ان ۾ ٻئي جو دخل ڪونهي.

سڃي ڪئي اٿائين.

"اڄ ياد نٿو پويم ته اهو ڪهڙو سال هو ۽ ڪنهن جو انتخاب رام مئٽرڪ لاءِ منظور ڪرايو هو. پر اهي واقعي ۽ سندس گفتگوءَ مان، رام جي سڀاءَ جي هڪ جهلڪ ملي وئي. ٻين کي مدد ڪرڻ لاءِ سدائين منتظر.

"ان بعد وري ٻيو هڪ واقعو ياد ٿو پوي-م، ورهاڱي بعد هتي هندستان ۾ بمبئيءَ جو واقعو. اسان "پارٿواسي" ساپتاهڪ جاري ڪئي هئي. شروع کان ئي "سنڌي جا قافلو" جو روچڪ روپ ان ۾ ايندو هو. هڪ لڳا قافلي جي دؤران ۾ سنڌيت جي پاڳلپڻي تي آلوچنا ڪندي مون هڪ سٽ لکي "سنڌيت رام جي مٽڪي ۾ به ڪانه مليم."

وري به انهن وات تي گڏجي ويو. اڳ جيان وري به ٻيهارڻائين. چيائين اها سٽ ڪهڙي مورک لکي هئي. مون کي همٿ ڪانه ٿي جو کيس چوان ته اهو مورک سندس سامهون کڙو آهي.

"سوچيم سندس سومر واري چونڪيءَ تي وڃان ۽ وڃي پا پنهنجي مورک هئڻ جي تصديق ڪري اچان پا ساٿس ڪلي جنگ ڪريان. آءٌ ويس ۽ ڪرتارت ٿي آيس. ناستڪ جيان سنڌيءَ کٽي ويو هوس، سندس شردالو ڀڳت بڻجي موٽيس ۽ ان بعد اڄ تائين سندس ڀڳت ئي ٿيو رهيو آهيان.

"آئون سندس انڌ شردالو ڀڳت به نه آهيان. نڪي وري سندس مڙني ڳالهين ۽ سرگرمين سان سؤ سيڪڙو شامل رهيو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن سندس به آلوچنا ڪئي اٿم. پر انهن چوندي هچڪ نٿي ٿئيم ته جن ٿورن شخصن منهنجي دل تي دائمي تاثير ڇڏيو آهي تن ۾ رام جي جڳهه

راهه جي پانڌيئڙن لاءِ پرپرٽا جو سرچشمو آهن ۽ سنڌي سنڌين زندگي گهارڻ ۾ سهائتا ڪندا. سڄو پستڪ روحاني خوشبوءِ سان معطر آهي.

ٻلديو اوچ ڪونيءَ جو مقبول ليکڪ آهي. انيڪ ليک لکيا اٿائين ۽ لکندو رهي ٿو. ايياس اهڙو وسترت اٿس جو ڪنهن به وشيه تي لکي وٺندو. چڱائي ڪتاب پڻ ڇپيل اٿس. سندس هي پستڪ به معياري پستڪن ۾ شمار ٿيندو.”

رام پنجواڻي - شخص ۽ ڪلاڪار

ٻلديو گاجرا، ”رام پنجواڻي - شخص ۽ ڪلاڪار“ جي نالي سان ڪتاب جو پهريون ڇاپو آگسٽ ۱۹۷۶ ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. ڪتاب ۾ پنهنجي پاران لکيت کي ”پرچاءُ“ جو سرو ڏيئي ٻلديو گاجرا هن ريت لکيو: ”رام سنڌين جو غير دستوري يا غير سرڪاري ايلچي ڪري پرسد آهي.

”رام سان پرچاءُ ڪڏهن ٿيو تنهن جي ڪا ڌنڌلي يادگيري ٿي من جي پٽيءَ تي درج ٿيل پيئي لڳيم. ڪاليج مان جڏهن آءٌ نڪرڻ تي هوس تڏهن پرنسيپال ٻٽاڻيءَ رام جو ذڪر هڪ پريميءَ جيان ڪيو جو ڪنهن تي مشتاق هجي. رام جي سنگت ڪيس اهڙو موهي ڇڏيو هو.

”ان ڪانپوءِ جو هڪ ٻيو واقعو ته ياد پوام. هڪ لڳا ڪراچيءَ ۾ رستي تي گڏجي ويو، جهلي ويهاريائين. هڪڙو ڪتاب هٿ ۾ هوس. شايد مئٽرڪ امتحان لاءِ سنڌي لاءِ مقرر ٿيل ڪتاب.

ڪتاب ڏيکاري چيائين: ڏس هيءُ اسان مئٽرڪ لاءِ مقرر ڪرايو آهي. ويچاري چڱي محنت ڪئي آهيس، چونڊ

سڄ هڪڙي هڪ هڪ سنگرهه ۾ پاڻ کي لاءِ هڪيو تي سگهندو.

”پر هڪ ڳالهه چٽي ڇڏيان: آئون نه کوجنائڪ سڪالر آهيان نڪي اتهاسڪار نه وري جيونيون لکندڙ. ان ڪري جيڪي ڪجهه هت درج ڪيل آهي سو رڳو جهلڪ ئي آهي نه ترتيوار نه سلسليوار ابياس نه کوج جو نتيجو. جهلڪ جنهن ۾ منهنجا تاثرات ئي داخل آهن. جيڪڏهن هي پڙهي ڪي پاڻ رام کي ڪجهه ان نموني سمجهي سگهن جيئن مون ڪيس سمجهيو آهي ته پوءِ آئون چوندس ته منهنجي هيءَ ڪوشش سڦارٿي ٿي.“

شري نارائڻ پارٽي، ڪتاب جي ٻهراڻ ڇاپي ۾ پنهنجي ”هي ڪتاب ڇو... ؟“ ۾ لکيو آهي. اهڙا سنڌي جاتيءَ جي خواب ڇٽي جو هوءَ پنهنجي ڪلاڪارن، نيتائن ۽ سيوڪن جو قدر جيٽري ڪونه ڪندي آهي. سنڌس سرڳواس ٿيڻ ڪانپوءِ ڪندي آهي ۽ اهو به ٿوري وقت لاءِ پوءِ ياد جي پٽي ميسارجي ويندي آهي.

”اساڻا ساهتيڪار، پيرومل مهرچند آڏواڻي، پرمانند ميوارام، جيٺمل پرسرام، امرڏنومل ڄڳتياڻي، ڪوي ديوس، چوهڙمل هندوجا، پرسرام ضيا، ليکراج عزيز، سڳڻ آهوجا ۽ پيا ويندا رهيا.

”انهن جي جيٽري سنڌس ڪيل ڪارڻ جو خير ڪو قدر ڪيو ويو. وڃڻ بعد به ڪجهه سال اهي ورسيون ۽ ۽ ميلا رهيا، وري بس.

”ٻين جاتين ۾ پنهنجن ساهتيڪارن، ڪلاڪارن جي يادگار طور اڪيڊميون برپا ڪيل آهن. انهن جي ساهتيه ۽ ڪلا بابت کوجنا ٿيندي رهي آهي. ڪيل کوجنائن تي ڊاڪٽوريٽ ڏنا ويندا آهن.

اعليٰ آهي.

”مون کي ديوتائون ڏٺا آهن جن جي ان روپ ۾ پوڄا پڻ ڪئي اٿم. ۽ پوءِ محسوس ڪيو اٿم ته انهن ديوتائن جا پير مٽيءَ جا ٺهيل آهن. رام کي ڪي ماڻهو، چڱا چوکا ماڻهو سنت ڪري پوڄيندا آهن. ڪي ته وسوڙل کانئس پٽ به گهرندا آهن. خبر نه آهي ته هو ڪنهن پٽ ڏيندو آهي يا نه، يا هن جي دعا ۾ پٽن ڏيڻ جي شڪتي آهي يا نه، مون ديوتا ڪري ڪڏهن سندس تصور ڪو نه ڪيو آهي. مون کين هڪ نيڪ انسان جي روپ ۾ ڏٺو آهي، جو ڪڏهن ڪنهن کي ضرر رسائڻ نه چاهيندو. ڀلائي جيتري کانئس پڄندي اوتري ڪندو. چڱو جو کيس هڪ انسان ۾ ڏٺو اٿم ۽ نه ديوتا جي روپ ۾. چو ته ان ڪري نراس ٿيڻ جو ڪڏهن امڪان پيدا ڪو نه ٿيو آهي.

”ان ڪري جڏهن مِتر پارٽيءَ مونکي ڪجهه رام نسبت لکڻ لاءِ چيو بنا هٻڪ سندس حڪم جي بجاوري ڪرڻ قبول ڪيم. آئون هيءَ ڳالهه چئي ڇڏيان. رام ڪنهن جي پرشنسا جو محتاج ڪينهي. ڪنهن وٽان کيس داد جو ڪپ ڪينهي. هو ان عطر جيان آهي جو شاعر جي لفظن ۾ خوشبوءِ ٿو ڏئي جنهن لاءِ عطار کي سفارش ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. اهو محسوس ڪندي به هيءَ جوابداري هموار ڪئي اٿم صرف انهيءَ خيال کان ته جيڪڏهن پارٽيءَ جي آديش بدولت، آئون رام جي شخصيت ۽ سندس رچنائن جي پنهنجي درشٽيءَ بندوءَ کان هڪ جهلڪ پيش ڪري سگهان ته اها ڪوشش هروڀرو بيڪار يا بي جاءِ نه ٿيندي. ٻيو نه ته هڪڙو فيض رسندو ته رام جي باري ۾ جدا جدا وقتن تي ۽ جدا جدا هنڌن تي ڪجهه لکيو اٿم

ڪتاب لکيو آهي، اخباري ڪيٽر ۾ منهنجي اُستاد شري ٻلديو گاجرا. شري گاجرا هن ڪتاب لکڻ جي لاشڪ ٻرگيتا رکي ٿو. هڪڙو نه هو پروفيسر ٻنجواڻي جو شردالو آهي، جيتوڻيڪ انڌ شردالو نه آهي، ۽ ان ڪري سنڌس چڱو واقفو ۽ ٻيو هن جي ڪتابي سمالوچنا لاشڪ اعليٰ معيار جي هوندي آهي.

مان شري گاجرا جو ٿورائتو آهيان جو هن مٿر هيٺرين مشغولين هوندي به پروفيسر ٻنجواڻيءَ جي جدا جدا پهلن جو اڀياس ڪري هي ڪتاب تيار ڪيو آهي.

ڪاليجي وديارٿين ۽ ليکڪن لاءِ هي ڪتاب منهنجي خيال ۾ پروفيسر ٻنجواڻيءَ جي ادب ۽ شخصيت کي سمجهڻ ۾ چڱي هٿي ڏيندو.

هن ڪڙيءَ جو هي ٻهرئون ڪتاب آهي. البت شري گاجرا پاڻ پنهنجي پرلڇڻ ۾ چيو آهي، هن ڪتاب ۾ پروفيسر ٻنجواڻيءَ ۽ سندس ساهتڪ سرگرمين جي صرف جهلڪ ئي ڏني وئي آهي. اڳتي هلي ممڪن آهي ته ٻين ليکڪن بابت پڻ اهڙا اڀياسي ڪتاب ظاهر ڪيا وڃن ۽ خود پروفيسر ٻنجواڻيءَ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل سان ۽ وڌيڪ کوجنائڪ ڪو گرنٿ ڪڍيو وڃي.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي سلسلي ۾ هن ريت لکيو: اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو پروفيسر ٻنجواڻيءَ جي سرڳواس ٿي وڃڻ بعد شري ٻلديو گاجرا هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع ڪري رهيو آهي، ان ٻئي ڇاپي ۾ ڪجهه وڌيڪ مصالحو ڏنيو اٿس. ۽ ائين ڪتاب کي وڌيڪ ڪارائتو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

”منشي پريمچند جي ساهتيه، ڪلا تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. اڄ هنديءَ جو پرسڌ ليکڪ شري جئنندر ڪمار زنده آهي. سندس اُپنياسن بابت آلوچناتمڪ ڪتاب لکيا آهن. ڪيترا ودوان سندس ساهتيه بابت ٿيسز لکي چڪا آهن.

”پر ڪنهن سنڌي ساهتڪار جي جيئري سندس ساهتيه بابت ڪي ڪتاب لکيا هجن، اهو مونکي ته ڌيان ۾ نٿو اچي.

”ماهوار **ڪونج** رسالي طرفان ڪن ساهتڪارن جا انهن جي هوندي **سنمان پرچا** لکيا. ملڪاڻيءَ جو، عزيز جو، نارائڻ شيام جو، رام پنجواڻيءَ جو، پوپٽي هيرانندڻيءَ جو، موهن ڪلپنا ۽ ٻين جا پڻ.

ٻين ٻولين ۾ هڪ ٻي ليکڪ طرفان ڪنهن هڪڙي ليکڪ جي ادب ۽ زندگيءَ تي ڪتاب لکن ٿا. مثلن **نرالا** تي لکيل آهن ته **جئنيندر** تي به.

”تازو **شرت بابو** تي انگريزيءَ ۾ **پروفيسر نرواڻي** جو ڪتاب ۽ ساهتيه اڪادميءَ طرفان ڇپائي شرت بابوءَ تي ظاهر ڪيل ڪتاب هڪ ٻي ليکڪ شري سين جو ظاهر ٿيو آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ مونکي نظر نٿو اچي.

”ان وچار هيٺ **پروفيسر رام پنجواڻي - شخص ۽ ڪلاڪار** جي رچنا کي عمل ۾ آندو ڏسي خوشي ٿي اٿم.

”ڪتاب ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شخصيت جي ٻه جهلڪ آهي ته سندس ڪلا جو پهلو به پيش ڪيو ويو آهي. سندس ناولن، ڪهاڻين، ناٽڪن ۽ ٻين ادبي صنفن جو پڻ مختصر ڪٿن ڏنو ويو آهي.

گفتو آهي ته ايشور شل اسان کي اهڙا نعمت بخشي جو اسين پاڻ کي ان روشنيءَ ۾ ڏسي سگهون، جنهن ۾ ٻيا اسان کي ڏسن ٿا.

مون پنهنجي هن سنگره لاءِ جڏهن مالهي صاحب کي مهاڳ لکڻ لاءِ عرض ڪيو، تڏهن هن خوشيءَ سان منهنجو عرض قبول ڪيو. منهنجي هن ڪتاب لاءِ مهاڳ لکي، مالهي صاحب، نه فقط مون تي وڏو احسان ڪيو آهي، پر مون کي جڳ شرف بخشيو اٿس. سندس هزار شڪرانا.

شري گوبند مالهيءَ پنهنجي مهاڳ ۾ هن ريت لکيو آهي:

ٻلديو گاجرا راجنيتيءَ ۾ سرگرم رهندي پترڪار به آهي ته شاعر به، نقاد آهي ته مضمون نگار به - ٻوليءَ ۽ ساهتيه سان واسطو رکندڙ انهن چئني صنفن ۾ هن قبوليت حاصل ڪئي آهي. هن جي قابليت بابت ڪڏهن ٻه به رايا نه رهيا آهن. البت هن جي نظريه ۽ / يا ان جي بيان ڪرڻ جي طرز بابت اڪثر ٻه رايا، چئجي ڪٿي اڃا ٻه وڌيڪ رايا رهيا آهن. واد وواد ۽ ٻلديو گاجرا هڪ ٻئي سان جڙيا رهيا آهن، اڪثر. ها، هو اعليٰ مضمون نگار آهي، ان ۾ ذري گهٽ سڀ سنڌي عالم ۽ آلوچڪ ايڪراءِ آهن - مون سميت. هنجا اَدبي مضمون، هنجي راين سان متڀيد رکندڙ آلوچڪن، اديبن ۽ پاٺڪن پڻ پسند ڪيا آهن.

۽ هيءُ ڪتاب هنجي ادبي مضمونن جو مجموعو آهي.

مان انهن مضمونن بابت ڪي چوڻ کان اڳ ٻه حقيقتون واضح ڪرڻ ٿو چاهيان. هڪ ته ڪيترين ڳالهين-راجنيتڪ، سماجڪ ۽ ساهتيڪ - ۾ ٻلديو ۽ مان سهمت آهيون. اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن وشيه جي همخياليءَ سان

ادبي مضمون

شري ٻلديو گاجرا جو هي ڪتاب ”ادبي مضمون“ آڪٽوبر ١٩٨٩ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو آهي. هن ڪتاب جي ”ٻه اکر“ ۾ گاجرا صاحب لکيو آهي:

هن کان اڳ منهنجا ٻه مضمونن جا سنگرهه شايع ٿيا آهن. هڪ ”گوناگون مضمون“ جنهن ۾ گهڻو تڻو سماجڪ جيون بنسبت منهنجا ويچار درج ڪيل آهن ۽ ٻيو ”روحاني رهبر“، جنهن ۾ ڌارمڪ ۽ فيلسوفانه وشين جو ليکه آهي. هن سنگرهه ۾ خالص ساهتيڪ وشين تي جدا جدا وقتن تي لکيل ڪجهه ليکه ڪٺا ڪري وڌا ويا آهن.

هن وقت تائين جيڪي ٻه پستڪ مون شايع ڪيا آهن، انهن لاءِ واسطيدار وشيه جي ڪنهن نه ڪنهن ماهر ساهتيڪار کان مهاڳ لکايو آهي.

ساهتيڪ کيتر ۾ شري گوبند مالهي هڪ تسليم ٿيل ماهر هستي آهي. مالهي صاحب سان منهنجو گهرو شخصي ناتو پڻ آهي. گهڻو اڳ جڏهن مان به ڪانديوليءَ ۾ رهندو هوس، تڏهن اڪثر پاڻ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ساهتيڪ ۽ سياسي معاملات تي رهاڻ ڪندا هئاسون. اهو گهرائيءَ جو ناتو اڄ تائين قائم آهي.

اها به هڪ ڄاڻل حقيقت آهي، ته ڪيترن معاملن ۾، مالهي ۽ سندس ساٿين جي ويچارن ۾ ۽ منهنجن ويچارن ۾ اختلاف آهن. مگر پنهنجن ڪتابن لاءِ مهاڳ لکائڻ لاءِ مترن جي چونڊ ڪرڻ وقت، ان قسم جي سدانتڪ اختلافن ڪي ڪڏهن به خيال ۾ ڪين آندو اٿم. هڪ انگريزي دان جو

منڪر ٻه نه ٿيو آهي. اڪثر چيو ويندو آهي ته ٻلديو جي مت، هنجي پنهنجي مت آهي. هنجي پنهنجي مت جاڻڻ جا چاهڪ پاڻ هن سان اختلاف رکندڙ پڻ هوندا آهن. هڪ مضمون نگار جي حيثيت ۾ اها هن جي پنهنجي ٻڙ ۾ ڪاميابي آهي.

هن مجموعي جا پهريان ٻي باب سوکيم ڪلا، ڪويتا تي لکيل شاعريءَ جو واسطو لاشڪ دل سان آهي، نه دماغ سان. "ڪويتا دل مان نڪري ٿي، دل ۾ پهچي ٿي." اهو سچ آهي پر سمپورڻ سچ نه آهي. دل ۽ دماغ ٻه واٽر ٽائيٽ الڳ ڪمپارٽمينٽ ٺاهي نٿا سگهجن، جو هڪ ٻئي جي ڪارگذاريءَ ۾ قطعي دخل انداز نه ٿين. حرڪت دماغ سان نه، دماغ جي ورزش سان آهي. شعر چوڻ يا جوڙڻ وقت دماغ دل مٿان حاوي پوڻ نه کپي. مان ٻلديو سان سهمت آهيان ته شعر دماغي ٻيج گهڙ جي پيداش ٿيڻ نه کپي. ٻلديو جي اها فتوا هضم ڪرڻ ڏکي آهي ته "مشاعرو شعر جو دشمن آهي." چٽاڀيٽيءَ جي ڀاونا، سڀاوڪ ڀاونا آهي، همعصر کان گوءِ کڻي وڃڻ جي ڀاونا ٻه صحتمند ڀاونا آهي - بهتر رچنا جي ضمانت آهي. ساهتيه روپي پرندي جي ٻن پرن Content and Form (مواد ۽ هئيت) وچ ۾ نسبت ۽ ميزان قائم ڪرڻ، خاص طور مال جي رومال کي سنوارڻ ۾ اها چٽاڀيٽي، ٻڌندڙن جي داد حاصل ڪرڻ جي تمنا جي پس منظر ۾، وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيندي آهي. گڏوگڏ مشاعرو ڪويتا کي ڪنهن حد تائين ناٽڪ، آڊي ناٽڪ جو روپ به بخشيندو آهي، شاعر جي ناٽڪي طرز بيان سان، وري به شڪر آهي جو ٻلديو پاڻ به مڃي ٿو ته "مشاعرو ڪنهن شاعر جي ڪلا کي برباد ڪرڻ ۾

اوک ٻوک ڪري سگھندا آهيون، ڪندا به آهيون. ڪن ڳالهين ۾ اسان ويچارن جي لحاظ کان زمين آسمان جيترو هڪ ٻئي کان پري آهيون. اسان اهي اختلاف ظاهر نه ڪيا آهن - هن قلم سان ۽ سون اڪثر زبان سان. ٻي حقيقت اها آهي ته انهن ويچارن جي ويڇن اسانجي شخصي ناتن کي لهس نه رسائي آهي. اختلافن جي باوجود، هڪ ٻئي لاءِ ڪڙو مٺو لکندي ۽ ٻوليندي به اسان مٺا رهيا آهيون ۽ اها مٺاڻ هن مهاڳ جي لکڻ ۾ دخل انداز نه آهي جو مان مڃيندو آهيان ته ادب مٺاڻ اَمٺاڻ کان الڳ به آهي ته اڻاهون به آهي.

مضمون نگاري ساهتيه جي جهڙي نه سولي صنف سمجهي ويندي آهي، اهڙي نه اوکي آهي. منهنجي راءِ ۾ مضمون نگار کي لازمي طور پنهنجو، نج پنهنجو درشٽيڪوڻ هجڻ کپي ۽ ان درشٽيڪوڻ کي پيش ڪرڻ جو پنهنجو، نج پنهنجو ڍنگ هئڻ کپي. Man is Style جهڙو ادبي نقطو مضمون نگاريءَ سان نه گهٽي ۾ گهٽو وابسته آهي. پنهنجو، نج پنهنجو درشٽيڪوڻ ٻن طريقن سان جڙي ٿو - اُنڀوُ ۽ اڀياس سان. اڀياس معرفت ڪن سالڪن، فيلسوفن ۽ ودوانن جا آزمودا به اپنائي پنهنجا ڪيا ويندا آهن. البت مضمون ۾ جي سند طور هنن جا ويچار يا گفتا ڪتب آڻيا آهن ته داد هنن کي نه ڏيو آهي. وري مضمون نگار جي صحيح معنيٰ ۾ ڪاميابي تڏهن آهي جڏهن هن جا پنهنجا نقطا اڳتي هلي حوالا ٿي ڪتب اچن. ٻلديو جا هر وشيه تي پنهنجا، نج پنهنجا ويچار رهيا آهن - انڀوُ مان، اڀياس مان يا انٽيوشن مان. جي ڪنهن سگهڙ جي سخن کان متاثر ٿيو آهي ته ان کان

”ٻيوس ۽ ترقي پسند وچار ڌارا“ مضمون ۾ ڏنل
وچارن سان به منهنجا متڀيد آهن. آئم ۽ شاد جي راين
جي اوک ڊوک هنن جي ٿي لفظن جي حوالن سان ڪئي
وڃي ها ته بهتر ٿئي ها. منهنجي پنهنجي نظر ۾ ساهت ۾
ترقي پسنديءَ جي وڏي ۾ وڏي ڪسوٽي آهي ته اهو زندگيءَ
جي ترجماني ڪري ٿو يا نه، اهو ان کي بنائڻ جي تمنا
ڪري يا نه. جي ڪري ٿو ته اهو ترقي پسند آهي. ان
ڪسوٽيءَ تي ٻيوس به ترقي پسند شاعر آهي، سنڌي ترقي
پسند وهائو تارو آهي. ٻلديو به هن کي انهيءَ يگ جو رهبر
شاعر مڃي ٿو. هو مهان ساهتڪار سڄاڳ يا نيم سڄاڳ
من ڪري ’ڪلا زندگي لاءِ‘ واري قول جو قائل آهي. ها،
هنکي سندس زماني جي پس منظر ۾ ئي پرکڻ کپي. منهنجي
نظر ۾ هن ڪتاب ۾ ڪنيل پنج ئي ساهتڪار مهان به آهن،
ترقي پسند به آهن.

هن مجموعي جو بهترين مضمون آهي، ”شاهه لطيف
جي مهانتا“. شاهه جي شعر جي پرکه شيڪسپيئر، ڪاليداس
۽ شرت جي رچنائن جي نسبت ۾ ٿي نه ڪئي وئي آهي
بلڪ شاهه جي شعر کي ڪيٽس، ملٽن، شيلي ۽ اولهه جي
ٻين اعليٰ شاعرن جي شعرن سان پرڪ ڀيٽيو ويو آهي. ٻلديو
جي خصوصيت اها آهي جو هو مهان رچناڪارن کي
سندن رچنائن لاءِ داد ڏيندي، انهن جي اعليٰ معيار کي
مڃيندي به شاهه جي شعر جي ٽهائين وڌيڪ مهانتا جتائي
آهي. شاهه جو شعر ڪرم ڦل جي فلسافي ٿو جتائي- ان
راءِ ۾ مان ٻلديو سان سهمت نه آهيان پر شاهه ڀارت جي
ويدانت ۽ سنڌ جي صوفي مت کي واضح ٿو ڪري - مان
ٻلديو سان ان ۾ شامل راءِ آهيان. ها شاهه جي شعر کي

ناڪامياب ٿيندو آهي.“

انهن ٻن مضمونن کان پوءِ وارا مضمون پنجن اعليٰ ساهتڪارن - شاهه لطيف، ڪاليداس، شيڪسپيئر، شرت چندر ۽ ڪشنچند بيوس جي ادبي مهانتا جي مثالن ۽ حوالن سان اوڪ ڊوڪ ڪن ٿا. منهنجو پنهنجو رايو به ٻڌايو جهڙو آهي ته ”شاهه لطيف اعليٰ ترين شاعر آهي. شيڪسپيئر جي شاهه سان ڀيٽ ٿي نٿي سگهي، انساني من اندر جذبن وچم ڇڪري چٽڻ ۾ شيڪسپيئر پنهنجو مٽ پاڻ آهي، استريءَ جي شرير جي نزاڪت ۽ سندس من جي ڪوملتا ڪماليت سان چٽڻ ۾ ڪاليداس لاثاني آهي، شرت چندر جون نائڪائون به شيڪسپيئر جي نائڪائن جيان امر رهنديون ۽ بيوس نئين يگ جو رهبر ڪوي آهي.“ اهو مڃڻ به مراد آهي ته ٻڌايو پنهنجي راءِ جي حمايت ۾ جيڪي دليل ۽ حوالا ڏنا آهن اهي سندس مضمون نگاريءَ جي قوت ۽ قابليت واضح ٿا ڪن.

”ساهتڪار ۽ سياستدان“ مضمون بنسبت مونکي پهرين ته سياستدان لفظ سان ئي شڪايت آهي. رواجي طرح سياستدان معنيٰ جو داءُ پيچ ڄاڻي ۽ هلائي. ساهتڪار سان هنجي ڪهڙي ڀيٽ؟ ان بدران انقلابي يا راڄنيتي عملدل جي اڳوان ۽ ساهتڪار جي ڀيٽ بهتر ٿئي ها. ۽ اڳوان ۽ ساهتڪار جو ڪنهن انقلاب/آندولن جي سلسلي ۾ پنهنجو پنهنجو اهم ڀاڱ آهي، اهو ٻڌايو به مڃي ٿو. مان هنن جي اهميتن کي تارازيءَ ۾ تورڻ کان ڪناري ڪشي ڪرڻ جي حق ۾ آهيان پر جي تڪ تور ڪرڻي ئي آهي ته جڳهه پرستي مثال ليڻن ۽ گورڪيءَ جو اسان سڀني اڳيان آهي.

٣. ٻلديو گاجرا- شاعر

ٻلديو گاجرا جي شعر جو ڪتاب **گمنام صدا** ١٩٥٤ ۾ ڇپيل آهي. هي ڪتاب "پارسواسي" اخبار ۾ ڇپيل شعرن جو سنگرهه آهي. ٻلديو گاجرا "گمنام" پنهنجي نويدن ۾ لکيو: "مان شاعر ڪو نه آهيان ۽ نڪي ڪي منهنجي اها دعوى آهي ته جيڪي ڪي هنن صفحن ۾ ڏنو اٿم سو شعر آهي.

"شعر ڇا آهي، تنهن نسبت ڪاليج جي ڏينهن ۾ ڪي ڪجهه سيکاريو هئائون. اُستادن ٻڌايو ته شعر جي پهرين پرک اها آهي ته ان ۾ اُمنگ هجن، جذباتن سان ڀرپور هجي، انساني دماغ جي ڪلپنا ۽ انيڪ شڪتين کي هن پرٿويءَ جي روزانن ڪارنامن مان ٻاهر ڪڍي آڪاش ڏانهن اڏائي کڻي هلي، من کي حقيقي سنسار مان ڪڍي سپنن ۽ آدرشن جي سنسار جا سير ڪرائي، موج وٺائي. دل کي قدرت جي گوناگون، سندر ۽ دلفريب نظارن جو نئين نيتر سان ديدار ڪرائي لطف وٺائي ۽ آتما کي آنند جي ڇولين تي لڏائي.

"ان پرک جي ڪسوٽيءَ تي منهنجي لکندي پار پوندي تنهنجي مون کي ڪا اميد ڪانهي. پر هڪڙو ويچار دل ۾ آيو اٿم. جي شعر جو اديش محض من کي فرحت ڏيڻ آهي، صرف دنيا جي دک ڀريل حقيقت جو احساس ڀلارائي دل کي خيالي دنيا ۾ چڪر ڏيارڻ آهي، ته پوءِ ڪولا به هڪ قسم جو نشو چڙهيو، جو شراب جي چڪيءَ وانگيان انسان جي دماغي احساس کي ڪجهه وقت لاءِ لولي ڏيئي سمهاري ڇڏي. پا جي سخت ڪلامي

حقيقت نگاريءَ ۽ سماجي ارتقا جي ڪسوٽيءَ تي به پرکيو وڃي ها ته اهو مضمون اڃا به وڌيڪ سٺو ٺهي پوي ها.

هيءَ مجموعو اديبن، ادب جي ابياسين ۽ پارکن لاءِ قيمتي تحفو آهي ۽ ساهت پريمين، اسڪولي - ڪاليجي وديارٿين لاءِ ڄاڻ، اوک ٻوک، حوالن ۽ دليلن جو ڀنڊار پڻ آهي. هيءُ مجموعو بلديو لاءِ سنڌيءَ جي معياري مضمون نگارن جي صف ۾ جوڳي جاءِ به جوڙي ٿو.

الڳ الڳ مضمونن ۾ ساڳين حوالن، دليلن ۽ ڪن حالتن ۾ ته ساڳين جملن جو دهراءُ کٽڪي ٿو. مان سمجهان ٿو ته اهو ان ڪري ٿيو آهي جو بلديو هرهڪ مضمون کي الڳ الڳ وقت تي لکيو ۽ پنهنجي پر ۾ سمپورڻ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بهتر ٿئي ها جو هرهڪ مضمون جي پهرين شايع ٿيڻ جو سمو به هرهڪ مضمون جي آخر ۾ ڏنو وڃي. ۽ بس.

۽ ٻه انهن چوندو ته اي آسمان جا ستارا ٻڌايو ته اسانجي فرياد فلڪ تائين پهچي ٿي يا نه ۽ جي پهچي ٿي ته ان جو داد ڇو ڪين ٿو ٿئي؟

”مان ڪين ٿو چوان ته اهي شيون ڪو هروڀرو حقيقتن جي ورق آهن. مگر مان اهو ضرور پڇڻ ٿو گهران، ته ڇا اڄ اسان سنڌين لاءِ نااميدي ۽ نراشا، اوندهه ۽ انڌڪار، بي ڪسي ۽ بي وسيءَ کانسواءِ ٻيو ڪي ڪين رهيو آهي؟ ڇا تصوير کي ٻيو طرف آهي ئي ڪونه؟ ڇا اسين يا اسان جا اڳوان، اهو ٻيو روشن طرف ٻڌهه ڏسڻ ئي ڪونه ٿا چاهين؟ ڇا اهڙا مثال ڪونه آهن، جتي سنڌين ڪجهه به نه هوندي، صرف همت تي، همت ڀير هڻي وڃي روزگار هٿ ڪيو آهي؟ ۽ ڪي ته سنڌ کان وڌيڪ سکي آهن. مثال ليندا، ليندا ڇا؟ مثال آهن ۽ گهڻيئي ڏئي سگهجن ٿا.

”پر هڪ منٽ لاءِ ڪڻي سمجهو ته تصوير ئي اونداهي آهي، جهڙي ڇئي وڃي ٿي، ته پوءِ ڇا اهڙي نراسائيءَ ۽ نااميديءَ جي تصوير سنڌين اڳيان رکي اسين سنڌن خدمت ڪري رهيا آهيون؟ ٻڏندڙ ماڻهن کي بچائڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؛ انهن چوڻ ته اُبا تنهنجو بچڻ مشڪل آهي، پاڻي اَجهاڳ آهي، تون تري ڪونه ڄاڻين، ترهو ٽٽي ويو آهي ۽ ڪنڌي ڪوهين ڏور، يا اهو ته همت ڪر، حوصلو ڌار، پاڻي گهڻو ڪينهي، ڪنارو ويجهو آهي، ڄڻ پهتين، هي منهنجو هٿ وٺ ۽ ٻاهر نڪري آءُ. بيمار ماڻهوءَ کي ڇتائڻ جو علاج اهو آهي ڇا، ته ڪيس چئجي ته تنهنجو مرض لا علاج آهي، ڊاڪٽر جواب ڏئي ويو، برهمڻ اَرڙهون اَڏيائي پڙهڻ لاءِ ٻراجيو آهي، يا اهو ڪيس چئجي ته فڪر نه ڪر، ڄاڻ ڇڙهئين، ڊاڪٽر وڏو آسرو ڏئي ويو

کان گھٽ ڪم ونجي ته ڪٽي ڇڏجي ته سرجڻ جي سٽيءَ مثل آهي، جا ٿوري وقت لاءِ انسان جي احساس شڪتي کي ننڊ ۾ سمهاري ڇڏي، نشو ٽٽو ته ساڳيو سور واپس ايندو شايد وڌيڪ تيزيءَ سان.

”انگريزي شاعر ڪيٽس جنهن کي ان وچار ڌارا جو هڪ مکيه عيوضي ڪري سمجهيو ويندو آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ خاص اها ڳالهه ڏٺي، ڏسي ته سوندرتا ئي ستيه آهي ۽ ستيه سوندرتا، تنهن به هڪ لڱان ڇٽي ڏنو ته ڪوتا جو اُديش آهي دک جو بوجهه گهٽائڻ ۽ انسان جي وچارن کي مٿي آڻڻ. مصيبتن ۽ مشڪلاتن جو حل اهو نه آهي ته انهن کي وسارڻ لاءِ بيهوشي يا ننڊ جي گوري ونجي. مگر اهو ته انهن مشڪلاتن جي تهه ۾ وڃي انهن جي دور ڪرڻ لاءِ همت ۽ بهادريءَ سان اُدم ڪجي.

”پر ڪم نصيبان سنڌين کي سندن مصيبت ۾ ان بيهوشيءَ جي لوڙ ڏيڻ جي به ڪنهن اهڙي ذريعي ڳولهڻ جي بدران اسانجي نيتائن ۽ ليکڪن الاجي سياو وس ٿي يا غرض وس ٿي جيڪو سو ورور ڪري ڪين سندن دک جي ياد ڏياري، سندن زخم تازا پئي رکيا آهن جيئن فقير پيڪ مڱڻ لاءِ پنهنجا ڦٽ پاليندا آهن.

”ڪو اڳوان ليکڪ ڏيندو ته اوس ائين چوندو ته اسين برباد ٿي وياسون، ناس ٿي وياسون، غريبي ۽ مفلسي، بيروزگاري ۽ بيڪاريءَ اسانکي ختم ڪري ڇڏيو آهي؛ سلهه جو مرض اسان جي جاتيءَ کي وڪوڙي ويو آهي، ڇو ته سنڌو نگر ۾ سلهه جي مريضن پيدا ڪرڻ جو ڪارخانو کليو آهي وغيره. اسان جي رنگين زماني جون آڪاٽيون، اوس غمگين ٿي ٿينديون. ۽ اسان جو شاعر شعر ۾ چوندو

ٿي پيو ۽ ڏک جي دريا ۾ غوطا کائڻ لڳاسين. مان ننڍو ڀانيان ته اهڙو سک ۽ اُتي ٿي هيڏو ڏک ڪنهن به ملڪ انهيءَ درجي جو هيٺري ۾ پهچيو هوندو.

”مهاڀارت جي لڙائي اسان لاءِ هڪ نهايت اعليٰ درجي جي وارتا آهي جا امر آهي. اها پراچين لڙائي شايد ٻنهي ننڍي پيماني هندستان جي ڪن قومن وچ ۾ هئي. لڙائيءَ ۾ ڪيئن جذبا، راڪسي يا ديوي پيدا ٿين ٿا. وياس مني انهن جذبن کي ڊرامڪ رنگ ڏنو، پر وياس ڪويءَ سائين جذبن کي ڪلا جو امر روپ ڏنو.

”دنيا جي اتهاس ۾ مهاڀارت هڪ نه پر ڪيئن ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا جن ۾ انسان ذات جي هڪ اٿل پٿل ۾ اچي وڃي ٿي. مهاڀارت ڪيترا، پر جڏهن ڪو وياس ڪوي پيدا ٿئي! يونان جي هڪ ننڍڙي مهاڀارت، هڪ مهاڪوي هومر پيدا ڪيو جنهن يونان امر ڪري ڇڏيو.

”ورهاڱي جي مهاڀارت، ڪي وير ۽ ڪيئن راڪاس پيدا ڪيا. مهاتما گانڌيءَ جي بهار ۽ بنگال ۾ پيرين پنڌ ياترا هڪ امر ڪهاڻي آهي جا ويندي ديهانت تائين اسانجي دلين تي اڪرئل آهي ۽ عالم آشڪار آهي. هن وانگر ٻين ڪيترن نه انهيءَ مهاڀارت ۾ پاڻ ملهايو جن کي ڪن ڏٺو يا جن جو ڪن ٻڌو. پر انهيءَ مهاڀارت جو ڪوي ڪٿي، چترڪار ڪٿي، ڪلاڪار ڪٿي؟ ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن ۽ ڪٿان پيدا ٿيندو؟ لڙائيءَ جا گهاو اڃان تازا آهن، گهرا آهن اڃا ڪريون مس ٻڌيون آهن. ممڪن آهي ته وقت ٺيرندي ڏک ميٽبو ۽ ڪويءَ جي درشٽيءَ سان انهيءَ ڏک جي وارتا هڪ امر ڪٿا بڻبي.

”جيئن هند، تيئن سنڌ ۾ انهيءَ ڏک درد جي لهرن ۾

آهي ٽوڪي ڪي ڪينهي، هيءَ دوا اڪثير آهي وغيره.

”مان اهو به همٿ ڪونه ڪندس ته هرڪو ٻڌڻ ائين همٿ ڏيارڻ سان ٻچي پوندو يا هرڪو بيمار دلاسي ڏيڻ سان چڙهي پوندو. مگر سوال آهي ته اسانجي ڪوشش ڪهڙي ٿيڻ گهرجي. ساڄي پاسي ڇڪڻ جي يا ڏائي ڌڪڻ جي. آدم ڏانهن يا اداسائيءَ ڏانهن، آشا ۽ آتم وشواس ڏانهن يا نراشا ۽ نااميدي ڏانهن. ان سوال جو جواب هڪڙوئي ٿي ٿو سگهي، ڪاميابي ملندي يا نه، اهو سوال الڳ آهي مگر ڪاميابيءَ جي ڪنجي اهائي آهي. هڪ انگريزي دان چيو آهي ته زندگيءَ ۾ سوڀ يا هار ملي، تنهن ڳالهه جو فڪر نه آهي. سوال آهي ته اسان جيون جي سنگرام ۾ ڪيتري همٿ ٿا آڻي سگهون. همٿ ۽ آدم خود ئي ڪاميابي) جا جزا آهن.

”مون جيڪي هفتي به هفتي ”پارٽواسي“ ۾ لکيو پئي اٿم سو ان مراد سان ان ڀاو ۾ ان کي شعر چئو، نظم چئو، لکندي چئو تنهن سان منهنجو پرلوڀن ڪونهي. جيڪڏهن اهي منهنجون ٽٽل ڦٽل لکڻيون، سنڌي جنتا مان نراشا ۽ نااميديءَ جي ڌڪائيندڙ ڏائڻ کي هڪالي آشا ۽ آتم وشواس جي سگدائي ديويءَ کي پراڻڻ جي يتن ۾ ذرو به ڪجهه ڪري ته مان پاڻکي مبارڪ سمجهندس.“

پروفيسر ايم. آر. ملڪاڻي سنڌ جي پراڻي ڪانگريسي نيتا، مهاتما گانڌيءَ جي ويجهي ساٿيءَ هن ڪتاب ۾ ”ٻه لفظ“ همٿ افزائيءَ جا لکيا، جي هن ريت آهن: ”ٻن سؤ سالن جي غلاميءَ ڪانپوءِ انگريزي راڄ ختم ٿيو ۽ هندستان آزاد ٿيو. ساري ملڪ ۾ خوشيءَ جي لهر پکڙجي وئي. اڃان اها موج ماڻڻ ۾ هئاسين ته هندستان ڦٽي ٻه ٽڪر

”هيءَ ڀارت ماتا اسان سڀني جي، ڏکين سکين جي، اَمير فقيرن جي جنني آهي. اها آزاد آهي. اسان جي آرزو اها ته شال آباد رهي. انهيءَ آباد هند ۾ اسين اڄ نه ته سڀان ضرور شاد ٿينداسين.

مون کي خوشي آهي ته شعرن جو هي ننڍڙو گلدستو، پڙهندڙن اڳيان آزاديءَ ڏينهن رکيو وڃي ٿو. آزادي حاصل ڪرڻ قرباني گهري ٿي؛ ۽ آزادي قائم رکڻ، محنت ۽ سچائي گهري ٿي. هي شعر اسان کي اهو سنئون ۽ سهانيندڙ پيچرو ڏسين ٿا.“

ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر لالسنگهه اڄواڻي لکيو آهي. پروفيسر صاحب سنڌي ساهتيه جي کيتر ۾ تسليم ڪيل تنقيد جو ماهر آهي جو ڪتاب پروفيسر اڄواڻيءَ تسليم نه ڪيو هو يا ته ڇپائڻ جي لائق ڪونهي يا اُنجو ساهتيه سان سنٻنڌ ڪونه هوندو.

پروفيسر اڄواڻي صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

”هن سمي جڏهن اسين سنڌي وطن کان سڪايل آهيون، نراسي ۽ دردي آهيون، اسانجي آئينده ۾ شڪ آهي ۽ اسانجي حالت افسوسناڪ آهي، تنهن سمي اسان کي ”پريم جي پڪار“ کان وڌيڪ اُمنگ ۽ للڪار جي ضرورت آهي. اسان کي چست ۽ بلند صدائون کپن. اسانجي اندر ۾ يقينيءَ جو وڪاس ٿيڻ کپي. اسان کي آٿت کپي:

ڪنهن ڏينهن وري اسان لئه موٽي بهار ايندو!
دور خزان جو پورو قهري قهار ٿيندو!

”سنڌي ساهتيڪارن کي کپي ته ڪجهه وقت پنهنجي ڪلپنا ۽ پنهنجي ڪلا کي اهڙيءَ رخ ڪم آڻين جو:

هيترا سال غوطا ماريا آهن. اڃان اسين پنهنجا پير پٽ تي مس کوڙي سگهيا آهيون، پر آس آهي تہ کوڙي وينداسون. آس آهي، ڇو جو سنڌ پنهنجي جند ديش مٿان گهوري ۽ ديش کاڻ قرباني ڪئي. جي هند کي آس آهي تہ سنڌواسين کي بہ آس آهي. هند جو آئينده سٺو ۽ سهڻو نظر اچي ٿو. پوءِ اسان کي بہ ڇو ڪين سٺو ۽ سهڻو ٿيڻ گهرجي؟

"شعرن جو هي ننڍڙو پستڪ گمنام جي تخلص هيٺ شري بلديو گاجرا جو رچيل اسان جي دکن دردن جو پڙاڏو آهي جو اسان جي دلين ۾ وهي چڪو آهي سو ڪجهہ شاعر جي قلم ۾ اچي سگهيو آهي.

طوفان رات ڪاري ۽ ساگر آ زور ۾،
آڪاش ٿرٿلي ۾، ۽ بادل آ شور ۾،
ڪنڌڙ ڪنوي ٿي خوف مان وچڙ وڳوڙ ۾،
ڪشتي آ تنهنجي ڦاٿي ڪنن جي وڪوڙ ۾،

پر هن زماني جي گردش ۾ اونچو ڳاٽ رکيو آهي:

ڦٽي تقدير جي منهنجي تہ دنيا سان ڦٽايان ڇو؟
ٻڏو جي ياچڪ جو تارو تہ دل پنهنجي ٻڏايان ڇو؟
جي سورج اُست ٿيو اولهہ تہ گهر ديپڪ ٻجهايان ڇو؟
جي قدرت ڪوپ ڪيو موتي تہ مان روڄن مچايان ڇو؟

سکن پٺيان دک، دک سکن جي سونهن، سو تڏهن،
جڏهن تون مان جو رولو لهي ۽ مون ۾ تون وسين:

تنهنجي ۽ منهنجي وٿو رولو وڏو سنسار ۾،
تون ٻڌين ۽ مان لهان اهڙي نہ ڦاسي جار ۾،
آهہ هيءَ دنيا وسيع ليڪن رهون جي پيار ۾،
پر الاجي ڇو گذاريون ٿا سدائين خار ۾.

ليڊر مڃيا ۽ موقعا گذريا تان هنن ٻيتن جي نوڪ ۾ شايد مڏي ٿي وڃي ۽ گمنام جي صدا گهگهي لڳي. علم عروض جي قاعدن جا ۽ هجي ۽ اُچارن جي نفيسائيءَ جا، جي ته شخص سخت پابند آهن تن کي انيڪ ٻيڪڙ چوڪون به نظر اچن. ڪن کي ائين به لڳي ته "گمنام صدا" جي رواني، هڪ زوردار ليڪچرار جي جوش جي وهڪ سمان آهي، نه ڪويءَ جي الهام جي آب سمان. ته به ڪوئي انڪار نه ڪري سگهندو ته گمنام جا سنڌين لاءِ گيت بلڪل سمي انوسار آهن ۽ هڪ مُريض جاتيءَ لاءِ عمدو نسخو يا انجيڪشن مثل آهي.

ٻلديو ڳاجرا کي مان ڪاليج جي ڏينهن کان سڃاڻان. هنجي ذهني قوت، حوصلو ۽ همت، ديش لاءِ محبت ۽ ٻزرگن لاءِ عزت بابت گهڻي وقت کان سڌ هيم. پر مونکي خبر نه هئي ته هن ۾ شاعرانو جذبو ۽ ڪوتا جي رچنا جي سمرٿي به آهي. ٻلديو ڳاجرا لاشڪ ڪيرون لهڻيون جو عشق ۽ فسق، آهن ۽ آنسن، باغ ۽ چراغ .... جي دل لڀائيندڙ، آرام ڏيندڙ، يڪدم ڪيچيندڙ وشين کي ترڪ ڪري، هن اهڙو وشيه ڪنيو آهي جنهن ۾ آرام حرام آهي، ڪاهلي ڪفر آهي ۽ نرآشا نامردي آهي. ٻلديو ڳاجرا جي گمنام صدا ۾ سنڌين لاءِ گيت، سنڌي ساهتيه ۾ هڪ للڪار آهي جا اميد ته سنڌين جي دلن ۾ گونجي اُٿندي."

شري امرلال هنگوراڻي قلم ڪڍي "گمنام صدا" جي ٻيتن "هٽندڙ سندا هٿڙا" سري سان هن ريت پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن: "ڇا ڪريون ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سڀ ڪنهن سنڌيءَ جي وات ۾ اهائي وائي آهي. چوڌاري 'ڪرڳل ڪوچ ڪن گهڻا، جت ڏڪو منجهه دريا'؛

شڪ وجي وسواس جو ٽٽي تنهنجي مندر ۾ پرويش
بيڪسيءَ مان تون بدلجي مرد ٿئين مانجهي نريش.
سنڌين ۾ حوصلو ڦوڪڻ کپي:
مصيبت ۾ بہ جو قائم رکي ٿو حوصلو پنهنجو!
رسائي منزل، مقصود تي سو قافلو پنهنجو!

"انهيءَ ڪري سرهائيءَ جي ڳالهہ آهي جو هڪ سنڌي نوجوان گمنام رهي هڪ هفتيوار اخبار ذريعي پنهنجي للڪار ۽ اُمنگ سان سنڌين جي سست دلين کي ڀي ڪڙو ڪيو آهي ۽ شردا جا قول چاڙهي ۽ پنهنجي اندر ۽ جاتيءَ جي اندر ۾ جهاتي پائي انهن کي آٿت پي ڏنو آهي تہ جي روح راڙو نراشا ڇڏي مڙس ٿي بيهندا تہ اونداهيءَ مان روشنائي ٿيندي:

همت سان حوصلي سان تقدير کي مٽايون،
بگڙي جا بات هيڪڙ تنهنکي وري بڻايون،
پنهنجي هٿن سان پنهنجي قسمت نئين ٺاهيون،
بيڪس بڻياسون جيڪس، بيوس مگر نہ آهيون.

هندستان ئي اسانجو وطن آهي. انهيءَ جي اَڏڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿينداسين:

تون هندي آن هندستاني وطن آ هندستان پنهنجو!
ڇڏي ڏي تنگ خيالن کي وسيع ڪر آستان پنهنجو!

* * *

ديش جي آسودگيءَ ۾ تون بہ بيشڪ ٿيءُ شريڪ،
تنهنجو حق آ هند تي ۽ هند جو تون ئي رفيق.

"گمنام جي بيتن کي شعر نہ بہ سڏي سگهجي جو هو گهڙيءَ جا گهڙيال آهن موقعن جا محتاج آهن ۽ چلتو حالتن ۽ ڦرندڙ صورتن جا عڪس آهن. جان هي حالتون ڦريون،

ڪر. سچ پچ اهڙن روحن ۽ روليندڙ اڳوانن جي پيروي
ڪرڻ آهي ”پوڙهي مند اجاڙڻ، ڪڻ ڇڏي ٿڪ ميڙيئن.“

”سچي رهبر، سچي هاديءَ جي پوئواري ڪري همت
جو سندرو ٻڌي گڏرئي جا گوندر وساري دل پڪي ۽ اٽل
ارادو ڪري مردانگيءَ ڪان ڪم وٺ.

دل جو اٽـــل ارادو ٽاڪي سگهي ٽڪر کي
مشڪل سگهي نـه لوڏي فولاد جي جگر کي.

اي موڙهيل، دل ماندي نـه ٿيءُ، ڇو ته :

ڪنهن ڏينهن وري اسان لئه موٽي بهار ايندو،
دور خـزان جـو پـورو قهري قهـار ٿيندو.

ساڳيو شيليءَ جي شعر جو پڙاڏو:

If winter comes,
Can spring be for behind?

جي سياري سيءُ مرڻ ٿـو، ته جلدئي بهار جي بهاري
ٿيندي. گمنام ته قدم اڳتي کڻي چوي ٿو. تـه خزان يـا
سرءُ ۾ به بهاري پس:

خزان ۾ ٻـي بهاري آ اِهو دل جـو لگن منهنجو،
جي سورج ناهي ته گهر جـو ڏيئو نـــه وسائيو.

”حال جي اونده اندڪار جي پرپان، گمنام کي عاليشان
آئيندو نظر ٿو اچي:

سورج وري سونهارو اڀري اوس اسان لئي
چانڊاڻ چنڊ جي پڻ ڪڙندي وري اسان لئي.

پر اهو آئيندو ڪيئن اڏجي، جـــو چوڌاري چـوڏس
ڇناٽو ٿئي؟

جي اَڏڻ چاهين سپاٽو، ڳالهه ڪالهوٽي وسار
جيئن لعل لطيف چيو آهي:

وڇارو نرواسي نماڻا نيڻ کڻي چوي ٿو: ورون وات نـه ٿيون ڏين، نه پوءِ نـنڍ نماڻيءَ جـي نـاو ڪهڙي گهاٽ لڳندي؟ انهيءَ ساڳـيءَ من جـي ماندائڻ جـو چٽ گمنام چوي ٿو:

طوفـان رات ڪاري سـاگر آ زور ۾،
آڪاش ٿرٿلي ۾ ۽ بـادل آ شـور ۾،
ڪنوڻ ڪنوي ٿي خوف مان وڻٽر وڳوڙ ۾،
ڪشتي آ تنهنجي ڦاٿي ڪنن جي وڪوڙ ۾.

پاڻ به اِها تند تنواري، آلاپ ڪري ٿو:

”گم شده گمراه آهيان، رهنما ڪنهن کي ڪريان؟“

”جيڪي سنڌ ۾ سرگردا هـئا ـ“ جنهنجو هـو آڌار مونکي تنهن ڇڏي منهنجي مهاڙ ـ اهڙيءَ اؤکي ويل اسان جا اهي اڳوان جي اسانجي جذباتن ۽ اُمنگن جـي رانـد ڪيلي، دردن جو داستان ٻڌائي اسانکي بي همت ۽ بـزدل ڪري ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ ڇڏ وڃهن ٿـا ـ پـا جيئن گمنام ٿـو چوي: ”ناو ٿي اونڌي ڪنن ۾ نا خدا ٿيو بي صبر.“ پوءِ نه ڏبو ٿي گل.

”اِن ڪري گمنام صلاح ٿو ڏئي نه اهڙو آر آسانيءَ سان پار لنگهڻ لاءِ جيڪڏهن ”پر همت، پختي قدم“ ”راهه ساٿي“ وٺي هلبو ته پوءِ ڪو به خوف خطرو ناهي ۽ ضرور ڪامل ڪشتيبان وچ ۾ گڏبن واهرو.“ اهو ڪامل ڪشتيبان ۽ واهرو آهي جواهرلال نهرو جنهن جي رهنمائيءَ هيٺ هيءُ لهرن ۾ لهرو ناو ”ڏهري، ڏهري، ڏهي، لـهر اوڏن ڪٿي“ پهچندي پنهنجي منزل مقصود کي.

”گمنام جو پيغام آهي ڪوڙڪاهو ڪيچ ڇـڏي گمراهه اڳوانن جي اوٽ وساري ٿون سچي جواهرـ لال کي رهنماءَ

۽ پوءِ وري چمڪندڙ چهرو ڪري ٿو چوي:

سنڌ جي ٻارن ٻڌايو آهه جاڳيءَ ڪي اوجل
جي پنڌ ٻڌران آ ڀاريو پنهنجي ڏيج ٻانهن جي ٻل

مطلب ته سنڌس اميد ۽ همت جو سنڌيش ڏنل، قتيل دلين لاءِ مرهم آهي:

ائين به نه آهي ته ڳجهو عقاب وانگر آڪاش ۾ ٿو اڏامي، پر جيئن انگريزي شاعر ورڊسورٿ چيو آهي:

True to the kindred points of heaven and home

پر عرش ۾، پير فرش تي

ليڪن گمنام به چوي ٿو:

اڏين پل عرش ته ليڪن نه پل نيچو مڪان پنهنجو.

شايد ڪي مڪڻ مان وار ڪڍي چون ته قافيو ۽ رديف ۽ وزن ٺيڪ نه آهن. ڀاڻ ڪي ته اها ڄاڻ آهي ٿي ڪانه. جيئن روميءَ چيو آهي:

عشق گردم رهبر راهه حيات
من نه دانم فاعلاتن فاعلات

ليڪن گمنام به چوي ٿو:

نه قافيئي ۽ رديفن جو ڪو ماپو ماڻ هي آهي

پر

اُن جذبات جي دل ۾ ڪرهان سي دم بدم ظاهر
دکي جا آڳ سيني ۾ چلي ٿي هر قدم ٻاهر

ساڳي روميءَ واري رهاڻ!

شايد، اهو به اعتراض اٿاريو وڃي ته هي شعر اهڙ ۽ اٿل نه رهندو. چالو ڳالهيون، چالو معاملا، وهڪري ۾ وهي ويندا، آهن پاڻيءَ تي ليڪا، جي لهر لڳندي ٻدٻدن وانگر اڏ ٿيندا؛ پر جيڪي پسيو اٿس، سو پسائي ٿو؛ جنهن

ڪنهين ماضي من ۾ ڪنهين مستقبل
حيف تنهين جي حال جن وساريو حال کي

"گمنام شاهه وانگر ماضيءَ کي رد ڪري ٿو. گذري سان گذري، وت وهندڙ کي. پر هو مستقبل کي منسوخ ٿو ڪري. مستقبل هن لاءِ هڪ چمڪندڙ منارو آهي جو مردانگي وارن مردن کي سڏي رهيو آهي. جي همت ڪري سٽ ڏيئي، سر ڏيڻو پوي ته به سودو سڦرو آهي ڇو ته هو چوي ٿو.

موت ۾ آ زندگي آهي فنا ۾ جو قرار،
تنهن سندو گمنام ٿو، آنند ملندو بيمعيار.
يعني جي نابوديءَ ۾ ناس ٿيا، سو رسندا بود کي.

شعر ۾ رواني آهي، مشاهدي جي قوت سگهاري آهي. گمنام نه فقط اڳوان ڏانهن اشارو ٿو ڪري، پر نديڙا نينگر جي ريل گاڏين ۾ ڪٽمنڙا ۽ ڪيلا وڪڻن ٿا تن ڏانهن به دوربيني ڦيري ٿو:

ڪٽمنا ڪن جي دڳن ۾ ڪن کي سر تي نارنگيون
ڪن وڪيا ڪيلا ٿي ساوا ڪن وڪروائي ولگيون
ڪن کي ها ڪپڙا پورا ڪن جون هيون ٻانهون ننگيون
ڪي نهيل ها پاڻ ۾ ڪن جون هيون جاري جنگيون

اها حالت ڏسي ڪجهه غمگين ٿئي ٿو:

ڇا خبر ڪنهن زهر سيڻهونءَ جي اڪل روشن دماغ
ڪير ٿو ڄاڻي ته ڪنهنجي دل اندر جلوه چراغ

۽ انهن پڇي ٿو:

آهه قدرت جو ڪرشمو يا ڇوان ڪرمن جي ڪاڻ

پر يڪدم پاڻ سنڀالي ٿو وٺي:

تون ٿئين گمنام ڪيئن اڄ اوچتو موڳو منجهيل

آهي نـ. انسان جا بهترين گيت اهي آهن جي غـم جي
وارتا ٿا ٻڌائين.

"سهراب موديءَ جي "شيشمحل" فلم ۾ هيٺيون پرسنگ اچي ٿو. نـائڪا جي هـڪ ساهيڙي ڪـانئس پڇي ٿي:

"توکي پريم جي درد جو ڪڏهن احساس ٿيو آهي؟"

"نـ." نائڪا ٿي چوي.

"تڏهن تو پيار ڪيو ئي ڪونهي."

"شاعر، جنهن درد جا گيت نہ ڳايا آهن، اهو درد پريم جو درد هجي يا ڪنهن ٻئي ويدنا جو، اهو سچي معنيٰ ۾ شاعر ڪري شمار ڪيو ويندو آهي. پر اهو درد جو اظهار تحقيق من جي ويدنا جو هجي ۽ نہ ذهني عشق جو. اصل ۽ نقل جو ڀيد ڳجهو نٿو رهي.

"آءٌ شاعر هئڻ جي دعويٰ نٿو ڪريان، پر آءٌ اها دعويٰ ضرور ڪرڻ ٿو چاهيان تہ هنن صفحن ۾ جي دردي گيت درج ٿيا آهـن سي تحقيق مانسڪ پيڙا جـو اظهار آهن. مانسڪ پيڙا جا ڪجهہ عرصي کان مون محسوس پئي ڪئي آهي ۽ جنهن مان نجات پائڻ لاءِ جدوجهد ۾ لڳل آهيان.

"پر مهنجو هڪ اٽل وشواس آهي. غم ۽ خـوشي من جي پيدائش آهن، آتما ان کان مٿي چڙهي سگهي ٿي ۽ ان استٿيءَ تي پهچي سگهي ٿي جنهن ۾ نہ سک انسان کي بي سڌ بڻائي ۽ نـہ غم جي همت. استٿي جنهن کـي رشين منين مڪتيءَ جو نـالـو ڏنـو آهي. ان ڪـري ئي منجهن دردي گيتن ۾، آخر ۾ آشا ۽ وشواس جـو ڪو نہ ڪو ترورو اوس نظر ايندو.

شري ڪيدارداس ڀيگواڻي "فـاني" پنهنجي مهاڳـہ ۾ لکيو آهي :

ڳالهه دل کي ڏکي ڪيو اٿس سو درد جو داستان بيان ڪري ٿو.

سندس حقيقت نگاري نه فقط سچي آهي، پر "نڳي ڪوڪ قلوب مان" آهي. اهي امنگ ۽ ادما اٿيا اٿس ۽ اسانجي رڳن تي رباب پيو وڄائي، جڏهن نه "نرگي ٿند نياز سان پرائي پيچل." اهي همت وارن ڳالهين ۽ آئينده اوچو اجالو ٿئي، سي وشيه سدائين اٽل آهن ۽ ڪڏهن اهڙو وقت نه ايندو، جو همت جي گهرج نه ٿيندي ۽ دل کي اها تسلي نه ڏبي ته آئينده اجل آهي.

پاڻ اهڙي بي بقا وشيه وٽي پوري شاعراڻي فن ۾، اوچا ۽ اٽل خيال قلمبند ڪيا اٿس جو دل چوڻ کان نه ٿي رهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ نئون شاعر پيدا ٿيو آهي ۽ جيڪو مشاهدو ماڻيو اٿس، سو نئي روپ ۽ رنگ ۾ چٽيو اٿس. شعر وشيه تي نه، پر اندر جي اڌمن ۽ امنگن تي آهي ۽ جي شاعر اها ساڳي ٽان هڻي جوت جاڳائي ته ڪمال ڪاريگر ٿيو. "ساڳي ٽان ٽند ۾، جيڪا چارڻ چت" ۽ گمنام به جيڪا ٽن ۾ لوس اٿس، "اها هٽندڙ سندن هيئن" اڳيان رکي اٿس، جئين شاهه چوي ٿو:

ٽان نه آهي ٽند ۾، روُن روُن ڪري راز
هٽندڙ سندا هٿڙا، سڀڪو چوي ساز

دردي گيت

"دردي گيت" شري ٻلديو گاجرا "گمنام" شعرن جو سنگرهه ١٩٨٣ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. هن سنگرهه ۾ "گمنام" جا ٤١ دردي گيت ڏنل آهن. ڪتاب ۾ پنهنجي "ٻه اکر" ۾ شري گاجرا لکي ٿو: "پرسٽ انگريزي ڪوي شيليءَ چيو

پتنگ چاڻين ته، اچي آڳ اُجهاءِ
پچڻ گهڻا پچايا، تون پچڻ کي پچاءِ

پر "گمنام" ھن زهر-غم جو ترياق پاڻھي ڳولي لڌو آھي. لکيو اٿس:

ڏکن کان ڪين ڏر "گمنام"؛ دکه هردي کي ٿو شوڌي
غمن جي غلبي ڌاران پڻ جڙڻ ڪوڙا ٻٽيو مشڪل
(اُلجهن)

۽ وري چوي ٿو:

پريتم تنهنجي پيڙ کـــي رحمت ٿو سمجهان
(ورلاپ)

آخر محسوس ڪيو اٿس ته "درد ئي درد جي دوا" آھي.

درحقيقت "دردي گيتن" ۾ اهو ذڪر ئي ڪيل ڪين آھي جنهن ۾ ڪيس محبوب چشمن سان چٽيو يا گهورن سان گهايل ڪيو هجي، يا سندس جگر

پاش پاش بود، ڪجا ڪجا مرهم فهم

وارپون ديوانگيءَ جون دانهون ڪيل هجن. "گمنام" کي فقط دنيا جي بي وفائيءَ ئي لڙڪ لڙيا آيا آهن، پوءِ اها بي وفائي پريميءَ سان، ديس سان يا فرض ادائيءَ سان ڪئي وئي هجي. يعني اهڙي بي‌وفائيءَ ئي سرندي جون تارون ڇاڙي ٽيون وڃن. بس انهيءَ هڪ ئي اُمنگ کي رنگ ڏئي رونق افروز ڪيو اٿس؛ انهيءَ هڪ ئي آئيني ۾ پنهنجي شاعراڻي جهلڪ پسائي اٿس.

مثال طور

محبت پيار ٽيو دوکو، وفائي بي وفا ٿي وئي
ٽٽيو اچ چور آ راکو، ٽيو لوٽو پاسبان آھي
(دکن جو داستان)

”مٽر ٻلديو گاجرا، عالم ۽ اديب، سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ هڪ قابل نقاد ۽ نثر نگار جي حيثيت ۾ جو ناماچار ڪمايو آهي سو عوام ۽ ادب جي پارکن کان پوشيده ڪونهي. پر هرهڪ شاعر جيان، سندس دل ۾ انيڪ اُڌيو ۽ اُڌما، سور ۽ پور، اُمنگ ۽ ترنگ درياءَ جيان ڇوليون ماريندا رهيا آهن جن کي هن ڪوتا جي روپ ۾ ”گمنام“ تخلص سان پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو آهي. هن کان اڳ، ”گمنام صدا“ ”قول ۽ ترانا“، ”شعر و شاعري“ ۽ هن پيري ”دردي گيت“ سندس دل جي نفيس ڏهن مان نڪري نروار ٿيا آهن جن کي هن شيلي شاعر جيان سوز ۽ گداز سان گڏ مٺو ۽ موثر بڻائڻ جو ڪشالو ڪيو آهي.

درد، نه انسان سان گڏ، ڪڙي کان وٺي ڪفن تائين دوستيءَ جو دم ڀرهيندو آيو آهي؛ جنهن سان نئي رنڻ ساٿي بڻيو انسان جو؛ للشڪ مرڻ کان اڳ اهو ياري ڇڏي ڪيئن بي وفا ٿيندو. گمنام خود لکي ٿو:

درد ۽ دل جو آ ڪهنو ناطو ۾ سمجهڻ ڪو
(درد غم)

يا

دکن ۾ پيڙجي دل چوندي ٿي ڀڃي وڃي منهنجي
گداز غم ۾ تنهن کان ٿئي ختم شل زندگي منهنجي
(زندگي منهنجي)

۽ وري ”اُلجهن“ واري ڪوتا ۾ لکي ٿو:

ڪريان اختيار خاموشي نه دل ٿي درد مان ڦاٽي،

شايد پارسي شاعر جو پيروڪار ٿي چوي ٿو:

مرا درد آست اندر اگر تا لم زبان سوزد

نه ڪي وري شاه جو شعر ٿي ڪيس ڏي ڏيندي سي الساهت ڪري ٿو:

آهي، انوٽ، اڻ ٽٽندڙ."

گمنام هن مجموعي کان اڳ "گمنام صدا"، "قول ۽ ترانا"، ۽ "شعر و شاعري" شايع ڪيا آهن. هن سنگره ۾ خاص عبارت ذريعي جا اکرن جي عمارت اڏي اتس ان ۾ ڪن هنڌن تي ڪي ڪچايون، ڪوتاهيون يا فني سقم نظر ايندا، پر اچو ته هيٺ ڏنل بندن ۾ سندس صنعت ۽ نقش نگاريءَ جي تعريف ڪري ڪيس تحسين ڏيون:

بي شڪر، بي غم آ دنيا، بي غرض ۽ بي لحاظ
آهه هر ڪنهن اٽانگو، پر مصيبت هر محاذ
(تجنيس خطي)

عشق جي غم جي گم نه پئي ڪا، ناحق دل قاسائي
غم جي پيڙا مان گم پئي، ماڻا جو مونجهارو
(ابهام)

نه پياسي پيار جو آهيان، نه تسليميءَ جي لئه تڙپان
مگر ڇو ٻولم - پر ونڊ وئي هيءَ زندگي منهنجي
(نازڪ خيالي)

واپس اچان جي راهه تان، گمراهه ٿي وڃان
اڳتي وڌان ته واٽ نه ڄاڻان ڪٿي ڪٿي
(متضاد)

مٿي ڏنل مثالن هرهڪ مصرع فن جي سلاست ۽ نفاست ۽ ذڪر جي باريڪي ۽ ٻلنديءَ جي موتين سان جڙڪي رهي آهي. لاشڪ ساهت (س+هت) جو سچو اديش گمنام پوريءَ طرح اپنايو آهي. سندس شاعريءَ جو هڪ هڪ اکر هن جي شخصيت سان ڳاڇي پيئي يا جيو ۽ آتما جيان جڙيو ۽ جڪڙيو پيو آهي. هو فن برائي فن جو هرگز حامي نه رهيو آهي: البت هن جدا جدا صنفن تي نه يا صنايع

ٻيا

خون دل کان ٿيو جدا ۽ ماس ٿيو ڇمڙيءَ کان ڌار
هاءِ خود غرضيءَ جي ويڄن کان، ڪا ڳولي شفا
(ٽامر دل)

ٻيا

آهه، من کي مارڻو، آپي جي لئه کيتر ڪجا
ٻيو ڪري ڇا تو نه ڀڄجان، فرض ڪر پنھنجو ٻجا
(جل ڌارا)

هو پريتم جي پيڙ کي رحمت ٻيو سمجهي. اهڙيءَ طرح سندس شعر ۾ عشق جي آزار يا مجازي محبت جي ٻوءِ باس آهي ئي ڪانه. هو حقيقي عشق يا حقيقت جو پلئه پلڪ به هٿ مان نه ٿو ڇڏي.

اچو ته سندس نصيحت آميز نڪتن يا ناصحانه نظمن کي پرکي ڏسون.

ٿون دکي ٿان منھنجو من اڳهر ئي ٻيو سهندو عذاب
تنھنجو غم ميٽڻ لئه دل منھنجي دعا مڱندي رهي
....
صبر، ڌيرج، قناعت ۽ رضا رازق مٿي راضي
جيئڻ جو سو هنر اعلي پائڻ ٿي الائي ڇا؟
(سر چشمو آشا جو)

دنيا ۾ ڪيئن جيئڻ جڳائي تنهن لاءِ چوي ٿو:
دکن کان ڇونڪاري جي آ وهه، گمنام هڪڙيائي
ڪريان جيڪي ڪرم سمجهي، نه ڦل سان دل کي انڪايان
(هڪڙيائي وهه)

منظوم نثر ۾ پڻ عالماڻا ۽ اونچ ويچار ڀريا اٿس:

”هي سنسار هڪ جنم جو نه آهي، جنم جنمن جو ناٽو

لذت سان گڏو گڏ زندگيءَ جي فيلسوفي، جا هرهڪ سٺي شاعر جي خاص خاصيت شمار ڪئي ويندي آهي، سا هن سٽن ۾ سمايل نظر ايندي:

'ڀٽي اُنترمکي گمنام نهارين پيو ڇو
پلڪن ڇو پيد جيون جو ۽ ميزان دل جو ڪارڻ ڇا؟'

'سامي' جي جيان 'ڀاٽيءَ منجهه ڀيو وڃي ڪينهوڙو ڪنب جو'

گمنام ٻه چوي ٿو:

'شل ٻئي گمنام ساگر ۾ هلي هڪڙي ڀيون
دوبت جت ناهي، هوا ادويت جي لڳندي رهي'

دکن ڪان دانهون ڪندي 'سرچشمو آشا جو' سان پارسي شاعر جون ٻه سٽون مان پڻ ملائي ٿو ۽ ڏيان ٿو:

'اي دل صبور باش مخور غم ڪه عاقبت
اين شام صبح گردد اين شب سحر شود.'

جنگي ترانا ۽ متفرقا گيت

ٻلديو گاجرا پنهنجي شعرن ۽ گيتن جو سنگرهه "جنگي ترانا ۽ متفرقا گيت" نالي سان سيپٽمبر ١٩٨٦ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. شري ٻلديو پنهنجي "ٻه اکر" جي شروعات هيئن ڪئي آهي: "شاعرن جي هڪ چوياريءَ ۾ ويٺا هئاسون. هڪ پرسٽ غزل گو شاعر، هڪ ٻئي لکندي ساٿي ڏانهن اشارو ڪري مون کان پڇيو: 'تون هن کي شاعر ڪري تسليم ڪرين ٿو؟'"

"مان ڪڙو آلوچڪ ڪري ته بدنام آهيان ئي. مون جواب ۾ چيئي ڏنو "نه". ان ساٿيءَ غصي ۾ اچي مون ڏانهن نهاري چيو. "مان ٻه توکي شاعر ڪري تسليم ڪونه

بدايع ۽ صنعتن لي نه ته شعر سازي ڪئي هجي نه ته جيڪي ڪجهه لکيو اٿس تنهن ۾ لطف ۽ لذت جي ڪا ڪمي ڪانهي.

لاشڪ هو انگريزي شعر ۽ نقاد مئٿيو آرنولڊ (Mathew Arnold) جيان سنڌي سخن سازيءَ جي ترتيب ۽ تنقيد ٻنهي جي ڄاڻ رکي ٿو. باقي نظر نظر جو فرق نه آهي ئي آهي. ڪنهن جي اک ڪنهن خال تان ترڪي پوي تنهن لاءِ انگريزي دوهو آهي:

Errors like straws on the surface flow

Those who want pearls mnst dive below

آس اٿم ته ايندڙ مايعدار مجموعي ۾ گمنام ريگستاني راهن بجاءِ پارڪن ۽ پارڪن کي گلستان جي تفريح به ڪرائيندو، چاڪاڻ ته جيوت فقط اکين مان اوس ئماڻڻ ۽ لڙڪن لاڙڻ نه، پر مرڪڻ ۽ مشڪڻ لاءِ آهي. اهڙا براؤننگ شاعر جي Prospice جيان تلخ تجربن ۽ تضادن سان آخرين دم تائين جنگ جوٽڻ جي جرئت ۽ جفاڪشي لاءِ ئي عطا ٿيل آهي.

درحقيقت اعليٰ درجي جي ڪوتا ۾ اهم واد Subjedtivity جو جزو جيترو گهٽ هوندو ايترو ٻين جي نظرن ۾ نظرون وجهي سندن دل کي زيادهه سيبائي ۽ سرچائي سگهبو. اميد اٿم ته 'دردي گيتن' کي ٻئي دفعي وڌيڪ رسيلو ۽ رس ڀريو بڻائي گمنام ادبي دوستن کان دل گهريو داد ۽ سوائو ٽي ساکه حاصل ڪندو.

قلم تازو:

باقي دردي گيتن کي وري وري پڙهڻ سان درد جي

آهيان. مان سمجهان ٿو تہ 'وقت' ئي ان سنبنڌ ۾ آخري فتوا ڏيئي سگهندو. هاڻ مونکي بعضي ائين ڀاسندو آهي تہ موجوده يڳ جا گهڻا شاعر شيليءَ جي تشريح جي گهٽ ۾ گهٽ پهرين اڌ جي پوئواري کن ٿا - هو پنهنجن خيالن جي تجلي ۾ لڪل هوندا آهن. مون کي ائين پڌايو ويو آهي تہ کن اديبن جو ويچار آهي تہ جي پاٺڪ سندن رچنائن کي سمجهي سگهيا تہ اهو سندن مهانتا تي ڌڪو ڏيندو.

”جيتري قدر منهنجو سوال آهي مان شاعر هئڻ جي دعوي تہ ڪونہ ڪندس تہ مون پنهنجي نظمي رچنائن ۾ جيڪي ڪجهہ چيو آهي، ان ۾ منهنجي ڀاونائن، امنگن، آدرشن، اصولن، سڌانتن ۽ ويچارن جو چٽر چٽيل آهي - بلڪل ايمانداريءَ جو چٽر. مون ڪڏهن بہ شاعر بڻجڻ جي شونق وچان يا فيشن طور ڪونہ لکيو آهي. بس منهنجي اهائي دعوي آهي.

ڪجهہ هن سنگرهہ جي باري ۾. جن ”پارتواسي“ جي پاٺڪن وقت بہ وقت منهنجا شعر پڙهيا هوندا، تن اوس محسوس ڪيو هوندو تہ منهنجي رچنائن جو مرڪز ”قوميت“ جي ڀاونائي رهي آهي. تنهن سواءِ منهنجو جيون ڏانهن رخ آشاواد جو رهيو آهي. منهنجو پهريون سنگرهہ ”گمنام صدا“ ان سمي جي پيدائش هو جڏهن سنڌ مان اکڙجي هتي آيا هئاسون ۽ نراشا، رنج ۽ غصي ۾ هئاسون تڏهن مون پنهنجن رچنائن ذريعي پنهنجي ڀائرن کي خاطري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌي نرواسي هتي اوس ڦلندا ڦولندا ۽ وري عيش تي رسندا.

”منهنجو هيءُ سنگرهہ 'قول ۽ ترانا' قومي شعرن جو

ڪريان.“ مون ڪيس صبر سان ورنديءَ طور چيو: ”مان خود ئي پاڻ کي شاعر ڪري تسليم ڪونه ٿو ڪريان، سو ٽون ڇو ڪريان منهنجو ڪهڙو غم“.

”مان هي شبد ڪنهن ڀونگي نٿڙس (mock humility) وچان ڪين ٿو چوان. منهنجي شعرن جي اوائلي سنگرهه ”گمنام صدا“ ۾ هڪ شعر ۾ هي ڀاو درج آهي:

نه مان شاعر نه مونکي شعر جو ڄاڻ هي آهي
نه قافئي ۽ رديفن جو ڪو ماپو ماڻ هي آهي
ڪيو داتا نه ڀڻ مونکي عطا هي ڏاڻ هي آهي
مگر هڪ سوز دل آ جو سدا دل ساڻ هي آهي
اٿن جذبات جي دل ۾ ڪريان سي دم به دم ظاهر
دکي جا آگ سيني ۾ ٻلي ٿئي هر قدم ٻاهر

”شاعر“ نه مهان هستي آهي، هڪ درويش، هڪ پيغمبر هڪ رشي. شاعر جي بهترين تشريح انگريزي ڪوي شيليءَ جي هيٺين شبدن ۾ ملي ٿي:

Like a post hidden
In the light of thought
Singing hymns unbidden
Till the world is wrought
To sympathy with hopes and fears it headed not

”شاعر پنهنجي ويچارن جي تجلي اندر لڪل رهي ٿو. هو ازخود ٻڌا ڪنهن جي فرمائش جي ڳائيندو ٿو رهي، جيستائين دنيا انهن آشائن ۽ انديشن ڏانهن توجه نه ڏئي، جن طرف هوءَ لاپرواهه رهي آهي.“

مٿين ڪسوٽيءَ تي موجوده يگ جا ڪهڙا شاعر ڪامياب اترندا ان باري ۾ فتوي ڏيڻ جي مان يوگيه نه

ملڪ، هينئن دوکو ۽ دولاب ڪري اسانجي ديس تـي
ڪاهي ايندو. ڀارت جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ اسان ڪڏهن
سوچيو به ڪو نه هو ته چين يا ٻيو ڪو پاڙيسري ملڪ اسان
تي ڪاهه ڪندو. حملو ٿيو ته اسان وٽ جيڪي به وسيلا
هئا تن سان اسان دشمن جـو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي بچاءُ
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”اسان اهڙي وقت جنگ جوٽي، هڪ طـرف تلوار
سان ۽ ٻئي طرف قلم سان. اسانجا بهادر فوجـي لـداخ
جي سرحد تائين، بنا پـورن ڪپڙن، ٿـڌ ۽ ولـهه ۾
سيڪارجندي، پنهنجي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ ڪيترا
ڪونڌر ڪسجي ويا.

”ملڪ لاءِ محبت اڇلي پيئي. اسانجي شاعرن جـون
دليون اٻري آيون. ساري ديس جي ڪوين، فوجي سپاهين
۾ اتساهه پيدا ڪرڻ جو ڪارج پنهنجي سر تـي هموار ڪيو ۽
ڪيئي محب وطن نڪري نروار ٿيا، جـن سون، چاندي،
ڪپڙو لٽو ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو.

”جڏهن ديس جـي ورهاڱي کانپوءِ هتي آيـو هوس،
تڏهن ماڻهن جا ملول چهرا ڏسي، ساري ديس جـا دورا
ڪري راڳن، گيتن ۽ درشٽانتن سان پنهنجي ڀائن جي مايوس
چهرن تي مرڪ آڻڻ جو مون پاڻ سان پرڻ ڪيو.

هيءَ جنگ ٻـيا لڙائي، انهيءَ گهڻنا کـان گهڻو
وڌيڪ خطرناڪ هئي؛ تنهن ڪري مون سوچيو ته سر جي
سٽ ڏيئي به ماڻهن کي هراس کـان ٻاهر بچائڻ لاءِ حيلا
هلائڻا آهن. صوفين جـا راڳ تـه گهڻا يـاد هيم، جن ۾
منصور، بلاول، عنايت ۽ ٻين صوفين جون قربانيون شعر
۾ پيش ڪري ٿـي سگهيس. پـر مون کي تـه هـن

ڳٽڪو آهي، جن ۾ آزاديءَ جي يڌ جو ورڻن آهي ۽ ديس جي نيتائن کي ارپڻ ڪيل شردانجليون داخل آهن. ٽئين سنگره 'شعر ۽ شاعري' ۾ مون ان وشيه لئي پنهنجا ٽوٽا ڦوٽا ويچار ڏنا آهن. منهنجي رچنائن جي چوٿين ڳٽڪي جو سرو آهي 'دردي گيت' شيلي چيو آهي تـه اسان جا مڌر ۾ مڌر گيت اهي آهن جن ۾ درد جو داستان چٽيل آهي. منهنجو به جيون ۾ هڪ لڳا اونهيءَ پيڙا جي دؤر مان گذر ٿيو جنهن عرصي ۾ مون اهي 'دردي گيت' رچيا. پر انهن دردي گيتن ۾ به ڏسندا تـه جيون ڏانهن منهنجي بنيادي آشاواد جي نظريي ۾ فرق ڪو نه آيو.

”پاڪستان سان ڀارت کي مجبورن جي لڙايون لڙڻيون پيئون انهن دوران ۾ ڪيترن ئي شاعرن دل اٿاريندڙ شعر رچيا. اهو ممڪن نه هو جو منهنجي دل جهومي نه اٿي. مونکي ان ڳالهه جو فخر آهي ته منهنجا جنگي ترانا پروفيسر رام پنجواڻي منچ تي ڳائيندو هو ۽ لکين رپيا هن جنگي فنڊ ۾ ڪٺا ڪيا. هن سنگره جـي پهرئين ڀاڱي ۾ اهي جنگي ترانا ڏنل آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ متفرقا گيت ڏنل آهن جي مون جدا جدا موقعن تي اهڙن واقعن کـان متاثر ٿي لکيا ۽ ڀارتواسيءَ ۾ شايع ڪيا. انهن مان ٻن واقعن ڏانهن آئون خاص ڌيان ڇڪايان. هڪ زبردست بارش جو واقعو ۽ ٻيو مسجد بندر وٽ خوفناڪ باهه جو لڳڻ، محض ان لاءِ ته پاٺڪن کي ٻڌايان، تـه مذڪور رچنائون حقيقي حادثن تي ٻڌل آهن ۽ نه ڪلپنڪ آهن.

ڪتاب ۾ ”رام وٽـان همت افزائي“ سري سان هن رهت ليکه ڇپيل آهي: ”چين ١٩٦٢ ۾ ڀارت تي حملو ڪيو. خيال خواب ۾ به ڪو نه هو ته 'ڀائي ڀائي' جي هام هڻندڙ

هماليه جي اُتاهينءَ تان خبر باد- صبا آندي
ته هڪ اُرڏي ڪٽي تي وڏا فرشتا ڏهه ٻٽي ڪاندي
هيو ڪو پارٽي جوڌو بهادر وڏو لاثاني
رکيائين پيٽ جننيءَ جي پنهنجي جيون جي قرباني
هو ماتا جو اڪيلو لاڏلو، البيلو، چشم- نور
گهڙي هڪڙي نه جنهن کان هوءَ رهي هرگز
سگهي ٿي دور
ڪنهن ٿووني جي آشائن، تمنائن سندو مرڪز
مگر هچڪيو نه پنهنجي فرض کان هڪڙي گهڙي هرگز
سڻي سڏ ديش ماتا جو هليو رڻ ڀوم ڏانهن ڪاهي
پنهنجي ماتا، وني، گهرٻار وطن لئه سڀڪي سهسائي
لڙيو اُت ويڙا سان، حوصلي همت سان جرئت سان
مهاراڻا جي جذبي سان، شواجيءَ جي شجاعت سان
سندس تلوار دشمن کي دغا جو سبق سيکاريو
نه هڪڙي کي نه ٻن کي پر وڌهن پورن کي ليٽايو
مگر آخر اينهيه جيان وڪوڙيو دشمن هنکي
پڇاڙي دم ڏائين لڙندي ڇڏيائين آخري دم کي

”ڇين نه موني وڃو.“ ڇو؟ اها اڄا ڏائين هڪ پرولي آهي. پر دک، آهي نه پاڙيسري ملڪ جو، جو ٻنا ڪنهن سبب، فقط تعصب ۽ اهڪا ڪان، ۽ پنهنجي طاقت ڏيکارڻ لاءِ ١٩٦٥ ۾ هندستان تي ڪاهي آيو. ملڪ مٿان مصيبت اچي ڪڙڪي ۽ اسين مات ڪري ڪيٽن وڃون، ڀارت زنده آهي ته اسين به زنده آهيون. اُمنگ وري جاڳي اُٿيا ۽ اسين هر طرح ساوڌان ٿي وڃون. اسانجي سورومر سورمن جان جي بازي لڳائي ۽ ڪيترن پنهنجي جيون جي آهوتي ڏني. ڪنهن کان وسرندا پرم رامچندائي،

حالت ۾ ڪن زنده شاعرن جا شعر پڙهي ۽ ٻڌائي ديشواسين ۾ جذبش پيدا ڪرڻي هئي. پاڻ سان مونکي ”پارتواسي“ جا پرچا مليل ويا. تعجب لڳم ته جنهن سنگراميءَ هند جي آزاديءَ جي لڙت جي سمي ليک ته گهٽيءَ لکيا هئا مگر ان دؤر ۾ ڪو شعر ڪونه لکيو هو اچانڪ ڪوئي ڪيئن ڦٽي ويو؟ سو به اهڙو اثرائتو ۽ دل کي لوڏيندڙ.

”پارتواسي“ جو هڪ پرچو مليو جنهن ۾ ”هماليه جي ڪهاڻي“ شايع ٿيل هئي. ان شعر پڙهڻ سان منهنجي ڪايا پلٽجي وئي ۽ مون کي هٿيار ملي ويو. چيم جي هي هڪ شعر ڪٺي مان درد وچان ۽ جنگ لاءِ سامگريءَ جي پيٽا گهران، ته منهنجي من جي آرزو پوري ٿي ويندي. اُن شعر جون ڪي سٽون پڙهي منهنجي دل رچي وئي ۽ ان دل جي پڳهڙڻ مان هڪ قسم جو جنون پيدا ٿي ويو. مون درد وچي الڪه جاڳايو.

شري پلديو گاجرا ”گمنام“ جو اهو شعر منهنجي دل ۾ پيهي ويو ۽ اهو ئي شعر ۽ اهڙا ٻيا سندس شعر ڪٺي مون وچي جنتا آڏو ديش جي مشڪل پرستتيءَ جو چٽر چٽيو. دل ۽ درد سان پر، اکيون آليون ڪٺي جڏهن مان ڳائيندو هوس تڏهن جنتا جون اکيون آنسن سان پرجي وينديون هيون ۽ جتان ڪتان سون، چاندي ۽ رت جا مڻ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. اها منهنجي وڏائي نه، شاعر جي وڏائي هئي، جنهن مون کي اهي شعر ڏنا.

ان ”هماليه جي ڪهاڻي“ جا ڪي دل اٿاريندڙ بند هي هئا:

تون ٻاما شا ڪڍهن ٻڌجي لڪل زر پنهنجي آڻيندين؟
ڏهيسر جيان هجن ”گمنام“ جي ڏهه سر ڏهائي ڏيان
نه ڪيئن ڏهه گرام سوني جا ڏيڻ کان تون نٽائيندين

”ٻلديو گاجرا جو ’جنگي ترانا ۽ متفرق گيت‘ منهنجي سامهون آهن. مان فقط پنهنجي جذبات جو اظهار ڪرڻ ٿو گهران نه مونکي انهن لڙاين ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ اڻسڌيءَ طرح ڀاڱه ونڻ لاءِ اُتساهه گمنام جي ڪوتائن مان مليو، جنهن لاءِ هو فخر وٺي ٿو ته مون سنڌس گيت ڳايا. حقيقت ۾ ان کان وڌيڪ مان هنجو احسان ٿو مڃان جنهن اهي گيت جوڙيا.“

پروفيسر (ڊاڪٽر) ارجن ميرچنداڻيءَ ’شاد‘ هن ڪتاب جو مهاڳه لکيو آهي. مهاڳ ۾ پروفيسر صاحب لکيو آهي: ”قوميت ٻلديو گاجرا جي رڳن ۾ رقص ڪندڙ آهي. هو قوم کي شخصي مفادن کان بلندي ٿو ڏئي. پرانتڪ ڀاو کان راشٽره اوچو آهي. سندس هڪ شعر جون هيٺيون مصراعون انهن حالتن جي موزون عڪاسي ڪن ٿيون.

ڪٿي مراٺي آهه مسوري سنڌو دشمن ٻڌيو
۽ بنگالي ڪين هرگز آ ٻهاريءَ ڪي وٺيو
۽ وري ٽامل آ وهتو پاڻ کي ڌارو ڳڻيو
هر طرف نڪرائجي پيو ايڪوجوديءَ جو مٽيو

هنئين مختصر شعر پڙهڻ سان نه دل مان دانهن نڪري وڃي:

اڄ اهنسا جي جنم-داتا جي ٿي ڌرتي جلي
سنت جي سابرمتيءَ لڳه روز ٿي گولي هلي

”گمنام کي پنهنجي وطن لاءِ اٿاهه پريم آهي. پر سندس پيار انڌو نه آهي. وطن جي غلط ڳالهين ڏانهن اک ٻوٽ نه ٿو ڪري ٻلڪ هڪ سچي وطن دوست وانگر انهن جا

صاحب چڱائي، پرت مسند، رميش بدلاڻي، ارجن ڪمار ڪنل، ڪشن ملڪاڻي جهڙا وير. هڪ دفعي وري مون ساڳيو رول ادا ڪيو ۽ ان ۾ به گمنام جي ڪيتري نه مدد ملي. شهيدن کي شرڌانجليون ارپيم. ديس دلارن جا گيت ڳاتم ۽ لال بهادر شاستري جي آڳيا انوسار ١٠ گرام سون لاءِ پلؤ پاتم.

پريم رامچنداڻيءَ جي وارتا ۽ خود ارپتا تي جيڪو شعر "گمنام" لکيو تنهن جون ڪي مصرائون اڄ تائين ڪنن ۾ گونجن ٿيون. ڪهڙي نه دل کي ڇهندڙ شرڌانجلي.

جهومي خوشيءَ منجهان دل هي گيت گنگنائي
باد - صفا رهاڻيون جيئن جنگ جون سڻائي
اتهاس تو سونهري ٻڌجي آئي جنهن سر
تاريخ راجپوتي دهرائجي جنهن سر
راڻا سنگا جي همٿ، پرتاب جي جنهن سر
چارڻ جنهن کو گهرجي، تن جا جو گيت ڳائي
جهومي خوشيءَ منجهان دل هي گيت گنگنائي
ٻارهن دفعا هوا مان دشمن مٿان ويو ڪاهي
هر ٻار تن جا جنگي اسباب آيو ڊاهي
مرندي به وير کي ڏس ڪجهه فڪر پنهنجو ناهي
ليڪن پڇي ٿو: دشمن ڇا وار ويو گسائي
شرڌا مان "پريم" آڏو هرڪو ٿو سر جهڪائي
جهومي خوشيءَ منجهان دل هي گيت گنگنائي

۽ وري

اڃا دل سون سان ڪيسين سچڻ پنهنجي لڳائيندين؟
ڪڏهن مادر وطن صدقي سندءِ زيور پڄائيندس؟
جوانن جنگ ۾ جوهر مثل پرتاب ڏيکاريو

۴. ٻلديو گاجرا - نقاد

ٻلديو گاجرا، جون ۱۹۸۴ ۾ "ادبي تنقيد" نالي سان، سمالوچنائن جو سنگرهه ڇپائي ظاهر ڪيو. هن ڪتاب ۾ ۲۵ ڪتابن جون سمالوچنائون ڏنل آهن. اُهي ڪتاب ۽ سندن اصلوڪا ڪتاب هن ريت آهن: (۱) ساهتڪارن جون سمرتيون - منگهارام ملڪاڻي. (۲) نظر ۽ نظريا - ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي. (۳) غزل - اشوڪ پبليڪيشن، دهلي. (۴) فنڪار ۽ فيلسوف - موهن ڪلپنا. (۵) پل پل جو پڙلاءُ - هري دلگير. (۶) سمنڊ جي گجڪار - پروفيسر ايم. ملڪاڻي (۷) اَمر ديپ - ڪشن ناگراڻي. (۸) ايٽم پورٽ - چندو لال جئسنگهاڻي (۹) منهنجو شهر منهنجا ماڻهو - لوڪرام ڏوڏيجا. (۱۰) ڳنڍوارڻ - آسانند مامتورا. (۱۱) جدت جو مفهوم - هيرو شيوڪاڻي. (۱۲) ممتا جون لهرون - شريمتي ڪلا پرڪاش. (۱۳) پينا - نرمل جوتواڻي. (۱۴) شاهه جو شعر - ڊاڪٽر پرسو گدواڻي. (۱۵) ناٽڪ ۽ تنقيد - اي.جي. اُتم. (۱۶) مرڪ ۽ ممتا - ڪلا پرڪاش. (۱۷) گل ۽ آنسون - ڪيرت مهرچنداڻي. (۱۸) اُصول ۽ آلوچنا - جگديش لڇاڻي. (۱۹) پر ڏيهان ڪير ٿو ڏئي - ترجمو جڳت آڏواڻي (۲۰) چونڊ سنڌي مضمون - ڪيرت ٻاٻاڻي. (۲۱) چونڊ سنڌي ڪهاڻيون (ڀاڱو ٻيو) - ساهتيه اڪادمي. (۲۲) ڦل چونڊ - ترجمو هريرام ماڙيوالا. (۲۳ خمار - ڊاڪٽر لکميچند خوشيرام 'پريم'. (۲۴) سنڌي شاعريءَ جا ۵۰ سال - هرچند اَجهل. (۲۵) عزيز: شخص ۽ عالم - پوپٽي هيراننداڻي.

ڪتاب جي مُنڍ ۾ ٻلديو گاجرا پنهنجي "ليکڪ جي قلم مان" لکيت جي شروعات هن ريت ٿو ڪري: "تنقيد،

پردا هٽائي ٿو. سندس شعر ”دل تي پيئي چاڪ چاڪ“ پڙهڻ سان واقعي دل تي نشتر جا گهاو ٿين ٿا.

”ٻلديو گاجرا هڪ آدرشوادي شاعر آهي. سندس آدرشن جو سرچشمو آهي ڀارتي سنسڪرتي ۽ ڀارتي پرمپرائون پر ساڳئي وقت، ٻلديو گاجرا سچ کي ڪوڙ کان ۽ اصل کي نقل کان الڳ ڪري ٻڌائڻ جي خاص صلاحيت رکي ٿو. هو پنهنجي هڪ شعر ۾ انسان جي پاکنڊ ۽ فريب سازيءَ جو جنهن بي باڪيءَ سان بيان ڪري ٿو تنهنجو اندازو هيٺئين شعر مان لڳائي سگهجي:

عجب تن آ نگريءَ دولاب جو رستو ڪيو پنهنجو
ڪٿي حق ڀي سندو ناحق دٻائي تن ڪيو پنهنجو
ڪٿي پنهنجن کي لوڙي ان پروان کي ڪيو پنهنجو
مڃائان سون زر کي ديوتا آ تن ڪيو پنهنجو

گمنام ”زندگيءَ جي ڪشمڪش“ ۾ پنهنجي دل جي درد جي اثرائتي تصوير نقش ڪئي آهي جنهن ۾ زماني جي بي وفائي جا به الڳ الڳ پهلو نروار ڪيا اٿس. سندس شعر مان نه هڪ ڳالهه ظاهر آهي ته هو جيڪي به لکي ٿو سو دل جي صداقت سان لکي ٿو:

”ڪري زندگي پيش خلقت اڳ پنهنجي
اَمر نام گمنام جڳ ۾ بڻايون.“

”وشال ۽ وسترت ڄاڻ به قابل نقاد بڻائڻ لاءِ ڪافي نه آهي. ڄاڻ هئڻ سان گڏوگڏ تيز ٻڌي ۽ ڇيد ڪرڻ جي شڪتيءَ جو هجڻ ضروري آهي. ان قسم جي ذهني قوت جي عدم موجودگيءَ ۾ نقاد ڪنهن رچنا جي پوري ڇاڻ ٻيڻ ۽ اوڪ ٻوڪ ڪري ڪو نه سگهندو. قابل نقاد، نه فقط ٻڌائيندو ته ڪنهن ليکڪ پنهنجي رچنا ۾ ڇا جو اليک ڪيو آهي، مگر ساڻ ساڻ ضروري آهي ته هو اهو به ٻڌائي سگهي ته اهو اليک سندس وچار ۾ ڪيتري قدر درست آهي. ان قسم جي راءِ ٺاهڻ لاءِ اونهي ذهني قوت، ڇيد ڪرڻ جي شڪتي ۽ فتوي جوڙڻ جي لياقت ـ انهن وصفن جي پڻ ضرورت آهي.

ڄاڻ ۽ ذهني قوت، ٻنهي گڻن جي موجودگي به سٺي آلوچڪ ٻڻجڻ لاءِ ڪافي نه آهي. اهي ٻئي ته مانسڪ لياقتون آهن. انهن مانسڪ لياقتن سان گڏوگڏ ڪن اخلاقي وصفن جو هئڻ به ضروري آهي. نقاد ۾ جرئت ۽ همت گهرجي، جو جيڪي هو صحيح سمجهي سو بنا ڊپ ۽ بنا لحاظ جي چئي سگهي. ڪنهن پرسڌ ۽ چوٽيءَ تي پهتل اديب ۾ به جي خامي ڏسڻ ۾ اچيس ته بنا لحاظ ۽ ڊپ جي اها ٻڌائي، ۽ جي ڪنهن نامعلوم ۽ لڪل ليکڪ ۾ ڪو گڻ ڏسي ته بنا هٻڪ جي، هن کي ان لاءِ داد ڏئي.

”انهن سواءِ ٻيو هڪ اخلاقي گڻ جنهن جي نقاد لاءِ اشد ضرورت آهي، سو آهي پوري انصاف ڪرڻ لاءِ چاهنا ۽ تياري. ڪنهن به ساهتيڪار جي رچنا جي تڪ تور ڪندي ڪيس ڪن به اڳ جوڙيل راين ۽ فيصلن (prejudices) کي دخل ڏيڻو ڪونهي. هرهڪ رچنا کي، ان جي ئي گڻن ۽ اوگڻن، خوبين ۽ خامين، ڪمين پيشين جي مدنظر ڏسڻو

منهنجي خيال ۾ ادب جي ڏکئي ۾ ڏکي شاخا آهي.

”گذريل سال بمبئي ۾ هندي ڊائريڪٽوريٽ جي ماتحت جو ساهتڪ سيمينار ٿيو ان ۾ ڊائريڪٽوريٽ جي هڪ ڪرمچاري مسٽر ڪلر جو اردوءَ ۾ تسليم ٿيل اديب ۽ ماهر نقاد طور پرسٽ آهي، چيو:

تنقيد جو هڪ بلڪل ئي مشڪل ڪيتر آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ ۾ هڪ صديءَ ۾ ڪي ٽي چار ماهر نقاد پيدا ٿين ته غنيمت سمجهو.“

تخليقي ادب جي ڀيٽ ۾ قابل نقاد ٿيڻ لاءِ گهڻي وڌيڪ ذهني قوت جي درڪار آهي. تخليقي ساهتڪار ته پنهنجي انڀؤ يا ڄاڻ يا ٻنهي جي آڌار تي ڪا رچنا جوڙي ٿو؛ نقاد کي ان رچنا جي نورتڪ ڪرڻي ٿي پوي، ان جي ساهتڪ ملهه جو ڪٿڻ ڪرڻو ٿو پوي. ان ڪٿڻ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته کيس ادب جي بنيادي اصولن جي بخوبي ڄاڻ هجي. نه فقط بنيادي ساهتڪ اصولن جي ڄاڻ هجيس، مگر جنهن وشيه جي باري ۾ ڪنهن رچنا جي تنقيد کيس ڪرڻي آهي، ان وشيه جي پڻ ڪافي ڄاڻ هجيس. ان وشيه تي، مذڪور رچنا جي ليکڪ کان اڳ ٻين ڇا چيو آهي، تنهنجي به پڻ معلومات هجيس، جو ته تڏهن ئي هو سند سان چئي سگهندو ته ان ليکڪ پنهنجي وشيه سان ڪيتري قابليت ۽ ماهرت سان نباهيو آهي. جيئو ته قابل نقاد اهو ئي ٿي سگهندو جنهن جي ڄاڻ وشال ۽ وسترت هوندي. وشال ۽ وسترت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هن ڇگوچوکو ابياس ڪيو هجي، ڪافي ڪتاب پڙهيا هجن يا نظر مان ڪڍيا هجن.

پڙهڻ لاءِ منجهن چاهنا پيدا ڪرڻ. منهنجو ان قسم جو تنقيد سان ٻولوڄن آهي. او هان انگريزي اخبارن ۾ ڪتابن جون سمالوچنائون پڙهيون هونديون. انهن ۾ سمالوچڪ ڪتاب جي وشيه جي باري ۾ عام پاٺڪن کي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهي سمالوچنائون بلڪل ئي ودوتا سان ڀر هونديون آهن. انهن ۾ ڪتابن ۾ ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ ان جي ادبي ڪٿ به هوندي آهي.

”سنڌي اخبارن ۾ به ڪتابن جي سمالوچنا ملندي آهي. مگر ان جو معيار گهڻو گهٽ هوندو آهي، گهڻو تڻو مصنف جي ساراهه ڪيل هوندي آهي - جيئن: ليکڪ ڏاڍي محنت ڪئي آهي. ڇپائي سٺي آهي. ڪتاب پڙهڻ لائق آهي وغيره. ويجهڙائيءَ ۾ ڪن اخبارن اديبن کان سمالوچنا لکائڻ جو سلسلو جاري ڪيو آهي. پر اهڙين سمالوچنائن ۾ ادبي انش ضرورت کان وڌيڪ هوندو آهي. ان ڪري اهي رواجي پاٺڪ جي سمجهه جي دائري کان ٻاهر هونديون آهن.

”آءٌ جڏهن پنهنجي اخبار ۾ ڪتابن جي سمالوچنا ڪندو آهيان تڏهن منهنجي من آڏو عام پاٺڪ هوندا آهن. منهنجي مراد اها هوندي آهي ته جنهن ڪتاب جي مان سمالوچنا ڪريان تو ان باري ۾ عام پاٺڪ کي ڄاڻ ملي، ڄاڻ جا سندس سمجهه ۾ پڪڙ جي اندر هجي. ۽ جا ان ڪتاب پڙهڻ لاءِ سندس دل ۾ چاهنا پيدا ڪري. پر ان قسم جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ مان ڪتابن جي ادبي ڪٿ ڪرڻ جي به ڪوشش ڪندو آهيان. ليڪن ان قسم جي ڪٿ ڪندي منهنجي مراد يا ڪوشش اها هوندي آهي ته اهڙي ٻولي ڪتب آڻيان جا عام پاٺڪن جي سمجهه

آهي ۽ ان جي ڪٿ ڪرڻي آهي. هيءَ لياقت منهنجي خيال ۾ وڌ ۾ وڌ ضروري آهي ۽ ساڳئي وقت مان سمجهان ٿو ته ڏکئي ۾ ڏکي آهي.

”مون پنهنجي اخباري جيون ۾ سؤ کان وڌيڪ ڪتابن جي آلوچنا ڪئي هوندي. نقاد هجڻ لاءِ جن لياقتن جي ضرورت آهي اُهي مون ۾ آهن يا نه، اُن باري ۾ آءٌ ڪجهه چوان سو موزون نه ٿيندو. مون کي ته اَنديشو اهو قبول ڪندي هٻڪ نٿي ٿئي ته منهنجو اڀياس بلڪل ئي محدود آهي. مون گهڻو ڪجهه پڙهيو ڪونهي. گهڻو ڪجهه پڙهڻ جي ضرورت به مون محسوس ڪانه ڪئي آهي. گهڻو علم مان سمجهندو آهيان جيءَ جو جنجال آهي. مگر مان هڪڙي دعويٰ نمرتا سان ڪري سگهان ٿو ته ساهتيه جي بنيادي اصولن جي چڱي چوکي ڄاڻ ائم ۽ ان کان وڌيڪ جيون جي بنيادي تقاضائن ۽ مسئلن سان به ڪافي پرچيه آهيم. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته مون کي ادبي تنقيد ڪرڻ جو ڪنهن حد تائين حق حاصل ٿيل آهي.

”آءٌ هوند تنقيد کي ٻن دفعن ۾ ورهايان - ڪتابي تنقيد ۽ اخباري تنقيد. ڪتابي تنقيد يا تنقيدي ڪتابن ۾، ساهتڪ رچنائن جي اوڪ، دوڪ ۽ پرک، اهڙي دستور ڪئي ويندي آهي جو رواجي پاٺڪ ڪجهه سمجهي ئي نه سگهي. پڙو ائم ته هڪ جديد ساهتيڪار جو چوڻ آهي ته اسان جي ساهتيڪار هجڻ تي اهو داغ آهي. عام پاٺڪ درڪنار، پر خود ڪاليجي وديارٿي ان قسم جي تنقيد سمجهي سگهندا سا هڪ شڪي ڳالهه آهي.

”پر اخباري تنقيد يا سمالوچنا جو مقصد آهي عام پاٺڪن جي ڪنهن ڪتاب سان پرچيه ڪرائڻ ۽ ڪتاب

”نثر ۽ نظم جي وچ ۾ فرق جيڪو سمجهايو اٿس، سو سڀ هڪ پروفيسر جي قابليت رکي ٿو. چي: نثر آهي رواجي مضمون لکڻ جو نمونو جنهن ۾ انسان پنهنجا خيال ۽ ويچار سڌي سنئين نموني وياڪرڻ جي قاعدن پٽاندڙ ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪري ٿو. جڏهن انسان جو من ڪنهن اُمنگ جي اثر هيٺ ٿو اچي يا ڪنهن پيڙا ۾ ٿو ولوڙجي.... تڏهن خيالن ۾، ويچارن تي جوش ۽ اُمنگ غالب ٿو پوي. ان جوش جي اثر هيٺ سندس ٻولي به بدلجي.... ڪجهه رنگين ٿيو پوي، ڪجهه ان ۾ لوڏ اچيو وڃي، ڪجهه لهر اچيو وڃي، ڪجهه موسيقي اچيو وڃي ... نظم نالو رڳو ٻوليءَ جي بدليل روپ جو آهي. ان ڪري جيڪي ڪجهه شعر آهي اهو نظم ضروري آهي، مگر جيڪي ڪجهه نظم آهي سو سمورو شعر نه آهي.“

ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جو لکيل آهي. پروفيسر صاحب لکيو آهي: ”شري ٻلديو گاجرا هڪ جهونو ۽ آزمودگار پترڪار آهي. بقول هن جي سياست هن جو اولين شوق آهي. شروعات کان وٺي هو ڪانگريس جهڙي هڪ جهوني ۽ اسانجي راشٽريه جيون ۾ سڀ کان وڏيڪ ۽ تاريخي اهميت رکندڙ سياسي پارٽي سان سرگرم ناتو رکندو آيو آهي.

”خاص طور مهاتما گانڌيءَ جي سياسي ۽ سماجي ويچار ڌارا جو هو پڪو حمايتي پئي رهيو آهي. گڏوگڏ سنڌي ساهتيه ۾ به هو هڪ نقاد، شاعر ۽ مضمون نويس طور پرسڌ آهي. هن پراچين ڀارتيه فلاسافي، ڌرم شاسترن ۽ پراڻي ڀارتيه ساهتيه جو ڪافي اڀياس ڪيو آهي. هو پراڻي ۽ ۽ وچولي دور جي انگريزي ۽ پارسي ٻولين جي ادب کان

کان ٻاهر نه هجي.

"منهنجون اهي سمالوچنائون ڪيتري لياقت رکن ٿيون ان باري ۾ آئون ڪجهه چوان، ان کان بهتر آهي ته سرڳواسي پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻي جو هڪ تسليم اديب هو، ان جي راءِ درج ڪريان." "پارتواسيءَ ۾ تنقيدي مضمون" جي سري سان هڪ لمبي مضمون ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ لکيو:

"پارتواسيءَ ۾ ٻن ٽن سالن کان جي تنقيدي يا ساهتڪ ڪٽ جا ڪالم شروع ڪيا ويا آهن، تن سنڌي ساهتڪار پڙهندڙن ۾ چڱو اُتساهه پيدا ڪيو آهي. 'بي. اي. امتحان لاءِ درسي ڪتاب' جو لمبو ليک گهڻين قسطن ۾ ڇپيو هو. مخزن جي سمپادڪ ۽ ليکڪ ٻلديو گاجرا، مجهس مذڪور درسي ڪتابن جي اهڙي تفصيلوار ڇنڊڇاڻ ڪئي هئي جو اهو سلسلو شاگردن کي ڪمائتو ٿيو هو. تنهن کانپوءِ گاجرا وقت به وقت ساڳئي معيار جا تنقيدي مضمون لکندو آيو آهي.

"نڪتچيني ٻلديو گاجرا جي سڀاءُ ۾ سمايل آهي، پر نه ڊاهڻ جي مراد سان، ليڪن پنهنجن خيالن موجب سڌارڻ جي مراد سان. سياسي، سماجڪ توڙي ساهتڪ نڪتچيني سڀ هو انهيءَ مراد سان ڪندو آهي. ائين ڪندي توڙي توڙي قلم جي نوڪ سان، هو زوردار ڌڪ هڻندو آهي، ته به سندس لکڻ جي نوع مان ظاهر آهي ته هو پاڻ سان سچو آهي. منطق (logic) ۽ فيلسوفيءَ ۾ گريجوئيٽ هوندي به، هو ادبي اصولن جي ڪافي ڄاڻ ڏيکاريندو آهي ۽ ساهتڪ رچنائن جي اونهي پرک ڪندو آهي جنهن ۾ اخلاقي انگ سرس هوندو آهي.

هو جيڪڏهن پنهنجي اخلاقي نظريي لاءِ ساهتيه کي پرکي ۽ پنهنجي منصفائي تنقيدي رخ سان ڪري ۽ ڪوئي ساهتيه بابت پنهنجا نتيجا ڪڍي ته ته به ساڻس ان ۾ بنيادي متڀيد رکندي مونکي گهٽي شڪايت جي گنجائش نظر نٿي اچي.

”شڪايت مونکي جيڪڏهن هن جي ادبي تنقيد سان آهي ته اها ساهتيه کي ساهتيه طور، هڪ ڪلاڪرتي طور پرکڻ ۽ ڪٿڻ جي هن جي طريقن سان آهي. حالانڪ انهن طريقن ۾ هن جي ادبي وچار ڌارا کي بنهه الڳ ڪري نٿو سگهجي. منهنجو نظريو هي آهي – ۽ پانيان ته ساهتيه کي ممڪن حد تائين صحيح بنيادن تي ڪٿڻ جو اهوئي سڀ کان سرشٽ طريقو آهي – ته ساهتيه جي سارٿڪتا ۽ اُپيوگتا، ان جي پنهنجي اندروني رچنا ۽ ڪلاتمڪ بنيادن تي ڪرڻ کپي.“

”شري ٻلديو گاجرا جي ٻي عام شڪايت اها آهي ته اڄ ڪلهه جا ليکڪ پنهنجن رچنائن ۾ ٻوليءَ جو صحيح استعمال نٿا ڪن ۽ گرامر جي پابندين جو پورو خيال نٿا رکن. هن جي ان شڪايت سان مان سهمت آهيان. خاص ڪري نئين پيڙهيءَ جي ليکڪن کي ڀاشا تي گهربل دسترس ڪونهي. اڪثر حالتن ۾ هو ڀاشا جي خبرداري ڀرئي استعمال ۽ گرامر جي نيمن طرف لاپرواهه پڻ آهن. ساهتڪ ملهن ۾ ڀاشا جو تز مؤثر استعمال پنهنجو پاڻ ۾ هڪ قدر آهي. ان ڪري ٻه هنن جون رچنائون گهربل اثر نٿيون ڇڏين يا ائين به ممڪن آهي ته هنن جي ڪلا اُنهو لئي صاف ۽ نکتي ڪانهي جنهن ڪري صحيح ڀاشا به هنن جي هٿ نٿي اچي.“

۽ چڱيءَ طرح واقف آهي. سڀاوڪ اهڙين ڀومڪي مشغولين هن جي ساهتڪ وچار ڌارا کي پرپاوت ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ وڏو رول ادا ڪيو ٿو ڏسجي.

”گاجرا صاحب جي انهيءَ ادبي ۽ تنقيدي وچار ڌارا جيئن هن جي ڪتاب جي سمالوچنا مان مون جاتو آهي يا ٻيءَ طرح هن سان گذريل پندرهن سالن کان منهنجو جيڪو واجهو ناتو پئي رهيو آهي تنهن مان اندازو لڳايو اٿم. مان هولند هيٺين پيش ڪريان. شري گاجرا هڪ روايت پرست نيتيوادي - سمالوچڪ آهي. پنهنجن ان قسم جي مڃتائن ۽ وشواس ۾ هو ڪافي حد تائين صاف ۽ سڌو، چٽو ۽ پڪو رهندو آيو آهي.

”ساهتڪ رچنائن جي ڪتابي سمالوچنا ڪندي هيل تائين سندس لکڻ موجب هو ١٠٠ کان وڌيڪ ڪتابي سمالوچنائون لکي چڪو آهي، جيڪو وڏو ڪارنامو آهي. پرک ۽ ڪٿ ۾ هو گهڻي قدر بي طرفدار ۽ بي باڪ آهي. يعني ادبي تنقيد ۾ هو شخصي لڳ لاڳاپي، مترتا ۽ اثر رسوخ کان آجو رهيو آهي. تنهن کانسواءِ ساهتيڪ رچنائن جي گهرائيءَ ۽ وستار سان ڇنڊ ڪرڻ ۽ وياکيا ڪرڻ جي هن ۾ فطري ڏات آهي، هن جي لکڻ جي شيلي ۽ لهجو، هن جو پنهنجو، سندس شخصيت جي ڇاپ ڏيکاريندڙ اصلوڪو آهي. هي سڀ خصوصيتون هن کي هڪ ڌيان ڇڪائيندڙ ادبي نقاد جي حيثيت بخشڻ لاءِ ڪافي آهن.

”مون چيو تہ پلديو گاجرا هڪ روايت پرست نيتي وادي سمالوچڪ آهي، تہ اها ڳالهہ مان ڪا اعتراض يا شڪايت طور ڪو نہ ٿو ڪريان. ڇو تہ هن کي يا ڪنهن بہ سمالوچڪ کي پنهنجن وشواسن ۽ مڃتائن رکڻ جو پورو حق آهي.

ڀارت ۾ اچي ٣٥ سال اڳ، اسان "ڀارتواسي" شروع ڪئي. اسانکي ڏسڻ ۾ آيو ته اسانجي سماجڪ ۽ ساهتيڪ کيتر ۾ پڻ ساڳئي قسم جي گراوٽ اچي رهي آهي. سچي شيوا، تياڳ ۽ قربانيءَ جي بدران، ڪيترا نامداري پبلڪ سيوڪ پيدا ٿيا آهن جي خوشامد، مشهوري ۽ غلط طريقن ذريعي اڳواڻي حاصل ڪرڻ جو يتن ڪري رهيا آهن. اهو ڏسي دل ۾ پيڙا ٿيڻ لڳي.

انهن حالتن هيٺ، منهنجي من ۾ هڪ ترپ پيدا ٿي ته ائڊيسن ۽ اسٽيلو جيان، آئون به هڪ ڪالپنڪ ڪردار جي ايجاد ڪريان، جنهنجي ذريعي سماج جـو انهن برائين ڏانهن ڌيـان ڇڪائڻ جو يتن ڪيو وڃـي، اِن تـرپ جي پيدائش هئي "نيٽونمل" جي شخصيت.

مون "نيٽونمل" جـي سري سـان هڪ سلسلو شروع ڪيو. سر راجر واري سلسلي جيان منهنجو مکيه هٿيار هو "طنز". اهوئي هٿيار جو ائڊيسن ۽ اسٽيل اپنايو هو. اهو سلسلو نهايت لوڪپريه ثابت ٿيو. هر هفتي پاٺڪ بلڪل ئي انتظاريءَ سان نهاريندا هئا ته هن هفتي نيٽونمل جي ڪهڙي دلچسپ عقلمنديءَ جي سرگرميءَ جو ورڻو ٿو اچي. اهو سلسلو پاٺڪن جي وندر جو هڪ وڏو ذريعو بڻجي پيو.

"سال گذري ويا. مون نيٽونمل کـي وساري ڇڏيو. هينئر جڏهن ڪن مترن جـي سهڪار مـاڻ سـان پنهنجا ڪي ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيم تڏهن متر وشنو ڀاٽيا زور رکيو ته نيٽونمل وارو سلسلو ضرور ڇپايو. هو وري وري پنهنجي حجت چوندو هو تـه توکي امـــر ڪندو تـه اهو نيٽونمل جو سلسلو جـي ڪتابي صورت ۾ آيو.

"مون کي امر بڻجڻ جي نه خواهش آهي ۽ نه آشا، پر

ٻلديو گاجرا - سماج سڌارڪ

شري ٻلديو گاجرا ”نيڻونمل“ نالي سان هڪ ڪتاب آگسٽ ١٩٨٤ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان کي ٻيو ڀاڱو ڪري سڏيائين. سيپٽمبر ١٩٨٧ ۾ ٻيو ڪتاب ڇپايائين ۽ ان کي نالو ڏنائين ”نيڻونمل“ ڀاڱو ٻهريون، پنهنجي ”ٻه اکر“ ۾ هن لکيو: ”نيڻونمل جي رچنا لاءِ پرڙڻا پٺيان هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي. ڪاليجي ڏينهن ۾، انگريزي ساهتيه جو ابياس ڪندي، هڪ ڪلپنڪ شخص جي دلچسپ ڪارنامن پڙهڻ جو موقعو مليو. ان ڪلپنڪ شخص جو نالو هو ”سر راجر ڊي ڪاورلي.“ ان هستيءَ جو خلقيندڙ هو، سترهين صديءَ جو پرسڌ انگريزي ساهتيڪار جان ائڊيسن.

”جان ائڊيسن جي زماني ۾ انگلنڊ جي سارونجنڪ ۽ سماجڪ جيون نهايت گراوٽ کي وڃي پهتي هئي. سماجڪ جيون ۾ توڙي ساهتيڪ جيون ۾ ”غلط ڳالهه کي صحيح ڪرڻ“ جي روايت چالو ٿي وئي هئي.

”ان گراوٽ کي ڏسي، ٻن انگريز ساهتيڪارن- ائڊيسن ۽ سٽيلو جي دلين کي ڌڪو آيو ۽ هنن ان گراوٽ کي روڪڻ لاءِ جهاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان جهاد لاءِ هنن ”سر راجر“ جي ڪلپنڪ ڪردار جي ايجاد ڪئي. هنجي عجيب غريب سرگرمين پيش ڪرڻ ذريعي، هنن سماجڪ گراوٽ جو چٽر ڪينچڻ جي رٿا رٿي. آلوچڪن جو چوڻ آهي ته سنڌن ان اوگهر ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪتو ته ساهتيڪ ۽ سماجڪ جيون ۾ جي ڪرسمون ۽ غلط روايتون گهسي آيون هيون، تن لاءِ عام جنتا ۾ گهرڻا جو احساس پيدا ٿيڻ لڳو.

جو پنهنجي اميج کي پروجيڪٽ ڪرڻ لاءِ، سستا هٿڪنڊا اپنائي ٿو. سندس بيان لڪڻا آهن، پر ٽڪڻا ڪونهن. گاجرا ٽيڪونمل جي ڪردار کي تضادي اسٿتين ۾ ٻه بيلينس بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪٿي ڪٿي مبالغي کان ڪم ورتل آهي، پر اهو منورنجڪ آهي.

گاجرا جو ٽيڪونمل ڪردار جي خلقڻ جو مقصد آهي، سماجڪ ۽ راڄنيتي جيون ۾ آيل هپوڪريسيءَ کي بي نقاب ڪرڻ، ڀرشٽاچار جي قلعي کولڻ ۽ بي اصوليءَ تان پردو هٽائڻ. گاجرا ٽيڪونمل جي ماڻهن سان واجب ۽ غير واجب پيدي وهنوار تي طنز ڪئي آهي. ٽيڪونمل ٻه سماجڪ نيمن جي آڌار تي پنهنجي وهنوار کي طئه ڪري ٿو ان مان آلم نرٽيم وٺي ٿو. ٽيڪونمل جو وڪاس ۽ سماج ڪارڻ ٿيو آهي. ان ڪري هن جي جيون ۾ جيڪو ڦلپڻو آيو آهي، ٻاهريون ڏيکاءُ آهي، اهو ٻه ڪيس سماجڪ ڏين ۾ مليل آهي. تنهن ڪري هو اڄ جي راڄنيتي سيپتا جو عيو ضيپڻو ڪري ٿو. هو ٽئن بنيادي طور ٽيڪونمل مانسڪ ويچار شيل ۽ ويڪ شيل آهي. پر اڄ جي حالتن ۾ ويچار شيلتا ۽ ويڪ شيلتا ۾ گراوٽ آئي آهي. ان اسٿتيءَ ۾ ٽيڪونمل ٻي ڪنهن طرح جو وهنوار ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

”’ساهت سماج جو آئينو آهي‘، ان اوائلي سڌانت جي مدنظر ڏسبو ته جهڙو سماج هوندو اهڙو ئي عڪس آئيني يا ساهت ۾ لهندو. ٽيڪونمل جي حق ۾ گاجرا اهو عڪس ڏنو آهي. مان جيڪر ان بيان ۾ ٿوري تبديل ڪندي چوان ته ساهت ليکڪ جي شخصيت جو آئينو آهي ته ٻه اُن ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. سرجڻ ذريعي ليکڪ پنهنجي ڌارڻائن، رخن، پسندن، ناپسندگين، سپنن ۽ ڪلپنائن کي

جيڪڏهن منهنجي اها رچنا سنڌي پاٺڪن لاءِ وندر ميسر ڪري ۽ ڪجهه اسانجي سماج سيوڪن جي وويڪ کي ڇهنبڙي وجهي ته مان پاڻ کي ڪرتارٿ سمجهندس."

ٽيڪونمل جي ٻنهي ڪتابن جو مهاڳ شري وشنو ڀاٽيا لکيو آهي. هي سچ لکي ٿو: "پاروتواسي ۽ بلديو گاجرا جو وجود هڪ ٻئي ۾ سمايل آهي. پاروتواسي نه هجي ها ته بلديو گاجرا نه هجي ها ۽ گاجرا نه هجي ها ته پاروتواسي نه هجي ها. گاجرا ۽ پاروتواسيءَ جو سنڌي ساهت ۽ جرنلزم ۾ انوکو ۽ اڻٽڪ يوگدان آهي. هڪ اڪيلي پترڪار جي سماجڪ ڪرسمن، ڀرشٽاچار، ڀائي ڀتيجاواد ۽ گندي راجنيتيءَ خلاف جهاد آهي. هو اڪيلي سر، سٺيءَ لاءِ ڪورون سان وڙهيو آهي، جيتوڻيڪ سندس ساٿي ڪرشن ڪونهي. پنهنجي سرجڻ ڪيمتا جي ٻل سان، هو بلديو بڻيو آهي. گاجرا جي ناياب قلم جو نتيجو آهي ٽيڪونمل.

"حالتن جو جائزو وٺبو ته مشهوري حاصل ڪرڻ، ڪرسي هٿ ڪرڻ لاءِ منترين ۽ نيتائن جي در تي جهڪيون گسائي اُنهن جي شان ۾ فائيو اسٽار هوٽلن ۾ پارٽيون ڏيڻ، لغڙي اخبارن ۾ پنهنجي شان ۾ قصيدا لکائڻ، بلاڪ ڇپائڻ، بي اصولي ۽ چمچاگيريءَ کي پنهنجي جيون جو اصول بڻائڻ- حالتون اڻ بدلجندڙ بڻيون آهن. ٽيڪونمل اڄ به Anthentic (ثابت - معتبر) آهي ۽ هن جي Validity (پرماڻڪتا) هئڻ جي جائزگيءَ ۾ شڪ نه ٿو آڻي سگهجي. ٽيڪونمل جي ڇاپ ذهن تي اَمٽ آهي.

".... ٽيڪونمل جي تخليق ۾ گاجرا وهنوارڪ منطق ٻڌي جو سهارو ورتو آهي. ٽيڪونمل جيتوڻيڪ ٻاهرين طور نڙڪائو ٿو لڳي، پر وهنوار ۾ سداچاري ۽ اخلاقي آهي،

وشو ساهت جي امر ڪردارن، بيربل، وتائي فقير، ملان نصرالدين، ڊان ڪئڪزوٽ سان گڏ، بلديو گاجرا جي ڪردار ٽيڪونمل کي بيهاري سگهجي ٿو. بيربل جهڙي حاضر جوابي، وتائي فقير جهڙي دانشمندي، ملان نصرالدين جهڙي طنز ۽ ڊان ڪئڪزوٽ جهڙي حماقت جو ٽيڪونمل ساکيات مجسم آهي. انهن جا ليکڪ ڀلي گمنام رهيا هجن، پر ڪردارن پنهنجن ڪارگذارين ذريعي نام ڪمايو آهي. ٽيڪونمل جو ليکڪ بلديو گاجرا به جيڪڏهن نام ڪمائيندو ته پنهنجي امر شخصيت ٽيڪونمل ذريعي ئي، جڏهن ساهت جا صحيح پارکو ان جو قدر ڪندا، جڏهن سنڌي ساهت ۾ انعام، پاسخاطريءَ سان نه، پر ميرٽ جي آڌار تي ڏنا ويندا.

”بلديو گاجرا ٽيڪونمل جو ڪردار Larger than life خلقيو آهي، جيڪو مري به اَمر ٿي ويو آهي. شو، جيئن ڀسماسر کي، ڪنهن کي ڀسم ڪرڻ جو شڪتيشالي ڪنگڻ ڏنو هو، جو هن کي شو کي سماپت ڪرڻ جو ساهس ٿيو هو ان طرح ٽيڪونمل جو ڪردار ايترو شڪتيشالي آهي جو بلديو گاجرا نه رهيو، پر ٽيڪونمل صدين تائين رهندو. صحيح ساهتڪ جا پارکو جڏهن به ٽيڪونمل جون منورنجن ڪارگذاريون پڙهندا تڏهن ان جي ليکڪ بلديو گاجرا کي ضرور ياد ڪندا.

ٻالڪ به جڏهن شري ٽيڪولمل جي وانچهو ويندا ته هن جي معصوميت ڀرين بيوقوفين کان ضرور متاثر ٿيندا. ڪل ڪل ۾ ٽيڪونمل گيان جا گفتا ڪين ضرور موهيندا.

بلديو گاجرا جي ڪويتا، يادگيرين، تنقيدن ۽ سنڌي سماج جي قافلي ۾ به پنهنجي اهميت رهي آهي، پر ساهت ۾ ٽيڪونمل جي يگاني ۽ بي مثل تخليق، بلديو گاجرا کي هميشه زنده رکندي. ٽيڪونمل جي ماڌيم سان سنڌي ساهت کي، گاجرا جيڪا اَمر دين ڏني آهي، اها سنڌي ساهت جي اَمر سوغات ٿي رهندي، اهو وشواس اٿم.

قلمبند ڪري ٿــو. مٿان ڳـاڃرا شاعري ڪندو آهي ۽ ٽيڱو نمل به ڪيترن موقعن تي شاعري ڪندو نظر اچي ٿو. جديد ساهتيڪارن طــرف ڳاڃرا جون رزرو يشنس آهن. ساڳيءَ طرح ٽيڱو نمل جون به آهن. راڄنيتي وهنوار ڪـي ڪٽي ڳاڃرا جا جي اخلاق، سداچار ۽ مرياداؤن آهن، ساڳيا اخلاق، سداچار، مرياداؤن ٽيڱو نمل جون به آهن.

”ڳاڃرا، ٽيڱو نمل ذريعي اڄ جي راڄنيتي جيون جو پڙاڏو پيش ڪيو آهي جنهن جي شرمناڪ گونج ذهن ۾ اٿي رهي آهي. گهٽنائن ۾ اُٽمت ۽ مزاج ۾ ٽانڪي عناصر آهن. ٽيڱو نمل جي گفتگوءَ ۾ وٽ، وسڙٻڙ ۽ ونڊر آهي. Humour (خوش طبعي) ۽ Satire (ٽوڪبازي- طنز) ذريعي ڳـاڃرا اڄ جي راڄنيتي اسٿتين کي اُجاگر ڪيو آهي. مذاق ۽ طنز جي وچ ۾ پتلي ريکا آهي جيڪا ڪين جوڙي ٿي يا الڳ ڪري ٿي. مذاقي چوٽين، طنزي گفتگو جـي آڌار تـي ٽيڱو نمل پلو، حليم ۽ نرم دل وارو ثابت ٿيو آهي. سندس سادگيءَ وارا بيان حماقت وارا ثابت ٿين ٿـا، يا بيوقوفيءَ ڀريون ڳالهيون، سياست جي ورقن سان سجايل آهن. هو هلت ۾ دنيادار ۽ وهنوارڪ آهي. پارو فقط پنهنجي حق ۽ فائدي ۾ اُچلي ٿو. هن جون چالاڪيون ٻال سلڀ آهن، جيڪي ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪن ٿيون.

ٽيڱو نمل جي جيون جون جدا جدا جهلڪيون هن جي ليلائن جو ميدان آهـن. پاٺڪ درشڪن جيان واهــ واهــ ڪندي ٿاڙيون وڄائين ٿا. ٽيڱو نمل جي هرهڪ ليلا شروع کان آخـر تائين پاٺڪ جي رچي قائم رکي ٿـــي. سندس حرڪتون دلفريب آهـن. پڙهندي پڙهندي ٽهڪ نڪري ويندو. هن جون ليلائون پاٺڪن جي منورنجن لاءِ گهڙيل آهن.

سڙا آهن: استوما سدگميه، وِشنو جن ٿو تيني ڪهيئي، نربل کي ٻل رام، هري تو مارگ ڇي شورا نو، جت ڪمت وسيئن ٻه ٽون، ليڊ ڪائنڊلي لائيٽ. اهي پڻ پنهنجي پر گانڌيجيءَ جي اصولن تي خاصي روشني وجهن ٿا.

ٻئي ڀاڱي ۾ گمنام جي قلم مان "جيون گاٿا" ڪوتا ۾ ڏنل آهي. جيون گاٿا جي جهلڪ جا هن ريت آهي:

جڏهن ڀيرت تي ڀارت ماتا ٻاڏائي ڪئي فرياد
۽ گيتا ۾ ٻڌايل قول ڪرشن ڪي ڏياريو ياد
تڏهن آيو وري اوتار موهن جو ڪري ڌارڻ
آزادي ڪال ڪان ٻريو ڏنل پنهنجي وچن ڪارڻ
سنڀاڻي فوج تنهن نياري، انوکي ستيه آگرهين جي
اهنسڪ وير، سنڌڪ، برق، ٻالڪ ۽ ٻچا زالن جي
ٻڍائي مرد مٽيءَ مان تنهي ۾ جان ڦوڪيائين
وهايو خون پيل پنهنجو، وهائڻ ٻين جو روڪيائين.

هن ڀاڱي ۾ ٻاپوجيءَ جي جيون جون مکيه منزلون - ٢ آڪٽوبر ١٨٦٩ تي پور بندر ۾ جنم کان وٺي ٣٠ جنوري ١٩٤٨ تي شهادت تائين ڏنل آهن. اهي منزلون، گانڌيجيءَ جي جيون جي مکيه واقعن سان ۽ ڪارنامن جي تاريخ ۽ سال تي سلسليوار روشني وجهن ٿيون.

ٽئين ڀاڱي ۾ هڪ سؤ صفحن ۾ ٻاپوجيءَ جي سنکيپ جيون چرتر ڏنل آهي. مهاڳ ۾ جيون چرتر جي سلسلي ۾ لکيل آهي: هن گرنٿ جي رٿا رٿيندي من ۾ اها اڇا هئي ته ان ۾ مهاتما گانڌيءَ جي جيون جا محض واقعا ۽ حقيقتون درج نه ڪجن، مگر انهن واقعن ۽ حقيقتن ۾ جا معنيٰ ڀريل آهي ان کي به کولي ڏيکارڻ جو يتن ڪجي يعني ته گانڌيءَ جو جيون ڪيئن ٺهيو گهڙيو، سندس من

ٻلديو گاجرا - پرڪاشڪ

گانڌي گرنٿ

گانڌي شتابدي سال ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ شاندار ۽ اوچي درجي جو پستڪ ”گانڌي گرنٿ“ نالي سان نڪري نروار ٿيو. گرنٿ جو سمپادڪ شري ٻلديو گاجرا آهي. اهو گرنٿ جنوري ١٩٧٠ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو.

ڀارتواسيءَ جي ١٥ فيبروري ١٩٧٠ واري پرچي ۾ ”گانڌي گرنٿ“ جي سلسلي ۾ هن ٻندي (موٽيرام ايس. رامواڻي) جو ڇپيل ليک گرنٿ تي خاصي روشني وجهي ٿو:

”شري ٻلديو گاجرا لک لهي جو اهڙو سڀاڳو خيال دماغ ۾ آڻي سگهيو ته مهاتما گانڌيءَ جي شتابدي واري ورهيه ۾ سنڌي جاتيءَ کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ هڪ وڏو ”گانڌي پرچو“ ڏجي، **گانڌي گرنٿ** نالي جو سنڌي ساهت ۾ هڪ عمدي ۽ خاصي جاءِ وٺي.

گرنٿ جي مهاڳ ۾ ڄاڻايل آهي ته ”گانڌي شتابدي ورش ۾ ڀارت جي جدا جدا ڀاشائن ۾ ۽ پڻ ڪيترن ئي پرڏيهي ٻولين ۾ پوڄنيه مهاتما گانڌيءَ جي جيون، سنديس ڪارج ۽ سکيائن نسبت ڪيترائي اعليٰ ۽ معياري پستڪ شايع ٿيا آهن. سنڌي ڀاشا ۾ پڻ اهڙو هڪ اونچي معيار وارو گرنٿ نڪري اهڙي چاهنا رکڻ سڀاوڪ هو ۽ ان چاهنا جي ڦل سروپ هي گانڌي گرنٿ اڄ پاٺڪن جي هٿ ۾ آهي.“

گانڌي گرنٿ ستن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ ڇهه پرارٿنا جا ڀڄن آهن، جي آشرم ڀڄناوليءَ مان چونڊ ڪيل آهن. اهي ڀڄن باپوءَ جي لاءِ پريه هئا. انهن ڀڄنن جا

پنجين ڀاڱي ۾، گانڌيجيءَ جي سنڌ ۾ دؤرن جو احوال آهي. مهاتما گانڌيءَ ديس جو ڏن ڪيو هو. سنڌ ۾ ست دفعا آيو. ١٩١٦، ١٩١٧، ١٩٢٠، ١٩٢١، ١٩٢٩، ١٩٣١ ۽ ١٩٣٤ ۾. گرنٿ ۾ لکيو آهي: انهن ستن دؤرن جا پورا سنڌوارا ۽ تفصيلوار ورتانت ته ملڻ مشڪل آهن، مگر جيڪي ڪجهه حقيقتون جدا جدا پستڪن ذريعي هٿ ٿي سگهيون آهن سي درج ڪيون ويون آهن.“ انهين چئجي ته وسارئل ورقن کي وري جيئارڻ ۾ کوج کان ڪم ورتو ويو آهي ۽ ريسرچ ڪئي وئي آهي. سنڌين لاءِ اهو احوال دلچسپ آهي.

مهاتما گانڌي، سنڌ جي پهرئين دوري ٽاڻ پرسن ٿي موٽيو. ممبئيءَ ۾ اچي هڪ عيوضيءَ کي چيائين ته ”سنڌ ۾ زبردست راشٽر ڀاونا ڏسڻ ۾ آئي، خود ممبئيءَ کان به سرس!“ گانڌيجيءَ سنڌ ۾ چوٿين دؤري بابت لکيو هو: ”سنڌ ۾ گهڻو ڪجهه ڏسڻ جو آشاجنڪ آهي. سنڌ ۾ اهو سڀڪجهه موجود آهي، جو ٻين پرانتن ۾ آهي. سنڌ چاهي ته ملڪ جي اڳواڻي ڪري سگهي ٿي.“

ڇهين ڀاڱي ۾، سنڌي شاعرن جي قلمن مان، مهاتما گانڌيءَ کي جا شردانجلي ڏني وئي آهي، سا درج ڪئي وئي آهي. ڏهه شاعراڻيون رچنائون ڏنل آهن. اهي آهن: ”تنهنجي آئت جو آواز“ هوندراج ’دکايل‘، ”مهاتما ۽ شودر“ رام پنجواڻي، ”سابرمتيءَ جو سنت“ ڪشنچند ’بيوس‘، ”لوڪي ٿي دل پڪاري“ گوورڌن مهبوباڻي، ”گانڌي پيارو“ گوورڌن مهبوباڻي، ”هند جو هيرو“ ڪيئلداس بيگواڻي ’فاني‘، ”ديش پتا جي چرڻن ۾“ گوبند ايل. پاڻيه، ”باپو“ لکميچند ’پريم‘، ”ڪري ياد لوڪي“ پرسرام روهڙا ’نماڻو‘، ”گانڌي“ موتيلال جوتواڻي.

ڪهڙي دستور پٽي جڙندو رهيو، ڪهڙيءَ ٻاپو ٻارڻي پراچين اهنسا جي سدانت ۾ جنهنجو اسانجي ديس جي ڪن مهان پائن، پگن ڪان وڪتي گت روپ ۾ ظلم ۽ ناحق جي مقابلي ڪرڻ لاءِ اُپيوگ ڪيو آهي تنهنجو سموهي روپ ۾ شاهي پٽماني تي اپيوگ ڪرڻ لاءِ اهنسڪ اسهڪار جي هٿيار جي ڪلپنا ڪئي، ڪيئن ان کي نپي تاهي ان جا ڪامياب تجربا ڪيائين ۽ ڪيئن آخر اُن هٿيار ذريعي ديش کي ان سلطنت جي غلاميءَ مان نجات ڪري ڏنائين. جنهن جي لاءِ چوٽي هئي ته اُنس سڄ ڪڏهن لهيئي نٿو- انهن ٻنهي ڳالهين جو اليک ڪجي، اهو اليک مهاتما گانڌيءَ جي زبانين ۽ گفتن ۾ ٻهترين نمونـي ۾ درج ٿيل ملندو. ان ڪري ئـي مهاتما جـي جيون ڪهاڻي جــي دوران ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي مهاتما جي انيڪ لکڻين ۽ تقريرن منجهان موزون حـوالا ڏنا آهن.

”مهاتما گانڌيءَ جـي جيون ڪهاڻيءَ کي ڀارت جي آزادگيءَ جي سنگرام کي الـڳ ڪري نٿو سگهجي. ديش جي آزاديءَ جي عمارت جـو هوُ مرڪزي معمار هو. ان ڪري سياوڪ آزاديءَ جي پـد جي جدا جدا منزلن جو بيان جيان ٿيان وستار سان ڏنو ويو آهي.“

چوٿين ڀـاڱي ۾، مهاتما گانڌيءَ جـا وچار سندس ئي شبدن ۾ ڏنل آهن. اهي وچار هيٺين وشين تي ڏنل آهن: (١) ڌرم (٢) ايشور (٣) پـرارٿنا (٤) ستيہ ۽ اهنسا (٥) ڳوت ۽ ڇو ڇاٽـا (٦) مشينري (٧) ارٿ شاستر (٨) آرٿڪ سمانتا (٩) اُديش ۽ طريقا (١٠) راشٽرواد (١١) لوڪ راجيہ (١٢) ستياگرهہ (١٣) سماجواد (١٤) لـوڪ سيوڪ سنگهہ (١٥) ٻغاوت جو الهاسڪ ڪيس (١٦) مهاتما جو ڪورٽ اڳيان بيان.

جواهر گاٿا

”جواهر گاٿا“ ڊسمبر ١٩٨٩ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. اهو گرنٿ ١١x٩ سائيز ۾ بلڪل اوچي پني تـي ڇپيل ۽ ٦٤ صفحن ۾ آهي ۽ ٨ صفحا انگريزيءَ ۾ به آهن. گرنٿ نهايت سهڻو ۽ ناهوڪو آهي. هرهڪ صفحي جي وچ ۾ جواهرلال نهرو جي جدا جدا ”موڊ“ وارو بلاڪ ۽ بارڊر پيءَ مس ۾ ڇپيل آهي.

شري ٻلديو گاجرا پنهنجي ”سمپادڪيه“ ۾ لـکيو آهي: ڀارت جي آزاديءَ جو سپهه سالار مهاتما گانڌي هو، مگر سنڌس ليفٽننٽ سيڪنڊ - ان - ڪمانڊ لاشڪ پنڊت جواهرلال نهرو هو. مهاتما گانڌيءَ جڏهن ١٩٣٩ ۾ شخصي ستياگره شروع ڪيو تڏهـن سنت ونوبـا ڀاوي کي هـن پنهنجي روحاني عيوضيءَ جـي حيثيت ۾ پهريون نمبر ستياگرهي ڪري چونڊيـو ۽ پنڊت جواهرلال کـي پنهنجي سياسي عيوضي طور ٻيو نمبر عطا ڪيائين. باپوءَ هڪ دفعي چيو ته جواهرلال نهرو منهنجو راڄنيتي جاءِ نشين ٿيندو؛ ڀارت جو آئينده سنڌس هٿن ۾ سلامت آهي.

مهاتما گانڌي جڏهن سرڳواس ٿيـو تڏهن اسان گانڌي گرنٿ ڪڍيو هو. پنڊت نهروءَ جـي سرڳـه ڏانهن سڌارڻ وقت اسان خاص نهرو پرچو ڪڍيو. هاڻ جڏهن ديس نهرو جنم شتابدي ملهائي رهيو آهي، تـڏهن دل اُڇـل کاڌي ۽ جواهر گاٿا ڪڍڻ جو ويچار من ۾ آيو. بيمار استري ٿي هوندي به ان لالسا کي روڪـي نـه سگهيم. هـي گـاٿـا ڇپجندي هڪ اهڙو موقعو پيش آيو جو ڀانيم ته موڪلائي ٿـو وڃان. مگر ايشور واپس موڪليو. شايد ان لاءِ ته اڃا مون لاءِ ڪجهه ڪم رکيل آهي.

ستين ڀاڱي جو سرو آهي: ”سنڌين سان سمپرڪ“. انهيءَ ڀاڱي جو هڪ حصو آهي سنڌين جا مسئلا. 1919 ۾ ”ينگ انڊيا“ هفتيوار اخبار جاري ٿي. جنهن بعد ”هريجن“ هستيءَ ۾ آئي. ”ينگ انڊيا“ ۽ ”هريجن“ واري دور ۾ جي سنڌ ۽ سنڌين جا مسئلا پيدا ٿيا هئا، تن کي گانڌيجيءَ انهن اخبارن ۾ ليک لکيا هئا. انهن ليکن جي کوج ڪري گرنٿ ۾ ڏنا ويا آهن. اُهي سنڌ جا مسئلا هئا: پوليس جي ظلم خلاف آواز، بي سلامتيءَ جو دور، سنڌ جا فساد، حرن جو مسئلو، پاڪستان ڪانپوءِ، متفرقا: ستيارٿ پرڪاش، ڦڏڪا ۽ هڪ ديويءَ سان سختي.

هن ڀاڱي جي ٻئي حصي ۾ سنڌ جي ٻرک شخصيتن سان گانڌيجيءَ جو، جو سمپرڪ ٿيو ان جو احوال ڏنو ويو آهي. انهيءَ احوال دوران مهاتما گانڌيءَ سان سنڌين جي لهه وچڙهه تي خاصي روشني ٿي پوي.

اٺين ڀاڱي ۾، شرڌا جا قول ڏنل آهن. نامور هستين گانڌيجيءَ جي جيون تي جي شرڌا جا قول چاڙهيا آهن، انهن جي خاصي چونڊ هن گرنٿ ۾ شامل ڪئي وئي آهي. اها چونڊ هن رت آهي: ”نرالي جوت“- جواهرلعل نهرو، ”مهان شڪشڪ“- سروپلي راڌاڪرشنن، ”ستيہ اچي ڪڙو ٿيو“- ڪوي ٽئگور، ”شڪتيءَ جو راز“- سروجني نئڊو، ”جڏهن همت ساڙهندو“- لوڪمانيہ ٽلڪ، ”ورن ۾ ور“- گوپال ڪرشن گوکلي، ”وڏي ۾ وڏي دين“- خان عبدالغفار خان، ”انسان جي وچ ۾ سلطان“- جنرل سمٽس، ”ديا جو اوتار“- سادو واسواڻي، ”پيو ڪرسٽ“- پرل بڪ، ”سماجڪ هٿيار“- ڊاڪٽر مارٽن ليوٿر ڪنگ، ماڻهو اعتبار نہ ڪندا“- آلبرٽ آئنسٽن.

ٽيرٿ سڀاڻي جواهرلال جي وگيانڪ روشنيءَ تي مضمون وديارٿين لاءِ سامگري ميسر ڪن ٿا.

شري ٻلديو پنهنجي مضمون ۾ ”آزاديءَ جي آندولن“ ۾ جواهرلال جي رهبري ۽ يوگدان تي دل اُٿاريندڙ ورتانت ڏنو آهي جنهن مان نئين پيڙهيءَ کي حب الوطنيءَ جي پريرڻا ملندي. جواهرلال عالمي امن جو ستارو هو. سلطنت شاهي، نازي واد ۽ فاسزم جي خلاف ٻه هن زبردست آواز اُٿاريو. ڊڪٽيٽرن کي ڪڙڪ جواب ڏيڻ ۽ ننديڻ ۾ ٻه هو ڪونه هٻڪيو، ان اتهاسڪ گهٽنا جو ذڪر آهي ڊاڪٽر چگومل پنجابيءَ جي ليک ۾. سنڌين سان جواهرلال جو نينهن ناتو هو.

سنڌ جون ۽ ورهاڱي بعد سنڌين سان جواهرلال جيڪي پال پلايا انهن جو وستار سان ورڻن ڪيل آهي، شري ٿانور خوبچنداڻيءَ جي مضمون ۾. شري پرسو ڪيولراماڻي شري هيرو شراف، شري آسنداس خوشالداس، شري سڳنومل ناٿومل پرماڻي ۽ ڪنهيو ناگپال سنڌ ۾ شري نهروءَ جي ياترا جا تاثرات دلچسپ نوع ۾ پيش ڪيا آهن ۽ شخصي گڏجاڻين ۾ شري نهرو جي شفقت ۽ اُدارتا جي جهلڪي ڏنل آهي. ٻرک اديب شري گوبند مالهيءَ پنهنجي مضمون ۾ ”جواهرلال نهرو- شڪرانن جو حقدار“ ۾ قدردان ۽ احسانمند سنڌين ۽ ديشواسين ۽ امن پسند دنيا جي دلين ۽ جذبات جي عالماڻي نوع ۾ ترجماني ڪئي آهي.

گرنٿ جي پڇاڙيءَ ۾ گرنٿ جو بهترين مضمون شري موتيرام ايس. رامواڻيءَ جو ”جواهرلال جي ٻهومکي جيون جون جنم کان وٺي ڀارت جي آزاديءَ تائين جهلڪون“ جڻ گاگر ۾ ساگر سمايل آهي.

شري ٽهلرام آزاد، "هندواسي" ۽ "جواهر گاٿا" گرنٿ جي سمالوچنا ڪندي هن ريت لکيو آهي: "شري ٻلديو گاجرا، مهاتما گانڌيءَ ۽ جواهرلال نهروءَ جو شردالو آهي. هيءُ گرنٿ ديش دلاري جواهرلال نهرو کي ليکڪ جي "انوپم شردانجلي" آهي. ٻرڌ اوستا ۾ اکين جي گهٽ روشنيءَ ۽ سرير جي باوجود بيماريءَ جي بستري تان هن گرنٿ جي رچنا ڪري شري ٻلديو لاثاني ۽ لاجواب ڪارج نڀايو آهي. ڪوُر پيج تي جواهرلال جا جدا جدا "موڊس" جا چٽر گرنٿ جو آڪرشڻ پيدا ڪري رهيا آهن.

ٻهرين صفحي تي ان ڪوتا ڪانپوءِ شري موٽيرام رامواڻي سان جواهرلال جو چٽر سنڌ جون پراڻيون يادگيريون تازيون ٿو ڪري.

سنڌي ڄاڻيءَ جي ٻرک ساهتڪارن ۽ ٻين جا مضمون ۽ تاثرات هن گرنٿ ۾ درج ڪيل آهن جن جو انتخاب ٻهترين رهيو آهي. انهن ۾ جواهرلال جي بينظير شخصيت جا گوناگون پهلو ڏنل آهن. گمنام جي ڪوتا (جنم شتابدي) ۽ پنڊت جواهرلال جا سنڪم (روسي شاعرا مٽيلم ڪيمپي جي ڪوتا جو سنڌي انواد)، ڊاڪٽر شاد جي ڪاوي رچنا "جواهرلال جي جيون جي جهانڪي مخصوص انداز ۾ پيش ڪيل آهي. هندي ڪوي رام منوهر ترپاٺي جي "هڪوار وري اڄ هماليه روئي ٿو" هندي ڪوتا کي ڪمل "پياسي" سنڌي جامو پهرايو آهي.

راشٽر ڪوي ۽ گائڪ دادا "دڪايل" جي ڪوتا "آخرين سفر" ڪانسواءِ گوتم شڪارپوري ۽ سرڳواسي ڊاڪٽر اندرام مهرچنداڻي جون رچنائون قابل ذڪر آهن. مضمونن واري ڀاڱي ۾ سندس ايسراڻيءَ جواهر جي ٻهومکي شخصيت، دادا

ڪاميٽيءَ تي مان به ڪنهن وقت هوس ۽ ان ڪري مان ميٽنگ ۾ حاضر هوس. پروفيسر "شاد" اڃا ان ٽئين ڪاميٽيءَ تي ڪونه هو. جڏهن اهو سوال ڪاميٽيءَ اڳيان آيو تڏهن ڪاميٽيءَ جي چيئرمين شري ڪرشن ڪانت پنت مون کان پڇيو ته تون اها جوابداري کڻڻ لاءِ تيار آهين. مون يڪدم "ها" ۾ جواب ڏنو. ڪاميٽيءَ يڪراءِ ٺهراءُ ڪيو ته شري ٻلديو گاجرا اهڙو ڪتاب تيار ڪري ته ڊائريڪٽوريٽ جي پرڪاشڪن کي مدد جي رٿا هيٺ ڪيس سهائتا ڏني ويندي.

هڪ دفعو جوابداري هموار ڪيم ته ننڊ ڦٽي پيئي. ڪارڻ اتاهون وقت ٿورو. چاهنا هئي ته ڪانگريس جي شتابديءَ جي موقعي تي اهو گرنٿ تيار ڪيو وڃي. مصالحو بلڪل ٿورو. پراڻين اخبارن جا فائيل عدم موجود سنڌيءَ ۾ اتهاسڪ ساهتيه محدود. اخبارن ۾ ور ور اپيل ڪرڻ تي به مترن جي موٽ خاص همٿائيندڙ ڪانه. وڏي ۾ وڏي مشڪلات اها جو شري وليچا جهڙو ساٿي ڪونه رهيو جو لائبررين ۾ وڃي اڀياس ڪري مصالحو آڻي ڏئي جيئن اڳ "گانڌي گرنٿ" تيار ڪرڻ وقت آڻي ڏنائين.

خوش نصيبيءَ، ڪن مترن هن وشيه جي باري ۾ اڳـ ڪجهه ڪوششون ڪيون آهن. راشٽروادي چيتانند جا لکيل ٽي ڇپيل ڪتاب، شري قيمت هرسنگهاڻيءَ جو ڪتاب "گورو مٽي سمپدا کي ڏني سنڌي"، سرڳواسي ميتارام ڪلناڻيءَ جي رچنا "آزاديءَ لاءِ آندولن" ۽ شري موتيرام ايس. راموآڻي جو "رتن جوت". انهن مان چڱي سهائتا ملڻ جي اميد هئي ۽ واقعي مدد ملي.

شري ميتارام جي ڪتاب "آزاديءَ لاءِ آندولن" جي

ٻلديو گاجرا - اِنواسڪار

آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو

"آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو" گرنٿ شري ٻلديو لکي ۽ ڇپايو، اهو ڪارڄ ڊسمبر ١٩٨٥ ۾ ٿيو. اهو گرنٿ انڊين نيشنل ڪانگريس جي شتابديءَ جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو.

شري ٻلديو گاجرا، پنهنجي "ٻه اکر" ۾ هن ريت لکيو آهي:

"هن گرنٿ تيار ڪرڻ جي يوجنا ويهه سال اڳ سورڳيه چوئٿرام واليچا ۽ منهنجي دماغ ۾ آئي. شري واليچا، ان باري ۾ کوجنا ڪئي. ڪي باب "ڀارتواسي" ۾ ڪن خاص پرچن ۾ به شايع ٿيا. پر پوءِ ڪيترين ٻين مشغولين ڪارڻ ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. وقت گذرندي پرم متر واليچا جو به ديهانت ٿي ويو ۽ ڇڻجي ته اها يوجنا رهجي ويئي سا رهجي ويئي.

اوچتو هڪ ڏينهن متر ارجن "شاد" (ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي، جيڪو هند ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ۽ پوءِ بمبئي يونيورسٽيءَ جو ريڊر) ٻڌايو ته هن هند سرڪار جي هندي ڊائريڪٽوريٽ جي ماتحت جا سنڌي صلاحڪار ڪاميٽي آهي تنهن کي هڪ رٿ موڪلي آهي ته آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌين جي يوگدان بابت هڪ گرنٿ تيار ڪرائڻ گهرجي ۽ اهو ڪارڄ شري ٻلديو گاجرا کي سپرد ڪجي.

٦ جون ١٩٨٥ تي دهليءَ ۾ سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ ميٽنگ جي ايجنڊا ۾ اهو سوال درج ڪيو ويو هو. تنهن

”آزادي جي ڏس ۾ سنڌ جو ڀاڱو“ ڪتاب جي باري ۾ ڪن چونڊ سڄڻن جا رايا هن ريت آهن:

شري هوندراج دکايل: هي پستڪ لکي ۽ پڌرو ڪري، سوتنترتا سنگرامي شري ٻلديو تاراچند گاجرا، سنڌي سماج سان گڏ ديس جي وڏي سيوا ڪئي آهي.

پروفيسر رام پنجواڻي: جيڪي ان اتهاس لکندي سنڌين جي قربانين جو ذڪر ڪيو آهي، اهو ڪيترا دفعا پڙهي منهنجي دل ڀرجي آئي. اسان سنڌين هن قوم ڏس ۾ جو ڀاڱو ورتو آهي، اهو پڙهي منهنجو ڳاٽ فخر وچان اوچو ٿي ويو.

شري سنمکه ايسراڻي: مون کي ائين چوڻ ۾ هٻڪ نٿي ٿي ته تو هڪ معجزو ڪري ڏيکاريو. مان مبارڪ ٿو ڏيان. گرنٿ ۾ ڏنل احوال هڪ اتهاس آهي. اهو هرڪنهن لاءِ سکيادائڪ آهي. سنڌي سماج جي نئين پيڙهي پنهنجي وڏن جي يوگدان جا ورتانت پڙهي فخر ونندي.

شري موتيرام راماڻي: آزاديءَ جي ڏس ۾ سنڌ جو هڪ شاندار گرنٿ آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي هڪ سونهري باب جو وستار جو ورڻن ٿيل آهي. شري ٻلديو گاجرا، اتاهه ڪم ۽ ٿوري وقت ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري چمتڪاري ڪارج راس ڪيو آهي، تنهن لاءِ ڪيترو ن لهڻي.

شري گوبند مالهي: مان هن ڪتاب کي واقعي اهم پستڪ ٿو مڃان. ڪٿي به، ڪڏهن به ڀارت جي آزادي آندولن ۾ سنڌ جي فخر لائق ڀاڱي جو سربستو احوال ميسر ٿي نه مليو آهي ۽ ان ڀاڱي کي، سنڌ کان ٻاهر رهندي بيان ڪرڻ مشڪل ڪارڻ محدود وقت اندر سرانجام ڪيو آهي تنهن لاءِ لاشڪ هو مبارڪن جو مستحق آهي.

مهاڳ ۾ شري جيرامداس دولترام جو هڪ جملو هو: ”شل اهڙو ڪو ليکڪ نڪري، جو ڀارت جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سنڌ جي ڀاڱي جو سمورو اتهاس لکي.“ مان ڀاڻ ڪي ڀاڳوان سمجهڻ لڳس جو سنڌ جي سورهيه مهان نيتا جي چاهنا پوري ڪرڻ لاءِ وڌايا مونکي چونڊيو.

هي گرنٿ، ٢٢ ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جي آهن: آزاديءَ جي ڪهاڻي (شعر)، سنڌ جو شاندار اتهاسڪ ورثو، ١٨٥٧ وارو بلوو، ٽئين جاڳرتا، ڪانگريس جو جنم، گرم ڌر جو اُسرڻ، بنگال جو ورهاڱو، سوديشي هلچل ۾ سنڌ جو رول، ڀرتن راجنيتي ڪانفرنس، ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس اجلاس، جليانوالا ڪوس، امرتسر ڪانگريس، ڏور ديشن ۾ انقلابي سرگرميون، اوائلي راجنيتي ڪيس، اسهڪار هلچل، لوڻ ستياگرهه، سول نافرماني تحرڪ، ڀارت ڇوڙو آندولن، ساموندي فوج جي بغاوت، آزاد هند فوج، گوا ستياگرهه ۽ سماپتي.

گرنٿ ۾ ڇهه ضميما ڏنل آهن. پهرين ۾ ٨ آگسٽ ١٩٤٢ تي بمبئي ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ميڙ ”ڀارت ڇڏي وڃو“ واري ٺهراءَ جي پاس ٿيڻ بعد مهاتما گانڌيءَ جي ڪيل ڀاشڻ جو اختصار.

ضميمو ٻيون ۾، انگريزن جي هندستان ڇڏڻ ۽ ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ٺهراءُ وارڌا ۾ ١٩٤٢ تي پاس ڪيل ۽ بمبئي ۾ ٨ آگسٽ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ۾ بحال ڪيل - ”ڀارت ڇڏي وڃو“ وارو ٺهراءُ.

ضميمو ٽيون، ڪانگريس ڪم ڪندڙن لاءِ هدايتون.

ضميمو چوٿون، آزاديءَ جو پرتگيا پتر.

ضميمو پنجون، مهاتما گانڌيءَ جي هدايتن جو چٽو.

ضميمو ڇهون، سنڌيءَ ۾ قومي ڪتاب.

ڀاڱو ٻيون

رچنائون

شري ڀيرت سپاڻي: شري ٻلديو گاجرا، جيڪا ڏکي جوابداري پاڻ تي هموار ڪئي، سا هن ايڪ پستڪ، سرڪاري دستاويزن ۽ ليکن جي اڀياس ڪري، لاثاني نموني نباهي آهي جنهن لاءِ ڌنيواد جو اڌڪاري آهي.

شري آسنداس خوشالداس، دهلي: تو بيشڪ ڪرشمو ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن لاءِ تو لک ٻار ڪيرون لهڻيون. هي پستڪ سنڌي جاتيءَ لاءِ ڀارت جي آزادي آندولن جي آتم ڪٿا آهي.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي: هي ڪتاب اڳتي هلي، هڪ سنڌ جو ڪم ڏيندو.

شري آسودومل ٻولچند دهلي: اوهان، هن الهاسي ورقن ۾ ڀارت جي نيتائن جي قربانين سان سنڌ جي نيتائن ۽ سنڌي سپوتن، ڀارت جي آزاديءَ ۾ جو ڀارت ادا ڪيو آهي، ان جو جيڪو نه ٿوري ۾ ورڻن ڪيو آهي سو پڙهي هر هڪ سنڌيءَ جو ڳاٽ اوچو ٿيندو.

هي گرنٿ انگريزيءَ ۾ پڻ ڇپيو آهي. ان جي رٿا سنڌي ڪتاب کان ٻي آهي. غير سنڌين جن هي ڪتاب پڙهيو آهي، سي اچرج کائي رهيا آهن ته سنڌين هن ڀارت جو آزادي يڌ ۾ يوگدان ڏنو آهي تنهن جي اساڪي ڄاڻ ڪانه هئي.

اوڙيسا جي اڳيئن مکيه منتري، سرڳواسي ڊاڪٽر هري ڪرشن مهتاب لکيو: ”تو نه فقط سنڌ جي يوگدان جو اليکو ڪيو آهي، پر ڀارت جي آزاديءَ جي يڌ جي معنيٰ ۽ مقصد سمجهايو آهي.“

شري ايم. وي. ڪامٿ نامور ڪالمسٽ لکيو: ”اڄ کان ويهه سال پوءِ، ماڻهو تنهنجي ڪتاب جي ڳولها ڪندا.“

ڳالهه هيئن آهي ته جيڪب آباد ۾ رهيل هندن وٽان کي شڪايتون آيون جن جي جاچ ڪرڻ لاءِ جيڪب آباد ويس. اُتان رات جو ۱۲ بجي ڪوئيٽا ميل ۾ واپس شڪارپور موٽي رهيو هوس. جيڪب آباد کان شڪارپور ٽائين ميل گاڏي سوا ڪي ڏيڍ ڪلاڪ وٺندي هئي ۽ رستي تي ڪنهن به اسٽيشن تي ڪونه بيهندي هئي.

آءٌ جيڪب آباد ۾ ان گاڏيءَ ۾ چڙهيس جو سڄو پٺاڻن سان ڀريل هو. هڪڙو ئي ٻيو هندو، مسلمانڪي ڊريس ۾ ملبوس؛ پيڙ ڏاڙهي هئي سو چڙهي دريءَ وٽ ٿي بيٺو رهيس.

اوچتو ڪن تي آواز پيو. ”هي ڪافر هتي ڇو بيٺو آهي، دريءَ مان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪريوس.“ تن ڏينهن هندن کي ريل گاڏيءَ مان ٻاهر ڦٽي ڪرڻ جا واقعا روزانو ٿيندا ٿي هئا. مون چيو: موت اچي ويو، هاڻ بچڻ ڪونهي.

پر دل نه هاريم. چيم گانڌيءَ جي اهنسا جي هٿيار آزمائڻ جو موقعو اچي ويو آهي. من ۾ نه ڊنس، نه هراس ۾ آيس. بلڪل سنجيدگيءَ ۽ ڌيرج سان پٺاڻن ڏانهن منهن ڪري مون چيم:

”ڪنهن کي ٿا دريءَ مان ڦٽو ڪريو؟“

”توکي! تون ئي ته ڪافر آهين نه. پر ٻڌاءِ ته تو سمجهيو ڪيئن؟“

”اوهان پارسي زبان ۾ ڳالهايو ۽ ڪاليج ۾ مون پارسي پڙهي هئي، انڪري سمجهي ويس. هاڻ ٻڌايو ته مون کان ڪهڙو قصور ٿيو آهي جو مونکي دريءَ کان ڦٽو ٿا ڪريو.“

”تون هندو آهين، انڪري.“

١- جڏهن پڻهن جي گوليءَ مان بچي نڪتس

پاڪستان بڻجي چڪو هو. ديش جي ورهاڱي ڪارڻ سنڌ مان گهڻا هندو هندستان هليا آيا هئا. منهنجي دماغ ۾ اها چرپر ائي وٺي هئي ته، آءٌ سنڌ ۾ رهي سنڌ جي هندن جي سيوا ڪندس. اهو مقصد پورو ٿي ڪونه سگهيو، ماڳهين سنڌ سرڪار مونکي ٿي جيل ۾ وڌو. آءٌ جيل ۾ رهي پنهنجي زندگي وڃايان، پنهنجي ماڻهن جي ڪم به نه اچان، سو مونکي ڪونه وڻيو. انڪري رائو واهه هوائي جهاز ۾ چڙهي هليو آيس ۽ ٣١ مارچ تي دهليءَ پهتس.

پر پاڪستان ڇڏڻ کانپوءِ انهن اٺن مهينن ۾ آزمودا مليا تن جو هڪ ڪرنٽ جڙي سگهي ٿو. انهن آزمودن ۾ هي هڪڙو نهايت ئي رونگٽ ڪڙا ڪندڙ ۽ دل ڏڪائيندڙ آزمودو آهي جڏهن مون پاڻکي موت جي منهن ۾ پاتو ۽ ڪنهن معجزي سان حياتي بچائي نڪتس. خبر نه، آهي ايشور ڪيئن اهڙي همت ۽ حوصلو اُن گهڙيءَ ڏنو.

هڪ ڀيرو حيدرآباد ۾ اسانجي نيتا، شري ڄيرامداس، ڳالهيون ڪندي چيو ته مان روزانو سانجهين جو ديري سان اوڄهڙ طرفن وڃڻدو آهيان ان لاءِ ته ڪي مسلمان مون تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ مان سندن خلاف مهاتما گانڌيءَ جو اهنسا جو هٿيار آزمايان. دادا کي ته شايد اهڙو موقعو ڪونه مليو مگر منهنجي آڏو بنا چاهڻ جي ۽ بنا نوتي ڏيڻ جي اهڙو موقعو اچي ويو ۽ مون ڏنو ته باپوءَ جي اهنسا جي هٿيار تحقيق جادو ڪري ڏيکاريو.

ڪيو. ٻه ڄڻا مون ڏانهن وڌي آيا. مون سمجهيو هو ليءِ هو گئي. هاڻ ٻچڻ ڪونهي. پر ته به همت ڪانه هاريم. دماغ ۾ هڪ چمتڪاري ويچار اچي ويو، ڇو اهو نسخو آزمايان.

مون کين چيو: مونکي دريءَ کان ٻاهر ان لاءِ ٿا ڌڪو ڪريو نه ته جيئن آءٌ مري وڃان.

”ضرور.“

”پر ڪهڙي خاطري آهي ته مان مري ويندس، ٻچي به سگهان ٿو.“

”تنهنجي قسمت هوندي ته ٻچي پوندين.“

”پوءِ اهڙي خاطري ڇو نه ٿا ڪريو جيئن آءٌ مري ئي وڃان.“

”مطلب؟“

”اوهان وٽ بندوق ته آهي.“

”هائو آهي.“

”پوءِ ان مان گولي ڇوڙيو نه. هتي اوهانجي اکيان ئي ڪري مرندس ۽ اوهانکي خاطري ٿيندي ته ڪافر مئو.“

”تون گوليءَ سان مرڻ لاءِ تيار آهين؟“

”بلڪل!“

”ته ٺيڪ آهي.“

انهن جي سردار هڪڙي پٺاڻ کي چيو ته بندوق کڻ. هن بندوق کڻي ۽ منهنجي طرف نشانو ڪيو. مون پنهنجي خميص جا بٽڻ کوليا ۽ ڇاتي اگهاڙي ڪري بندوق جي سامهون ڪئي ۽ کيس چيو:

”گولي چلائو.“

اُن پٺاڻ پنهنجو هٿ بندوق جي گهوڙيءَ Trigger

”پر خدا مونکي هندوءَ جي گهر ۾ جنم ڏنو. اُن ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟“

”تنهنجي هندن هندستان ۾ قهر ڪيا آهن. اسانجي هزارن مسلمانن کي قتل ڪيو اٿئون، انڪري توکان بدلو چڪائيندا سون.“

”پر مون ته ڪنهنکي ڪو نه ماريو. مون کان بدلو ڇو چڪائيندا؟“

”هو تنهنجا ڀائر آهن نه.“

”منهنجا نه اوهين به ڀائر آهيو. هندو مسلمان ٻئي خدا جا پٽ آهن انڪري ڀائر آهن.“

”جي تون چوين ٿو ته هندو مسلمان ٻئي ڀائر آهن ته پوءِ تون اسلام قبول ڪر ته توکي جيءَ دان ڏيون.“

”اهو ته آءٌ مور ڪو نه قبول ڪندس. جنهن ڌرم ۾ ايشور مونکي پيدا ڪيو آهي ان ۾ئي مرندس.“

”ڀلا تون جي چوين ٿو ته هندو مسلمان ڀائر آهن ته تون پاڪستان ڇڏي ڀڄي ڇو ٿو وڃين.“

”مان ڪيڏانهن ٿو وڃان؟“

”هندستان.“

”اوهانکي ڪنهن چيو؟ مان ته پنهنجي ڳوٺ شڪارپور ڏانهن وڃي رهيو آهيان.“

”خير، ڪيئن به هجي. يا اسلام قبول ڪر يا موت لاءِ تيار ٿيءُ.“

”آءٌ موت لاءِ تيار آهيان. موت ته هڪ ڏينهن ايندو، روز روز ڪو نه ايندو. مان چوندس ته خدا جي ڪن پليل بندن منهنجو خاتمو آندو.“

”ڪٺي ڦٽو ڪريوس ڌريءَ کان“، سندن اڳوان حڪم

٢- جڏهن مون سله جي بيمار سان ڪانو ڪاڏو

شري چندر پارتي (ايشور ڪيس اوس پنهنجي گود ۾ وشرام ڏنو هوندو) هڪ هونهار نوجوان هو، ٢٠-٢٢ سالن جو ڇورو. هو سنڌ ۾ (شڪارپور) منهنجي ”روزانه سوراج“ ۾ منهنجو ساٿي سمپادڪ هو، نهايت ئي ذهين ۽ سعادت مند هو. منهنجي نيتي ۽ لکڻيءَ جو نوع ايتري قدر ته جهٽي ويو هو جو آءٌ بنتاس (مهاراشٽري لفظ جو سنڌيءَ ۾ اچي چڪو آهي-بن تراس = بي فڪر) اخبار سنڌس حوالي ڇڏي ڪراچيءَ ڏانهن يا ٻئي ڪيڏانهن هليو ويندو هوس. هن لکڻيءَ ۾ منهنجي طرز اهڙيءَ ئي ڪماليت سان جهٽي هئي جهڙي ڪماليت سان مهاديو ديسائيءَ مهاتما گانڌيءَ جي.

پر ان هونهار نوجوان کي ننڍي ئي سله جي نـگري مرض اچي ڳـٽر ڪـان جهليو. ٻراڪائٽائيز مـان پلورسي، پلورسيءَ مان سله. تن ڏينهن سله جو اچـا ڪاميابيءَ سان علاج ڳولهي ڪونه ڪڍيو هئائون ورنـه ڪيس بچائي وٺجي ها. ڪيس ڪوئٽيا ۾ سئنيٽوريم ۾ داخل ڪرايو سون پر ڦڪيون تـه ڏهن فـرق ڪن جڏهن امـر ڪريو ان کي. ڊاڪٽرن جي دوا نه پري، پر برهمڻن جي دعا نه اڳهي.

جڏهن هو ڪوئٽيا سئنيٽوريم ۾ عـلاج هيٺ هو تڏهن سپاهيڪ سنڌس کي متر ويجها عزيز ڪيس ڏسڻ لاءِ آئي ويندا هئـا ۽ انهن ۾ مان بـه هوس. درحقيقت منهنجي جوابداري وڏيڪ ۾ وڏيڪ هئي.

هڪ دفعه ائين آءٌ ڪوئٽيا وڃڻ جي تياري ڪري رهيو

ٽي رکي جيئن ئي دٻايو ٿي ته سندن سردار ٽپو ڏيئي اُٿي آيو ۽ سندس ٻانهن کي جهليو.

”ڇا ٿيو؟“ اُن پٺاڻ پڇيو.

”ههڙي بهادر کي مارڻ بزدلي آهي. هو ڇاتي بندوق سامهون کولي بيٺو آهي. سندس ڇهري تي ذرو به ٻپ جو نشان ڪونهي. اهڙي وير کي ڪيئن ماريون؟“

هن مونکي سڏ ڪري ڀاڪر پاتو ۽ پاڻ سان گڏ وهاريو ۽ قرب مان پڇيو:

”تون ڪٿي لهندين؟“

”ٻي اسٽيشن شڪارپور.“

ايتري ۾ شڪارپور اچي وئي، گاڏي بيٺي ۽ آءٌ اُن سردار ۽ ٻين سندس ساٿين کان قرب مان موڪلائي گاڏيءَ مان هيٺ لٿس.

مٿن کي اچي چيم: اڄ ٻيو جنم وٺي آيو آهيان!

(زندگيءَ جا ورق)

منهنجي شڪل اهڙي ٻوائتي بڻجي پوندي ۽ بيمار کي اهڙو ڏڪو اچي ويندو جو هوءَ ته اهو ڏسي ختم ٿي ويندو. آءٌ پنهنجي لاءِ جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهيان، هن جو نه.“

”تون ڄاڻين پر منهنجي صلاح اٿيئي پاڻ سان کڻي وڃ. متان اُلي خيال بدلجي وڃيئي؛ هڪيون هوندءِ ته ڪم ايندءِ.

مان ڊاڪٽر جي دل رکــي چارئون ڪائونس ورتيون چيتوٽيڪ مون انهن جو اُپيوگ ڪونه ڪيو. مون کي اُپيوگ ڪرڻ جو ارادو ئي ڪونه هو.

ڪوئٽيا ۾ وڃي هڪ ڌرمشالا ۾ لٿس. اُلي چندر جو هڪ ٻيو گهاٽو دوست به لٿل هو. هڪ ڏينهن اڳ هو چندر وٽان ٿي آيو هو. مون سان جڏهن مليو تڏهن مون کيس ڏاڍو ملول ڏٺو. مونکي چيائين، ”دادا، منهنجي نبض ته ڏسو؛ مان ڪالهه چندر سان ملي آيو آهيان. ڏسو مونکي ته ڪٿي سلهه نه ٿي آهي؟“

مونکي سندس معصوميت تي ۽ پڻ سندس مانسڪ ڪمزوريءَ تي ڏاڍو تعجب لڳو.

ٻئي ڏينهن آءٌ سئنيٽوريم ۾ ويس. مون کان اڳي اُلي سندس مامو ويٺو هو جو سنياسي هو ۽ سياسي ڪاريه ڪرتا. سياسي تياڳي ٿيندا آهن يا اُنهن مان تياڳي هئڻ جي آشا رکي ويندي آهي. مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو ته اُن سنياسيءَ جو جيون سان ڪيڏو موهه هــو ۽ موت کــان ڪيترو ڏڄو ٿي.

هو پنهنجي بيمار ڀاڻيجي جي پرسان ڪونه ويٺو هو، تنبوءَ جي دروازي وٽ ڪرسي وجهي ويٺو هو، منهن بيمار کان ٻئي طرف ۽ وات کي رومال. دل ۾ آيو ته اهي

هوس. شڪارپور جو پرسنڌ ۾ پرسنڌ ڊاڪٽر، ڊاڪٽر
ڪشنچند ٻولچندائي، جو هڪ سچو ساٿي هو، تنهنکي
جڏهن خبر پيئي ته آءٌ ڪوئنيا چندر ڪي ڏسڻ لاءِ وڃي
رهيو آهيان تڏهن پنهنجائيءَ سان گهرائي ٻه چارئون
آڇيائين. چيائين: هي ساڻ ڪڻي وڃ. هڪڙي جاري وات
پڪڻ لاءِ هئي ۽ ٻي نڪ ڪي. چيائين آخر سلهه جي بيمار
سان ملڻ ٿو وڃين سو هي پنهنجي بچاءَ لاءِ ساڻ ڪڻي وڃ.

"اهي ڇا لاءِ، ڊاڪٽر صاحب؟" مون پڇيو.

"ان لاءِ ته جيئن سلهه جا جيوڙا تنهنجي وات يا نڪ
مان لنگهي تنهنجي اندر نه گهڙي وڃن."

"تون خود نگري مرض ۾ ڦاسجي سگهين ٿو!"

"پر ڊاڪٽر صاحب مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته لکين
سلهه جا جيوڙا هرڪنهن شخص جي شرير اندر هوندا ئي
آهن."

"هائو، برابر، پر هرو ڀرو قائل انداز کان اندر نه وڃڻ
گهرجي."

"اهو ته ان تي مدار آهي ته شرير ۾ مقابلي ڪرڻ جي
ڪيتري طاقت آهي."

"البت!"

"۽ پڻ من ڪيترو مضبوط آهي."

"انهن ۾ برابر آهي" ڊاڪٽر وراڻيو.

"نه مونکي خاطري آهي مونکي سلهه نه ٿيندي."

"پر ٻه سنڀال ڪرڻ ضروري آهي. تون هي چارئون
ڪڻي وڃ. جڏهن چندر وٽ وڃين تڏهن منهن کي ۽ نڪ
کي لڳائي وڃج."

"مان لڳايان، منهنجو بچاءُ ٿيندو پر انهن ٻائڻ سان

٣- جڏهن مون سنڌس ڪورو چيڪ قبول نه ڪيو!

سال پورو ياد ڪونه اٿم. شايد عيسوي سنه ١٩٤٣ يا ١٩٤٤ هو. جيل مان تازو آزاد ٿيو هوس ۽ حيدرآباد مان شڪارپور وڃي رهيو هوس. ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ ۽ ساڳئي گاڏي ۾ مون سان گڏ شڪارپور جي نگر نايڪ سرڳواسي سيٺ لٽيداسنگهه بجاج جو مربي پٽ سيٺ پرشوتمسنگهه به سفر ڪري رهيو هو. هو پرشوتمسنگهه جي پٽ ۾ امرسنگهه جي نالي سان وڌيڪ پرسڌ آهي.

ملاقات ٿي ته سياوڪ گفتگو به ٿي. خوش خيريافت کان پوءِ جيل جي خبرچار پڇيائين. پوءِ هيٺين دستور گفتگو هلي:

هو: هاڻ وري پنهنجي روزاني اخبار "سوراج" چالو ڪندين؟

مان: ڪوشش ته ڪندس جاري ڪرڻ جي.

هو: اخبار ۾ اوس ڪوٽ پوندي هوندءِ.

مان: قوميت جي پاوتا سان ايمانداريءَ سان ڪو اخبار هلائيندو ۽ بلڪ ميل کان دور رهندو ته ڪوٽ ته پوندي ئي پوندي.

هو: پوءِ ان ڪوٽ جي پورت ڪيئن ڪندين.

مان: اوهان جهڙا قدردان ۽ متر پيا ڪوٽ جي پورت ڪندا. مون اڳ هڪ لڳا اخبار ۾ پڌرائي ڪئي ته ڪوٽ ڪارڻ اخبار بند ٿو ڪريان ته شهر جا ٽي چار ڏني متر لنگهي آيا ۽ چيائون اخبار بند نه ڪيو، اسين ويٺا آهيون

جاريون منهنجي ٻدران ان سنياسيءَ کي ڏني ها ته هن
کي ڪم اچي وڃن ها.

آءٌ وري ٻئي ڏينهن به چندر سان گڏجڻ ويس ۽ هر روز
وٽس ويندو هوس جيسين ڪوٺيا ۾ هوس. روئڻهارڪو
مونهن ڪري چيائين: سواميءَ جا افعال ڏنوَ - سلهه ڪائي
پيئي وچيس شايد. آخر ڪيس چيو ڪنهن نه هتي مون
سان گڏجڻ لاءِ ڪهي اچي.

مون پانڌ کي پنهنجي دوراند يشيءَ لاءِ شاباس ڏني.

آءٌ نه سندس ڪٽ پرسان ئي ويٺو هوس ڪرسيءَ تي.
مونکي رٿي به ڏپ ڪو نه ٿي ٿيو. اڙٻنگ نوجوان مونکي
مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. چيائين ماني مونسان گڏجي
کاءُ هڪ ٿالهيءَ مـان - جوکم جو سيڪڙو وڌي ويــو.
منهنجي آتم وشواس جي جڻ آزمايش هئي.

آءٌ ان آزمائش مان پار پيس. چيم انڪار ڪندس ته
هن جي دل کي صدمو رسندو. سو هن سان گڏجي مـاني
کاڌم، هڪ ئي ٿالهيءَ مان؛ ۽ رات جو ڌرمشالا ۾ پهچي
نبض ڪاڻ ڏٺم ته مونکي سلهه ٿي آهي چا. مون پنهنجي
جيون ۾ هڪ ڪان وڌيڪ سلهه جي بيمارن سان گذر ڪيو
آهي ۽ سلهه کي مونکي ڇهڻ جي همت ڪانه ٿي آهي.

پر آءٌ پنهنجي ٻئي چو نپريان: اُتي ان سئنيٽوريم ۾ ئي
چندر جي سيوا لاءِ سندس هڪ نوڪر به رهندو هو. سندس
جيان ڳڀرو جوان. هو نه سندس کانـگهاري جي ڏٻي ٻـه
ڪڍي صفا ڪري ايندو هو ۽ سندس ڪاڪوس جي پاٽ
به. هو ڪو سندس رشتيدار ڪونه هو. نوڪر هو، پگهاردار
نوڪر، پر نوڪر هوندي چندر سان سندس اهڙو پريم هو
سندس سيوا ڪندي ذرو به ڪونه هچڪندو يا ٻچندو هو
۽ مونکي خبر آهي ڪيس سلهه ڪونه ورتو.

جيڪڏهن سموري ڪوٽ ڀريندا ته پوءِ اخبار اوهانجي ٿيندي ۽ نه منهنجي. اوهين ميونسپل پريزيڊنٽ آهيو، اوس اوهين چاهيندا ته اخبار ۾ اوهان جون سرگرميون اچن - ڪي چڱيون هونديون ڪي لڱيون. آءٌ پوءِ پاڻکي بنڌن ۾ سمجهندس ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو رايو ظاهر ڪري ڪو نه سگهندس. انڪري مان اوهان جي آڇ قبول نه ٿو ڪريان.

آءٌ اوهان کي کهڙي ڳالهه چوان. جيڪڏهن ڪا اخبار سدائين اوهانجي ساراهه ڪندي ته اُن ساراهه جو پبلڪ تي اثر ڪو نه ٿيندو، چوندا اخبار وارو خريد ڪيل آهي. پر جيڪڏهن ڪا اخبار وقتي اوهانجي نڪته چيني به ڪندي ۽ وقتي ساراهه ته پوءِ جنتا ان ساراهه کي وزن ڏيندي. انڪري خود اوهانجي نقطه نظر کان به آزاد اخبار وڌيڪ اُپيوگي آهي.

هوُ: تنهنجي مرضي. تون پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهين. باقي منهنجي آڇ قائم آهي. جڏهن به ڪپيئي تڏهن ان جو فائدو وٺي سگهين ٿو.

مان: اوهان جا وري به شڪرانا. پر مان اوهانکي سمجهايو آهي ته خود توهانجي هٿ ۾ نه آهي ته ڪو مان اوهان کان ائين ڪوٽ وٺان. ها، مان اخبار جاري ڪريان ان لاءِ شروعاتي ڪجهه رقم گهربي سو بين مترن جيان اوهان وٽ به ايندس پوءِ ڪپيو سا مدد ڪجو.

آءٌ شڪارپور ۾ وٽس ويس. ڪوٺيءَ تي سنڌس نئليو پاءِ (ايشور ڪيس پنهنجي گود ۾ وشرام ڏئي) سيٺ ڪشنچند ويٺو هو. امرسنگهه ڪيس چيو:

ڪشن بلديو پنهنجي روزاني ”سوراج“ وري ٿو جاري

کوٽ کي مونهن ڏيندا سون. مون اخبار جاري رکي جيتوڻيڪ سندن آڇ جو اپيوگ ڪو نه ڪيو. اپيوگ ڪرڻ جو موقعو ڪو نه آيو.

هوُ: چڱو، ٻلديو! هاڻي مان توکي ٿو اهڙي آڇ ڪريان. جيڪا ٻه کوٽ تي سا منهنجي سر تي، تون اخبار هلي ٻنا هڪ جي جاري ڪر.

هاڻ هي نه ڪورو چيڪ هو، جهڙو مهاتما گانڌيءَ جناح ميان کي ڏيڻ ٿي چاهيو، پر مون اهو ڪورو چيڪ قبول نه ڪيو. ڪارڻ؟

سيٺ پرشوتمسنگهه ٻجاج ان وقت شڪارپور ميونسپال جو پريزيڊنٽ هو. ان حيثيت ۾ ميونسپال ڪاروبار هلائيندي هوُ چار چڱا ڪم ٻه ڪري ها ته ڪو هڪ اڌ لڳو ڪم ٻه ڪانگريس تي وڃي ها. مون دل ۾ سوچيو جي آءٌ سموري کوٽ ڪانگريس وٽندس ته اوس ڪيس موٽ ۾ ڪجهه ڏيڻو پوندو. هوُ نيڪ مڙس ڪٿي نه ٻه چوي پر واٽ ڪائي اک لڳائي واري چوٽي نه پرسند آهي، انڪري مون سندس اهڙي اُدار دل واري اهڙي آڇ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

مون کيس چيو:

مان: اوهانجي گهڻي مهرباني. مگر آءٌ اوهانجي آڇ قبول ڪري نه ٿو سگهان.

هوُ: (اچرج ۾) سو ڇو؟ ڀائي مون وٽ ته اخبار وارا ايندا آهن جي ٢٠-٢٥ روپيه ته نهايت خوشيءَ سان ۽ شڪرگذاريءَ سان وٺي ويندا آهن ۽ تون آهين جو هھڙي ڪوري چيڪ قبول نه ٿو ڪرين.

مان: سائين منهنجا، ان جو ٻه ڪو ڪارڻ آهي. اوهين

يعني ته ووهڪ اسان مڙني کي ڪانئر تو بڻائي ڇڏي، سيٺ ٻڄاج خود ٿلهو ماٺو. سو سنهو ٻڌي ٿي ڪو نه. ٿلهو ڪائڻ، ٿلهو سوچڻ، ڦٽ مڃي، ڏنڊي جي اِس طرف يا ڪونڊي جي اُس طرف.

ٻه ميونسپل جا عملدار هئا - چيف آفيسر ڪي. وي. جوشي (مراٺي) ۽ هيلٿ آفيسر ايس. آر. ٻنيجا (شڪارپوري). ٻئي اپريل، جنتا ٻنهي مان ناراض - هڪڙو ڏايو مڙس هو (جوشي) ۽ ٻيو هو سست ۽ ڪاهل (ٻنيجا). ميونسپل جي ميڙن ۾ ٻئي ڊاڪٽر خوب سنڌس چوڏا لاهيندا هئا پر جڏهن پريزيڊنٽ بڻيا تڏهن ڪين هٿ ڪو نه لڳايائون. هي ٻڄاج صاحب آيو ته ٻنهي کي سڌو ڪيائين - ٻنيجا کي ته ٽڪيٽ وٽارايائين ۽ جوشيءَ جي ٽڪ مان ور لاٿائين.

هن ڪاروبار اهڙو سوڌو، برجستائيءَ ۽ همٿ سان هلايو جو مونکي ورلي مٿس نڪته چيني ڪرڻ جو موقعو مليو، پر جڏهن ٻه موقعو ملندو هو ته آءٌ جوڙجڪي نموني نڪته چيني ڪندو ٿي هوس.

(زندگيءَ جا ورق)

ڪرڻ ڏهري شروعاتي مدد لاءِ آيو آهي. ڇا ٿو چوڻ.

ڪشنچند: ڀلي مدد ڏئيس. مونکي ڪو اعتراض ڪونهي. پر هڪڙي ڳالهه سمجهي ڇڏ، ائين نه سمجهج ته ڪيس مدد ڪندين ته هو ڪو تنهنجو لحاظ رکندو. تنهنجي ڪا ڳالهه پسند نه آيس ته ٻئي ڏينهن اخبار ۾ نڪته چيني ڪندءِ.

امرسنگهه: ان جي هنکي پورن آزادي آهي. مدد ڪيس ڪجي نه بنا شرط شروط.

مونکي ٢٥٠ روپين جو چيڪ ڪيئي ڏنائون ان سمي ٢٥٠ روپين جو ملهه هئو.

۽ ڪم نصيبا اُن ڏينهن جي اندر ئي مون ڪـي سندن سخت نڪته چيني ڪرڻي پيئي، جو هنن گوري گورنر کي شڪارپور جو پرسڌ شاهي باغ ۾ هڪ شاهي پارٽي ڏني. پر مونکي ڪو ڏوراپو ڪونه مليو.

آءٌ اينترو چوندس ته پريزيڊنٽي هن واهه جا هلائي. هن کان اڳ به پريزيڊنٽ ٿي گذريا ڪانگريسي – سرڳواسي ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ سرڳواسي ڊاڪٽر ڀڳوانداس مگر ٻجاج انهي کي شهه ڏيئي ويو. البت هڪڙو فرق هو – وڏو فرق – سو هي ته ٻجاج صاحب ٿاقيل پريزيڊنٽ هو انڪري ميمبرن جي ووٽن جـو محتاج ڪونه هو. جيڪي ڪجهه ڪرڻ چاهيائين ٿي سو ڪري ٿي سگهيو.

تنهن سواءِ پائيبند هئڻ ڪري ڏنڊئي هو. گهڻو پڙهڻ بعضي جيءَ جو جنجال ٿيو پوي. ٻئي ڊاڪٽر اعليٰ علم يافته هئا انڪري هر قدم کڻندي پيا سوچيندا. هنجو نتيجو الائجي ڪهڙو نڪرندو، هي جيڪي ڪريون ٿا سو صحيح آهي يا غلط. انڪري ئي شايد شيڪسپيئر چيو آهي:

Canscience makes cowards of us all

جي به رهيا ڊيليگيٽ في پري رڳو سمجهاڻ ۾ شريڪ ٿي ٿي سگهيا. ڪاروبارين طرفان درستي اُها پيش ڪئي وئي ته اڳتي چونڊن ۾ ووٽ جو حق رڳو شامل سنستائن طرفان آيل عيوضين تائين محدود ڪيو وڃي ۽ عام (به رهيا پرهندڙ) ڊيليگيٽن کي ووٽ جو حق نه ڏنو وڃي. اُن درستيءَ جو مقصد اهو هو ته ڪاروباري سڄيءَ سنستا تي پنهنجو مڪمل قبضو ڪن ۽ عام ڊيليگيٽن جو آواز بلڪل ئي خاموش ڪيو وڃي.

منهنجي من ۾ آيو ته ان درستيءَ جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. پروفيسر گهنشام هو ڪو نه جنهن سان صلاح ڪريان. سو اڪيلي سر ئي فيصلو ڪري مان درستيءَ جي مخالفت ڪرڻ لاءِ اُٿيس. مون اُن درستيءَ اندر لڪل حرڪتي مراد جي اوگهڙ ڪئي ۽ ڊيليگيٽن کي سمجهايم ته اها درستي سندن ئي ووٽ جي حق تي وار آهي سو جي ان جي فائدي ۾ ووٽ ڪندا ته چئبو ته هو پنهنجي لاءِ ئي موت جي وارنٽ تي صحيح ٿا وجهن.

هاڻ پنهنجي حق کي ڇڏڻ ڪير چاهيندو. ووٽ ورتا ويا ته ڊيليگيٽن درستيءَ جي خلاف ووٽ ڪيو. رڳو ڪاروبارين ۽ شامل سنستائن طرفان آيل عيوضين درستيءَ جي فائدي ۾ ووٽ ڪيو. درستي ڪري پيئي ۽ ”جنستا ٿا“ جي پرستي قائم رهي.

پوءِ چونڊون شروع ٿيون. پريزيڊنٽ لاءِ پروفيسر ناگراڻي جي رٿا آئي. ان جي خلاف هڪ ٻه رٿون آيون. هڪڙي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي حق ۾ مگر جيئن جو پروفيسر صاحب پاڻ حاضر ڪو نه هو جو سنڌس سوڪرٽي ميمبر ٿي سگهي اڪري پريزيڊنٽ (پروفيسر ناگراڻي) اها رٿ

٤- جڏهن مٿي پڇائڻ کان بچي ويس

تڏهن اها عربي لپي ۽ ديو ناگري لپيءَ وارا جدا ڪونه ٿيا هئا. هڪڙي ئي سڀا هئي ۽ هڪڙو ئي سميلن ٿيندو هو، ۽ اهو بنگلور وارو سميلن آخرين گڏيل ساهتڪ سميلن هو. بنگلور جو پرسڌ دانو ۽ ناگرڪ، سيٺ پرشوتم سنگهه ٻجاج ان سميلن لاءِ آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو.

اسين ديو ناگريءَ جا سمرٿڪ به اُن سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويا هئاسون. ٻه مکيه ساٿي هئاسون سرڳواسي پروفيسر گهنشام ۽ مان. پروفيسر صاحب ڪجهه ناچاڪ ٿي پيو ۽ انڪري سميلن واري مکيه اجلاس ۾ هو اچي ڪونه سگهيو. آءٌ پاڻکي ذري گهٽ اڪيلو سمجهڻ لڳس.

چونڊيون ٿيڻ واريون هيون. ٣٠٠ کن ڊيليگيٽ حاضر هئا، تنهن سواءِ هزار ٻا به ملاقي گهڻي پاڳي بنگلور جا سنڌي جن اسان جي پليءَ پٽ آجيان ڪئي هئي ۽ اسانجي کاڌي ۽ رهڻ جو خاطر خواهه بندوبست ڪيو هو.

ان وقت پروفيسر پوجراج هولچند ناگراڻي پريزيڊنٽ هو ۽ جي ابراهيم ياد ائم ته شري گوبند مالهي جنرل سيڪريٽري هو. ڪاروبارين ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ ڙڌان ۾ هڪ درستي بحال ڪئي هئي جا عام اجلاس ۾ منظوريءَ لاءِ هنن پيش ڪئي. وڏان موجب ٻن قسمن جا ڊيليگيٽ سميلن ۾ شريڪ ٿي سگهيا. هڪڙا جي ڪن ساهتيه سڀائن، شامل سنستائن جا عيوضي هجن ۽ ٻيا عام عيوضي

دماغ مان لنگهي ويو. ”ها ڪر، ٻڌڻو. انهن پرک نه تي وهندي نه ڪير وڏيڪ لوڪپريه آهي- ڪيترت يا ٻڌڻو، ۽ سو به تڏهن جڏهن ڪاروبارين طرفان مڪمل تياري ڪيل آهي ۽ تو لاءِ هيءُ ڪيفيت اوچتو بڻي آهي. بي اختيار منهنجي منهن مان نڪري ويو: ”هائو مان ٻيهان ٿو. مون سياسي زندگيءَ ۾ ڪڏهن چونڊ ۾ هارايو ڪينهي. هيءَ هڪ وڏي آزمائش هئي. جوئا جو داءُ اُڇلايو هوم.

مخالفن چيو هو تقريرون ڪندا. پيڻ ٻوڙيٽي آئي. ڇي ٻڌڻو ڪي ڪيئن سيڪريٽري چونڊيندا؟ هو پاڪـڪي سنڌي ئي ڪو نه سمجهندو آهي، هن جو سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ ڪونهي، هو چوندو آهي سنڌ ڪـي مون پنهنجي دل تان ميساري ڇڏيو آهي، ۽ خبر اٿوَ هو ڪيڏو نيچ ۽ ذليل آهي؛ هو پنهنجي اخبار ۾ استرين تـي حملا ڪندو آهي، هـن مون لاءِ هڪ لڳا لکيو ته مونکي ٥ پٽي آهن وغيره.

آءٌ ٻجي ويس. منهنجي اڳيان هڪ نظارو گهمڻ لڳو. درشڪن مان اڌ ٻڙن شخص لٺيون کڻي منچ تـي چڙهي آيا آهن ۽ منهنجي مٿي تي لٺين جا وسڪارا ڪري رهيا آهن ۽ بي هوش ٿي ڪري پيو آهيان ۽ مونکي اسپتال ۾ کڻي ٿا هلن.

پر اڌ گهڙيءَ ۾ اهو نظارو هٽي ويو ۽ پاڻ کي صحيح سلامت منچ تي ويٺل ڏٺم. مون چيو مونکي جواب ڏيڻ جو موقعو ڏنو وڃي. موقعو مليو. مون ٻه ٽـي منٽ ڳالهايو، مون چيو سنڌ کي مون پنهنجي من تان ميساري ڇڏيو آهي انجي معنيٰ اها ڪانهي ته مونکي سنڌيت يا سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار ڪونهي. آءٌ پـاڻ سڄي زندگي سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. پيڻ ٻوڙيٽيءَ جو مون تي الزام مڙهيو آهي سو بلڪل ئي

بيقاعدي ٺهرائي. مونکي پورو يـاد ڪونهي ته ٻي رت
شري انل ڪيسواڻيءَ لاءِ آيل هارجي وئي يا واپس ورتي
وئي. مان سمجهان ٿو ته شري ڪيسواڻيءَ بيهڻ کان انڪار
ڪيو ۽ انڪري اها رت بہ، ائين ئي بيقاعدي ٿي پيئي.
ڪيئن به پروفيسر ناگراڻي چونڊيو ويو.

پوءِ سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ رتون گهرايون ويون.
ٻه رتون آيون هڪڙي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ لاءِ ۽ ٻـي منهنجي
لاءِ. منهنجي ته ملائڪن کي به خبر ڪانه هئي ته ڪو مون
لاءِ رت ايندي. مون ڪنهن سان ڳالهه ڪانه ڪئي هئي
۽ نه ڪنهنجوئي مـون سان ذڪر ٿيو هو. ڪارپـردازن
شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو نـالو انڪري رٽيو هو جو هنن
جي شڪايت هئي ته شري گـوبند مـالهي ڪجهه ڪمزور
شخص آهي ۽ ديوناگريءَ وارن سان نرم رخ وٺندڙ آهي.

ڪارپردازن هڪڙي ڪيڏ ڪيڏي چيائون شري ٻلديو گاجرا
حاضر آهي. هن کان پڇيو وڃي ته هو بيهڻ لاءِ تيار آهي.
مون لاءِ ڌرم سنڪٽ جي گهڙي اچي وئي. ها ڪريان، نه
ڪريان. ٻهي ڪري هارايان سو مونکي ٺيڪ نه ٿي لڳو-
سوَايمان هـرڪنهنکي پيارو آهي. ٻنا تياريءَ جـي کٽي
سگهندس، اهو مونکي ناممڪن پيو لـڳي. ائين سوچ ڪري
رهيو هوس ته هڪڙو شخص منهنجي پرسان اچـي ويٺو ۽
منهنجي پيرن کي پڪڙي ٻلڪل آزي ڪري چـوڻ لـڳو:
پنهنجو نالو واپس نه وٺو. اسين کٽنداسين.

اک ڇنڀ ۾ فيصلو ڪرڻو هو. پروفيسر گهنشيام کان
سواءِ آءٌ پـاڻـکي اڪيلو سمجهڻ لـڳس، پـاڻـکي
شيڪسپيئر جي پرسڌ ڪردار شهزادي هئمليٽ جي حالت
۾ سمجهڻ لـڳم ته ها ڪريان يا نه. هڪ چمتڪاري وچار

مون اها ناهه جي فارمولا قبول ڪئي.

ڪاش ٻجاج سيٺ ناهه لاءِ اهڙي انتظاري نه ڏيکاري ها. پوءِ سنڌين ۽ سڀا مڪمل طور اسان ديوناگري وارن جي قبضي هيٺ اچي وڃي ها ۽ ٻولي ۽ ساهتيه جي باري ۾ پرسٿتي ڪا اؤر هجي ها. پر انسان جيڪي چاهي ٿو سو سدائين نه ٿو ٿئي. ٻجاج سيٺ عربي وارن کي جيءَ دان نه ڏنو پر خود کيس ان لاءِ وڏي قيمت ڏيڻي پيئي جو عربيءَ وارا سنڌس شڪرگذاري ٻجا آڻڻ جي بدران مٿس ڪيس ڪرڻ جي رٿا ٺائين وڃي پهتا.

هن واقعي جي باري ۾ هڪڙي ڳالهه وڌيڪ لکي هي باب ختم ڪندس. بئنگلور ۾ منهنجو هڪ پراڻو دوست رهندو آهي جو اڃا حيات آهي ۽ هوُ ان ميڙ ۾ حاضر هو.

مون ٻئي ڏينهن ڪانئس پڇيو: جڏهن ڀيڻ پوپٽي مونتي الزام آندو ته مون کيس ۵ منٽ ڏنا آهن تڏهن ماڻهن ۾ ڏاڍو جوش ڦهلجي ويو هوندو. مونکي ته هراس وٺي ويو.

چيائين منهنجي لڳ هڪ سنڌي ڀاءُ ويٺل هو تنهن هينئن چيو: شري ٻلديو ڪڏهن به ڪنهن ڀيڻ خلاف اهڙو گندو الزام آڻي نه ٿو سگهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهنجي خلاف اهڙو الزام آڻي ته سمجهو ائين هوندو.

”شڪر، حمدالله“ مون چيو: ”ڀيڻ پوپٽي اڃا سلامت آهي. هن ڪوهه پٽي ڪو نه ڪيو آهي“ ۽ جيڪي تڏهن ستيه هو سو اڄ به ستيه آهي.

(زندگيءَ جا ورق)

غلط آهي. مون ڪڏهن به اهڙي غليظ ڳالهه ڪانه لکي يا ڇپي آهي.

ووٽ ورتا ويا. ۱۰۰ ووٽن تان مون کٽيو. ڪيرت جي منهن جو پنو لهي ويو. عربي لپيءَ جا طرفدار گونڌن جيان روش ڪرڻ لڳا. مون تي گهيرو ڪري آيا. بلديو سيڪريٽري نه گهرجي. ناگراڻي صاحب دڙڪو ڏنو - مان بلديو سان ڪم نه ڪندس. يا سيڪريٽري بدلايو يا آءٌ استعفا ٿو ڏيان ۽ هن استعفا لکي ڏني. هڪ گهوٽالو پيدا ٿي ويو - جوڙجڪي گهوٽالو.

ٻن ڪلاڪن لاءِ ميڙ مهل ڪيو ويو. پڙدي پٺيان ڳالهيون هلڻ لڳيون. ٻه ويچار هئا. ناگراڻيءَ جي استعفا منظور ڪجي ۽ ٻيو پرزيڊنٽ چونڊيو وڃي. ناري گرساڻي جو نالو رٿيو ويو. ڪنهن چيو بلديو ۽ ناري ڪيئن گڏجي ڪم ڪندا، ٻنهي جي وچ ۾ چوڏهون چندرما آهي. مون کان پڇيائون: مون چيو جاتيءَ ۽ ٻوليءَ جي صدقي آءٌ گرساڻيءَ سان به ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. دوست تعجب ۾ پئجي ويا ڇو ته اها نه وسهڻ جهڙي ڳالهه هئي.

پر سيٺ پرشوتم سنگهه چوي ته ڪو ٺاهه جو رستو ڳولهيو، ڇيائين مان بنگلور مٿان اهو نڪو اچڻ ڏيڻ نه ٿو چاهيان. هتي اچي جاتيءَ ۾ قومت پيئي ۽ مان انکي ٽاري نه سگهيس. گهڻي بحث مباحث ۽ ويچارن جي ڏي وٺ بعد هڪ ٺاهه جي فارمولا تيار ڪئي وئي. آءٌ سيڪريٽريءَ جي پد تان استعفا ڏيان. ٻئي طرف ڪيرت به پنهنجي دعوي ڇڏي. سيڪريٽري اڳيون مالهي قائم رکيو وڃي. ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي ديوناگري لپيءَ جي سمرٿڪن جا ٻه عيوضي کنيا وڃن. سيٺ ٻجاج جي زور ڀوڻ تي

ٽيس. ننڍي ڀاءُ کي چيم: رام ڳالهه ٻڌ. مان هڪڙو خط لکان ٿو، تون بندوبست ڪر ته اهو خط مرارجي ڀائيءَ کي ملي ضرور. پوءِ شاديءَ ۾ نه اچي ته منهنجي ڳالهه گهٽ. ڀاءُ چيو: ان کان تون ڇٽو آهين. خط تون لکي ڏي، پهچائڻ ڪم منهنجو.

مون خط لکيو. لفافي ۾ بند ڪري ڀاءُ کي ڏنم. اڌ ڪلاڪ ۾ هو موٽي آيو ۽ اچي ٻڌائين ته خط هن وقت مرارجي ڀائيءَ جي هٿن ۾ پهچي ويو هوندو. پٽيوماڻس سو ڪيئن. ٻڌائين سنڌس پي. اي. وٽ ويس. هن تمام ضروري ڪاغذن جو فائيل تيار ٿي ڪيو مڪيه منتريءَ ڏانهن موڪلڻ لاءِ. عين ان وقت مان وڃي اُتي پهتس. کيس چيم ته هي خط به بلڪل ضروري ۽ تڪڙو آهي سو ان فائيل سان موڪلي ڏي. پي. اي. اهو خط مٿان رکي فائيل اندر موڪليو.

اسين ٻئي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسون ته ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. ٻئي طرف شري مرارجي ڀائيءَ جو پي. اي. هو. ٻڌائين مسٽر گاجر آهي. مون 'ها' ۾ جواب ڏنو. ٻڌائين شري مرارجي ڀائي سڀاڻي اوهانجي شاديءَ تي ايندو. اوهانکي خبر ڏيڻ لاءِ فون ڪيو اٿم.

ٻئي ڏينهن برابر مرارجي ڀائي شاديءَ تي آيو. ۵-۷ منٽ ويٺو، پيڻ ساڻس گڏجي فوٽو ڪڍايو ۽ مرارجي ڀائي اسانجي دل رکي کاري سويا ورتائي.

اوهين اوس پڇندا ته منهنجي خط ۾ اهڙو ڪهڙو جادو هو جو جڏهن چئن سنڌي نيتائن کي جواب ڏنو هئائين تڏهن به مرارجي شاديءَ تي آيو. مون وٽ خط جو نقل ته هينئر هڪيو ڪونهي، مگر جيڪي ڪجهه لکيم تنهن

٥- جڏهن مرارجي ڀائيءَ کي شاديءَ تي گهرايم

شري مرارجي ديسائي هڪ بلڪل ڪَڙڪ نيتا ڪري شمار ڪيو ويندو آهي - ارادي جو مضبوط ۽ اڻ مڙندڙ کيس کان ڳالهه مڃائڻ آسان ڪم نه آهي.

منهنجي ننڍي ڀيڻ جي شادي هئي. سندس دل ۾ پرٻل چاهنا اچي ويئي ته بمبئيءَ جي مکيه منتري شري مرارجي ضرور سندس شاديءَ ۾ شريڪ ٿئي ۽ اچي جوڙي کي آسيس ڪري. منهنجو پتا ان ڏينهن اڃا حيات هو. آءٌ منجهي پيس ته مرارجي ڀائيءَ کي ڪيئن مڃائي سگهندس. پنهنجن دوستن سان ڳالهه ڪيم. چيائون کهڙو ڏکيو ڪم آهي، اسين هلي ٿا کيس روبرو نيوتو ڏيون. شري پرسرام ٽهلراماڻي ۽ ٻه ٽي ٻيا دوست ساڻ ڪري آءٌ مرارجي ڀائيءَ وٽ ويس. کيس نوتو ڏنوسون ۽ وينتي ڪئي ته شاديءَ تي اچن. شري ٽهلراماڻيءَ ته کيس اهڙو به چيو ته هيءَ جڻ منهنجي ڌيءَ آهي، پر مرارجي ڀائيءَ اِنڪار ڪيو. چيائين مان تمام مشغول ٿو رهان راجيه جي ڪمن ۾. مان ائين جي شادين تي وڃڻ لڳس ته پوءِ راجيه ڪاروبار جو ڇا ٿيندو نراس ٿي واپس آياسون. منهنجن ساٿين کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر مرارجي ڀائي ته آهي ئي ائين رکو ماڻهو، ان جو ارمان آهي.

آءٌ پريس ۾ واپس آيس. سوچيم ڀيڻ جي دل لهي ويندي. چوندي ڀاءُ منهنجو اهڙِيءَ ننڍڙيءَ ڳالهه ۾ دل رکي ڪو نه سگهيو. دل سڙڻ لڳي پر دل شڪستو ڪو نه

٦- جڏهن جواهرلال کي ڳالهه مڃائي سگهياسين

ديش جي ورهاڱي کانپوءِ جڏهن هتي هندستان ۾ نرواسي ٿي آياسون تڏهن اسانجي نرواس سنبنڌي ٻه اهم سوال اسانجي آڏو هئا جي وڏي انتظاريءَ جو باعث بڻجي ويا هئا- هڪڙو هئو سئنيٽري ڪاميٽين وارن ايراضين ۾ ڇڏيل جڳهين جو عيوضو ۽ ٻيو ڳوناڻن ملڪيتن لاءِ فل عيوضو.

هند سرڪار جي نرواس وڀاڳ وارن ٻه فيصلا بلڪل غلط ۽ انصاف جي خلاف ڪيا هئا. هڪڙو هيءُ ته سنڌ ۾ سئنيٽري ڪاميٽين وارن ايراضين ۾ جيڪي اسان جڳهيون ڇڏي آيا هئاسون انهن جو عيوضو اسانکي ڪونه ملندو ۽ ٻيو هي ته جيڪي جڳهيون اسان ڳوٺن ۾ ڇڏي آياسون انهن لاءِ اڌ عيوضو ملندو يعني ته عيوضي جي نقشي موجب جيترو سيڪڙو عيوضو ملڻو هجي، انجو اڌ عيوضو ڏنو ويندو ڇو ته اهي جڳهيون ڳوٺن ۾ هيون ان ڪري انهن جي قيمت گهٽ هوندي ۽ ان ڪري عيوضو به اڌ ڏنو وڃي.

هاڻي اهي ٻئي فيصلا غلط هئا ۽ انصاف جي خلاف. پنجاب ۾ جن لوڪل بادين جي ايراضين اندر جڳهين لاءِ عيوضو ڏنو ڪيو ويو هو، اسانجون سئنيٽري ڪاميٽيون انهن سان سرکيون هيون ۽ ان سرکائپ ڪارڻ اسانجي سئنيٽري ڪاميٽي ايراضين لاءِ به عيوضو ملڻ گهربو هئو.

ٻيو ڳوناڻن ملڪيتن جي باري ۾ پوزيشن هيءَ هئي ته جڳهين جي قيمت جي ڪٿ ڪرڻ وقت ڪليم آفيسرن

جو ٽاٽ ٻرج هيٺ ڏيان ٿو.

مانوارا شري مرارجي ڀائي!

اڄ آءٌ پنهنجن ساٿين سان گڏجي اوهانکي پنهنجي پٽ جي شاديءَ تي اچڻ لاءِ نوتو ڏيڻ آيس. اوهان ان موقعي تي اچڻ کان مجبوري ڏيکاري. اوهان چيو ته اوهان مڙني شادين تي اچڻ شروع ڪيو ته راڄيه ڪاروبار جو ڇا ٿيندو.

اوهانجي ڳالهه سچي آهي. پر اها سچي ڪڏهن شمار ڪجي جڏهن اوهان شادين تي ٻنهي ڪوئي ويندا هجو. اوهان ڪڏهن ڪڏهن شادين تي ويندا آهيو ۽ ڪن سنڌين جي شادين تي به اوهان ويندا آهيو. فرق هي آهي ته اهي سنڌي وڏا شاهوڪار ۽ نالي وارين هستيون هوندا آهن، ۽ آءٌ هڪڙو غريب ۽ گمنام ڪانگريس سيوڪ آهيان.

اوهين نه ايندا ته به شادي ته ٿي ويندي. ارمان اهو دل ۾ رهجي ويندو ته شري مرارجي ڀائي شاهوڪارن ۽ وڏن ماڻهن جي شادين تي ته ويندو آهي پر هڪ نامعلوم غريب ڪم ڪندڙن جو نوتو نه ٿو قبولي. ان ۾ گهٽائي اوهانجي آهي. ٻيو اسان لاءِ مڙئي خير.

اوهانجو

....

تير سندس دل ۾ چڀي ويو ۽ يڪدم فون ڪرايائين ته مان ايندس. مرارجي ڀائيءَ سان منهنجي ٻنهي واقفيت ڪانه هئي. آءٌ سڀاءَ کان ئي لڄارو ۽ گوشي نشين آهيان ۽ وزيرن ۽ عملدارن جي لهه وچڙ ۾ بلڪل ئي ڪو نه اچان. مرارجي ڀائيءَ سان اهو پهريون دفعو گڏيو هوس ۽ اهو آخرين دفعو به هئو.

(زندگيءَ جا ورق)

رتنمال ملڪاڻي. پنڊتجيءَ جي ڪمري ۾ گهڙياسون تہ پنڊتجي ڪيڪارايو. ڊاڪٽر تہ دهليءَ ۾ ئي رهندو هئو ۽ ملڪاڻي بہ. پروفيسر گهنشيام بمبئيءَ ۾ رهندو هو. پنڊتجيءَ هن ڏانهن نهاري چيو: پر تون تہ بمبئي رهندو آهين نہ؟ پروفيسر صاحب چيو: هائو، پر هن سفارت سان گڏجي آيو آهيان.

پوءِ پنڊت جواهرلعل ملڪاڻيءَ ڏانهن منهن ڪيو ۽ ڄڻ پڇيائين ٿي تہ ڇٿو ڪهڙو معاملو کڻي آيا آهيو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ شروع ڪيو. چيو: اسان کي جو ملڪيتن جو عيوضو ٿو ڏنو وڃي تنهن ۾ ڳوٺاڻن ملڪيتن لاءِ عيوضو اڌ ٿو ڏنو وڃي.

پنڊتجي يڪدم ڄڻ ڪاوڙجي ويو. چيائين عيوضي جي ڳالهہ مونکي ڪڏهن بہ آئڙي ڪانهي. پنرواس جي ڳالهہ ڪريو تہ ڪريو.

هاڻ جڳہ کي خبر آهي تہ پنڊتجي عيوضي جي باري ۾ بلڪل ئي خلاف هئو ۽ ان سوال تي وڏي چڪري هلي هئي. آخر نرواسين جي نهرک ڪارڻ ۽ پنجاب جي اڳوانن جي زوربار ڪارڻ هن اڻ مڃي. پر عيوضو جو سرڪار ڏنو ڪيو سو تہ ملڪيت جي رقم جو ڪجهہ حصو ئي هئو. سچ پچ اها هڪ پنرواس جي گرانٽ هئي، نہ عيوضو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جواب ۾ چيو: جيڪي ڪجهہ پارليامينٽ عيوضي طور ڏنو ڪيو آهي سو سچ تہ پنرواس جي گرانٽ مثل ئي آهي، عيوضو تہ آهي ڪو نہ. پر جيڪي بہ پارليامينٽ ڏنو ڪيو آهي اهو انصاف روءِ تہ سڀني کي ملڻ گهرجي نہ. ڪن سان بي انصافي ٿئي سو ٺيڪ نہ آهي.

اڳ ۾ ٿي ڳوٺن ۾ جڳهين جي قيمت اڌ مقرر ڪئي هئي، انڪري عيوضي ۾ وري اڌ ڪرڻ انصاف جي خلاف هئو، ڇو ته ان جي معنيٰ ٿيندي عيوضو اڌ نه، مگر چوٿون حصو ٿو ڏنو وڃي.

ان زماني ۾ اسان ڪن پراڻن ڪانگريسي ڪم ڪندڙن جي ڪانگريس سان بيٺل هئاسون، هڪ سنستا ٺاهي هئي جا "سنڌ ڪانگريس ورڪرس سميتيءَ" جي نالي ڪارج ڪندي هئي. اسان اهي ٻئي سوال هٿ ۾ کنيا ۽ انهن جي ٻاري ۾ هند سرڪار سان جبري لکپڙهه جاري ڪئي. ٻنهي جدا جدا سوالن جو نبيرو ڪيئن ٿيو سو هڪ دلچسپ اِتهاسڪ ورتانت ٿيندو.

پهرين ڳوٺاڻن مڪيتن جو سوال. هن باري ۾ اسان ڇڳي لکپڙهه هلائي ۽ پنرواس جي وزير سان به گڏياسون. مگر ڪجهه ڪڙليل ڪو نه نڪتو. وزير پنهنجي مجبوري ڏيکاري. چيائين مان سمجهان ٿو ته اوهانجي طلب انصاف تي ٻڌل آهي مگر مالي وڀاڳ نٿو مڃي سو مان ڇا ٿو ڪري سگهان. پئسو منظور ڪرڻ ته مالي وزارت جي هٿ ۾ آهي.

اسان نراس ٿياسون پر هتاش ڪو نه ٿياسون. فيصلو ڪيوسون ته پنڊت جواهرلعل سان ملجي. خوش نصيبا شروعاتي سالن ۾ جا ڊاڪٽر چوئٿرام واري گروهه ۽ اسان جي گروهه جي وچ ۾ جدائي ۽ ترشي اچي وئي هئي سا گهڻي قدر گهٽجي وئي هئي. ان ڪري جيڪا سفارت پنڊت جواهرلعل سان گڏجڻ هلي ان ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ۽ پروفيسر گهنشيام به شريڪ هئا. اسانجي سفارت جو اڳوان هئو اسانجي، سميتيءَ جو پريزيڊنٽ پروفيسر نارائڻداس

٧- ماڻهو ڇا چوندا؟

ننڍي هوندي جي ڳالهه آهي هڪ لڳا ٽي دوست گڏجي شڪارپور جي مشهور سنڌ واهه تي سنان ڪرڻ تي ويا سون. ٽن ڏينهن، اڄ وانگيان ٻارن کي جام خرچي ڪانه ملندي هئي. اڄ ڏسون ويٺا ته وچولي گهرن ۾ به ٻار بيٺي ٻه ٽي، ڪي چار آنا خرچيو وڃي. ڪلفي وارو آيو، ڳنڍي وارو آيو، دال چڻن وارو آيو، ٻار ماءُ اڳيان هٿ جهلي ٿي بيٺو هوندو، مائٽ "نه" ته ڪري ڏسو ته ڪيئن ٿو ٻار ڪيٽو ڪري. پوءِ پرچائڻ مصيبت. عادت چڱي هجي يا بڇڙي، سا ٻي ڳالهه پر گهڻا مائٽ ته رڳو ڊانڊل جي ڊر کان ماٺ ميٺ ۾ ٻار کي ڏيئي ڇڏيندا. گهڻي ڪنهن کان ٿي پڇي؟ ٽن ڏينهن مائٽن جو ضابطو جيان تيان ٺيڪ هو، خير.

سو ڳالهه ٿي ڪيم سنڌ واهه جي. گهران نڪري لکي در تائين پنڌ ڪري آيا سون. پوءِ اڳتي هلڻ جو سوال اٿيو. پنڌ هلون يا گاڏيءَ تي؟ مان ته پنڌ ڪرڻ لئي هريل هوس. موڪل ڏينهن تي گهڻو تڻو روز ڏاڏي سان سنڌ واهه تي ويندو ٿي هوس، سڪول هلندي آرتوار تي. ڏاڏي جو سنڌ واهه تي وڃڻ هلڻ جو قاعدو مقرر هو. هڪ طرف پنڌ، ٻيو گاڏيءَ تي. يعني صبح جو سوير ٿڌل ۾ پنڌ ۽ موٽندي سج چڙهي گاڏيءَ تي چڙهنداسون، پر گاڏيءَ واري کي ڏيندو رڳو ٽڪو. ٽڪي ۾ ڏاڏو ٻه پوٽو ٻه. پوٽو ويهندو ڏاڏي جي هنج ۾، ٽنهنجو پاڙو

”ڪهڙي بي انصافي ٿي ڪئي وئي؟“ پنڊتجيءَ پڇيو.

ڳاٺاڻن ملڪيتن لاءِ عيوضو اڌ ٿو ڏنو وڃي. هاڻ جڏهن ڳوٺاڻن ملڪيتن جي ڪٽ ڪندي، انهن رقم ڳوٺاڻي ملڪيت جي حيثيت ۾ اڌ ئي شمار ڪئي وئي آهي ته وري عيوضو اڌ ڇو ٿو ڏنو وڃي. اها ته بي انصافي چئبي نه.

پنڊتجيءَ کي ڳالهه دل سان لڳي، پڇيائين: ”اوهان پنرواس وڀاڳ جي وزير سان گڏيا آهيو؟“

”هائو“ ملڪاڻيءَ چيو.

”پوءِ هن ڇا چيو؟“ پنڊتجيءَ پڇيو.

هو چوي ٿو ته اوهانجي طلب انصاف تي ٻڌل آهي پر مان مجبور آهيان جو مالي منتري قبول نٿو ڪري.“

”ڇو؟“ پنڊتجيءَ پڇيو.

”وڌيڪ پئسو ڏيڻو پوندو!“

”اڇا“ پنڊتجيءَ چيو. وڌيڪ چيائين: ”چڱو مان مالي منتريءَ سان ڳالهائيندس.“

مکيه گفتگو پنڊتجيءَ ۽ ملڪاڻيءَ وچ ۾ هلي رهي هئي. پر وچ وچ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ پروفيسر گهنشيام به پٺڀرائي ڪندا رهيا.

پنڊتجي آخرين جملو چئي، جڻ ملاقات ختم ڪرڻ جي ڏيکاري ڏني.

هفتي جي اندر ئي اسانکي احوال اچي ويو ته سرڪار فيصلو بدلايو، اسانجي طلب منظور ڪئي ۽ ڳوٺائن ملڪيتن لاءِ به عيوضو انهيءَ ئي پيماني تي ڏنو ويندو جنهن پيماني تي شهري ملڪيتن لاءِ ڏنو ٿو وڃي. ان فيصلي ڪارڻ سنڌي نرواسين کي لکن روپين جو نه پر ڪروڙ روپين جو فيض رسيو.

سٽنيٽري ڪاميٽين جي سوال جو حشر ڪهڙو ٿيو سو وري ڪنهن ٻئي مضمون ۾.

گهمڻ اچون. پاڻ ۾ دوست اڪيلا هونداسون، موج ڪنداسون، انب کائينداسون، پڪي پل تان لاٽ پوڻ هلنداسون، ڪيٽي راند به ڏسنداسون. ماءُ کي منٿ ميڙ ڪري اَٺ آنا هٿ ڪيا هئم. پائيم ته ڀيڻ به ضرور آندو هوندو. سو لکي در تي پهچڻ سان وڏي ڪانفرنس هلائي ته هاڻ اڳتي پنڌ هلون يا گاڏيءَ تي. ميلي جو ڏينهن هو، ڀاڙو هو به به آنا سواريءَ جو. هڪ چيو ته ڀيلي پنڌ هليا هلون، ايترا پئسا ڪير ٿو خرچي؟ مون سنڌس پٺڀرائي ڪئي. پر ٽئين دوست چيو، ”واهه! پنڌ ٿا هلون! ماڻهو ڇا چوندا؟ فلاڻي جو پٽ هئڻ ميلي تي پنڌ ٿي ويو.“

دوست جي ڳالهه رکيسون. گاڏيءَ تي چڙهياسون. جڏهن منزل تي رسياسون، تڏهن سوال اُٿيو ته پئسا ڪير ڏئي؟ دوستن ۾ هرو ڀرو جنگي سوالجرن وارو حصن پٺين جو دستور ڪونه هو. ڪنهن شيءِ تي ڪنهن پئسو خرچيو، ڪنهن موقع تي ڪنهن ڏوڪڙ ڏنو. هو دوست، جنهن گاڏيءَ تي چڙهڻ لاءِ ضد ڪيو هو، سو ڏهين جو نوٽ ڪڍي بيٺو. ڏهن روپين جي پگهه نه گاڏيءَ واري وٽ، نه سو ۾ صبوح جو ڪنهن پڙيءَ واري وٽ؛ سو اسان پن مان هڪڙي پاڙو ڏنو. تنهن ڏينهن لاڪر اِهي اَکر دل تي گهڙجي ويا آهن، ”ماڻهو ڇا چوندا!“ پيٽ ۾ بک هوندي، ته به ڪنڌ ۾ آڪڙ رکي چونداسون: ”ماڻهو ڇا چوندا.“

اڄ ڪالهه سئنيما ڏسڻ جو شوق ڪونهئم. شوق ته ڪڏهن ڪونه هو، پر ڪنهن زماني ۾ چڱوئي ڪيل تي ويندو هوس. ڪاليج ۾ به سؤمت پيا ۽ آءٌ ٽيئي گڏجي فلم ڏسڻ ويندا هواسون. هرڪنهن آرتوار تي. پر سدائين ڇهين آني واري ڪلاس ۾. هڪ لڳا، ڪنهن فلمي ڪيل ۾ وينا

ڇو لڳي؟ باقي سندس ٽڪو. جي ڪنهن ويل، پاڙو ٽڪي ٽڪي سواريءَ کان مٿي هوندو، جو بعضي ريل گاڏيءَ جي ٽيم تي ٽيندو ئي هو، ڇاڪاڻ ته ٻگيون گهٽيون سٽيشن ڏانهن سواري ڪٽڻ هلي ويندڙيون هيون، ته پوءِ اُتي منو ڪلاڪ وٽن جي ڇاپا هيٺ پاٽيءَ جي مٿن واري ٽلهي تي ويهي رهنداسون، جيسين گاڏيون اچن ۽ پاڙو گهٽجي. تنهن زماني اڄ جي هڻ هڻ واري حياتي نه ڪانه هئي، جو ڇڙجي ته اڄ منٽ دير ٿي ته ڪنهن سيڙ ۾ ڪونه پهچبو يا ڪنهن دوست سان ڪوڙو ٿبو. تنهن وچ ۾ پيسا ٻه ڪاڻي ۽ ٽڏو پاٽي به پيئبو. مان ڪٽوري ۾، ڏاڍو لوڻيءَ ۾. تنهن سواءِ پئسي جي بوندي وٺي ڏيندو ڪاڻڻ لاءِ. ٽن پئسن ۾ سنڌ واهه جو سڄو پورو.

نه ته ڪو ڏاڍو ڪنجوس هو، پر سندس حالت پتا پوري تمولي جهڙي هئي. پگهر جي پورهئي سان پئسو ڪمايو هوائين، سو خرچ به تمام خيال سان ڪندو هو. ٢٥ روپئين مهني سان ماستريءَ ۾ گهريو هو ۽ ٧٠ تي نوڪريءَ تان لٿو. برابر ٽن ڏينهين روپئي جو ملهه گهٽو هو ته به ايتري ٿوري ڪمائيءَ مان ايڏا ڪارج پورا ڪرڻ سندس ڪم هو. وڏو ڪٽنب پالڻ، ست شاديون ڪرائڻ ۽ هڪ جاءِ پوان ڪي ڏيئي وڃڻ، جنهنجو ملهه ڪنهن وقت لک روپيا ٿي مليو، سا ڪا ننڍڙي ڳالهه ڪانه هئي. تنهن لاءِ صرفو نه گهريو ٿي نه.

پر مان اَلائجي ڪهڙي ٻهرستان ۾ وڃي پيس. دوستن سان سڄر واري ڳالهه ائين ئي رهجي وئي. مائٽن سان گهمڻ گهٽڻ ۾ ذرا ٻنڌن آهن. پوري آزادي ڪينهي. اِهو ڏينهن ميلي جو هو، سو ڇيوسون ته اڄ رڳو سڳتي گڏجي

چا چوندا.“ پر، پوءِ اهڙن ڪمن ۾ بلفضولي هجي، صحت
کي جوکو هجي، پاکنڊ هجي يا ڪوڙو شان هجي. مثلاً ڪو
دوست آيو ته چانهه يا لمليٽ ضرور ايندو، پوءِ ڀل ٻنهي
مان صحت کي جوکو؛ ڪجهه، وڌيڪ گهرو هوندو يا وڏو
ماڻهو هوندو ته ريسٽارنٽ يا هوٽل تي هليا ويندا سون.
زمانو اهڙو بدلجي ويو، جو خود راڄنيتيءَ ۾ به، اهي ناٽڪ
۽ ڏيکاءُ ويکاءُ تي پيا آهن. ۽ نه چاهيندي به، ڪرڻا ٿا پون.
راڄنيتي مدبرن سان ڳالهيون ڪندي، مجلسون ۽ پارٽيون
ڪرڻيون ٿيون پون. انٽرراشٽري فيصلا به، ڪانفرنس جي
ٽيبل تي وهڻ کان اڳ، ڪاني جي ٽيبل تي پيا ٿين.

ان جي اُبتڙ صحيح ڪم، جي پاڻيون ته ڪريون، سو
وري ان ڪري نه ٿا ڪريون، جو رڳو ڊپ پيو ٿئي ته
”ماڻهو چا چوندا.“ گهر جو ڪم هاج صحت لاءِ مفيد آهي،
سو ڄاڻندي به، اڄ جي وچولي گهر جي زال گهر جو ڪم
ڪندي ڪيپائيندي. اڳي وانگيان جنڊ ۽ ليپو ٻهاري ته
پري رهيو، پر بسترا پٿارڻ، صفائي ڪرڻ، ساڳي پاڇي
سنوارڻ لاءِ به، نوڪر ضروري ٿيو پوي، ڪن لاءِ ته روٽي
ڪرڻ به مهڻو آهي. چي: ”ماڻهو چا چوندا.“

انگريزي شاعر برنارڊشا جي گهر ۾ چون ٿا، ته هڪ
شاهي ٽختي لڳل هوندي هئي؛ جنهن تي لکيل هو:

ماڻهو ٿا چون!
چا ٿا چون؟
ڀل پيا چون!

(گوناگون مضمون)

هواسون ته مٿان انٽرويل ٿي. ٽيئون ٻڌون ته مونکي ٻه ڪو ڪٽيءَ ڪنيو، سو پٺيان ڪٽي نهارڻ. پٺيان ٽي، وڏا ڪلاس هوا ته ٨، ١٤ آنا ۽ روپيه ٻه آنا. ڪيترا هم ڪلاسي ۽ ڪاليجي شاگرد ٻه ويٺا هوا. وڏي سؤٽ جهڙپ ڏيئي مون کي چيو، ”بيوقوف، پوئتي ڪيئن ٿو نهارين. ويٺو آهين ڇهين آني واري ڪلاس ۾ ۽ پٺيان ٻيو گهوري ڏسين. توکي اﻻئي سمجهه ڪڏهن ڏني آهي يا نه. ڪجهه پٺو پوئي ٿو ته ”ماٺهو ڇا چوندا.“

هيٺئين وچڙائيءَ ۾، هڪ مائٽ جي ڏيءَ هٿي ٻمٻئيءَ ۾ گهمڻ آئي. چيم، هڪڙي ڏينهن ڪيس پڪچر ڏيکاري اچان. اڪيلو ويندو آهيان، جو ٿئي ٻنهه ورلي، ته ٩ آني واري ٽڪيٽ وٺان. گهر مان ڪي زالون يا ٻار هلن، ته پوءِ ١٤ آني واري يا ٠-٥-١ واري. سو ٽنهن ڏينهن به ائين ٠-٥-١ واري ٽڪيٽ ٿي ورتم ته ڏٺم مهمان ڪجهه نڪ موڙيو. ڪيس ائين لڳو ته سندس پورو قدر ڪونه ڪيم. ڪپندو ائين هوم ته ٠-٤-٢ وارين ٻاڪس جون ٽڪيٽون وٺان ها، نه ته ٻه ٠-١٤-١ واري ٻالڪني ته ضرور. من جي پٺيان پاؤ اهو ٿي ته ”ماٺهو ڇا چوندا!“

ٽنهن ڏينهن هڪ ساٿيءَ ڪم ڪندڙ ڳالهه ٻڌائي. ڇيائين وچولي درجي واري پاڙي ۾ ويٺا آهيون، پر آهي مصيبت. ڪو هڪڙو ٿو قدم اڳتي ڪڍي، ته ٻين لاءِ ڪرڻ ٿيو پوي. هڪ پاڙيواري گهر نوڪرياڻي ٻيهاري، ته سڀني جون جوئون مڙسن کي چوڻ لڳيون ته اسانکي به نوڪرياڻي ٻيهاري ڏيو. ڇو ته نه ته ”ماٺهو ڇا چوندا.“

ڪيترا ڪم اسين ڪندا آهيون، نه ان خيال کان ته صحيح ڇا آهي غلط ڇا آهي، ريو ان خيال کان ته ”ماٺهو

پيشيءَ جو ٽنڊ مان آئي، تنهن تي چيم اما! وڏيءَ ماسيءَ جو پٽ بيمار ٿي پيو آهي. ست اٺ ڏينهن ٿيا اٿس، جو بخار ٿي پيو اٿس. مونکي، اڄ اسڪول مان موٽندي، پٽس رستي ۾ گڏجي ويو، تنهن ڳالهه ڪئي ته ١٠٤ ڊگريون ٽپ اٿس. تنهن جهٽ پيو ڏسي آئيم، جتي به هٿ نه ٿي آئي. رليءَ لاءِ به نه ٽرسيس. بس ۾ ٿي پهچندي آهيس. چيم ته مونهن ته وڃي ڏسانس."

مونکي اوڏيءَ مهل بخار چڱو ڀلو هو. شام جي وقت ته وڌيل ئي هوندو هو. سو اهڙي ڊگهي ڪٿا ٻڌڻ لاءِ، نه صبر هو، ۽ نه طاقت. ٻڌائي ته ويئي، سو ته ٺهيو، پر سنڌس ٻولي شبدن ته سر وڃائي ڇڏيو. يعني اهڙي ٽڪڙ ان لاءِ ٿي ڪيائين، ته وقت تي پهچي جيئن منهن ڏسي سگهي، متان سنڌس پهچڻ کان اڳ ئي موڪلائي نه وڃان. پيو ڪا ڊاڪٽرياڻي ڪانه هئي، جنهن کي انجيڪشن هڻڻ هئي، جنهن لاءِ ٿي اهڙي ٽڪڙ ڪيائين.

دل ۾ آيم، ته ڪيس ڦهڪائي ڏيان ته اهڙي جلدي ڪرڻ جو ضرور ڪونه هو، مان اهڙو ٽڪڙو ڪونه، ٿو مران، مونهن ڏسڻ لاءِ ڪافي وقت ملندءِ. پر ٻوءِ اندر ۾ ئي وٺس. چيم سنڌس مطلب اهو ٿورو ئي هو. هن جي دل ۾ قرب آهي، سو سنڌس دل جو ڏکويان.

ٻئي ڏينهن هڪ سوٽ پهچڻ آئي. اها به ويچاري اڳلي زماني جي آهي. تمام صاف دل ۽ قربائتي. آئي ته منهنجون اکيون ٻوٽيل هيون. ٽنڊ ڪانه هيم، پر شرير کي وٽ ۾ وٽ آرام ڏيڻ جي خيال کان اکيون پوري سمهي پوندو هوس. مونکي ٽنڊ ۾ سمجهي، پيرانديءَ کان ويهي رهي. ڪيس مون ڏٺو ڪونه، پر گهر جي ٻارن جي ڳالهائڻ

٨- بيمار ڪان پڇڻ وڃڻ

ڪنهن بيمار مٽر وٽ پڇڻ وڃڻ، مونکي جهڙو اٽانگو لڳندو آهي، اهڙو اٽانگو مشڪل، ڪو ٻيو ڪم نه ڀاسندو اٿم. هان، شايد، ڪنهن سرڳواسيءَ جي مائٽن سان پرچاڻي ڪرڻ، ان ڪان به وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي. جتي ڪو خاص ڪم ڪرڻو ڪونهي يا بيمار جي ڪا خاص شيوا ڪرڻي ڪانهي، اتي هن ڪان رڳو پڇڻ وڃڻ، ڏاڍو ڏکيو ڀاسندو اٿم! اتي وڃي ڇا ڪريان. بيمار سان ڇا ڳالهايان، سو سمجهه ۾ ئي نه ايندو اٿم.

سچ پڇ، بيمار ڪان پڇڻ وڃڻ، تحقيق هڪ ڏکيو مسئلو آهي، تنهن جي پڪي ڄاڻ اڄهو هينئر مليم، جڏهن آءٌ پاڻ مدي جي بخار سان ڪيترا ڏينهن بستري ۾ پيو هوس، ۽ ڪي گهڙيون اهڙيون نه انتظاريءَ جون گذريون، جو خاطري ئي ڪانه ٿيندي هئم ته اٿندس يا نه. ان عرصي ۾، ڪيترا مٽ مائٽ ۽ دوست پڇڻ پيا ايندا هئا. پر وچارن کي پتو ئي ڪونه پوندو هو، ته بيمار سان ڇا ڳالهائجي ۽ ڇا نه ڳالهائجي.

مثلاً، هڪ ڏينهن هڪ ماسات ملڻ آئي، وچاري تمام سرل ۽ سادي سڌي سنئاءَ واري آهي، پراڻي زماني جي. اچڻ سان چيائين: ”ٻڙي مونکي نه خبر ئي اڄ پيئي آهي، ته تون ڪو بيمار ٿي پيو آهين. مونکي ڪوشيءَ (ڌيٽس) اڄ ڳالهه ڪئي. سو به تڏوريءَ، جڏهن اسڪول مان موٽي، تڏهن ڪونه ٿي ٻڌائيم؛ رسوئي ڪائي وڃي سمهي پيئي.

لاءِ نه اڃا شرير ۾ ڪافي طاقت اٿم. منهنجو مطلب نه هوَ سمجهي ويا، باقي پنهنجي عقلمنديءَ جو ڪين احساس ٿيو يا نه، سو ڌڻي ڄاڻي.

ماءُ جي پيار سان ته دنيا جو پيار ڀيٽجي ڪو نه سگهندو. پر ڏس ماتا، جا پاڻ ٽن مهنن جي عرصي کان بيمار هئي ۽ اٿي ويهي به تڪليف سان سگهندي هئي، تنهن ۾ الائجي ڪٿان طاقت اچي وئي، جو پنهنجي بيماريءَ کي ڀلائي، رات ڏينهن بنا ورڇڻ جي، منهنجي سيوا ۾ لڳي وئي. پر اُن جو به پيار ڪڏهن خفي ڪري ڇڏيندو هو. مان ڪوشش ڪري اکيون ٻوٽي سمهي پوان، ته من ائين ننڊ اچي. ۽ هوءَ ور ور ڪري اچي پڇندي "ننڊ آئيئي ڪي جاڳين ٿو؟" ڪيس اهائي چنتا، ته سرت ۾ آهي يا غش ۾. آخر ڪڪ ٿي، هڪ ڏينهن ڪيس ڪاوڙ مان ڪيس چئي ڏنم: "پر پئي تون گهڙيءَ منهنجي ننڊ ڇو ٿي ڦٽائين؛ مونکي آرام ڇو ڪين ٿي ڪرڻ ڏين؟"

ڪيس منهنجي جڙ واري جواب ڪارڻ صدمو ته اوس رسيو هوندو، پر بيمار کي ڪاوڙ معاف ڪجي آهي نه.

هڪڙو دوست، جو بيماريءَ جي عرصي ۾ روز نه ته هڪ ٻئي ڏينهن پڇڻ ايندو هو، مگر پڇندو ڪي ڪين هو. ڪيس ئي خبر هئي ته بيمار سان ڪيئن هلجي. منهنجي دل کي يقين ڏيڻ لاءِ، ته ڪيس مون لاءِ قرب آهي ۽ منهنجي انتظاري اٿس. هوُ برابر ٻپهريءَ کان ٻئي ٽئين ڏينهن ڪهي ايندو هو، پر ماٺ ڪري ڪرسي گهلي، منهنجي بستري اڳيان اچي ويهي رهندو هو. اکيون ٻوٽيل هوندم، ته رڳو مون ڏانهن نهاري پري مان مشڪندو. ٻوٽيل هوندم، ته ماٺ ڪري ٻئي ڪمري ۾ گهر جي ڀاتين وٽ وڃي

مان سمجهي ويس ته ڪير آئي آهي، ڪجهه منٽن کان پوءِ ساڻس ڳالهائڻ لاءِ اکيون کوليم. چيائين ”ٻلديو، مونکي سڃاڻين ٿو؟ چيو مانس: هائو ڇو ڪين. تون فلاڻي ته آهين.

ڪيس ۽ مائٽن کي ڏي آيو ته هوش حواس سلامت اٿس ۽ ماڻهن کي بخوبي سڃاڻي ٿو.

زالن جي ته ڳالهه ڇڏيو. ڇوندا ته ويچاريون ابوجهه بي سمجهه آهن. سو به، ته جهونين پيرن لاءِ ڇٽي جند ڇڏائيندا. اڄوڪين چست، ڦڙت، چنچل ۽ ڦوڪيل ليڊيز لاءِ ڇٽو ته لاڪه لاهڻو. پر اچو ته پڙهيل ڳڙهيل جوانن جي اوهان کي ڳالهه ٻڌايان. بلڪل ٿي نئين زماني جا علم يافته نوجوان مائٽ، هڪ ڏينهن پڇڻ آيا. هڪدم ڏاڍي همدردي ڏيکارڻ لڳا. اجهو هيئن:

”تون ته ڪيڏو ڳري ويو آهي. سمورو ماس ته جڻ ڇڻجي ويو اٿس، رڳو ڪنڊا پيو لڳي، جيتوڻيڪ مان بيماريءَ ۾ رڳو ٥-٦ پائونڊ مس ڳريو هوس. منهن پيلو هيڊ ٿي ويو اٿس، ڇا ته، ڪمزور ٿي ويو آهي.

سمدن ليکي ته ائين چئي هو بيمار جي دل ٿا وڌن، مڃاڻ سچ پچ بيمار جي دل ڍاهيائون ٿي، جيڪا رهيل کهيل همت بيمار ۾ هجي سا به هوند اهي لفظ ٻڌي هلي وڃي. سمجهڻ لڳي ته هاڻ انت اچي ويو.

مون ڪيس زبان سان ته جواب ڪونه ڏنو، ڇو ته جڏهن بخار ڪجهه گهٽبو هو ته ڳالهائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيندو هوس، ان لاءِ ته بدن ۾ بيماريءَ جي مقابلي ڪرڻ جي لاءِ جيتري شڪتي بچائي سگهان اوترو چڱو. سو ٻئي ٻانهون مٿي کڻي، ٻرل وانگيان کين هلائي ڏيکاريم، اهو ٻڌائڻ

سندس مثال منهنجو حوصلو ٻيڻو ڪري ڇڏيو. وڌيڪ همت ۽ وڌيڪ پختگيءَ سان، بيماريءَ سان لڙڻ جو فيصلو ڪيم ۽ ايشور جي ڪرپا تي ته هي ليک لکي رهيو آهيان.

بيمار ڪان پوڻ وجهي، ته ڇا نه، ڇٽجي تنهنجي جاڻ هيم، پر ڇا ڇٽجي تنهنجي جاڻ مليم.

(پارناواسي ٢٦-١٠-٥٨)

(گونا گون مضمون)

ويهندو. منهنجي پرسان وٺو هوندو ته پڇندو ڪي ڪيئن. مان پاڻ ڪجهه پڇندو ساڻس ته جواب ڏيندو. ڪجهه بهتر ۽ سرهو ٿيندو. ته به اکر ڳالهائيندو. بخار لاءِ پڇندو، دوا درمل جي باري ۾ صلاح ڏيندو، نه ته ماٺ ئي ماٺ.

هونئن ته منهنجي دل ڪافي مضبوط آهي، پر هن بيماريءَ ۾ ڪجهه مڙئي لڏي وئي. گذريل سال، جو ننڍو پاڻ ٨-١٠ ڏينهن جي بخار ۾ هتان مان هليو ويو، سا تصوير ورور ڪري سامهون پئي آئي. ويتر جو پرواري ڪمري ۾ بعضي ماٺت وٺي ڪانفرنسون ڪندا هئا، دوا بدلائڻ جي باري ۾ ۽ ڊاڪٽر بدلائڻ جي باري ۾، تنهن سس پس مان شڪ جاڳندو هوم ته حالت انتظاريءَ جهڙي آهي. ٢٨ ڏينهن ساندهه بخار هليو، سو ضرور انسان کي منجهائيندو. هڪ ڏينهن مون پنهنجي دوست کي پنهنجي دل جو گمان ٻڌايو. چيائين:

”ٻلديو، پٽ، توکي ڊاڪٽر ته مڙئي خاطري ٿا ڏين ته رواجي بخار آهي. شرير جي عام طور طاقت ٺيڪ آهي؛ سو اوس لهي ويندو ۽ ڪابه خطري يا انتظاريءَ جي ڳالهه آهي ئي ڪانه. مونکي به هڪ دفعو، تو وانگر مدي جو بخار ٿيو هو ۽ لڳ ڀڳ اهڙو ئي عرصو هليو. هڪ ڏينهن مونکي ڊاڪٽرن چيو: فلاڻا اسان حيلا هلائي ٿڪا آهيون، بخار نه ٿو ٽٽي، حالت نازڪ آهي. اسانکي آسرو گهڻو ڪونه ٿو نظر اچي.

”مون تنهن تي کين چيو: مون ۾ مقابلي جي ڪافي شڪتي موجود آهي. اوهين ڪوشش ڪندا رهو. پوءِ جيڪا ايشور جي مرضي. همت نه هارايم، حياتي هئي ته ٻچي پيس ۽ اڄ تنهنجي اڳيان ويٺو آهيان.“

ساڳيو مسئلو اچي اُٿيو. هڪ سنياسي ساڻ هو، جنهنکي شوق ورتو ته مڇي به کان ۽ ڪڪڙ به کان. ڊاڪٽرن چيس: سوامي جي موج ڪريو. ڇائين ڪجهه ٿي پوي ته؟ ڊاڪٽرن وراڻيو: اسين هتي ويٺا آهيون ته ڪجهه ڪونه ٿيندو، ته جوابداري اسان تي آهي.

ڪوئٽيا ۾ هڪ لڳا هڪ سال جي اسپتال ۾ وڃڻ ٿيو جو هڪ ويجهو مٽر اُتي بيماريءَ ۾ ورتل داخل هو. ڊاڪٽر کان جڏهن بيمار پڇندا هوا ته ڊاڪٽر صاحب ڪائون ڇا ته ڊاڪٽر ڪين چوندو هو: سڀ ڪجهه کائو، رڳو منهنجو سر نه کائو.

هڪ طرف اهي مثال ته ٻئي طرف اڙٻنگ مهمان ڏٺا آهم جي جتي لهن آئي اگهه ته ميزبان جو دماغ خراب ڪيو ڇڏين ائين چئي ته اسين هي کائيندا آهيون ۽ هي نه کائيندا آهيون وغيره. ڀسون ڪندا مهاتما سان ۽ جواهرلعل سان ۽ سو به جي اُنهن وانگيان هفتو اڳ پنهنجي پروگرام سان پنهنجي کاڌي جا تفصيل به موڪلين ته به هڪڙي ڳالهه. پر رات جو 11 بجي لهڻ سان ڪير چوي ته هيڏي مهل مون لاءِ بڪريءَ جو کير پيدا ڪريو جو مون ڳئونءَ جي کير پيئڻ کان قسم کڻي ڇڏيو آهي، ته پوءِ ان لاءِ ڇا چئجي. يا قسمت سانگي گهر ۾ رکيل ڀاڄيءَ کي انگيڪار ڪرڻ کان انڪار ڪن جو ان ۾ مرچ پيل آهن ۽ چون ته بنا مرچن ڀاڄي رنڌائي ڏيو ته مهمان لاءِ ڀاڄي رنڌيندي ميزبان جي گهر واريءَ جي دل مان ڪهڙي دعا نڪرندي؟

ٻيو ورڪ اهڙن زاهدن جو آهي جي ڪجهه تڪليف گهٽ ڏين. جنهن پيٽل آتو بستري سان گڏ کڻندا ۽ ڪمند گڙ به. جي ماکيءَ جا شوقين هوندا ته شيشو ماکيءَ جو

٩- چا کائجي ۽ ڪڏهن کائجي؟

منهنجون ڳالهيون اُتو آسر پوڻاٽيهون، ٻـا قلو ڳوناٽي جهڙيون. وٺيو ته مڃيو، نه ته اهڙا نه هوندا ئي سگهي. جي منهنجو ليکڪ پڙهڻ ڪري. ڪو هڪڙو پاڳل مون جهڙو پيدا ٿيو، نه چوندس رات جو ننڊ نچوئي جيڪي ڪجهه لکيم سو سڦلو ٿيو، نه ته ويو ٽڪي جو پنو ۽ ڪسيري جي مس، سا ڪا وڏي ميراث ڪانه ڇڏبي.

اسانجي سنڌ ۾ رواج هو، هيٺئر الاجي اهو رواج چالو آهي يا نه، ته ڪير ۽ ڏڌ گهر گهر ۾ گڏ کائڻ ڪونه ڏيندا هئا. چي: ٻئي هڪ ٻئي جا دشمن آهن. مان جڏهن ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن ڪجهه عرصو، ماني هڪڙي هوٽل ۾ کائيندو هوس. متي در تي هڪ پنجابيءَ هوٽل هو جو ١٣ روپيه ماهياني وٺندو هو. پتر پيو چا ڪري، جو کيرڻي ۽ متو ناهي ٻئي ناهي آرتوار ڏينهن، منجهند جو مانيءَ سان. پوءِ گراهڪن کان پڇندو، اوهين کيرڻي کائيندا يا متو. ڪير ٻئي کائي ته پوءِ چا؟ چوندو پاڻي ڪو کائي، مونکي خير آهي، باقي سندس تندرستي سو هوءُ جاڻي. مون ڇيس منهنجي تون چنتا نه ڪر. مونکي ٻئي ڏئي ۽ باقاعدي هر آرتوار تي کيرڻي ۽ متو ٻئي ساڳئي وقت کائيندو رهيس. مونکي ياد ڪينهي تہ ان ڪري ڪا خاص تڪليف ٿي.

شڪارپور ۾ هڪ لڳا سنڌ واهه تي شغل ڪيوسون. چوپاريءَ ۾ به شهر جا برک ڊاڪٽر به ساڻ هئا. الي ۾

دماغ جو ڪو اسڪرو ڍلو ٿي ويو اٿس. پر ٻارو هڪڙي گهڙي ڏارج ڪريو. هڪڙي ڳالهه منهنجي به ٻڌو، پوءِ فيصلو ڪريو ته منهنجي دماغ جو اِسڪرو ڍلو ٿيو آهي يا ڪنهن ٻئي جو.

ڇڱو ٻيلا هيءَ ڳالهه ٻڌو. ريل ۾ سفر ڪي ويندا ته پاڻ سان گلاس کڻو ڪٽي ويندا. شيشي جو ٽاڪئون، جو هر گهڙيءَ ڀڄڻ تي پيو ڏٻاري ته اڙي مٿان ڀڄي پوي ۽ ائين اوهانجو سڄو آرام ڦٽائي ڇڏي، يا جرمن سلور جو، جيڪو جتي وڃو اُتي اُچليوس؛ نه ڀڄندو، نه ٻهندو، ڪنهن کي وهاڻو هوندو. يا سمجهو ته پنهنجي شهر کي دشمن جي ڪاهه کان بچائڻ لاءِ ڪوٽ ٺا اَڏيو، ته ڇا واريءَ جو ڪوٽ اَڏيندا جو هٿ لڳڻ سان ڍهي پوي يا فولاد جو، جو دشمن جي گولي مار اڳيان بيهي سگهي. شريرُ اوهانجو، اوهانجي آتما لاءِ سفر جو وسيلو آهي، واهڻ آهي، ته ڀلي اُن کي شيشي جيان ٺاڪئون ته نه بڻايو، جو ڪرڻ سان ٺڪرا ٺڪرا ٿي پوي ۽ وري جڙي نه سگهي. جي اوهين، بيماريءَ جي دشمن کان پنهنجي شرير جو بچاءُ ڪرڻ ٿا چاهيو، ته ٻارو واريءَ جو ڪوٽ ته نه اَڏيو جو دشمن جي آگر جي ڇهاءَ سان ڍهي اچي پٽ پوي. هاڻي اوس چوندا ته مان چريائي ٿو ڳالهايان، پر ان چريائيءَ ۾ به ساڃهه آهي، ڪو طريقو آهي.

اِهي ٻيڇر وارا، گهر ۾ بيشڪ ڳاڙهو ڳنڍڪو، ڇنيا ڏکيا پيا هلن، مگر ڪاٺين حال پڇو جڏهن ڪين موافق ڪاڏو نه ملي. جتي ويندا اُتي ٻابا سنت ڇوائي پڪوڙن يا پاپڙيءَ کائڻ کان ناهري واري، ڪير ۽ ميوو چکيندا. جيڪي سو ميزبان جي کيسي کي ڇڪيو، ۽ پين جو وات پيو ڀاڻي

ساڻ هوندن. اهڙا جيئو هرو ڀرو خطرناڪ ڪونه آهن. رڳو ڪجهه معصوميت ڀري ڪـل سندن روش پيدا ڪندي. باقي منجهائڻ نه گهڻو خطرو ۽ نه گهڻي تڪليف. ڊائي وائي چوندا ڀاڄيءَ ۾ مرچ نه وجهجو ۽ کير بنا کنڊ ڏجو.

پر مزي جي ڳالهه ٻي آهي. اهي ماڻهو جي پنهنجون چرپائون پاڻ ڏانئين محدود رکن ته ٻ هرک سوک ڪونهي. پر هو وندا ٻين کي وعظ ڪندا ته هي کائو، هو نه کائو، وغيره. چي سٽيپ نه کائو، مرچ نه کائو، ڏيل ڀاڄيون نه کائو، پڪوڙا نه کائو، گول گپا نه کائو، ڀيل پوري نه کائو وغيره وغيره. سندن ڳالهين ۾ دنيا لڳي ته ويچارن ٻجين وارن جو ڇا ٿئي، ۽ چوپاٽيءَ تي ڀيل پوريءَ وارن جي کهڙي ٻڇڙي حالت ٿئي. سرڪار چوي ته روزگار جا نوان نوان وسيلا ڳولهي ڪيو ۽ هي ٻار وري انهن کي به ٻڪ مارڻ وارا آهن، جي عزت سان پنهنجو پيٽ قوت پيا ڪين.

هاڻ انهن ٻارن کان ڀڇو ته آخر ٻڌايو ته سهي ته اوهان کي ڪپي ڇا، ڇو پيا روز اخبارن ۾ ليک وجهي ورق ڪارا ڪريو ۽ ليڪچر ڪري ماڻهن کي اڏ ٻڪيو ڪريو ته چوندا ته اسين اوهانجي شرير جي رکيا ٿا ڪريون. شرير آهي هڪ مندر، جنهن کي صاف سٿرو ۽ مضبوط رکڻو آهي، جيئن زندگي آرام سان بسر ڪري وڃي منزل مقصود تي پهچي. ڳالهه کي ڪل. جيو آتما ويچاري ڪي ٻـڪون ڪيائي، ترسائي، ٽڙپائي اڌ مئو ڪري ٿا ڇڏيو ۽ پوءِ به چئو ته جيئو آتما سان سفر طئه ڪري منزل مقصود تي پهچي!

ٻيلي مونکي ته ٻپ تو ٿئي. ڀانئڪ شايد چوندا، ته هي ليکڪ عقل جون حدون ٽپي ويو آهي، ڏسجي ٿو ته

پوندو. رڳو هرو ڀرو هيڪاندو نه هلون.

”ڇا کائجي ۽ ڪڏهن کائجي؟“ سوال جو جواب هڪ وڏي عالم هنن ٻن لفظن ۾ ڏنو آهي: جڏهن بک لڳيوَ تڏهن کائو، جيڪي شرير کي وڻيو سو کائو.“ ضروري نه آهي، ته ۱۲ وڄن ته گهنٽي وڄائي پٽيوالي کي حڪم ڪريو ”کاڌا لڳائو.“ اوهانجي کائي جي وقت ڪم ۾ مگن ويٺا آهيو، ته سچ پڇ بک لڳندي ئي ڪانه. جڏهن ڪم مان ڦهان نڪتو، تڏهن بک جو احساس ٿيندو. اوهين ڀلي پوءِ کائو کائو. ڇهه دفعا بک لڳيوَ، ته ڇهه دفعا کائو. ڪهڙو اهم آهي.

پر ڀلي أرٿ جو أنرٿ نه ڪجو، منهنجي چوڻ جو مطلب اهو به نه آهي، ته هن ٻار جيان گوڏن ۾ سور هجي ته به وٺو پڪوڙا ۽ ڇيوڙا کائيندا. اهو ٿيو، ڪوڏر کڻي پنهنجي شرير کي پاڻ ڏاهڻ.

مطلب هي آهي ته هرو ڀرو زاهد نه ٿجو، شرير کي هر شيءِ لئي هيرايو، جيڪي ملي سو کائو، گهڻو وهم نه رکو. پنهنجي شرير لئي وشواس رکو. ڪهڙي به جبري دشمن جي ڪاهه اڳيان ڀڄي ويندو. شرير ۾ مقابلي ڪرڻ جي اٿاهه شڪتي آهي ۽ ان سان جي من جي شڪتي به گڏي، ته ڪوٽ سچ پڇ فولاد جيان مضبوط ٿي پوندو.

ٻئي خيال کان ڏسجي، ته آخر ڪنهن جي گڻ جو، ڪنهن جي ايمان ۽ چرتر جو وڌيڪ قدر ڪندا، أن جو، جو سنسار کي ڇڏي هماليه جي غفا ۾ وڃي ٿو وهي، جنهنکي بي ايمان ٿيڻ يا چرتر وڃائڻ لاءِ ڪو موقعو ئي ڪونهي، يا أن جو، جو سنسار ۾ رهندي، ونهوار ۾ هلندي چلندي، ڌرم ۽ نياءَ لئي پڪو آهي. البت پوئون رستو ڏکيو آهي، پر وڌيڪ ساراهه جوڳو آهي. ساڳيءَ طرح،

ڀاڄي ٿيندو. يا ڪٿي ڪو ڀڪوڙو ٽڪوڙو کائيندا، ته ٻي ڏينهن پيا دانهون ڪندا، ته ٽيهن ڏينهن کاڌو اٿو کاڌو اٽڪيون سو پيٽ ۾ وڳوڙ ٿي پيو آهي، ننڊ پوري ڪانه آئي وغيره.

مزا ته سنڌ جيل ۾ هوندا هئا، جو مرچن واري ڀاڄي کائين، ته پوءِ ٽيهن ڏينهن کاڪوس ۾ حساب پيا ڏين، يا موڪن ۽ قبضيءَ جا بهانا ڏيئي ڊاڪٽر کان کير ۽ مکڻ پيا طلبين.

ڀلا جي پوءِ نقطه نظر کان ڏسجي، ته هي شرير جنهن کي آتما جو رٿ ٿا ڪوٺيو، سو اوهان کي ڏنو ته ايشور. هاڻي ائين چوڻ، ته هي شرير اهڙو ناڪئون آهي جو ذري پرزي پيو ڀڄندو ڀڄندو، سو ٿيو ايشور جي ڏاهپ ۽ شڪتيءَ ۾ شڪ آڻڻ. چئبو ڏٺي تعلي جاڻي جاڻهار کي ايتري به سمڪ ڪانه پيئي، جو هيءُ شرير اهو مضبوط نه اهي، جو ڪڏهن دل چوي ته پڪوڙا ۽ گول گپا کائي سگهي. جي اسانجو ايشور اهڙو مجهول آهي، اهڙو ڪوتاهه نظر آهي، ته اسان جو سؤ ڪوهن تان ڪيس سلام آهي. پر سچ ته اسانجو ايشور ڏايو ڏاهو ۽ عقلمند آهي، جو اسانکي مرچن جا پڪوڙا به کائڻ ڏني ٿو ۽ بعضي گول گپا به. حقيقت هيءَ آهي ته ايشور هن شرير جو يٽتر اهڙو ته سياڻپ ۽ دوراند يشيءَ سان ٺاهيو آهي، جو ان ۾ اٿاهه شڪتي آهي. پاڻ سو ڪوڏر ڪٽي، اُن کي ڊاهڻ جي نه ڪرئون، ته جهڙي تهڙي دشمن ۾ نه اُن جي اک ئي نه پڌي. کير، ملائون، مکڻ، گيهه، مرچ ۽ گول گپا سڀ جي هضم ڪرڻ جي منجهس شڪتي آهي. پاڻ هر ڪنهن شيءِ کائڻ لئي شرير هرپال هوندو ته اٿو کاڌو ڪنهن ويل ملي ويو، ته ڊهي نه

١٠- پوڙهن جو مسئلو

"هندواسيءَ" جي گذريل پرچي ۾ ٻه خط پڙهيم، جن جي وشيه هئي ته ٻڍن ۽ ٻڍائن لاءِ گهر ٺهرائڻ گهرجن يا نه. منهنجو شخصي رايو ته اهو آهي ته اهڙا گهر هئڻ گهرجن مگر اُتي رڳو اُنهن پوڙهن کي داخلا ملڻ گهرجي جن جي ديکڀال ڪرڻ وارو ڪو ڪونه آهي. ان ۾ ٻه ٻن قسمن جا ٻڍا اچي ويندا. هڪڙا اُهي جن کي پنهنجو پئسو آهي، پر سنڀال ڪرڻ وارو ڪو نه اٿن. اُهي ته پنهنجو خرچ پاڻ ڀري سگهندا. ٻيا اُهي جن کي پنهنجي وسعت ڪينهي ۽ اُنهن جو خرچ ته اهڙن گهرن جي باني ڪارن کي سهسائڻو پوندو.

پر مٿين ٻن قسمن جي پوڙهن کانسواءِ هڪ ٽيون قسم پوڙهن جو به آهي جي دکي آهن جي پاڻ به دکي آهن ۽ جن جي وگهي شايد گهر جا ٻيا ڀاتي به دکي آهن. اُنهن کي گهر آهن، ڪٽنب آهن، ٻار آهن، ٻار اهڙا آهن جي ڪين پالي سگهن ٿا پر ته به اهي پوڙها دکي آهن. اُنهن جو مسئلو سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ڏسون ته ان جو ڪو حل آهي يا نه آهي.

اهڙن پوڙهن جو مسئلو ڪهڙو آهي؟ هو اولاد مان بيزار آهن ۽ سندن اولاد منجهائن بيزار آهي. ٻئي چوندا پيا هوندا ته هڪ ٻئي کان نجات ملي ته ڏاڍو چڱو. اها پرستٿي ڇو ٿي ٿئي اهو هڪ منووگيان جو مسئلو آهي. اچو ته ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

وڌيڪ مضبوط شرير ڪهڙو ٿيندو؟ جو ڪير ۽ ميوي لي ٻلجي ۽ هڪڙي سائي مرچ کائڻ سان ٻڌي ٿو پوي يا اُهو جو گول گپا ۽ پڪوڙا کائيندي ٻه سواريءَ ڪي ونئي هلندو ٿو هلي. اوهين پاڻ انصاف ڪريو.

(پارتواسي ۷-۲-۱۹۵۹)

(گوناگون مضمون)

ايندس (جي جيستائين جيئرو رهيس) ته پاڻکي الائي ڪيئن ھلائي سگھندس. مگر منھنجي من ۾ ايندو آھي ته پوڙھا ھوند ٿورو پنھنجي من تي ضابطو رکن ۽ ڪجھه ترشنا جو تياڳه ڪن ته ھو گھر ۾ بوجھه نه بڻجن ۽ شايد ڪجھه رمز سان ھلن ته ھوند ننڍن جو قرب ۽ عزت پائي سگھن ۽ ننڍا شايد ائين سمجھڻ لڳن ته ھنن ڪانسواءِ ته اسانجو گاڏو ھلي ڪو نه سگھندو.

پھرين ڳالھه جا ھر پوڙھي کي سمجھڻ جڳائي سا ھيءَ ته نه مان سڄي عمر اسڪول ماستر جيان بيد جو لڪڻ کڻي ننڍن کي ھلائي سگھندس ۽ نه ننڍا ئي سڄي زندگي لڪڻ سان ھلڻ پسند ڪندا. ننڍا جيئن عمر ۾ وڌن ٿا تيئن انھن ۾ خودداريءَ جو احساس ٿو ٿئي ۽ ھو سمجھن ٿا ته کين پنھنجي لاءِ سوچ ڪرڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جي سمجھه به آھي ۽ حق به آھي. انھن کي اُن سمجھه ۽ ان حق جي استعمال ڪرڻ جي آزادي ڏيڻ جڳائي. ھرڪنھن ڳالھه ۾ انھن کي ٽوڪڻ، انھن تي بندش ۽ بندڻ وجھڻ، انھن تي پابنديون وجھڻ جو نتيجو بلڪل اُگرو نڪرندو. يا ته منجھن بي ادبيءَ جو معدو پيدا ٿيندو، يا منجھائن خودداري بلڪل نڪري ويندي. ٻئي خطرناڪ نتيجا.

ٻي ڳالھه جا پوڙھن کي سمجھڻ گھرجي، سا ھيءَ تہ سندن ھر خواھش پوري ٿئي سا ڳالھه ممڪن ڪينھي. جڏھن ھو پاڻ ڪمائيندا ھئا تڏھن ئي جڏھن پنھنجون سموريون خواھشون پوريون ڪري نه سگھيا تہ ھاڻ جڏھن رٽائر ڪري ويٺا آھن تڏھن ڇو ڪين اُميد رکڻ گھرجي ته سندن سموريون خواھشون پوريون ٿينديون. جيتري سندن ڳالھه پوري ٿي سگھي، اوتريءَ تي پاڻکي راضي رکي، باقي

ٻڍڙن جي دل تي هڪ اثر ويٺل آهي. گهر جو ٻڍڙو سمجهندو ته مان گهر جو وڏو آهيان، منهنجو حڪم هلي. اهو منهنجو ايشوري حق آهي؛ مان وڏو آهيان ان ڪري مون وٽ سياڻپ ۽ سمجهداريءَ جو خزانو آهي، هي منهنجا ٻار بيوقوف منهنجي ان سياڻپ روپي هيري جو ملهه نٿا سڃاڻن ۽ ان کي پٿر سمجهي اُڇلائي ٿا ڇڏين. مان وڏو آهيان؛ مون هنن کي ڄڻيو پاليو ۽ نپايو ان ڪري منهنجو هنن تي حق آهي ۽ هنن جو حق آهي ته منهنجين گهرجن ۽ ضرورتن ۽ لاڏن ڪوڏن جو پورو پورو احساس رکن ۽ اُنهن جي پورتي ڪن. هنن جي دلين تي هڪ ٻيو به وهم ويٺل هوندو آهي ته نوجوانن ۾ مريادا ڪانهي، سماج ۾ هلڻ چلڻ جي تميز ڪانهي، ڇڙواڳي آهي، ريل ڇيل پيا گهمن گهتن وغيره.

هاڻ اهي جيڪي سندن دل جا وهم آهن يا دعوائون آهن، سي ننڍا تسليم ڪو نه ٿا ڪن. انڪري ڪٿ ڦٽ ۽ گهڃ پيدا ٿي ٿئي، گهر سڙي ٻڌران لڳي ٿيو پوي. پوءِ ٻار دل ۾ چوندا، جي شرم کان زور سان نه به چوندا، ته ڪڏهن هــن ٻڍڙي مـان ڇوٽڪارو ملندو ۽ ٻڍڙو ته ڪٿ پٽ ڪندو، سراپ ڏيندو ۽ ٻارن تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ ڪاوڙ مان ائين به چوندو ته جي مان هتي نه ٿو گهرجان ته ايشور مونکي گهرائي ڇو نه ٿو وٺي. سندن من جي استٿي اردو شاعر جي هن بند ۾ ملي ٿي:

نه آئي موت بهي تو ڪيا ڀلا بي موت مرجائين

منهنجي عمر اڃا ننڍي آهي، ٥٨ سال پورو ڪري ٥٩ ۾ پير پاتو اٿم. انڪري ڇٽي نه ٿو سگهان ته جڏهن مان سچ پچ ٻڍڙو ٿيندس ۽ سنڌي چوڻيءَ موجب ٧٢ ۾

نہ ڌرايو. ھوُ ھر ڳالھہ ۾ اوھانکي ٻي سمجھہ سمجھڻ جي پل ڪندا آھن. توھين ھر ڳالھہ ۾ ڪين بيوقوف سمجھڻ جي پل نہ ڪريو. وقت تي وڏن جو آزمودو اعلھہ ثابت ٿيندو آھي. ان ڪري تہ ھڪ نوجوان جي ٽولي گھر جي پوڙھي کي ٻيٽيءَ ۾ بند ڪري ساڻ کڻي وئي ھئي.

ھي ٻي ڳالھہ، وڏگيانڪ ڳالھہ. پوڙھا جسماني طور جو ڪمزور ٿين ٿا، انڪري سياوڪ منجھن پنھنجي جذباتن ۽ ڀاونائن کي ضابطي ۾ رکڻ جي شڪتي بہ ٿلي ٿي پوي ٿي. اوھين جي جوان آھيو ۽ پنھنجي طاقت تي ڀاڙور ٿا رکو. اوھان کي تہ پنھنجن جذبن تي ضابطي رکڻ جي وڏيڪ شڪتي ھئڻ گھرجي. اوھانکي گھرجي تہ جيڪڏھن پوڙھي جي ڳالھہ غلط بہ لڳي، تہ درگذر ڪريو. غلط ڳالھہ پل نہ ڪريو، پر ڪيس ڌڪائي نہ ڏيو، تہ ھوُ بيوقوفي تو ڳالھائي.

انگريزي شاعر جو گفتو ياد ڪريو

Speak gently to the aged one
Grieve not the care worn heart

The caurse of life is nearly run,
Let such in peace depart.

وڏيءَ عمر واري سان حليمائيءَ سان ڳالھايو، چنتائن پريءَ دل کي اوھين دکي نہ ڪريو. جيون جو سفر تہ اڇي پورو ٿيو آھي، ڪيس صلح ۽ شانتيءَ ۾ وڃڻ ڏيو.

”پارتواسي“ ٢٠-١-١٩٦٨

(گوناگون مضمون)

ٻين خواهشن جو تياڳ ڪري ڇڏين. آخر جي ٻڍاپڻي ۾ نه ترشنائون نه ڇڏيون ته ڪڏهن ڇڏيون؟

ٻئي طرف جيڪڏهن پوڙها پاڻ کي 'ڪارائتو' بڻائڻ جي ڪوشش ڪن ته هو ننڍ گهر مان ڪنڌ ڪنڌ نڪري وڃي ۽ هو عزت ۽ قرب جا مستحق بڻجي پون. گهر جي سڪول وڃندڙ ٻار کي پڙهائڻ، ننڍي ٻار کڻ ولڙائڻ، جيئن نونهن وڃي رنڌڻي ۾ ٻي اوني ڪم کي لڳي، رات جو وهي سمهڻ کي مزيدار ٽوٽڪن ۽ جيون جي دلچسپ آزمودن سان ولڙائڻ، اهي مڙئي ڳالهيون ڪين پيارو ۽ وڻندڙ بڻائينديون. ننڍين ٽي راڄ ڪرڻ بدران ڇوڻ ته ٻيلي مون ڪان ٻه ڪجهه ته ڪم وٺو، مان نڪمو جو ويهي رهان، مان ٻه ڪجهه ته محنت ڪري روٽي ڪان، اهو رخ وٺڻ سان اللجي پوڙها پنهنجي ڪيتري عزت وڌائي سگهن ٿا ۽ پنهنجي لاءِ هڪ "ضرورت" جو احساس پيدا ڪري سگهن ٿا.

ٻه اکر ننڍين لاءِ ٻه چوان. اوهين بزرگن جي سڀني ضرورتن ۽ ارڏاين جي شايد پورت نه ڪري سگهو. اوهان جي اهڙي وسعت نه هجي يا شايد اوهان کي سندن کي ضرورتون پارٽيون يا چريائيءَ جون لڳنديون هجن. درگذر ڪرڻ سکو ۽ ڪين ڇئو نه، ته اوهانجي ضرورتون اسانجي طاقت کان ٻاهر آهن يا چريائيءَ جون آهن. "ڏجي نه، ته ڏکوئجي ٻه نه" اهو پهاڪو ياد ڪريو. وڏي کي "موب" ۾ ڏسو ته ڪيس عزت سان سمجهايو ته، پر مخالفت ڪرڻ جي نوع ۾ نه، همدرديءَ ۽ سهڪار جي نموني. نتيجو حيرت انگيز نڪرندو. شايد اوهانجو ٻار، اوهانجي ڳالهه جو قدر ڪرڻ شروع ڪري.

ٻي ڳالهه ته جيڪا غلطي پوڙها ڪندا آهن، اها ٿوهين

مون ورائيو: ”ڪناريون تمام ٿلهيون ۽ ڪچيون هيون، انڪري مون پاسي تي ڪيون.“

دوست چيو: ”پر ڪنهن وقت مهمان تي هلجي ته اُلٽي اها ڏيکاري نه ڏيڻ گهرجي، ته سندن گهروارن کي روٽي ٺاهڻ نٿي اچي. جيڪي به ملي سو خوشيءَ سان کائجي. ان نموني ڪناريون پاسي ڪري رکڻ بدفضيلت آهي. اڳلي کي ڪيترو نه ڏک ٿيندو هوندو.“

مان ڏاڍو شرمسار ٿيس، دوست کي چيم، ”هينئر ڇا ٿيندو، غلطي ته برابر ٿي وئي آهي. هينئر ته ان جو ڪو علاج ڪونهي. اُنس اثر ته برو ٿيو ئي هوندو.“

دوست چيو: ”مان ڀانيان ٿو ته ڪيس سمڪ کان پيئي هوندي، ڇو ته جيڪي ڪناريون تو رڌي ڪري پاسي تي رکيون، سي مان کڻي کائيندو ٿي ويس. انڪري شايد ڪيس پتو نه به پيو هجي. مگر اڳتي لاءِ خيال سان هلندو ڪر.“

ڳالهه ننڍي آهي، مگر اُن کي وڏي اهميت آهي. ۽ ننڍين ڳالهين کي وڏي اهميت ٿيندي آهي، سا ڳالهه هڪ ٻئي دوست سيکاري. ڪاليج جي ڏينهن جي ڳالهه آهي. هڪ مترُ، جنهن سان گهاٽو نينهن هو، سو ڪجهه وقت کان مونهن مٽي ويو. هڪ ڏينهن موقعو وٺي ساڻس ذڪر ڇيڙيم، آخر ٻڌاءِ ته مون کان ڪهڙي خطا ٿي آهي، جو مون مان ناراض ٿو رهين. هن به ٿي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ٻڌايون. مونکي حيراني وٺي وئي. مون چيس ته هي اهڙيون ننڍيون ۽ خسيس ڳالهيون آهن، جن کي ڪير پڇي به ڪونه، سو تون اُنهن ڪري ڪٽي ڏئر ڪيو آهي. هن جيڪو اُپديش ڏنو سو دل تي اُڪرجي ويو ۽ اڄ تائين ڪونه وسريو آهي. چيائين دوست جي قرب ۽ پرلت جي

١١- ڇوٽين چيزن جي اهميت

بعضي بعضي جيون ۾ اهڙا واقعا ٿين ٿا، جي مَن تي دائمي اثر ڇڏين ٿا ۽ حياتيءَ ۾ اهڙن موقعن جو سيکاريل سبق هرگز وسري ڪونه ٿو. اُستاد يا مائٽ هزار دفعا ڪا ڳالهه سيکاري، يا وسري ويندي يا اُن جو دل تي اثر متاثر ٿيندو. موقع گذريو، مائٽ يا اُستاد کان انسان دور ٿيو، ته اهي سکيا به وسري ويندي. مگر ڪن خاص موقعن تي ۽ ڪنهن خاص طريقي حاصل ڪيل سکيا، زندگيءَ ۾ نه ٿي وسري.

مان تڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏئي آيو هوس. جيستين نتيجو ظاهر ٿئي، تيستين هڪ دوست سان گڏجي ڪوئٽا جي سير تي ويس. ڪوئٽا مان چمن ڏانهن وياسون. اُتي هڪ دوست جا مهمان ٿياسون. رات جو ماڙيءَ تي ويٺاسون ۽ ٻئي دوست، اسان ٻئي ۽ اسان جو مهمان ساڳي ٿالهيءَ مان کائي رهيا هئاسون. ڦلڪا نوڪر پچايا هئا. شايد نوڪر اهڙو ڪاريگر رانڌو ڪونه هو. ڦلڪي جون ڪناريون تمام ٿلهيون ۽ ڪچيون، وچ جيان تيان ٺيڪ. مون ڇا ٿي ڪيو، جو ڪنارين جا ٽڪرا ڪاٽي ٿالهيءَ ۾ رکي ٿي ڇڏيا ۽ وچ جا ٽڪرا کائيندو ٿي ويس.

ٻئي ڏينهن صبوح جو، مان ۽ منهنجو دوست گڏجي گهمڻ لاءِ نڪتاسون، تڏهن منهنجي دوست چيو:

”تو رات ماني ڪيئن ٿي کاڌي؟ ڦلڪن مان ڪنارين جا ٽڪرا ڇو ٿي پاسي ڪري رکيئه؟“

هڪ لڳا هڪ دوست سنڌس گهر ويو. کيس پنهنجو گهر چڱيءَ طرح ڏيکاريائين ۽ گهر کي جنهن نموني اڳواڻن جون مورتون وغيره ٽنگي سينگاريو هئائين، اُن ڏانهن سنڌس ڌيان ڇڪائي پڇيائين ته ڪيئن توکي پسند آيون. هن دوست کيس چيو: "تمام ٺيڪ آهي، مگر ٻه ٽي مانوز لڳائڻ وسري ويا اٿو."

دوست پڇيس: "ڪهڙا؟" هن وراڻيو اوهانکي هيٺيان ٣-٤ مانوز لڳائڻ گهرجن.

(١) "ڀلي ڪري آيا."
(٢) "مهرباني ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهو."
(٣) "اوهانکي پاڻي يا ٻيو ڪجهه گهرجي ته گهري وٺندا"

مان ٿو ڀانيان ته ڪو اُن دوست اڄ تائين پنهنجي گهر ۾ اهي مانوز لڳايا آهن يا ڪو وٽس وڃي ته اُهي آڇون زبان سان ڪندو آهي. سڀاو جو بدلجڻ نهايت ئي ڏکيو آهي. دل ته سنڌس سوني آهي.

هڪ انگريزدان لکيو آهي، ته جيون ۾ هڪ ٻئي سان هلڻ چلڻ ۾ ان قسم جي مروت ۽ قرب ڏيکارڻ بي بها وسٿو آهي، هي زندگيءَ جو هڪ تيل آهي، جيئن مشين کي تيل ڏيڻ بلڪل ضروري آهي ان لاءِ ته سولي ۽ سکي هجي، تيئن حياتيءَ ۾ اسانجو وهنوار سٺو ۽ سولو هجي، تنهن لاءِ اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون مشين کي تيل ڏيڻ مثل آهن.

"پارٽواسي" ٦-١١-١٩٦٠

(گوناگون مضمون)

جاڻ ته ننڍين ننڍين ڳالهين مــان ئي ٿيندي آهي. وڏن سوالن ۽ وڏن معاملن ۾ ته مــاڻهو سعيو ۽ سنڀت ڪري، دماغ هلائي ۽ سوچي ويچاري هلي ٿو، انڪري سندس دل جو اندازو پورو اُن مــان نٿو ملي. مــگر ننڍيون ڳالهيون سڀاويڪ نموني ڪري ٿو، انڪري انهن مان سندس دل جي تصوير جو جاڻ بهتر ملي ٿو.

هي ويچار شايد ڪي قدر هڪ طرفو هجي. بعضي ائين ٿيندو آهي ته ڪي ماڻهو سڀاءَ جي اثر هيٺ رکا هوندا آهن يا مونهن ۾ سوڀت هوندا آهن، مگر سندن دل ۾ ڪافي قرب هوندو آهي، جنهنڪري ٻين جي لاءِ تڪليف وٺڻ لاءِ تيار رهندا آهن. اهڙن ماڻهن جي ٻاهرين روش ڪي ڏسي، جي سندن شخصيت جي تصوير ٺاهجي ته ساڻن بي انصافي ٿيندي. مگر ان هوندي به سراسري طور اِهو دوست جو گفتو درست ئي آهي.

ننڍڙين ننڍين ڳالهين تي ڌيان نــه ڏيڻ سان ٻين کـــي ڪيتري تڪليف يا رنج ٿو رسي، اُن جو اسين ورلي سوچ ڪندا آهيون. ٻه يا ٽي ڄڻا گڏجي ڪاٿي وهندا تــه ڏسندا ته ڪو هڪڙو شايد بي خياليءَ کان ڀاڄي ايتري تــه گهٽي کائيندو ويندو جو ٻين لاءِ خير کا بچندي. نــه ته تــه ڪو هوُ هروڀرو ڀاڄيءَ جو هٻڇي آهي، مــگر اُن ڳــالهه ڏانهن سندس ڌيان ئي ڪڏهن ڪونه ويو هوندو، تــه مان ڪو ڀاڄي پنهنجي حصي کان گهٽي ٿو کان ۽ اڳلن کي انڪري رکي ماني بـــه ٽي کائڻي پوي.

هڪ اسان جو سنڌي ڪانگريسي نيتا آهي جنهن وٽ ڪو دوست ملڻ وڃي ته ڪيس ڪڏهن خيال ئي ڪونه ايندو ته ڪو اڳلي کـــي ويهڻ لاءِ آڇ ڪري يـــا پاڻيءَ لاءِ پڇي.

ميسر ڪرڻ سان گڏوگڏ انسان کي مٿي چاڙهي، هن جي هردي کي پرپڪتا ڏئي، انسان کي نيڪيءَ ڏانهن مائل ڪري.

انگريزي ڪوي جان ڪيٽس، جو يونان جي اُن وچار ڌارا جو سمرٿڪ هو، ته ڪلا برائي ڪلا آهي، تنهن ڪان به هڪ لڳا سچ زبان مان نڪري ويو، جو هن هي شبد چيا:

ڪوتا جو مهان اُديش اهو آهي، ته متر بڻجي انسان جي دکن ۽ مشڪلاتن کي هلڪو ڪري ۽ هن جي وچارن کي مٿي آڪاس ڏانهن نئي.

The great end of Poetry were
To be a friend
To soothe the cares and lift the thoughts of man

انسان جي من جي سرگرمين کي ٽن دفعن ۾ ورهايو اٿن — هڪڙي ستيه ڄاڻڻ لاءِ ڄاڪوڙ، ٻيو سندرتا لاءِ دل اندر چاهنا ۽ ٽيون نيڪ ڪرمن ڏانهن لاڙو.

هرڪنهن انسان جي من ۾، اهي ٽيئي سرگرميون سدائين موجود رهن ٿيون؛ ڪڏهن هڪڙيءَ جو تاثير وڌ ٿو رهي، ڪڏهن ٻيءَ جو. مگر ٽنهي قسمن جون سرگرميون موجود ضرور آهن.

آخرين ڇيد ۾ اهي ٽيئي سرگرميون هڪڙي ئي بنياد جي پيدائش آهن - برهم. انڪري ستيم، سندرم ۽ شوم ٽي الڳ الڳ آدرش نه آهن، مگر هڪ ٻئي سان اوت پوت آهن. انڪري ڪوتا صرف سندرم جي مقصد تائين محدود رکي نه ٿي سگهجي. ڪوتا آنند ڏيڻ سان ستيه جو مارگ به ٻڌائي ٿي ۽ نيڪ چال ڏانهن به وٺي هلي ٿي.

فرق هي آهي، ته ڪوتا ستيه جو اُپيؤ يا اُپديش يا

١٢- ڪلا - سوکيم ڪلا - ڪوتا

ڪوتا سوکيم ۾ سوکيم ڪلا آهي، ڇاڪاڻ ته ڪويءَ جو، هٿيار يا ذريعو آهي، سو سوکيم ۾ سوکيم آهي - شبد.
شبد جي مهما، پارسي شاعرن هنن شبدن ۾ ڪئي آهي:

مان شبد ۾ لڪل آهيان،
جيئن ڪ خوشبوءِ مکڙيءَ جي پنکڙيءَ ۾ لڪل آهي؛
جنهن کي مون کي ڏسڻ جو شوق هجي سو مون کي
شبد ۾ ڏسي سگهي ٿو.

در سخن پنهن شدم
مانند بو در برگ گل
شوق ديدن هرک دارد
در سخن بيند مرا

ڪلا يا سوکيم ڪلا جو مقصد ۽ مراد ڇا آهي، تنهن باري ۾ نقادن جي وچ ۾ متڀيد آهن. هڪڙا آلوچڪ چون ٿا ته ڪلا جو مقصد صرف آنند ڏيڻ نه آهي مگر جيون جي رهبري ڪرڻ به آهي.

يونان جا آلوچڪ يا نقاد ان وچار ڌارا جا سمرٿڪ آهن ته ڪلا جو اُديش رڳو آنند ڏيڻ آهي. سکيا ڏيڻ يا رهبري ڏيڻ سان ڪويءَ يا ڪلاڪار جو ڪو پرايوجن ڪونهي.

انگلنڊ جو پرسدّ ليکڪ ۽ آلوچڪ جان رسڪن، جنهن مهاتما گانڌيءَ جي من تي گهرو اثر ڪيو هو، سو وري ان وچار ڌارا جو سمرٿڪ آهي ته ڪلا رڳو دل کي آنند

ڄاڻ اَڻ مٽجندڙ نه لڳندي، ڇو ته ٻنهي حالتن ۾ ايشور جي ڄاڻ ٻئي جي معرفت ٿي ڪرائي وڃي.

پر، جگياسو، جڏهن اندر ۾ جهاتي پائي ٿو، ساڌن ڪري ٿو ۽ ايشور جو ساکيات درشن پنهنجي اندرين نيترن سان ڪري ٿو، تڏهن سندس هردو آنند ۾ ٻڏجي ٿو وڃي تڏهن کيس ايشور جي ڄاڻ اَڻ سڌيءَ طرح شاسترن مان يا سنتن جي پروچن ذريعي نه ٿي ملي، مگر سڌو کيس ايشور جو درشن ملي ٿو.

ڪوي، صحيح معنيٰ ۾ هڪ رشي آهي، هڪ پيغمبر آهي جنهن خود ايشور جو درشن ڪيو آهي ۽ جو پنهنجي ان اُنڀوءَ جي ٻين کي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ کين به اُن ايشور جو درشن ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر هو، اها ڄاڻ دليلن ذريعي نه ٿو ڪرائي دماغ جي رستي نه ٿو ڄاڻائي مگر هو پنهنجي دل کولي پاٺڪ جي دل اڳيان رکي ٿو ۽ سندس دل ۾ اها پنهنجي ڄاڻ هو پلٽڻ گهري ٿو. انهيءَ ڪري ئي چيو اٿن ته ڪويتا دل مان نڪري ٿي ۽ دل ۾ پيهي ٿي.

(ادبي مضمون)

ليڪچر ذريعي نہ ٿي ڪرائي، دليل يا يڪتي رستي نہ ڪرائي؛ مگر سڌو سنئون سچ جو درشن ٿي ڪرائي - سڌي اُنڀؤ يا چاهہ ذريعي.

هڪڙو مثال ڏجي. سنڌ ۾ اسان رهندا هواسون تہ بمبئيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون ٻڌندا هواسون - وڏو شاهي شهر آهي جتي محل ۽ محلات آهن، جتي بجليءَ تي هلندڙ ريل آهي، جتي هر نسل ۽ ذات جا ماڻهو رهن ٿا وغيره وغيره. ڪيترو بہ ڪو اُن قسم جو بيان اسانجي مغز جي اندر ۾ توسڻ جي ڪوشش ڪري مگر اهو سمورو بيان يا سمجهاڻيون ڏس پتا، اسانجي دل ۾ بمبئيءَ جي تصوير ڌنڌلي ٿي ڪڙي ڪري سگهندا. پر جڏهن اسين بمبئي شهر ۾ آياسون ۽ اکئين شهر ڏٺوسون، تڏهن ان شهر جي آڪار، اهميت ۽ مهانتا جو پورو احساس ٿيو.

جاڻ، انهن ٻن قسمن جي ٿيندي آهي - اَڻ سڌي جا ٻئي جي معرفت ملي ۽ سڌي جيڪا سڌي سنئين پنهنجي اُنڀؤ ۾ اچي. پارسيءَ واري چيو آهي:

شنيده کي باشد مانند ديده

يعني ٻڌل ڳالهہ، اکين ڏٺل ڳالهہ جي برابر ڪيئن ٿي سگهندي؟

ساڳيءَ طرح سچ جو جاڻ ٻن نموني ٿئي ٿو. هڪڙو سچ، جو ٻئي جي ساک يا شاهديءَ ذريعي حاصل ٿئي، ۽ ٻيو، جو سڌو سنئون پنهنجي نجي آزمودي يا اُنڀؤ مان اچي.

ايشور جي هستي رشين جي تصديق تي مڃيون، سا هڪڙي ڳالهہ آهي، يا دليل ۽ يڪتيءَ جي آڌر لاجواب ٿي مڃيون سا ٻي ڳالهہ آهي؛ پر ٻنهي حالتن ۾ دل تي

غيبي ٻرهم وديا Mysticism ملندي، نه ظفر جي دل جي گهرائي ملندي ۽ نه اقبال جي ٻاوت. اوهان کي شعر ملندو، جو دماغ کي ٺوڪر هڻي، واپس هليو ويندو، دل ۾ پيهندو ڪونه.

دل خوش هئا هه مسجد ويران ديکه کر
ميري طرح خدا کا ڀي خانا خراب هه

يا

گهر هم ني لي ليا هه تيري گهر کي سامني
بستر بڇا ديا هه تيري در کي سامني

جڏهن، شعر فلمن لاءِ ٿو لکيو وڃي، ڪنهن خاص گهٽنا سان ٺهڪائڻ لاءِ، يا مشاعري لاءِ ٿو لکيو وڃي ”مڪرر“ ”مڪرر“ ۽ ”واهه“ ”واهه“ پڪارائڻ لاءِ، تڏهن دماغي پيچ گهرني نه ملڻي آهي نه.

شعر جو اوهانکي لطف وٺڻو هجي، ته اوهانکي گذريل يگ جي شاعرن ڏانهن ئي نهارڻو پوندو.

هي پڙهو:

ڪانگل سڀ تن کائيو چن چن کائيو ماس
ڏو نئنا مت کائيو جو پيا ملن کي آس

يا

اي مرغ دل مت رو، يهان آنسو بهانا هه منع
اس قفس کي قيديون کو، آب دانا هه منع

يا

مون ڪسڻ قبول ڪيو هاڻ تون ڪو قياس ڪر
خنجر وهاءِ خلق تي قاتل هري هري

جديد شاعرن جي شعر جو جي ڇيد ڪبو، ته ڏسڻ ۾ ايندو، ته جڏهن هو روايتي شعر ٿا لکن، تڏهن سندن

١٣- دل جي پلٽ ۽ دماغي ورزش

شعر آتما جي ٻولي آهي - دل مان نڪري ٿو ۽ دل ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

ان نڪته نظر کان، شعر جي پهرين خصوصيت يا لازمي گڻ اهو آهي، ته ان ۾ شاعر جي دل جي پلٽ هجي، سندس شخصيت جو اُن ۾ عڪس ملي. شاعر رڳو نظم نويس يا تڪ بند نه آهي ۽ نه محض ليکڪ يا ساهتيڪار آهي. هُو ته رشي آهي، هڪ پيغمبر آهي، جو ڪو سنديش کڻي، جنتا کي ڏيڻ لاءِ آيو آهي. اِهو سنديش سندس جيون ڪاريه جو نقش آهي، اُنجو اختصار آهي يا چئجي ته سندس جيون ڪاريه اُن سنديش جو وستار آهي.

ڪويتا تڏهن ٿي جڙي، جڏهن ڪوي، جو هڪ پيغمبر آهي، رشي آهي، تنهن جي من ۾ ولوڙو ٿو پوي، ڪنهن پيڙا جو احساس ٿو ٿئي، ڪنهن خوشيءَ يا آنند جو انڀو ٿو ٿئي. اِهو احساس يا انڀو، هُو شبدن ۾ قلمبند ڪري، ٻين تائين پهچائڻ جو يتن ٿو ڪري.

سچيءَ معنيٰ ۾، شعر اُهو آهي جو شاعر جي شخصيت جو عڪس هجي؛ سندس خوشين ۽ غمن، سندس آشائن ۽ آڪانڪيائن، سندس ناڪاميابين ۽ نراسائن، سندس حسرتن ۽ ارمانن جي تصوير چٽي.

جديد ڪويتا، سنڌي توڙي اُردوءَ جي هڪ مکيه وصف اِها آهي ته اِها دل جي پلٽ نه آهي، پر دماغ جي پيچ-گهڙ آهي. جديد اُردو شعر ۾، اوهان کي نه غالب جي

١٤- شعر ڇا ۽ شاعر ڪير؟

پيارا ......،

شعر ڇاکي ٿو چئجي، اهو ڪجهه سمجهائڻ جي خيال کان هي خط شروع ڪيم. منهنجي هٿ ۾ نيڪچند مست جي شعرن جو هڪڙو ڳٽڪو آهي — "**ڪنهن سان اوريان حال.**" اُن جي مهاڳ ۾ شري واسديو نرمل (پيو هڪ تسليم ٿيل شاعر) لکي ٿو:

"شري نيڪچند مست گذريل ١٦ سالن کان شعر لئي طبع آزمائي پئي ڪئي آهي." هن جملي ۾ ٽوڪي موجوده سمي جي شعر جو مرم ملي ويندو. تو ڪيترا دفع مشاعرن ۾ يا ٻين اهڙن جلسن ۾ ڪنهن پريزيڊنٽ يا ڪنهن ٻئي شخص (اناؤنسر وغيره) جي مک مان هي شبد ٻڌا هوندا.

"شري......شعر جي جدا جدا روپڪن لئي طبع آزمائي پئي ڪئي آهي......"

يعني نه جيڪي ڪي هيءُ متر لکن پيا سو شعر ڪينهي، ڪو نا ڪينهي، سندن طبع آزمائيءَ جي پيدائش آهي، سندن ڪوشش ۽ ڪشالي جو ڦل آهي. هاڻي شعر گوئي ڪا اهڙي چيز ڪانهي، جا ڪوشش سان، ڪشالي سان، سادنا سان اڀندي هجي. ڪوشش، ڪشالو ۽ سادنا يا جسماني ورزش سان تعلق رکن ٿا يا مانسڪ، دماغي، ذهني ورزش سان. جسماني سادنا ۽ ورزش سان، ڪو ڪاريگر ڪرڪيٽ يا فوٽ بال يا هاڪيءَ جو ڪيڏاري ٻڻجي سگهي ٿو. ۽ دماغي ورزش ۽ سادنا سان ڪو سٺو محتسب (حسابي

رچنائون، شاهه ۽ سچل ۽ ٻين ناليرن سنڌي شاعرن جي شعر جو ٽڪو ۽ بي چسو نقل پيون پاسن ۽ جڏهن ڪجهه اصليت ڏيکارڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، تڏهن سندن شعر پرچار ٻڌبيو پوي.

پارس ۾ رهندڙ جديد سنڌي شاعرن جـــي شعر ۾ جي اوهانکي دل جي پلٽ جو درشن ڪرڻو هجي، ته اوهانکي نارائڻ ”شيام“ يا گوورڌن ”ڀارتي“ جي شعر ڏانهن نهارڻو پوندو. مون هڪ لڳا ”شيام“ جي مشابهت انگريزي شاعر براؤننگ سان ڪئي هئي ۽ ”ڀارتيءَ“ جي شيليءَ سان. تڏهن سورگيه پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو ته اهي ٻئي لاشڪ اعليٰ شاعر آهن، مگر سندن ڀيٽ براؤننگ يا شيليءَ سان ڪرڻ ۾ ڪجهه جلدبازي ٿيندي. مون، جڏهن، سندن مشابهت براؤننگ ۽ شيليءَ سان ڪئي، تڏهن منهنجي مراد اها ڪانه هئي، ته هو اُن معيار جا شاعر آهن. منهنجو مطلب هو ته شيام ۾ براؤننگ جي گهرائي تي ملي ۽ ڀارتيءَ ۾ شيليءَ جو سنگيت.

۽ جيڪڏهن، اوهانکي جديد سنڌي شعر ۾ دماغي ورزش جو درشن ڪرڻ جو شوق هجي ته هريش واسواڻي ۽ ايم. ڪمل جو شعر پڙهو.

(اَدبي مضمون)

ڀاونائن جو درپڻ آهي. ڪنهن شاعر جي شعر ۾ ان شاعر جي تصوير ڏسڻ ۾ ٿي اچي، اُن جي شخصيت جو دک درشن ٿو ٿئي. اُن جي اُبتڙ چئجي، ته جيڪڏهن ڪنهن شاعر کي ڪا خاص شخصيت ڪانهي، ڪي نوس ارمان ۽ اُمنگ ڪو نه آهن، ڪي آشائون ۽ ڀاونائون ڪو نه آهن، جن سان هُو مڪمل طرح اوت پوت آهي، ته پوءِ هن جي رچنا صحيح معنيٰ ۾ شعر ٿي ڪو نه سگهندي.

آءٌ هن ڳالهه کي ڪجهه اڃا وڌيڪ صاف ڪريان. شعر ۽ خاص طور تي جنهن کي داخلي شعر (Subjective or Lyrical) چئبو آهي، ۽ منهنجو ڀروسو داخلي شعر سان ئي آهي، ڇو ته سچيءَ معنيٰ ۾ شعر اُهو آهي، سو ساهتيه جي ٻين وڀاڳن کان اِنهيءَ ڳالهه ۾ ئي نرالو آهي، ته جتي ساهتيه جي ٻين وڀاڳن ۾ ساهتيڪار پاڻ کان ٻاهرئين (خارجي) دنيا جا چتر چٽي ٿو (مثلن ناول، ڪهاڻي يا ناٽڪ) اُتي شاعر پنهنجي اندر جي دنيا جا چتر چٽي ٿو. هُو، جيڪڏهن ٻاهرئين دنيا جو چتر چٽيندو، ته به اُن ۾ پنهنجي شخصيت جي پلٽ ضرور ڪندو، ٻاهرئين دنيا کي پنهنجي ڀاونائن ۾ رڱيندو. اِها شعر و شاعريءَ جي خاص وصف يا خاصيت آهي.

اِن مان اسين هڪ نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته شاعر کي ڪا پنهنجي نجي شخصيت، وڪتي گت هستي (Personality) هئڻ گهرجي، جنهنجو درشن اسان کي سندس ڪوتا ۾ ملي. ان جي معنيٰ ته اُن قسم جي شعر جي هڪ بنيادي خوبي ٿيندي اصليت، ستيه. شعر کي شاعر کان الڳ ڪري ڪو نه سگهبو. جيون ڏانهن شاعر جو جيڪو رخ ۽ رويو آهي، جيڪا سندس درشٽي بندو آهي، جيڪا سندس نڪته نظر آهي، اُن جي جهلڪ سندس شعر ۾ ملندي. آشاوادي يا نراشاوادي وشواسي يا اوشواسي، آدرشوادي يا يٿارٿ وادي، مطلب ته سندس جيون فيلسوفيءَ جو سندس شعر ۾ درشن ٿيندو.

هاڻ، اُن ڪسوٽيءَ تي موجوده شاعرن جي شعر جي

علم ۾ ماهر)، يا وگيان جو ڄاڻو ٻڻجي سگهي ٿو. مگر شاعر ڪيئن ٻڻجي سگهندو؟ شعر دماغي پريوگ شالا ۾ ڪيل تجربن جو نتيجو نه آهي، شعر نه ڪويءَ جي دل جي تهه اندر جي ڀاونائون، جي اُمنگ جي آشائون ۽ ترشنائون، جي حسرتون ۽ ارمان سمايل آهن، اُنهن جي پلٽ آهي. شعر شاعر جي خود اُرپنتا جو ميوو آهي.

اُمنگ ۽ ڀاونائون، آشائون ۽ ترشنائون، حسرتون ۽ ارمان نه تون چوندين سڀني اِنسانن جي دل جي تهه اندر کنهن نه کنهن حد ۾ موجود هوندا ئي آهن. هائو! پر کنهن نه کنهن حد اندر. جيسين اهي حد اندر ئي آهن، تيسين شعر نه جڙندو. اُنهن جو اُليکه نثر ۾ ڪري سگهجي ٿو. مگر جڏهن اهي ڀاونائون ۽ اُمنگ حد ٽپي ٿا وڃن. جڏهن شاعر جي سموري شخصيت انهن ڀاونائن ۾ اوت پوت ٿي ٿي وڃي، جڏهن هو ۽ سندس امنگ هڪ ٿي ٿا وڃن جڏهن جذبي جو غلبو ٿو ٿئي تڏهن اهي دل اندر سمائجي نه ٿا سگهن ۽ ڦاٽي ٻاهر ٿا نڪرن، سنگيت ۾، ڪوتا ۾. پوءِ ڪوي پاڻ کي جهلي نه سگهندو، هن کي ڳائڻو ئي پوندو. تڏهن نه هڪ انگريز ڪويءَ چيو آهي:

We know not why we sing
We sing because we must

اسين ڇو ٿا ڳايون، تنهنجي نه خود اسانکي ڄاڻ ڪانهي.
اسين ڳايون ٿا جو ڳائڻو پوي ٿو.

آءٌ جيڪي ڪجهه چئي رهيو آهيان ان جو لازمي نتيجو هي ٿو نڪري، ته ڪوي جيڪي ڪجهه ڳائي ٿو، سو سندس شخصيت، سندس ڀاونائن ۽ امنگن، سندس ارمانن ۽ حسرتن، سندس ڪاميابين ۽ ناڪاميابين، سندس آشائن ۽

فلاسافي آهي.

هن گڻ کي مون ستيہ ڪري ڪوٺيو آهي. جنهن شاعر جي شعر ۾ اهي ويچار ۽ ڀاونائون درج ڪيل آهن جي سندس شخصيت ۾ نہ آهن، مگر رڳو وايو منڊل ڏسي، يا فئشن سانگي پنهنجي شعر ۾ درج ٿو ڪري ان جو شعر نقل آهي ڍونگہ آهي ۽ انڪري شعر نہ آهي. آءٌ هڪڙو مثال هن باري ۾ ڏيندو آهيان. عزيز، پنهنجي ڪنهن شعر ۾ لکيو هو تہ سنڌ جي ياد ۾ مان ڳري ڪنڊا ٿي پيو آهيان جڏهن ته هو سڄو پيچ ڳاڙهو ڳٽڪو ٿيو پيو گهمندو هو. اهو شعر ڪيئن چئجي، اهو تہ نقل آهي، ڍونگ آهي. يا هڪ موقع تي، هن آل انڊيا ريڊيو تان چيو تہ مونکي ريڊيو وارن حڪم ڪيو تہ مان پنڊت جواهرلعل جي مرتيوءَ تي ڪو شعر ٺاهي اچان، انڪري مان هي شعر ٺاهي آيو آهيان جو پڙهان ٿو. مطلب تہ، پنڊت جواهرلعل جي مرتيوءَ سندس دل کي نہ چوريو، ريڊيو جي سڏ چوريو.

شعر جو تڏهن پهلوئن ۽ بنيادي گڻ اهو آهي، تہ ان ۾ شاعر جي شخصيت جو درپڻ ملي. درپڻ تڏهن ملندو، جڏهن شخصيت هوندي. اُن گڻ کي آءٌ "ستيم" ٿو ڪوٺيان.

پر شعر رڳو شخصيت جو درپڻ نہ آهي؛ ڪجهہ وڌيڪ پڻ. شعر هڪ ڪلا آهي، سوڪيم ڪلا، Fine Art ڪلا جو مقصد آهي آنند ڏيڻ ۽ آنند ڏيڻ لاءِ، شاعر جيڪي ڪجهہ رچي ٿو، ان ۾ سندرتا جو گڻ آهي. ڪوتا سندرتا جو هڪ روپ آهي، اها سندرتا ڪوي ڪيئن ٿو پيدا ڪري؟ هڪڙي ڳالهہ سمجهہ، ستيم، سندرم، شوم - ستيہ - سندرتا ۽ آنند، اهي جي ٽي ايشوري گڻ آهن، سي جيتوڻيڪ ذهني ڇيد جي خيال کان الڳ الڳ ۽ نرالا آهن، پر بنيادي

پرک ڪري، ته ٿوڪي احساس ٿيندو، ته ڪيتري قدر سندن شعر سندن شخصيت جو درشن ٿو ڪرائي ۽ ان جو چٽر آهي. مونکي ته گمان آهي، ته اُنهن موجوده شاعرن مان ڪيترن کي ڪو جيون ڏانهن خاص رخ ۽ رويو آهي ٻه ٽي، جن جو سندن شعر ۾ ڪو درشن ملي.

آءٌ هن نڪتي جو ڪجهه اڃا وڌيڪ اليک ڪريان. شاهه، جو اسان جي سنڌي شاعرن جو سرتاج آهي، اُن کي جيون ڏانهن هڪ نئون رخ هئو - صوفياڻي وحدت جو سندس شعر ۾ اهو رخ ٽاڪيءَ پيٽي وانگر اُٿيل آهي. ساڳيءَ طرح، ساميءَ ۾ سندس ويدانت جو درشن ٿو ملي. سچل جو صوفياڻي وحدت جو کلم کلا اعلان، جيڪي شاهه تشبيهن ۽ ڪهاڻين ۾ ٻڌايو، سو سچل کليل ڀاشا ۾ ٻڌايو. نئين لڳ ۾ ڪشنچند بيوس ئي هئو، جنهن کي جيون ڏانهن نئون رخ هئو - آشا، آتم وشواس، نيڪي وغيره وغيره. ضيا جو پنهنجي سر هڪ سٺو شاعر هئو، ڪنهن نراليءَ وچار درشٽيءَ کان، اُن ٻه اڃا زندگيءَ ڏانهن ڪو نئون رخ ڪو نه ڏٺو هو، پر سندس پوين شعرن ۾ اُن جي جهلڪ ملي ٿي ۽ جيڪڏهن زنده رهي ها، ته هڪ نئون رخ سندس شعر ۾ ملي ها.

انگريزي شاعرن جو مثال وٺون - ورڊ سورٿ قدرت جو شاعر هئو، ڪيٽس سندرتا جو، ٻئرن شڪتيءَ جو شيلي درد ۽ پيڙا جو، ليڪن هوءَ اُن درد ۽ پيڙا جي پٺيان روشنيءَ جو تررو سدائين پيو پسندو هو. اُن نقط نظر کان ٿون جي ڏسندين، ته موجوده شاعرن ۾ ورلي ڪو شاعر ملندو، جنهن لاءِ چئي سگهجي ته هن کي جيون ڏانهن ڪو نئون رخ يا رويو آهي يا هن کي ڪا جيون جي

فاعلاتن يا مفاعيلن واري فارمولا کانھي، اھا تہ ذات آھي سنڌس خود اُرپِتا جو قول آھي. ھو سنسار ۾ رواجي ۾ رواجي چيزن ۾ سندرتا پسي ٿو ۽ ان سندرتا جو پنھنجي شعر جي ذريعي ٻين کي آنند ڏو وڻائي. ھنديءَ جو ھي دوھو ٻڌ، تہ لوکي ان ڪويءَ جي دل جو ڪجھ احساس ٿيندو:

”ڪانگل سڀ تن کائيو، چن چن کائيو ماس،
ڏو نئنا مت کائيو، جو پيا ملن کي آس،

ٻيوس جو بند ٻڌ

ڏاڍو جنم ڏيڻ لئي نئين ڪير جي وھائي،
سنسار ۾ سفر ڪان پھرئين سمر اڇي ٿو.

يا

مڪڙي ٻھار ايندو گل پوش مو نھن پٽيندو،
ڪوپـو خلاص ٿيندو آزاد حسن ٿيندو.

يا

ساھي پٽي ڪٽي پئي مون موج ڪيڻ ماڻي
ھردم اُتل پتل ۾ پوندو رھي ٿو پاڻي
ھيٺار لئي ھلان ٿي ھردم ندي لماڻي
ھلندي ھلان سدائين ٻيھڪ کي موت جاڻي
آشا رھي اندر ۾ ٿي سمنڊ ۾ پوڻ جي
پنھنجي پراڻي گھر ۾ ساھي وڃي پٽڻ جي.

شعر ۾ لڏھن ستيہ آھي، سندرتا آھي ۽ ٿين وستو آھي سنگيت، جنھن جو آنندت ڪرڻ ۾ چڱو ڀاڱو آھي. اھو سنگيت پيدا ٿو ٿئي ٻحر وزن مان، ڇند مان، ميٽر مان، پارسي ٻحر وزن ھجي جو فاعلاتن ۽ مفاعيلن لئي ٻدل آھي، يا ھندي دوھي جو ڇند ھجي جو ماترائن لئي ٻدل آھي، يا

طور هڪ ئي وسٽو آهي، يا هڪ ئي وسٽوءَ جا الڳ الڳ روپ آهن. ڪيٽس شاعر ئي چيو آهي: سيتہ سندرتا آهي ۽ سندرتا سچ؛ ان کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ هن پرٿويءَ تي ڄاڻڻ جي لوڙہ ئي نہ آهي.

هاڻي، سندرتا جو ڪم ڇا آهي — دل کي آنند ڪرڻ. دماغ کي ڪجهہ نوڪر ڏئي، جهٽڪو ڏئي هڪ گهڙيءَ لاءِ ڪجهہ ذهني لطف ڏيڻ هڪڙي ڳالهہ آهي، ۽ دل آنند ٻي ڳالهہ آهي. موجودہ شعر جو وڏي ۾ وڏو عيب اهو آهي جو ان ۾ سندرتا ڪينهي، دل کي آنند ڪرڻ جي ڪائي چيز ڪانهي، دماغي نوڪر هڻي ڪجهہ عارضي لطف ڏئي سگهي ٿو، جا ڳالهہ لفظن جي راند سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. هي اُردو بند ٻڌ:

دل خوش هئا هئہ مسجد ويران ديکہ کر
ميري طرح خدا کا بهي خانا خراب هئہ

جنهن مشاعري ۾ اهو بند پڙهيو ويو هوندو اتي تاڙين جو ڦهڪو پيو هوندو، پر جي ان بند جو ڇيد ڪريون، تہ ڏسندين تہ رڳو دماغ کي ٿو لطف ڏئي، دل اندر اهو بند پيهي ڪونہ سگهندو.

اڄوڪو شعر، تون هن ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جي ڪوشش ڪندين، تہ توکي محسوس ٿيندو تہ ٧٥ سيڪڙو شعر اها دماغي پريوگہ شالا ۾ تجربن جي پيدائش آهي، جنهنجو مقصد رڳو دماغ کي نوڪر هڻڻ آهي ۽ من کي ڪجهہ لطف ڏيڻ. ان ۾ نہ دل جي ڪا پهچ آهي ۽ نہ آنند جو ڏڻ.

ڪوي، سچيءَ معنيٰ ۾ ڪوي، سندرتا جي ذريعي دل کي آنند ٿو ڪري. هو اُهو ڪيئن ٿو ڪري ان لاءِ ڪا

١٥- شيڪسپيئر، شرت ۽ شاهه

شيڪسپيئر، شرت ۽ شاهه، ٽيئي جڳ پرسڌ اعليٰ ساهتيڪار ٿي گذريا آهن. شيڪسپيئر انگلنڊ جو ناميارو ناٽڪڪار آهي، جنهن دنيا ۾ پنهنجو نالو امر ڪيو. شرت چندر ڀارت جو اعليٰ ترين ناول نويس آهي جنهنجو ناموس به بنگال مان وڌي ڀارت ۾ ۽ ڪنهن حد تائين دنيا ۾ ڦهليو. شاهه اسانجي سڄوري سنڌ جو اوچي ۾ اوچي پدويءَ تي پهتل ڪوي ۽ شاعر آهي جنهنجي ڄاڻ ۽ پرسڌيءَ جيتريءَ جي هوءَ يوڳيه آهي اوتري، ارمان آهي، ڪانه ٿي آهي. هڪ ناٽڪڪار، ٻيو ناول نويس ۽ ٽيون شاعر.

شيڪسپيئر جي مهانتا سندس رچنائن جي ٻن روپڪن تي ٻڌل آهي. هڪڙو سندس اعليٰ نايڪائون — وايولا، ڪارڊيليا، ڊيسڊيمونيا، آيوجن وغيره. سندس نايڪائن جي ڀيٽ بعضي شرت جي نايڪائن سان، بعضي ڪاليداس جي نايڪائن سان ۽ بعضي شاهه جي نايڪائن سان ڪئي ويندي آهي.

ٻيو روپڪ، جنهن شيڪسپيئر کي مهان بڻايو آهي سو آهي سندس چار جڳ پرسڌ دکانت (Tragedies) - ڪنگ ليئر، هئمليٽ، مئڪبيٿ ۽ آٿيلو. شيڪسپيئر جي رچنائن جي باري ۾ ڪوجنيڪ سڪالر اڄ تائين ڪوجنائون ڪندا رهن ٿا ۽ رکي ڪيتريون نيون ڳالهيون سندس رچنائن بنسبت ظاهر ڪيون وينديون آهن. پر جيتري

انگريزي ميٽر هجي جو زوردار ۽ ٽيروز پڌن جي ڦير گهير ۽ ميل ميلاپ تي ٻڌل آهي. شعر لاءِ هي انش انترو ئي ضروري آهي جيترو ته انش ستيه ۽ سندرتا، بحر، وزن، قافيا ۽ رديف ڀورئين شايد ٻڌڻ ۾ نظر اچن، پر هڪ دفعو انهن جو ڪرتو ٿي وڃي ته ٻئي ٻڌڻ ڪونه لڳندا. ٻيءَ شاعر انهن ڏانهن نهاريندو به ڪونهي، سندس شعر ازخود ڪنهن نہ ڪنهن بحر وزن جو آڌار پنهنجو پاڻ وٺندو آهي. جڏهن ڪو ڳائڪ ڀورڻ هارمونيم سکندو آهي ته هو هارمونيم جي هڪ هڪ سر تي چٽائي ڏسي آڱر رکندو آهي، هي ”س“ آهي، هي ”ر“ آهي، هي ”گ“ آهي ۽ هي ”م“ آهي (سرگم) جڏهن ماهر ٿي ويندو آهي، تڏهن هو سرن ڏانهن نهاريندو ئي ڪونهي، هو ڳائيندو ويندو آهي ۽ سندس آڱريون ازخود صحيح سرن تي وينديون آهن. ساڳيءَ طرح پڪو شاعر بحر وزن ڏانهن گهڻو ڌيان ڪونہ ڏيندو آهي، هن جي ڪوتا سنگيت ۾ ئي زبان مان نڪرندي آهي.

ستيه، سندرتا ۽ سنگيت، اهي آهن شعر جا ٽي بنيادي گڻ. انهن جي بنياد تي ٿون موجوده شاعرن جي پرک ڪندين ته توکي محسوس ٿيندو ته اهي تسليم ٿيل ٻه ڏزن شاعر، شاعر ئي ڪونه آهن.

۲، آڪٽوبر ۱۹۷۳ع ”سنڌي ٽائيمس“ ۵-۱۱-۱۹۷۳)

هيمليٽ به ائين دکي ٿي هن سنسار مان موڪلائي ٿو وڃي.
هو خود به ائين ڀانئين ٿا دنيا ساڻن انصاف نه ڪيو آهي
۽ اسين به ائين ٿا سمجهون.

شرت جي ناولن جو مرڪزي ويچار ڪهڙو آهي؟ آءٌ
وري به شرت جي نائڪائن جي چرتر جو روپ نه ڪٽندس.
سندس نائڪائون به شيڪسپيئر جي نائڪائن جيان امر
رهنديون. مگر آءٌ شرت جي ناولن جي ٻيءَ وصف جو
ذڪر ڪرڻ ٿو گهران. شرت جا ناول به دکانت ئي آهن.
سندس نائڪ ۽ نائڪائون به اجهاڳ مصيبتون برداشت
ڪن ٿا ۽ دکي ٿي سنسار کي الوداع ڪن ٿا. مگر سندن
ڪشت، ڪشالا ۽ مصيبتون سندن غلطيءَ يا قصور جو نتيجو
نه آهن. هو سماج جي ڪُرسمن جو شڪار ٿين ٿا. ڏيتي
ليتيءَ جي ڪُرسم، وڌوائن سان حيواني وهنوار ڪرڻ جي
ڪُرسم، ننڍي هوندي جي شاديءَ جي ڪُرسم، ڇوت ڇات
جي ڪُرسم. جيڪڏهن سندن نائڪن ۽ نائڪائن جي ڪا
ڪمزوري آهي نه هيءَ، ته هو سماج جي انهن ڪُرسمن
خلاف بغاوت نه ٿا ڪن، غلط ۽ بي انصافيءَ تي ٻڌل ٻنڌنن
کي ٽوڙڻ جي جرئت نٿا ڏيکارين. صبر سان، غلط ۽
بي انصافيءَ تي ٻڌل ٻنڌن قبول ڪري ڀوڳيا ڀوڳين ٿا.

شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ جي لوڪ ڪٿائون درج
آهن، انهن ڏانهن نهاريو ن. اُهي به رواجي ڀري ڀاشا ۾
دکانت آهن، جو نائڪ ۽ نائڪائون هڪ ٻئي سان ملن
ڪو نه ٿا، هڪ ٻئي لاءِ تڙپندا حياتيءَ جي انت تي پهچن
ٿا. سندن پيڙا، سندن ڪنهن وهنواري غلطيءَ جي سزا
نه آهي، سندن دل اندر جا اُسات آهي، پنهنجي پريتم
سان ملڻ جي اُن بدولت اِها پيڙا ٿي اچي. پر شاهه جي

قدر منهنجي ڄاڻ آهي، ته سندس ڏکانتن جي باري ۾ جي مکيه نڪتا آهن، تن ۾ ڪا گهٽي تبديل ڪانه آئي آهي.

شيڪسپيئر جي ڏکانتن جو مرڪزي نڪتو ڪهڙو آهي؟ ڪي نيڪ پرش ۽ نيڪ استريون، هن سنسار جي چڪر ۾ بيحد مصيبتن ۽ ڪشٽن جو شڪار ٿين ٿا. اِهي ڏکانت، يونان جي ڏکانتن کان نرالا آهن. يونان جي ڏکانتن جو مرڪزي وچار هي هوندو هو، ته نايڪ نايڪا ديوتائن جي ڪوپ جو شڪار ٿين ٿا ۽ انهن جي رنج ۽ غصي ڪارڻ، اهڙيون مصيبتون برداشت ڪن ٿا. شيڪسپيئر جي ڏکانتن جو مرڪزي وچار نرالو آهي. شيڪسپيئر جي ڏکانتن ۾، نايڪ ۽ نايڪائون جيڪي ڪشٽ ۽ ڪشالا سهن ٿا، سي سندن غلطيءَ ڪارڻ مٿن ڪڙڪن ٿا. مگر اُن هوندي به، درشڪن جي ۽ پاٺڪن جي همدردي ساڻن ٿي رهي. من تي اثر اهو ٿو رهي، ته ڪين جا سزا ٿي ملي، سا سندن غلطيءَ يا گناهه جي ڀيٽ ۾ تمام جبري آهي، جڻ گدڙي جي چور کي ڦاسيءَ جي سزا ٿي ملي. آءٌ هيءَ ڳالهه، شيڪسپيئر جي چئن ڏکانتن مان هڪڙي ڏکانت جو مثال وٺي چٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

ليئر بادشاهه، جو آخر ڏوهه ڪهڙو هو، جو هن کي ٻڍاپيءَ ۾ در در ڀٽڪڻو ٿو پوي. مينهن ۽ طوفان ۾ ڀٽڪڻو ٿو پوي ۽ پاڳل بڻجي پنهنجو ساهه ڏيڻو ٿو پوي. هڪڙي رواجي انساني ڪمزوريءَ جو هو پنهنجين ٻن وڏن ڌيئرن جي خوشامد ۽ چمچاگيريءَ تي پتيائجي پنهنجو راڄ ڀاڱا انهن کي ڏيئي ٿو ڇڏي. قصور ٿورو مگر سزا بلڪل جبري ۽ سهڻ کان ٻاهر. ليئر بادشاهه جهان آتيلو، مئڪبيٿ ۽

هاڻ اسين بنيادي سوال تي اچون، شرت، شيڪسپيئر ۽ شاهه ۾ جي دکانت آهن، اُنهن ۾ جو مسئلو سمايل آهي، ان جو حل ڪهڙو آهي، گويا مسئلو هڪڙو آهي يا الڳ الڳ، ۽ حل ڪنهن ڏنو آهي يا نه؟

پهرين شرت جا ناول ڏسون. شرت جي ناولن جو، جو مسئلو آهي سو سماجڪ آهي، نائڪ ۽ نائڪائون، جا پيڙا هموار ڪن ٿا سا سماجڪ نابرابرين ۽ ڪرسمن جو نتيجو آهي. شرت، رڳو انهن نابرابرين ۽ ڪرسمن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن ڪارڻ جا پيڙا نائڪائن کي سهڻ ڪرڻي ٿي پوي، تنهنجو چيندڙ چتر چٽيو آهي. شرت اُن مسئلي جو ڪو حل ڪو نه ڏسيو آهي. هن خود هڪ هنڌ چيو آهي ته منهنجو ڪارڻ رڳو اهو آهي، ته مان سماجڪ برائين جي اوگهڙ ڪريان. انهن کي سماج اڳيان آڻيان. حل ڏسڻ منهنجو ڪم نه آهي. اهو ڪم سماج سڌارڪ جو آهي. هو ڪو حل ڏسي به ها، ته اهو اثرائتو نه ٿئي ها. هو وڌ ۾ وڌ چئي سگهي ها ته هي هي ڪرسمون ختم ڪيون وڃن. مگر ڪرسمن کي ختم ڪرڻ، ته نه سنڌس هٿ ۾ هو ۽ نه سنڌس ڪردارن جي هٿ ۾.

شيڪسپيئر جي دکانتن ڏانهن نظر اُڇليون. شيڪسپيئر جي نائڪ ۽ نائڪائن جي مصيبت ۽ پيڙا ڪن به سماجڪ ڪرسمن ڪارڻ نه آهي. سندن پنهنجين ڪمزورين جو نتيجو آهي. هن جا نائڪ ۽ نائڪائون ڪن سماجڪ برائين خلاف شڪايت نه ٿا ڪن. هو ته پنهنجي ئي مانسڪ ڪمزوريءَ جو شڪار ٿيا آهن. ان ڪري سندن لڙائي پاڻ سان ئي آهي. هيءَ ڳالهه ٻين اکرن ۾ هيئن چئي سگهجي ٿي ته جتي شرت جي ناولن جو مسئلو سماجڪ

ڏکانتن جي نائڪ ۽ نائڪائن جي ٻهاڙي بلڪل نئي نياري ۽ نرالي آهي. نائڪ ۽ نائڪا هڪ ٻئي سان نه ملندي به ڏکي نه ٿا ٿين. انهن نه ٿا سمجهن ته اسان سان ڪو انياءُ ٿيو آهي، اُلٽو هو نهايت ئي سنتشٽ ٿي ٿا دنيا کان موڪلائين. پريتم يا پريتما سان نه ملندي به هو سمجهن ٿا ته هو پنهنجي منزل تي پهتا آهن. ان خيال کان ۽ ان معنيٰ ۾ شاهه جا ڏکانت، ڏکانت ڪو نه آهن، مگر سکانت آهن. شاهه اها ڪرامت ڪيئن ڪري ڏيکاري آهي، سا ڳالهه سمجهڻ لوگيه آهي. ان ۾ شاهه جي وڏي ۾ وڏي مهانتا سمايل آهي.

آءٌ هن بنيادي معما يا پروليءَ کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان اڳ، هڪ ٻئي نڪتي جو ذڪر ڪري ڇڏيان. مون مٿي ٻڌايو ته شيڪسپيئر جي ڏکانتن جي هڪڙي وصف اِها آهي جو ٿوري گناهه لاءِ سزا گهڻي ٿي ملي. اُن جي بي انصافيءَ جو خاطر خواهه جواب مونکي نه سجهي ته ڪنهن آلوچڪ ڏنو آهي. هڪ پروفيسر ڪاليج ۾ پاڙهيندي چيو، ته سمجهو ڪچرو ڪٺو ٿيندو پيو وڃي. پوءِ ڪنهن وقت تيلي لڳي، ته ينيت ٻري پوندو. پر سوال آهي ته هنن ڏکانتن ۾ ڪچرو ڪٺو ڪٿي ٿيو؟ ڪردارن ڪٿي پاپ مٿان پاپ ڪيا، جو ڪچرو ڪٺو ٿيو. هڪڙي ٿي ته سندن غلطي يا ڪمزوري آهي. مان سمجهان ٿو، ته، اُن مونجهاري جو جواب ڀارتي فيلسوفيءَ جي ڪرم پرپانيءَ ۾ ملندو. اسانجي هيءَ جيون، هڪ لنبي زنجير جي هڪڙي ڪڙي آهي. اسانکي جيڪي ڪجهه ملي ٿو، نفعو يا نقصان، سو رڳو هن جنم جي ڪرمن جو ڦل نه آهي، مگر سوين هزارن جنمن جي ڪرمن جو ڪٺو ٿيل ڦل آهي.

توکي ڪيس معاف ڪرڻ لاءِ تسڪين ڏيندڙ دليل نه ڀاسندو.
مگر جڏهن تو محسوس ڪيو ته هو ۽ تون ٻئي هڪ آهيو
تڏهن تون خود ئي سزا ڏيڻ نه چاهيندين، ڇو ته تون پاڻ
کي سزا ڪيئن ڏيندين. شاهه جو حل سماجڪ سطح تي نه
آهي مگر روحانيت جي سطح تي ٻڌل آهي.

اِن روحانيت تي ٻڌل حل جي لازمي وصف هيءَ آهي
ته توکي حل پاڻ کان ٻاهر نه مگر پنهنجي اندر ئي ڳولهڻو
آهي. پراڻين سچين سڪ ناهيو... پاڻ کان ٻاهر حل ڳولهيندڙ
ته ڀٽڪندو رهندا. پنهنجي اندر حل ڳوليندڙ تـه منزل
تي پهچي ويندا. هن حل جو ڪجهه اشارو شيڪسپيئر
جي مئڪبيٿ ۾ ملي ٿو. البت منوويگيان جي سطح تي
۽ نه روحانيت جي سطح تي. ليڊي مئڪبيٿ جي بيماري
مانسڪ آهي. ڊاڪٽر هن کي ٻڌائي چوي ٿو:

In this the patient must administer to himself

ته هن بيماريءَ ۾، بيمار کي خود ئي پنهنجو علاج
ڪرڻو آهي.

شيڪسپيئر ۾ جيڪو اِشارو مانسڪ سطح تي ملي ٿو
اُهو شاهه ۾، ڪلا ڪلا روحاني سطح تي، حل جي صورت ۾
ملي ٿو:

وڃين ڇو وڻڪار؟ هت نه ڳولهين هوت کي
لڪو ڪين، لطيف چئي، ٻاروچو ٻي پار،
ٿي سٽي، ٻڌ سندرو، پرت پرهان سين پار،
ناٿي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

يا

ساهڙ سا سهڻي، ساڻس پڻ سوئي.

آهي، اُتي شيڪسپيئر جي ڊرامن جو مسئلو مانسڪ آهي ۽ انهيءَ حل منووگيان تي منحصر رکي ٿو. شيڪسپيئر، پنهنجن نايڪ ۽ نايڪائن جي مانسڪ جدوجهد تہ بخوبي چٽي ٿو مگر اُن جدوجهد مان هو ڪيئن پار پون، سو ڪين نہ ٿو ٻڌائي. ان ڪري ئي سندس نايڪ ۽ نايڪائون لڇندي ڦٿڪندي، رڙيون واڪا ڪندا مرن ٿا.

شيڪسپيئر ڪنهن حد تائين ان مانسڪ جدوجهد جو حل ڏسيو آهي مگر اهو حل سندس ڊرامن ۾ ڪونہ ٿو ملي. هن پنهنجي جيون جي آخرين دور ۾ جي رومانس لکيا - سياري جي ڪهاڻي، طوفان ۽ سمبلائين، انهن ۾ سندس حل جي جهلڪ ملي ٿي.

Pardon is the world of all

سڀني کي سڀ گناهہ بخشيا ٿا وڃن. البت جڏهن تون ڪنهن جو گناهہ بخشيندين تڏهن سندس بي انصافيءَ ۽ بي رحميءَ جي روش توکي ڪين ستائيندي. مگر هيءَ ڳالهہ توکي ياد رکڻ گهرجي، تہ اهو حل بہ مانسڪ سطح تي ٻڌل آهي. هر ڪنهن کي ۽ هر وقت اهو حل نہ ٿو آئڙي آخر مان ڏوهيءَ کي بخشيان، تہ ڇو بخشيان.

شاهہ ۾ ان جو خاطر خواهہ جواب ملي ٿو. تون ڏوهيءَ کي بخش انڪري جو هوءَ ۽ تون بہ الڳ هستيون نہ آهيو. تون بہ اُهُ آهين ۽ اُهُ بہ تون آهين.

پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مار ۾ مون
مون ۾ آهين تون متان تنهنجو ئي توکي لڳي

جيسين تون گنهگار کي پاڻ کان الڳ سمجهندين، تيسين

مسئلن کي ڪلاسڪ نموني چٽيو آهي؛ شيڪسپيئر، مانسڪ سطح تي، انساني من جي ڇڪريءَ جو نهايت ئي اثرائتو چٽڻ پيش ڪيو آهي. شاهه، منشيءَ جي آتمڪ آنند يا موڪش جي معاملات لاءِ، آناديِ ڪال کان تڙپ جو روحاني سطح تي حل ڏسيو آهي.

سسئيءَ، نه خود، اهو حل اختيار ڪيو آهي، جڏهن
چوي ٿي:

ٻيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه اکو ڏونگر ڏهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي ٿان سور هئا.

ان مانسڪ ۽ روحاني حل جو فرق، هڪ ٻئي ڪرڻ
سان بلڪل چٽو ٿي بيهندو. شيڪسپيئر جي ڏکانت
مئڪبيٿ ڏانهن نهاريو ۽ شاهه جي آکاڻيءَ ۾ راءِ ڏياچ
ڏانهن. مئڪبيٿ نه بادشاهه جو خون ڪرڻ ٿو چاهي ۽
بيجل نه. مئڪبيٿ پنهنجي زال ۽ ڏائڻين جي چوڻ تي
۽ بيجل پنهنجي زال جي چوڻ تي. مئڪبيٿ لڪي وڃي
پنهنجي بادشاهه جو خون ٿو ڪري؛ بيجل شاهه شاهوڪاريءَ
ٿو وڃي راءِ ڏياچ کان سر گهري.

بيجل بولايو، سر جو آهيان سڳڙو.

مئڪبيٿ بادشاهه جو خون ڪرڻ لاءِ لڪي ڇپي ٿو
اچي، جيئن ڪنهن کي خبر نه پوي. راءِ ڏياچ خوشيءَ
سان سر ٿو لاهي ڏئي!

ڏهيسر جيان ڏهه سسيون، ڏهه ئي جيڪر ڏيان،
ته ٿڙ مٿان سر هيڪڙو، ڏيندي لڄ مران.

يعني ته بنيادي فرق هي آهي، ته شيڪسپيئر جا
نايڪ ۽ نايڪائون دکي ٿي ٿا مرن؛ شاهه جا نايڪ ۽
نايڪائون، موت ۾ پنهنجي جيون جي اُديش جي سڦلتا
جو احساس حاصل ٿا ڪن، ۽ انهن دکانت بدلجي سکانت
ٿيو پون.

ڳوري ۾ ڇڏجي، ته شرت پنهنجي ناولن ۾، سماجڪ

ناءِوس سنڌن جنم ۽ ڪارڻ جي سرحدن کي لتاڙي دنيا ۾
۾ ڦهليو. سنڌن پرسڌتا تيسين قائم رهندي جيسين هي
سنسار قائم هوندو. شيڪسپيئر پنهنجي هڪ ناٽڪ لاءِ
چيو آهي، نه سنڌس عمر ۽ نه ساٿس گهرائي ۽ ويڇڙائيءَ،
سنڌس ڪشش ۾ ڪابه ڪمي آڻي سگهي آهي. اهو گفتو
ايتري ئي سچائيءَ سان شيڪسپيئر لوڙي ڪاليداس سان
لاڳو ڪري سگهجي ٿو. نه صدين جي فاصلي ۽ نه ڪين
وري وري پڙهڻ، سنڌن مهانتا يا لوڪپريتا ۾ ڪو فرق
آندو وڃي.

هنن دنيا کي اعليٰ ساهتيڪ رچنائون ڏيئي پاڻکي نه
امر ڪيو، مگر انسان ذات لاءِ شاهي بي بها وندر ۽ سکيا
جو خزانو ميسر ڪيو، جنهن مان لوڪ سدائين آنند ۽ سکيا
حاصل ڪري سگهن ٿا.

شيڪسپيئر رڳو ناٽڪ نه لکيا. سنڌس سانيٽس (Sonnets)
۾ اعليٰ معيار جي ڪوتا جا ماڻڪ موتي ملن ٿا. ڪاليداس
به ناٽڪن کانسواءِ کي ڪاوِيه ۽ مها ڪاوِيه پڻ رچيا.

شيڪسپيئر لوڙي ڪاليداس بنهي پنهنجا ناٽڪ پرچلت
سادين سودين ڪهاڻين جي چوڌاري اڻيا. هنن انهن سادين
سودين ڪهاڻين ۾ پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ سان ايتري نه
خوبصورتي، نزاڪت ۽ ڪشش ڀري جو صديون گذري
ويون آهن نه به انهن جي آڪرشڻ ۾ خير ڪا ڪمي آئي
آهي. اسڪالر ۽ کوجنيڪ اڄ تائين انهن رچنائن جو اڀياس
ڪندا رهن ٿا ۽ انهن ۾ نيون نيون خوبيون پائين ٿا.

هڪ اهم ۾ اهم پهلو، جا ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر جي
رچنائن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي سا هيءَ آهي ته ڪاليداس
پنهنجن ناٽڪن ۾ ناريءَ جي سندرتا، چنچلتا، ڪوملتا ۽

١٦- ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر

ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر ٻئي جڳ پرسڌ ڪوي ۽ ناٽڪ نويس ٿي گذريا آهن. هڪ انگلينڊ جو پيدائش هو ته ٻيو سنسار کي ڀارت جي ڏاڻ هو. هڪ انگريزي ڏاهي جو گفتو آهي ته مهان ويڪتين جي ڀيٽ ڪري نه سگهجي آهي، اهو پڇڻ روا نه آهي ته ڪير وڏو ڪير ننڍو. سندن الڳ الڳ ۽ هڪ ٻئي کان علحدين خصلتن جو ورڻن ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري اهو سوال پڇڻ به بي معنيٰ ٿيندو ته ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر جي وچ ۾ ڪير اعليٰ تر هو. ها سندن جيون ۽ سندن رچنائن ۾ جي هڪ جهڙايون آهن ۽ جي علحدگيون آهن، انهن جو ابياس ڪري سگهجي ٿو. ان ابياس جو اليڪ ڪندي دل ۾ اٿندڙ هڪ ڀاونا جو اظهار ڪرڻ شايد بي جاءِ نه ڀاسي. ننڍي هوندي جڏهن اسڪول ۾ پڙهندا هئاسون تڏهن ماسترن کان هڪ گفتو ٻڌندا هئاسون: Kalidas was the Shakespeare of India ته ڪاليداس ڀارت جو شيڪسپيئر هو. اهو ٻڌي دل ۾ بيحد خوشي ٿيندي هئي ته ڀارت به شيڪسپيئر جهڙو مهان ناٽڪ نويس پيدا ڪيو، پر حب الوطنيءَ جي ڀاونا ڦڙڪو کائي چوندي هئي ته ائين ڇو ڪين چئون ته شيڪسپيئر انگلينڊ جو ڪاليداس هو.

سنسار جي مهان هستين جيان ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر ٻنهي جي جيون ۽ سندن رچنائن ۾ ڪيترايون هڪ جهڙايون به ملن ٿيون، ته وري علحدگيون به موجود آهن. ٻنهي جو

لکيا. هيڏانهن ڪاليداس رڳو ٽي مشهور ناٽڪ رچيا - شڪنتلا، وڪرم اُروشي ۽ مالوڪا اگني مترم. البت ڪاليداس ڪجهه ڪاوِهه ۽ مها ڪاوِهه به لکيا ۽ گهٽيئي ٻيون ننڍيون ننڍيون رچنائون جوڙيون.

شيڪسپيئر جو دنيا ۾ ڏاڪو وڳل آهي. سندس چئن مهان دکانتن ڪارڻ - ڪنگ ليئر، هئملٽ، مئڪبيٿ ۽ آٿيلو. ڀارتي ناٽڪ جي پرمپرا هيٺ دکانت ٿيندو ئي ڪونهي. جيڪڏهن ڪهاڻيءَ جي پاترن کي ڪشٽ ۽ ڪليش سهڻا به پون ٿا ته آخر ۾ سندن پڇاڙي سکيه ٿي ٿئي. ڪاليداس ان ڀارتي پرمپرا جو آدر ڪيو. ان ڪري سندس ناٽڪ سکانت آهن ۽ نه دکانت.

شيڪسپيئر جي دکانتن جو ذڪر ڪندي اسانکي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي پوندي. شيڪسپيئر جا دکانت يونان جي دکانتن ۾ نايڪ ۽ نايڪا مٿان مصيبتون نازل ٿين ٿيون ديوتائن جي ڪوپ ڪارڻ، ان ۾ سندن پنهنجو وس ڪونه ٿو هلي. ٻئي طرف شيڪسپيئر جي دکانتن ۾ نايڪ ۽ نايڪائون جيڪي ڪشٽ ۽ ڪشالا سهن ٿا سي ڪنهن ديوتا جي ڪوپ ڪارڻ نه ٿا مٿن نازل ٿين. اهي سندن چرتر جي ڪنهن ڪمزوريءَ بدولت مٿن اچن ٿا. مگر سندن دکانتن جي هڪ نهايت ئي اهم خاصيت هيءَ آهي ته نايڪ ۽ نايڪائن کي جا سزا ملي ٿي، سا سندن ڪمزوريءَ يا قصور جي ڀيٽ ۾ تمام ڳري آهي، جڻ گدڙي جي چور کي ڦاسيءَ جي سزا ٿي جڙي. انڪري درشڪن جي انهن نايڪن ۽ نايڪائن سان سندن گناهه جي جاڻ هوندي به همدردي ٿي ٿئي.

اچو ته شيڪسپيئر جي دکانتن جو مرم سمجهڻ جي

پريم ۾ هردي جا بي مثل ۽ اڻ مٽجندڙ چٽر چٽيا آهن. ٻئي طرف شيڪسپيئر پنهنجن ناٽڪن ۾ ۽ خاص ڪري دکانتن ۾، جن لاءِ سندس ناموس گهڻي حد تائين آڌارت آهي، انسان جي اندرين مانسڪ ڪشمڪش ۽ جد و جهد جي اهڙي بي نظير تصوير چٽي آهي جهڙي دنيا ڀر جي ساهتيه ۾ شايد ئي ڪٿي ملندي.

هڪ مزيدار وارتا ٻنهي مهان رچناڪارن جي باري ۾ مشهور آهن. چون ٿا ته شيڪسپيئر هڪ بلڪل ئي رواجي حيثيت وارو شخص هو. هن کا اوچي تعليم ڪانه پرائي هئي، ان ڪري اهو ممڪن ڪينهي ته، اُنهن جڳ پرسڌ ناٽڪن جو رچيتا هو هوندو. ڪن عالمن جو رايو آهي ته اُنهن ناٽڪن جو لکندڙ انگلنڊ جي ان سمي جو پرسڌ فيلسوف عالم بيڪن هوندو هو.

ساڳيءَ طرح ڪاليداس جو جنم بہ هڪ ٻنهه رواجي پريوار ۾ ٿيو ۽ سندس ماتا پتا ڪيس سندس ٻالڪپڻي ۾ ئي ڇڏي راهه رباني وٺي هليا ويا. ڪيس هڪ رواجي ڀڳن واري پاليو ۽ ٽاليو ۽ وڏو ڪيو. مگر اُن ڏنار وٽ اهڙو پئسو ڪٿان آيو جو ڪاليداس کي اعلي وديا ڏئي. انڪري ڪاليداس بلڪل ئي اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڄاڻ ٿـي اُسريو. خوش نصيبا ڪنهن پرسنگ ڪارڻ مٿس ڪالي ماتا جي ڪرپا ٿي جنهن ڪري هو اعلي ودوان ۽ ناليرو ناٽڪ نويس بڻجي پيو. سندس ساک ۽ ناموس وري اهڙو ته، چوٽ چڙهي ويو جو جڏهن سندس رچنائن ۾ آلوچڪن کي ڪٿا ۾ ڪا ڪمزوري ڏسڻ ۾ ايندي هئي ته گمان آڻيندا هئا ته واقعي اها رچنا ڪاليداس جي ٿي سگهي ٿي!

هڪ ٻي اهم ڳالهه. شيڪسپيئر، چون ٿا ڪل ٣٩ ناٽڪ

ڇيڪلائجي، ٻئي پنهنجي جان تان ڌوئن.

ان طرح شيڪسپيئر، پنهنجن نايڪن ۽ نايڪائن لاءِ ديا ٿو پيدا ڪري ۽ درشڪن لاءِ ڌر، مبادا اسان مٿان به اهڙي مصيبت نازل ٿئي!

شيڪسپيئر جي ڊرامن اُبتڙ، ڪاليداس جا ناٽڪ سکانت آهن. شڪنتلا کي راجا دشينت پهرين قبول نه ٿو ڪري، جو ڪانئس سندس شڪنتلا سان رشي آشرم ۾ ڪيل پيار جو سمورو قصو ڀلجي ويو آهي. مگر پوءِ جڏهن گم ٿيل منڊي، جنهنجي هلي وڃڻ ڪارڻ سندس سمرتي گم ٿي وئي آهي، واپس ٿي اچي ته سندس سمرتي به واپس ٿي اچي ۽ هو شڪنتلا کي پنهنجي پٽ راڻي ٿو بڻائي.

شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ اسان ڏٺو ته نائڪ ۽ نايڪائن جي مٿان جا مصيبت نازل ٿي ٿئي سا سندن پنهنجي چرتر جي ڪنهن ڪمزوريءَ جو نتيجو آهي ۽ نه ديوتائن جي ڪوپ جي ڪارڻ، جيئن ڪ يونان جي ڊرامن ۾ ڏسجي ٿو. مگر ڪٿي ڪٿي، ڪن غيبي طاقتن جو به ڪجهه تاثير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثلاً مئڪبيٿ جي من ۾ پنهنجي بادشاهه کي قتل ڪري راڄ گدي حاصل ڪرڻ جي جا لالسا ٿي ٿئي سا سندس زال جي ڀڙڪائڻ سان گڏوگڏ ڏائڻين جي ڀچلائڻ جو به نتيجو آهي.

ساڳيءَ طرح ڪاليداس جي ناٽڪن ۾ به، ديو ديوتائن جو دخل يا قسمت جو تاثير ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شڪنتلا ناٽڪ ۾ رشي دوارسا جو سراپ، منڊيءَ جو آڱر مان کسڪي تلاءَ ۾ ڪرڻ اهڙا واقعا آهن. وڪرم اُروشي ۾، ته نائڪا اُروشي آهي ئي اَپسرا جنهنجو آخر اِندر جي چوڻ تي ئي پنهنجي پتي پروروَاس سان پنر ملن ٿئي ٿو.

ڪوشش ڪريون. ليئر بادشاهه جو ڪهڙو اهڙو وڏو گناهه هو جنهن لاءِ کيس خانه بدوش بڻجي پاڳل ٿي ڀٽڪڻو پيو ۽ آخر موت جو شڪار ٿيو. معمولي انساني ڪمزوريءَ جي، پنهنجين وڏين ڌيئرن ريگن ۽ گونرل جي خوشامد جي ڦندي ۾ ڦاسي پنهنجي ننڍي ڌيءَ ڪارڊيلا کي سندس صاف گوئي لاءِ - ته، مان توکي رڳو ايترو پيار ٿي ڪريان جيترو هڪ ڌيءَ جو پيءُ ڏانهن فرض آهي، - ورثي کان خارج ڪري پنهنجي ملڪيت وڏين ڌيئرن کي ڏيئي ڇڏيائين.

يا هئمليٽ جو ڪهڙو وڏو قصور، جو کيس جان ڏيڻي پيئي ۽ سندس پريتما اوفيليا کي به. هن خاطري ڪرڻ ٿي چاهي ته واقعي سندس پيءُ جو خون سندس ماءُ ۽ چاچي منصوبو ڪري ڪيو آهي. هو ذهني دبڌا ۽ اخلاقي هٻڪ ڪارڻ ايترو پوڳي ٿو.

يا موئر سردار آٿيلو جو ڪهڙو ڀاري گناهه هو جو کيس آتم هتيا ڪرڻي پيئي. ڪنهن حاسد کيس ڇڪلي هنئي ته سندس پاڪدامن استري پوري پير لي نه آهي. ان گمراهيءَ هيٺ اچي هو ڊيسڊيموئيا جو خون ڪري ٿو. سنڌ ۾ پروچن ۾ ڪين ڪاريءَ روز معاملا ٿيندا هئا ۽ خون. جڏهن آٿيلو کي خبر ٿي پوي ته الزام بي بنياد هو تڏهن پنهنجي گناهه جو پشچاتاپ آپگهات سان ٿو ڪري.

مئڪبيٿ جو گناهه ڪجهه وڌيڪ ڳرو آهي جو پنهنجي بادشاهه جو لڪي ڪري اچي خون ٿو ڪري. مگر کيس هڪ طرف پنهنجي زال ڀڙڪائي ٿي ته ٻئي طرف ڏائڻيون کيس گمراهه ٿيون ڪن ته سندس قسمت ۾ بادشاهي لکيل آهي. وري به انساني ڪمزوريءَ جو شڪار ۽ ان لاءِ کيس ۽ سندس ڌرمپتنيءَ کي ڪيڏو لوڙڻو ٿو پوي. ڇيڇلائجي

هن پنهنجي پيار جو ڪڏهن به اظهار ڪو نه ڪيو مگر جيت، جيئن مڪڙيءَ جي سوپيا چوسيندو آهي تيئن خاموشيءَ کي ڇڏي ڏنائين ته پل سندس گلن جهڙن ڳلن کي پيئي چوسي. هوءَ درد ۾ ڳرندي رهي.

شاهه عبداللطيف عاشقن کي هدايت ڪئي آهي:

نهائيءَ کان نينهن سک، منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري

مگر شبدن جي اُپيوگ ۾ ڪفايت جو ۽ ساڳئي وقت تاثير پيدا ڪرڻ جو اعليٰ ترين مثال ڪاليداس جي شڪنتلا ۾ ملي ٿو. جڏهن راجا دشينت کان سندس ساٿيءَ ڪيس شڪنتلا جو درشن ڪرائڻ بعد پڇي ٿو "اوهان ڇا ڏٺو"، تڏهن دشينت ٻن جادوئي شبدن ۾ شڪنتلا جي سندرتا جو ورنن ٿو ڪري: "ڏٺم جيڪي ڏسڻ لائق هو." دنيا ڀر جا شبد ساگر استريءَ جي سونـدرتـا جو چٽر هن کان وڌيڪ اثرائتي نموني چٽي نه سگهندا.

آلوچڪن شيڪسپيئر جي ناٽڪ نويسيءَ جي سموري عرصي کي چئن منزلن ۾ ورهايو آهي: شروعاتي دؤر جڏهن هو اڃا ڄڻ ڪنهن ورڪشاپ ۾ ناٽڪ ڪلا سکي ٿو، جوانيءَ جو دؤر، جنهن ۾ پريم ۽ رومانس جا درشيه چٽيا اٿس، ٽيون دؤر آهي سندس دکانتن جو جنهن ۾ مانسڪ ڪشمڪش جا نظارا درشايل آهن ۽ آخرين دؤر جڏهن هو چوٽيءَ تي پهتو آهي ۽ آڪاش تان جيون کي ڏسي رهيو آهي ۽ سڀ کي سڀ ڪجهه معاف ڪري من جي سنتوش جي ساک ٿو ڪري.

Pardon is the word for all

ڪاليداس، شيڪسپيئر جيان ٽي ڊزن ناٽڪ، ڪو نه

شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي مهانتا جو هڪ ٻيو وشيش روپ آهي سندس اعليٰ ناٽڪائون، پريم، تياڳ، ارپڻتا جا مجسم. ”آٿيلو“ ۾ ڊيسڊيمونيا جي پوترتا ۽ پارسائي ڏسو، ”ليئر بادشاهه“ ۾ ڪارڊيلا جو پتا لاءِ پريم ۽ سيوا ڀاو ڏسو، ”سياري جي رات“ ۾ آئموجن جو صبر ۽ ڌيرج ڏسو، ”ٻارهين رات“ ۾ وايولا جي خاموشي ۽ خود ضابطو ڏسو، جڻ هن دنيا جا جيوَ ئي نه ٿا ڏسجن، ڪنهن ٻيءَ انوکي دنيا جون ديويون آهن. شيڪسپيئر جون نايڪائون سندس اعليٰ ڪلپنا شڪتيءَ لاجواب ثبوت آهن.

مگر ڪاليداس جي شڪنتلا جهڙي بي مثل نايڪا، شايد ئي دنيا جي ڪنهن به ناٽڪ يا ناول ۾ ملندي. جرمن فلاسافر گيئٽي جڏهن شڪنتلا پڙهي رهيو هو تڏهن خوشيءَ ۾ نچڻ لڳو. دل کي آنندت ڪرڻ لاءِ جيڪي به اُمنگ ۽ جذبات گهربا آهن اهي سندس من ۾ شڪنتلا جي اُچارڻ سان ئي اُٿن ٿا.

شيڪسپيئر پنهنجي ناٽڪائن جي سندرتا جا چتر پيش ڪرڻ لاءِ ۽ اُنهن جي چرتر نرماڻ ڪرڻ لاءِ ڪماليت جا گفتا ڪتب ٿو آڻي. سندس نايڪائن ۾ شايد وايولا (ٻارهين رات) سونديه ۽ خود ضابطي لاءِ چوٽيءَ جي جڳهه والاري ٿي. سندس پنهنجي پيار کي دل ۾ سانڍي رکڻ جي خصلت جو ورڻن شيڪسپيئر هنن امر شبدن ۾ ڪيو آهي:

She never told her love.
But let concealment
Like a worm in the bud
Feed on her damask cheeks.
She pined in thought.

جي رچنائن سان متاثر ٿي، سنڌس ٽن ناٽڪن ۽ ڪن مها ڪاوين جو سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيو آهي، سو لکي ٿو:

”مان سمجهان ٿو ته سڄي هندو سڀيتا جو پورو پورو چٽر ڪاليداس جي ڪاوين ۽ ناٽڪن مان ٿو ملي. هڪڙي هڪڙي آرٽ، رسم ۽ رواج، سنڌر واتاورڻ ۾ وجهي، هوشيار ڪاريگر وانگي، منڊيءَ ۾ ٽِڪ ڪري ويهاريو اٿس.“

ڪاليداس جي ناٽڪن جي هڪ ٻي خوبي اها به آهي جو اُنهن ۾ قدرت جي سونهن سوڀيا جي نظارن جا نهايت ئي دلڪش چٽر مِلن ٿا. تنهن سواءِ سنسڪرت جي ناٽڪن جي هڪ ٻي وشيشتا به آهي، جا ڪاليداس جي ناٽڪن ۾ به ڀرپور مقدار ۾ ڀريل آهي، اُنهن جو سنگيت. اُن سنڌرڀ ۾، هڪ دفعو وري آچاريه گدواڻيءَ جي فتويٰ دهرائڻ پوڳيو آهي:

”ڪاليداس جا ناٽڪ پڙهي ڏسو ته ڪيئن چترڪاري، ناٽيه ۽ سنگيت جي واتاورڻ سان ڀريا پيا آهن.“

يونان جي ناٽڪن کان وٺي، بين جانسن ۽ برنارڊ شا تائين، سوين ناٽڪ نويس يورپ ۾ پيدا ٿيا ۽ ساماڻا، مگر شيڪسپيئر جي ناموس کي ڪو به گهٽائي نه سگهيو. ساڳيءَ طرح، ڪاليداس جو نالو ڀارت ۾ ڇا، پر دنيا ڀر جي ساهتيڪ اتهاس ۾ اناديءَ ڪال تائين، ڌرو تاري جيان چمڪندو رهندو.

(اَدبي مضمون)

لکيا. هن نه صرف ٽي ناٽڪ لکيا. مگر سندس ناٽڪ ڪلا ۾ نپڻتا جو درشن، سندس پهرئين ناٽڪ مالوڪا اگني مترم ۾ ئي ملي ٿو. جڏهن اهو ناٽڪ منچ تي پيش ٿو ڪيو ويو ۽ سوتردار پڌرائي ٿو ڪري ته ڪاليداس جو ناٽڪ ڏيکاريو ويندو، تڏهن سندس ساٿي کيس چوي ٿو ته هيترن پرسڌ مهان ناٽڪڪارن کي ڇڏي اوهين نول ناٽڪ نويس جو ڊرامو ڪيئن ٿا پيش ڪريو؟ سوتردار جواب ۾ چوي ٿو، ضروري نه آهي ته ڪو نئون ليکڪ، اعليٰ ناٽڪ نه ٿو لکي سگهي. تحقيق، سندس پهرئين ناٽڪ ئي ڪاليداس جو ناموس چؤڌس ڦهلائي ڇڏيو.

شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي هڪ ٻي اهم خصوصيت هيءَ آهي، ته هن پنهنجن ناٽڪن ۾ جيون جو رومانچڪ روپ چٽيو آهي. منشيه جي آشائن ۽ آڪانڪائن کي درشايو آهي ۽ مانسڪ ڪشمڪش ۽ جد و جهد جو اُليک ڪيو آهي. آخر ۾ من جي شانتيءَ ۽ سنتوش جو درشن ڪرايو آهي. مگر ائين ڪندي، هن پنهنجي شخصيت کي بلڪل لڪائي رکيو آهي. اسين سندس ڪنهن به ناٽڪ ۾ سندس شخصيت جي تصوير ڪونه ٿا ڏسون نڪي وري سندس ناٽڪن ۾ سندس جيون ڏانهن رخ جي ڄاڻ ملي ٿي. سندس شخصيت جو درشن ڪرڻ لاءِ، اسانکي سندس سانيٽس (Sonnets) ڏانهن نهارڻو پوندو.

ساڳيءَ طرح ڪاليداس لاءِ به اهو چئي سگهجي ٿو. مگر هڪڙو فرق ضروري آهي. ڪاليداس جي ناٽڪن ۾ ڀارتي سنسڪرتيءَ، فيلسوفيءَ ۽ روحانيت جي مهانتا جو چٽر ضرور ملي ٿو. البت ڪلاتمڪ نموني ۽ نه پرچار طور. سورڳيه آچاريه آسوديمل ڳدواڻيءَ، جنهن ڪاليداس

ٻه لفظ گهڻو لڻو هرڪنهن ٻڌا هوندا. هندي يا سنڌيءَ ۾، انهن کي سکانت ۽ دکانت ڪري سڏيو ويندو آهي. ساڌارڻ طور، سکانت اُن ڪهاڻيءَ کي چئبو آهي جنهنجي پڇاڙي (انت) سکمي هجي يا خوشيءَ وارو هجي ۽ دکانت ان ڪهاڻيءَ کي چئبو آهي، جنهنجو انت دکمي يا دک وارو هجي. مثلن، جيڪڏهن ”هيرو“ جي شادي پنهنجي ”هيرون“ سان ٿي ته سکانت ٿيو ۽ جيڪڏهن هيرو يا هيروئن ڪن حالتن جو شڪار ٿي قتل ٿي ويا ته اهو دکانت ٿيو.

پر شيڪسپيئر جا دکانت، ان سرل پرڀاشا هيٺ نه ٿا اچي سگهجن. سکمي ۽ دکمي جي مواد ۽ معنيٰ، شيڪسپيئر جي پرڀاشا هيٺ دکانت ان کي نه چئبو جنهنجي پڇاڙي رڳو دکمي آهي، مگر دکانت ان کي چئبو آهي، جنهنجي ڏسڻ سان اوهانجي من ۾ دک پيدا ٿئي. جيڪڏهن ناٽڪ جو ڪو نائڪ يا ڪردار مري ٿو، ته مرڻ وقت انکي ته ضرور دک ٿيندو، مگر اوهان کي به دک ٿئي، تڏهن دکانت ٿيو.

هڪڙو مثال ڏيئي هيءَ ڳالهه صاف ڪجي. جيڪڏهن ناٽڪ ۾ ڪو ڪردار اهڙو آهي جنهنجا ڪرم نيڪ نه آهن، بد آهن، اهو جيڪڏهن مري ٿو ته کيس ۽ سندس ماڻهن کي ته دک ٿيندو ئي ٿيندو مگر اوهانکي دک ڪو نه ٿيندو. مگر جيڪڏهن هڪڙو نيڪ آدمي ڪنهن ڪارڻ مري ٿو پوءِ ته اوهان کي دک اوس ٿيندو. انڪري ”دکانت“. تڏهن ٿي ڪهاڻي ٿئي، جڏهن اُن ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو بيجاءِ انت ٿو اچي. هو قتل ٿو ٿئي نه پنهنجي گناهه ڪارڻ، مگر حالتن جي ڪنهن منجهائيندڙ سنگم ڪارڻ. جڏهن ڪو انسان بي گناهه ٿو مصيبت هيٺ اچي.

١٧- شيڪسپيئر جا ڏکانت

اوهان شيڪسپيئر جو نالو ٻڌو آهي. هو انگلنڊ جو پرسڌ ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي. انگلنڊ جو ڇا، دنيا ڀر جو پرسڌ ناٽڪ نويس شمار ڪيو ويندو آهي. جدا جدا ديسن، جدا جدا ناليرا ناٽڪ نويس پيدا ڪيا آهن. خود انگلنڊ ۾ ٻه، ٻيا چڱي چوکي ناموس وارا ناٽڪ نويس ٿي گذريا آهن. مگر شيڪسپيئر جو مٽ، شايد ئي ڪو ٻيو ناٽڪ نويس، انگلنڊ ۾ يا دنيا ڀر ۾ ٿيو هوندو. هن پنهنجي جيون ۾ چاليهارو ناٽڪ لکيا، جي سندس زندگيءَ ۾ ئي رنگ منچ تي آيا ۽ نهايت ئي لوڪ پريه ثابت ٿيا. اهي ناٽڪ، وقت ۽ جاءِ جي سرحدن اندر پابند نه آهن. اڄ به اهي ايترو ئي آنند ڏيندا، جيترو اُن سمي اهي ڏيندا هئا. دنيا جي هر ديس ۾ اهي ايترو ئي لوڪ پريه ثابت ٿيا آهن جيترو اهي انگلنڊ ۾ هئا. اها شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي هڪ يگاني خصوصيت آهي.

شيڪسپيئر پنهنجن ناٽڪن جي ڪارڻ ته لوڪ پريه ٿيو آهي. مگر سندس چاليهارو ناٽڪن ۾، چار هڪڙا بينظير ناٽڪ آهن، جي ٻين کان نيارا ۽ نرالا آهن ۽ جن سندس نالو چوٽ چاڙهي ڇڏيو آهي. انهن ناٽڪن شيڪسپيئر کي به امر ڪيو آهي ۽ انهن ۾ آيل نائڪن جو به نالو جاوداني بڻايو آهي. اهي ناٽڪ ”ڏکانت“ ڪري پرسڌ آهن ۽ شايد ئي دنيا ۾ انهن جي ثاني ڪي ٻيا ڏکانت ڪنهن لکيا هوندا. ”ڏکانت“ ڇا آهي؟ ”ڪاميڊي“ ۽ ”ٽريجڊي“ اهي

پيڙا ڀوڳي ٿو جو هُو خوشامند جي قيد ۾ اچي پنهنجي سچيار ۽ وفادار ڌيءَ ڏي ساڻ بي انصافي ڪري پنهنجي ملڪيت ٻن ٻيونگي وڏين ڌيئرن کي ڏيئي ٿو ڇڏي. شهزادو هئمليٽ پيڙا ٿو ڀوڳي جو ارادي جي پختگي نٿو ڏيکاري ۽ سدائين شڪ ۽ گمان ۾ ٿو رهي. مئڪبيٿ پيڙا ٿو ڀوڳي، ڇاڪاڻ ته تخت حاصل ڪرڻ جي لالسا ۾ اچي هو پنهنجي بادشاهه جو خون ٿو ڪري ڇڏي ۽ آٿيلو پيڙا ٿو ڀوڳي جو هُو پنهنجي سيتا جهڙي سچيءَ واري استريءَ جي وفاداريءَ ۾ شڪ آڻي ڪيس خون ٿو ڪري ڇڏي. انهن ڇئني کي سندن ئي ڪردار جي ڪمزوريءَ ڪارڻ سزا ٿي ملي.

هڪ اهم سوال ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن نائڪ کي سندس ڪرمن جو ڪيترو ٿو ڀوڳڻو پوي ته پوءِ انکي دکانت ڇو ڪوٺجي؟ پوءِ نائڪ ساڻ اسان جي همدردي ڇو رهي ۽ ڇو سندس لاءِ دل ۾ ديا پيدا ٿئي ۽ پنهنجي لاءِ ڊر؟ ان پروليءَ ۾ ئي شيڪسپيئر جي دکانتن جو مرڪزي مرم يا راز سمايل آهي. اسانجي نائڪن ساڻ همدردي ٿي ٿئي، جو اسانکي ائين ٿو لڳي ته گدري جي چور کي ڦاسيءَ جي سزا ٿي ڏني وڃي. سندن گناهه ايترو ڀاري نه آهي جيتري کين سزا ٿي ڏني وڃي، انڪري ئي اسانجي من ۾ نائڪن ساڻ دلي همدردي ٿي رهي. اها ئي شيڪسپيئر جي مهانتا آهي جو اهو ڏيکاريندي به، ته نائڪ کي سندس ئي ڪنهن ڪمزوريءَ لاءِ سزا ٿي ڏني وڃي، هُو اسانجي من ۾ سندن لاءِ قرب، همدردي، عزت ۽ شردا به پيدا ڪري سگهيو آهي، ائين ڏيکارڻ سان ته سندن قصور ٿورو آهي ۽ سزا وڏي ٿي ملين.

يا اجل جو شڪار ٿئي، تڏهن من ۾ سڀاويڪ ٻه ڀاونائون پيدا ٿيون ٿين. هڪڙي ڏيا ۽ ٻيو ڏر. ڏيا اُن مظلوم لاءِ جو حالتن جو شڪار ٿو ٿئي ۽ ڏر پنهنجي لاءِ ته جيڪڏهن قدرت ۽ قادر، ان شخص سان بي رحم ٿي سگهي ٿو، ته ڪهڙي خاطري آهي ته مون سان ڪنهن وقت اهڙي ئي ويدن نه ٿيندي. ڏر ۽ ڏيا شيڪسپيئر جي ”دکانت“ جا ٻه ضروري انش آهن.

روزانو ڪيئي ماڻهو پيا مرن. ڪي حادثن ۾، ڪي خون ٿيو وڃن، ڪي بيمارين ۾. انهن ڪنهنجو مرڻو نه دک ٿو پيدا ڪري نه ڏيا. پنهنجن ويجهن عزيزن جي ڳالهه الڳ. پر جڏهن ڪو وڏو ماڻهو، ڪا مهان هستي ٿي سرڳواس ٿئي ته دنيا دک ۾ اچيو وڃي. مهاتما گانڌيءَ جو مرڻو ٿيو ته سڄيءَ دنيا مٿان دک جي لهر ڇانئجي ويئي. پنڊت جواهرلعل نهرو سرڳواس ٿيو ته دنيا هنجون هاريون.

شيڪسپيئر جي دکانتن جو، ٻيو اهم انش اهو آهي ته نايڪ جو پيڙا ٿو سهي، جنهنجو مرڻو ٿو ٿئي سو رواجي هستي نه آهي، ڪا مهان وڪتي آهي، جنهنجي مرڻوءَ جو سڄيءَ دنيا تي اثر ٿو ٿئي. ليئر بادشاهه، بادشاهه آهي؛ مئڪبيٿ جنگي سپهه سالار آهي، هئمليٽ بادشاهه آهي؛ ۽ آٿيلو مُور سردار آهي. مڙئي مهان هستيون.

شيڪسپيئر جي دکانتن جو هڪ ٻيو اهم پهلو هيءُ آهي ته، نائڪ يا نائڪا جيڪا تڪليف ڀوڳين ٿا، سا انهن تي بنا سبب يا ڪارڻ جي ڪنهن ديوي ديوتا جي ڪوپ يا ڪروڌ ڪري، يا ڪنهن پورالي وڏڙا جي ڀُور ڪري اها نه ٿي مٿن اچي مگر سندن ئي چرتر جي ڪنهن ڪمزوريءَ ڪارڻ ئي مٿانئن ڪڙڪي. ليئر بادشاهه اهڙي

تمام پيڙا ٿا ڀوڳين ۽ آخر ٻئي ائين پاڳل ٿيڻ جي هن دنيا کي الوداع ٿا ڪن. وري به ڏوهه ٿورو سزا وڏي.

هئمليٽ جي چاچي، بادشاهه (هئمليٽ جي پيءُ) جو خون ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڀاڄائيءَ سان ٺهي ويٺو آهي. پڻس جو ڀوت، هئمليٽ کي حقيقت کان واقف ٿو ڪري ۽ کانئس طلب ٿو ڪري، ته تون پنهنجي چاچي کان بدلو چڪاءِ. هئمليٽ، سڄو وقت، شڪ ۽ مونجهاري ۾ سوچيندو ٿو رهي. الزام سچو آهي يا ڪوڙو عمل ڪريان نه ڪريان، ۽ آخر هو خود به مري ٿو وڃي ۽ سندس معصوم پريتما به. وري به ڏوهه ٿورو سزا گهڻي.

آٿيلو کي سندس ويري چغلي ٿا هڻن ته تنهنجي استري سنئين پير تي نه آهي. ڪاري ڪاريءَ جا قصا اوهان ٻڌا آهن. بروچن ۾ بدچال عورت جو خون ڪرڻ گناهه نه، پر هڪ فرض سمجهيو ويندو آهي. آٿيلو به هڪ بروچ سردار جيان آهي. هو پوري تپاس ڪرڻ کانسواءِ، زال جو خون ڪري ٿو ڇڏي ۽ پوءِ کيس پتو ٿو پوي ته سندس استري پاڪ هئي. هو استريءَ جي قبر تي وڃي آتمهتيا ٿو ڪري. وري به ساڳي ڳالهه. قصور ٿورو سزا وڏي.

شيڪسپيئر جي ڏکانتن جو هيءُ اڀياس هڪ مسئلو ٿو ظاهر ڪري. قدرت جا اڻسور وٽ، اهو ناحق ڇو، اها بي انصافي ڇا لاءِ، جو ٿوري قصور لاءِ گهڻي سزا ملي. شيڪسپيئر پنهنجن ڏکانتن کي مهان بڻائڻ لاءِ اها نجوڙ ته اختيار ڪئي پر ان جي سمجهاڻي ڪهڙي. اها ڳالهه تسليم ٿي ڪجي ته ڏکانت، ڏکانت نه ٿيندو، جي هڪ ذليل گنهگار کي ڳري سزا ملي. ڏکانت ٿئي ٿي تڏهن ٿو، جڏهن هڪ مهان وڪتيءَ کي سندس ڪنهن ڇوٽي

هيءَ ڳالهہ سمجهڻ لاءِ اچو تہ، شيڪسپيئر جي ڇهن دڪانن جي چڪاس ڪريون، ليئر بادشاهہ هڪ نيڪ بادشاهہ آهي، جنهنجو پنهنجين ڌيئرن سان پيار آهي. پر اوسٽا کي وسڻ سان هو راجا جنڪ وانگيان پنهنجي راجائي ۽ سمپتي پنهنجين ڌيئرن ۾ ورهائڻ ٿو چاهي. سندس ٻہ ڌيئر پيءُ جي ڏاڍي خوشامد ٿيون ڪن ۽ ڪيس چون ٿيون تہ اسان لوڪي سڀ ڇنڊ ۽ ٽارن کان بہ وڌيڪ پيار ٿيون ڪريون. ننڍي ڌيءَ ڪيس چوي ٿي تہ مان لوڪي ايترو ئي پيار ٿي ڪريان جيترو هڪ ڌيءَ جو پيءُ ڏانهن فرض آهي. ان سندس ايمانداريءَ واري جواب تي اسنتشٽ ٿي، بادشاهہ ننڍيءَ ڌيءَ کي ملڪيت کان وانجهي، وڏين ٻن کي سموري ملڪيت ٿو ڏئي ڇڏي. پر ملڪيت ملڻ ڪانپوءِ اهي ٻئي ڌيئر ساڻس چڱو ورتاءُ نہ ٿيون ڪن. هو دلشڪستو ٿي گهر ڇڏي جهنگ ۾ ٿو ڦرندو وتي، پاڳل ٿو ٿي پوي، بيمار ٿي ٿو پوي ننڍي ڌيءَ ڪيس پاڻ وٽ وٺي ٿي وڃي ۽ سندس سيوا ڪري ٿي. پر هو اجل جو شڪار ٿو ٿئي. گناهہ ٿورڙو سزا گهڻي.

مئڪبيٿ هڪ بهادر سپهہ سالار آهي. هن پنهنجي بادشاهہ کي ڪيترين جنگيون کٽي ڏنيون آهن. ڪنهن ڪم نصيب گهڙيءَ ۾ ڏائڻيون سندس من کي لپائين ٿيون، تہ تون بادشاهہ ٿيڻ وارو آهين، رڳو پنهنجي ڪمزور ۽ اَڻ لائق بادشاهہ کي خون ڪري ڇڏ. سندس زال انهن ڏائڻين جي پنيرائي ٿي ڪري. انهن زور بار هيٺ اچي، هچڪندي، هٽڪندي، بي دليو، پنهنجي وويڪ ۽ راءِ جي خلاف، جڻ هو گناهہ ڏانهن گهلجي ٿو وڃي ۽ بادشاهہ جو قتل ٿو ڪري ڇڏي. مئڪبيٿ ۽ سندس استري ٻئي

اها ڌارڻا آهي ته هيءَ زندگي جا اسانجي آڏو ڏسڻ پسڻ ۾ اچي ٿي، اها انسان جي سموري زندگي نه آهي؛ نه انسان هن حياتيءَ کان اڳ، ڪنهن جنم ۾ هو ۽ هن کان پوءِ به وري جنم وٺندو ۽ چڪر ڪيليندو. نه فقط ايترو مگر اسانجي اها به ڌارڻا آهي ته انسان جي هيءَ موجوده زندگي ۽ هن کان اڳ جي حياتيون هن گذاريون آهن سا هن ڪانپوءِ جي گذاريندو، سي سڀئي حياتيون هڪ ٻئي کان الڳ ۽ علحدييون نه آهن؛ هرڪا پنهنجي چڪر ۾ پوري، مگر سمورو هڪ ڳنڍيل سلسلو آهي. هڪڙيءَ مالها جا هي ڌار ڌار داڻا آهن.

ان ڪري جيڪا سزا شيڪسپيئر جي ناٽڪن کي هن جي دکانتن ۾ ملي ٿي اها سزا صرف سندن هن جنم جي انهن ڪمزورين جو نتيجو نه آهي مگر اڳين جنمن جي ڪيل گناهن جو رهيل حساب به چڪتو ڪيو ٿو وڃي. اهائي هڪڙي سمجهاڻي آهي جا نيتي شاستر ۽ ويدانت جي اپياس جي تقاضائن جو جواب ڏئي سگهي ٿي.

هڪڙو سرل ۽ سؤلو مثال ڏجي جو محض ڪلپنامي، قصو يا ڪهاڻي نه آهي، مگر اسانجي پنهنجي آزمودي ۽ تجربي جو آهي. مهاتما گانڌي هن يگ جو مهان ۾ مهان هستي ٿي گذريو آهي. سندس جيون نشڪامتا ۽ خود ارپنتا سان ڀريل ۽ سيوامئي ڪارن سان سٽيل آهي. هن پنهنجي هن جيون ۾، ڪوبه وڏو ڳرو گناهه جو ڪم ڪو نه ڪيو. ٻالڪ اوستا ۾ ڪٽي، سندس اڻهنگائيءَ جو هڪ اڌ مثال ملندو، مگر ٻيءَ طرح سندس سموري جيون، تپسيا، قرباني ۽ ساڌنا جي هڪ لنبي ڪهاڻي آهي.

پوءِ اهڙي مهان وياڪتيءَ کي ڇو دک ۽ ڪليش ڏسڻا

قصور لاءِ وڏي سزا ڀي ڀوڳڻي پوي. شيڪسپيئر ته ڪٿي ان قسم جي ماڻڪ تاثير پيدا ڪرڻ لاءِ، ان تجويز جو اُپيوگ ڪيو. مگر ان مسئلي جي اخلاقي يا روحاني سمجهاڻي ملندي؟ ايشور يا قدرت وٽ، اهڙي بي انصافي ڇو ٿي؟ منهنجي خيال ۾ ان مسئلي جو مغربي آلوچڪ ڪوئي حل ڏيئي نه سگهيا آهن. ڀارتي فيلسوفي ئي ان مسئلي جو حل ڏسي سگهي ٿي.

دکانتن جو مرم

شيڪسپيئر جي دکانتن جي خصوصيت اها آهي ته، مهان هستيون پنهنجي ئي چرتر جي ڪنهن ڪمزوريءَ ڪارڻ سزا ڀوڳين ٿيون. مگر اها سزا سندن ڪمزوريءَ جي ويچار کان بلڪل گهڻي آهي. انڪري اسانجي من ۾ اهي دکانت ڏسي همدرديءَ ۽ ڏر جون ڀاونائون ٿيون پيدا ٿين. همدردي اُنهن نائڪن جي لاءِ، ۽ ڏر پنهنجي لاءِ ته ڪٿي اسان مٿان به ڪڏهن اهڙي مصيبت نازل نه ٿئي.

اُنهن دکانتن جي باري ۾ هڪڙو منجهائيندڙ مسئلو اهو آهي ته ٿوريءَ غلطيءَ لاءِ ايڏي وڏي سزا ڇو ٿي ڏني وڃي. گدري جي چور کي ڦاسيءَ ٿي ڇو ٿو چاڙهيو وڃي. اُئين برابر آهي ته شيڪسپيئر ڪين گهڻي سزا نه ڏني ها ته اهي دکانت سڏجي ئي ڪو نه سگهن ها. مگر اها ته ان مسئلي جي ساهتڪ سمجهاڻي آهي. اها سمجهاڻي، نيتي شاستر ۽ ويدانت جي وديارٿيءَ کي سنتشٽ نه ڪندي. نيتيءَ ۽ ويدانت جو سوال اهو آهي ته ڇا ايشور ۽ قدرت وٽ اهڙي بي انصافي ٿي سگهي ٿي جو ٿوري ڏوهه لاءِ ايڏي گهڻي سزا ڏني وڃي.

ان مسئلي جو جواب ڀارتي فيلسوفيءَ ۾ ملندو. اسانجي

هڪڙو سوال باقي رهي ٿو. ايشور يا قدرت، جنهن ۾ شڪتيءَ کي اوهين تسليم ڪريو، ان ائين ڇو رچيو آهي، ته گناهه جي سزا هڪدم ڏيڻ جي بدران اها سزا مهمل ٿو رکي، بعضي ته هڪڙي جنم جي ڪيل ڪرمن جي سزا ٻئي جنم يا ٽئين جنم ۾ ٿو ڀوڳائي. ان ۾ قدرت جو ڪهڙو راز لڪل آهي.

ان ۾ به، ايشور ۽ قدرت جي ڪرپا سمايل آهي. انصاف کي ديا سان نرم بڻايو ويو آهي. اوهان دنيوي ڪورٽن ۾ بعضي ڪيس ڏٺا هوندا جن ۾ جج جيل جي سزا ڏيئي وري اها سزا مهمل ڪندو آهي. انکي مهمل سزا (Suspended Punishment) چيو ويندو آهي، يا بعضي ڪورٽون ڏوهه ثابت ٿيڻ کانپوءِ به سزائون نه ڏينديون آهن، چڱيءَ چال جو ضامن وٺي ڇڏي ڏينديون آهن.

اهو ڪڏهن ٿيندو آهي، جڏهن ڪو نوجوان ڪنهن لالچ وس ٿي يا ڪنهن مجبوريءَ ڪنان، پهريون ڏوهه ڪندو آهي. ڪورٽ اُن تي رحم آڻي فتوي ڏيندي آهي ته جوابدار ڏوهه ڪيو آهي جنهن لاءِ هو ٣ مهنا يا ٦ مهنا سزا جي لوگيه آهي، مگر اها سزا عمل ۾ آڻڻ مهمل ٿي ڪئي وڃي، يعني حقيقتن اُن جوابدار کي اُها سزا ڀوڳڻي ڪانه پوندي آهي، رڳو سندس رڪارڊ ڪجهه ڪارو ڪيو ويندو آهي. هنکي هڪڙو موقع ڏنو ويندو آهي پاڻ کي سڌارڻ جو. جي هو سڌري ويو ته سزا کان جيون ڀر لاءِ مڪت ٿي ويو، جيڪڏهن نه سڌريو ته وري عدالت جي آڏو پيش ڪيو ويو ته ڪورٽ وياج سميت ڪيس سيکت ڏيئي ڇڏيندي.

يا ٻيءَ ڀاشا ۾ چئجي ته ڪورٽون ۽ قدرت ڏوهيءَ کي

پيا. ڏکڻ آفريڪا ۾ ڇو اپمان سهڻو پيس. هتي هندستان ۾ جيل جا ڪشٽ سهڻا پيس ۽ آخر ۾ هڪ خبيثي قاتل جي گوليءَ جو نشانو بڻيو. تنهن سواءِ سندس جيون جا آخرين ڏينهن مانسڪ خيال کان اٿي دک ۽ پيڙا سان ڀريل هئا جو هن محسوس ڪيو ته راجيه ڪاروبار جنهن آدرشي نموني هن چاهيو ٿي تنهن نموني نه هلي رهيو آهي. مگر هن اهو به محسوس ڪيو ته هو ان کي بدلائي سگهڻ ۾ به اسمرٿ آهي.

هھڙي ٻولر ۽ پاڪدامن جيون جي مالڪ کي ان قسم جا ڏک ۽ ڏاکڙا، جيل ۽ قتل، مانسڪ پيڙا، اهو سڀڪجهه ڇو سهڻو پيو؟ ان جو جواب هڪڙو ئي آهي ته اڳلي جنم جو ڪو حساب ڪتاب ڪرمن جو رهيل هو، جو ڪيس چڪائڻو ٿي هو، ڇو ته ان جو ڪو به علاج ڪونهي.

ڇٻو قدرت يا ايشور اهڙا قهار نه آهن جهڙا بعضي ان قسم جي پاڪ جيون گذاريندڙن کي ملندڙ ڪشٽن مان محسوس ٿيندو آهي. هو ته انسان کي سندس ئي ڪرمن جو ڦل ڏيڻ وارا آهن.

ايشور ۽ قدرت، نه فقط قهار نه آهن مگر ديالو ۽ رحمدل به آهن ۽ انصاف پسند به آهن. اهڙن نيڪ ماڻهن کي، پنهنجن اڳين ڪرمن لاءِ ته سزا ڀوڳڻي آهي. پر هن جيون ۾ ڪيل نيڪ ڪرمن ڪارڻ، ان سزا جو ڏنگ ايشور ڪڍي ٿو ڇڏي ڇو ته نيڪ ڪارج ڪندي، جي جسماني دک اچن ٿا، انهن جو دک اپترو نه ٿو ڀاسي. تنهن سواءِ لوڪ ۾ جا پرشنسا ٿي ملي، جيڪو ناموس ٿو ٿهلجي، سو آڦي باقي دک جي احساس کي ميٽي ٿو ڇڏي. بعضي ته ان احساس کي آنندميه بڻايو ڇڏي.

١٨- شاهه عبداللطيف جي مهانتا

ڀٽائي گهوٽ، شاهه عبداللطيف سنڌ جو هڪ مهان ۽ اعليٰ شاعر ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾، هو محض سنڌ جو مهان شاعر نه آهي، هن کي ڀارت جي مهان ڪوين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو؛ رڳو ڀارت جي ڇو، دنيا ڀر جي مهان شاعرن جي صف ۾ ڪيس ويهاري سگهجي ٿو. هڪڙي نڪته نظر کان هڪڙي درشٽيڪوڻ کان ته، هو دنيا ڀر جو اعليٰ ترين، مهان ۾ مهان شاعر سڏجڻ جو حقدار آهي. هن جي شعر ۾ جا فيلسوفي ملي ٿي، جو جيون ڏانهن رخ جتايو ويو آهي، اهو ڪيس اعليٰ ترين درجي جو مستحق بڻائي ٿو.

ڪن آلوچڪن شاهه کي سنڌ جو عيوضي شاعر ڪري ڪوٺيو آهي؛ ڪن ڪيس اعليٰ نائڪائن تخليق ڪرڻ لاءِ داد ڏنو آهي؛ ڪن کي ته سندس شعر ۾ ترقي پسند ويچارن جو به ڀاس ٿيو آهي. شايد اهي مڙئي وصفون شاهه ۾ موجود هجن، آهن. مگر منهنجي خيال ۾ سندس مهانتا محض اُنهن وصفن تي آڌارت نه آهي. شاهه کي انهن وصفن ۽ خصلتن تائين محدود ڪرڻ سان، اسان سندس مهانتا کي محدود ڪنداسين. شاهه جي شعر جي مهان ۾ مهان خاصيت آهي، اُن ۾ سمايل فيلسوفي، سندس جيون ڏانهن رخ. اُن فيلسوفيءَ کي، اوهين تصوف يا صوفي پڻو چئو يا ويدانت چئو. ڀلي چئو، مگر جنهن ڍنگ ۽ ڀاشا ۾، شاهه اهو صوفيپڻو يا ويدانت پيش ڪيو آهي، اهو بنهه نرالو

وڏي رسي ڏيندو ن آهن ته پاڻ کي ڦاسي ۾ لٽڪائي جي چاهي ته. جڏهن انسان کي هڪ موقع ڏنو ويندو آهي تـه يا ته، ان موقع جو فائدو وٺي پاڻ کي سڌاري مليل سزا کان مڪتي حاصل ڪري، يا اڃا به بگڙي، پاڻ کي وڌيڪ سزا جو مستحق بڻائي.

۽ آخرين اهم ڳالهه هيءَ ته انسان ان ڳالهه کان ناواقف رکيو ويندو آهي ته ڪهڙيءَ سزا جي لائق بڻجي ويو آهي يا ڪهڙي جس ۽ ناموس جي لائق. انگريزي ڪويءَ چيو آهي ته ايشور انسان کان سندس قسمت جو ڪتاب لڪائي ٿو رکي، رڳو اهو ورق ٿو سندس اڳيان رکي جو ان گهڙيءَ چالو آهي. اهو انڪري ته انسان نه پنهنجن گذريل برن ڪرمن کي محسوس ڪري نراس ۽ هتاس ٿي وڃي ۽ نه ئي سر ڪوشش ئي نه وٺي پاڻ کي مٿي چاڙهڻ جي ۽ نه وري پنهنجو نصيب سٺو ڏسي سست ۽ ڪاهل بڻجي ويهي رهي ۽ نه ئي ڪمائي ڪري ئي ڪرِنه. ان مقصد سان ته انسان نه دل شڪستو ٿئي ۽ نه خوش ٻڌو ٿي سست بڻجي وڃي. ايشور انسان کان سندس قسمت جو ڪتاب ڇپائي رکيو آهي. هو پنهنجي قسمت هڪ صاف سليٽ وانگيان سمجهي پنهنجو ڪرم ڪندو رهي، اها ايشور جي چاهنا آهي. ائين ڪم ڪندو رهجي، ڦل جي موهه کان پاڻ کي آجو رکي ۽ پوءِ جيڪو نتيجو نڪري ان ته سنتشٽ رهڻ جو سنڪلپ ڪجي. نتيجو اُلٽو نڪري ته اڳين جنمن جي ڪيل ڪرمن جو ڦل سمجهي ان لئي پاڻ کي سنتشٽ رکجي ۽ من کي دکي نه ڪجي. نتيجو سٺو ۽ سکمه نڪري ته به ان کي پنهنجن اڳين جنمن جي نيڪ ڪرمن جو ڦل سمجهي، وڌيڪ نيڪ ڪرم ڪندو رهجي.

(اَدبي مضمون)

ڪري ٿو، سو انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ٿو ڪري.

شيڪسپيئر جي مهانتا ڇا ۾ آهي؟ سندس مهانتا جا ٻه روپ اسان کي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪڙو، هن پنهنجي ناٽڪن ۾ نهايت ئي اعليٰ نايڪائون چٽيون آهن - ڪارڊيليا جو پتا لاءِ پريم ۽ شرڌا ڏسو، ويولا جو پنهنجي محبت کي اندر ۾ سانڍي رکڻ ۽ انجو اظهار نه ڪرڻ جو گڻ ڏسو، ڊسڊيمونيا جي پنهنجي پتيءَ سان وفاداري ڏسو، آئمرجن جو بي انتها صبر ۽ ڌيرج ڏسو - مڙئي نايڪائون پنهنجي جدا جدا گڻن سان، اسانجي دل کي نهايت ئي پرڀاوت ڪن ٿيون.

مگر شيڪسپيئر جي مهانتا سندس نايڪائن جي دلڪش چٽڻ کان وڌيڪ، هڪ ٻي خاصيت تي آڌارت آهي، انسان جي مانسڪ ڪشمڪش ۽ جدوجهد جا بينظير چٽر پيش ڪرڻ. شيڪسپيئر جو ناموس سڀ کان وڌيڪ سندس دکانتن (Tragedies) تي ٻڌل آهي - ڪنگ ليئر، آٿيلو، مئڪبيٿ ۽ هئملٽ. پنهنجن دکانتن ۾ شيڪسپيئر، پيش ڪيل ناٽڪن ذريعي انسان جي مانسڪ ڪشمڪش ۽ پيڙا جون بي مثل تصويرون پيش ڪيون آهن. ليئر بادشاهه پنهنجين ٻن وڏين ڌيئرن جي خوشامد تي پنهنجي پنهنجي لائق ڌيءَ ڪارڊيليا کي لاوارث ٿو ڪري ۽ نتيجي طور ڪيئن بي گهر بڻجي دربدر ڀٽڪڻو ٿو پوي ۽ لڇندي لڇندي پنهنجو ساهه ٿو ڏئي. شهزادو هئملٽ اُن دبدبا ۽ ٻه چتائيءَ ۾ آهي ته واقعي سندس پتا جو خون سندس چاچي، سندس ئي ماءُ سان منصوبو ڪري، ڪيو هو ۽ سو سوچيندي سوچيندي ختم ٿي ٿئي. آٿيلو هڪ شيطان جي ڀڙڪائڻ تي پنهنجي پاڪدامن ۽ وفادار استريءَ جو

آهي ۽ اهــا نرالائپ ئي کيس مهـان ۽ اعليٰ ترين شاعـر
بڻائي ٿي.

دنيا جي جدا جدا ديسن ۾، ڪيئي اعليٰ ڪوي ۽ شاعر، چنتڪ ۽ ساهتيڪار پيدا ٿيا آهن. مثلن يونان جو هومر، انگلنڊ جو شيڪسپيئر يا ملٽن، خود ڀارت ۾ گئي بيتي زمانـي ۾ ڪاليداس ۽ اسانجي يـگ ۾ ڪوي ٽئگور ۽ ناول نويس شرت بابو، اچو تـه ڀيرن انهن مهان ڪوين ۽ ساهتڪارن جي مهانتا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. شرت بابوءَ جي ناولن جي خاص خوبي ڪهڙي آهي، جنهن ڪارڻ هو ايترو لوڪ پريه ناول نويس بڻيو؟ هـن پنهنجن ناولن جي ذريعي، سماج جـي ڪمزورين ۽ ڪرسمن جـي نهايت ئي ڪلاتمڪ نموني تصوير پيش ڪئي آهي. خاص طور، سماج اندر، استريءَ ڪـي، ڪيئن سماجڪ نـاحقن ڪارڻ، اَئيمت پيڙا ڀوڳڻي ٿـي پوي. ڏيتي ليـتيءَ جي ڪرسم، ودوائن سان ڪٺورتا جي روش، ٻالڪپڻي جون شاديون وغيره.

ڪوي ملٽن جي مهانتا ڇا تي ٻڌل آهي؟ هن ايشور جي نياءَ ۽ انصاف کي ساراهيو آهي. هن جي زندگيءَ جو مقصد ئي هو.

To Unidicate the ways of God to Man.

يعني انسان جي آڏو، ايشور جي فيصلن ۽ قدمن کي صحيح ڪري ثابت ڪرڻ. خـود پنهنجي سورداس ٿيڻ تي به، هن ايشور سان بغاوت نه ڪئي، چيائين:

They also Serve who only stand and wail.

نه اُهي، جي مات ڪري ويهن ٿا ۽ موقع لاءِ ترسن ٿا سي به سيوا ڪن ٿا. سندس وشواس هو ته ايشور جيڪي

جو حقدار ٿي بڻائي. اها خاصيت هيءَ آهي ته، سندس شعر ۾ اسانکي جيون جي فيلسوفي ٿي ملي. انساني زندگيءَ جو آخرين مقصد ۽ منزل ڪهڙي آهي، اُن جي پروڙ ٿي پوي ۽ ان منزل مقصد کي ڪيئن حاصل ڪري سگهجي، ان لاءِ رهبري ۽ هدايت ٿي ملي. اها رهبري اسانکي اِه شرت ۾ ٿي ملي، نه ڪاليداس ۾ ۽ نه شيڪسپيئر ۾.

پر ان رهسيه ۽ راز کي سمجهڻ کان اڳ، اچو ته شاهه جي شاعريءَ جي ڪن ٻين خاصيتن ڏانهن اشارو ڪريون، جي خاصيتون پڻ شاهه جي مهانتا جو اَنش يا روپ شمار ڪيا ويندا آهن. اڪثر ائين چيو ويندو آهي ته شاهه سنڌ جو عيوضي شاعر آهي ته سندس شعر مان سندس زماني جي سنڌ ۽ سنڌ جي باشندن جي گوناگون جيون جي بلڪل ٺيڪ ۽ درست تصوير ملي ٿي - سنڌ جا ڪڙمي ۽ ڪاسبي، راڄا ۽ واڍا، هاري ۽ ناري، ڪوري ۽ لوهار، وڻجار ۽ واپاري وغيره وغيره. شاهه، نه فقط سنڌي جيون جي تصوير چٽي آهي، مگر سنڌ جي زمين، سنڌ جي پاڻيءَ، سنڌ جي درياهه جي دهشت، سنڌ جي جبلن ۽ لڪن جا به دلڪش ۽ متاثر ڪندڙ چٽر چٽيا آهن. اهو ڪٿن بلاشڪ صحيح ۽ درست آهي مگر شاهه جي مهانتا کي ان خاصيت يا روپ تي ٻڌارڻ، سندس ان مهانتا کي ڇوٽو ڪرڻ ٿيندو، محدود ڪرڻ ٿيندو. شاهه گهڻو گهڻو وڏيڪ مهان آهي.

هڪ ٻي دلچسپ حقيقت جو ذرا تصور ڪريون. مٿي اسان ڏنو ته ڪاليداس استريءَ جي سندرتا ۽ ڪوملتا جي چٽڻ ۾ نپڻ آهي، شرت سماج جي ڪمزورن ۽ ناحق جي اوگهڙ ڪئي آهي. ملٽن ايشور جي نياءَ ۽ انصاف جي مهما

خون ته ڪري ۽ پوءِ جڏهن ڪيس سچي حقيقت جي ڄاڻ ٿئي ٿي تڏهن پڇتاءُ طور پنهنجو انت ته آڻي. مئڪبيٿ پنهنجي زال ۽ ڏائڻين جي ڀڙڪائڻ تي پنهنجي بادشاهه جو قتل ته ڪري ۽ نتيجي طور ڪيس ۽ سندس زال ليڊي مئڪبيٿ کي بي پناهه پيڙا تي ڀوڳڻي پوي. شيڪسپيئر جي وري خوبي اها آهي جو هو پنهنجي ڪلا ۽ ڪلپنا سان درشڪن جي دلين ۾ پنهنجن ناٽڪن ۽ ناٽڪائن لاءِ لاءِ همدردي پيدا ته ڪري، پر اهي ڏوهي .. هجن. هن اها اٿين ڪئي آهي جو ڏيکاريو اٿائين ته سندس ناٽڪن کي جا سزا ٿي ڏني سا سندن گناهه جي ڀيٽ ۾ تمام گهري آهي.

ڪاليداس ڀارت جو چوٽيءَ وارو ناٽڪ نويس ڪري شمار ڪيو ويو آهي ۽ ڪيس ڀارت جو شيڪسپيئر ڪري سڏيو ويو آهي. سندس مهانتا ڇا ۾ آهي؟ استريءَ جي سندرتا ۽ هنجي هردي جي ڪوملتا جنهن متاثر ڪندڙ نموني ڪاليداس چٽي آهي، اهڙي دلپذير نموني شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻئي ڪويءَ چٽي هوندي. جرمن فلاسافر گيٽي شڪنتلا ناٽڪ پڙهندي نچڻ لڳو جڏهن هن اهو جملو پڙهيو "ڏنم جيڪي ڏسڻ لائق هو." هن چيو سنسار پر ۾ جيڪي به حاصل ڪرڻ لاءِ لائق آهي شڪنتلا جي ناٽي اچارڻ سان ملي وڃي ٿو.

مٿين ٽن مهان هستين شرت، شيڪسپيئر ۽ ڪاليداس جي مهانتا جو ڇيد ڪرڻ بعد، اچو ته سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته شاهه عبداللطيف جي مهانتا ڪهڙي بنياد تي ٻڌل آهي. ڪهڙي سندس شعر جي خاصيت يا وشيشتا آهي جا ڪيس انهن ٽنهي مهان هستين کان به اوچي پد

پر، شاهه جون نائڪائون وري شيڪسپيئر جي نائڪن کان گهٽ نه آهن. سهڻيءَ جو ميهار لاءِ پيار، مارئيءَ جي پنهنجي ڪيت سان وفاداري، سسئيءَ جو پنهونءَ جي ڪوچ ۾ واريءَ سان پٽڻ ۽ لڪن ۾ ڀٽڪڻ انهن نائڪائن کي امر بڻايو آهي.

ملڻ، جي رب تي رضا تي راضي ٿيڻ جو اُپديش ٿو ڏئي، نه شاهه به چوي ٿو:

پريان سندي پار جي مڙئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

شيڪسپيئر جي مهانتا، وڏ ۾ وڏ، سندس ڏکانتن تي آڌارت آهي، جن ۾ هن انسان جي مانسڪ پيڙا ۽ جدوجهد جا لاثاني چٽر پيش ڪيا آهن. ان قسم جي مانسڪ پيڙا ۽ جدوجهد جا چٽر، شاهه ۾ پڻ ملن ٿا ۽ اهترائي لاثاني. ليلا جو هار تي هرکي، چنيسر هڪ رات لاءِ ڪونروءَ کي ڏيڻ ۽ ان ٿوريءَ غلطيءَ لاءِ هميشه لاءِ وڇوڙو سهڻ، دل کي چيريندڙ آهي. خبر نه آهي، ليلا سچ پچ هار تي هرکي يا سندس من ۾ چاهنا اها هئي ته هار پائي چنيسر کي وڌيڪ خوش ڪريان. شايد هن پاتيو ته چنيسر ڪيس اهو هار پهريل ڏسي، وڌيڪ آنندت ٿيندو. سندس سوچڻ غلط ٿي سگهي ٿو، تڏهن نه چوي ٿي:

الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

۽ ان سوچ جي غلطيءَ Error of Judgement لاءِ، ڪيس ڪيڏي سزا ٿي ڀوڳڻي پوي. سهڻيءَ جي دل ۾ به، ته شروع ۾ دبدبا ٿي، ڏم کي ڇڏي ميهر سان ناتو نڀايان يا نه نڀايان. مومل جي دل جو اندازو لڳائي سگهو ٿا، جو ري گناهه راڻو ڪيس ڏوهي سمجهي ڇڏي ويو، هوءَ به نه

ڳائي آهي. شيڪسپيئر بينظير نايڪائون خلقيون آهن ۽ انسان جي مانسڪ جد و جهد دل کي هلائيندڙ نموني پيش ڪئي آهي. شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾، اهي مڙئي وصفون ملن ٿيون ۽ انهن مڙني وصفن کان به ڪجهه وڌيڪ؛ گهڻو ڪجهه وڌيڪ ٿو ملي - جيون جي دونهن ۽ ڪشمڪش کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ٿئي. انڪري ئي مان چوندو آهيان ته شاهه عبداللطيف دنيا جو مهان ۾ مهان شاعر آهي، ڇو ته هو شاعر سان گڏ فيلسوف آهي ۽ فيلسوف هوندي شاعر آهي. ارمان جي وارتا اها آهي ته، شاهه جي شعر جي مهما، ان جي مهانتا، اسانجي اسڪالرن دنيا آڏو پوريءَ طرح پيش ڪانه ڪئي ٿي ڏسجي. ڪاش! شاهه جي شعر جو انگريزي ڀاشا يا جرمن ڀاشا ۾ الٿو هجي، ته شايد ڪيئي گيٽي نڪرن، جي سندس شعر پڙهي مستيءَ ۾ جهومن ۽ نچن.

مون چيو ته شيڪسپيئر، ملٽن ۽ ڪاليداس جي مهانتا جون مڙئي وصفون شاهه جي ڪلام ۾ ملن ٿيون. ڪاليداس جي شڪنتلا جهڙيون سندر ۽ دلڪش نايڪائون خلقيون آهن، ته شاهه جون نايڪائون به گهٽ نه آهن. ”سهڻي جڳ کان سهڻي“، مشهور واڪيه آهي. سسئيءَ جي معنيٰ ئي آهي چنڊ. سندس سونهن پسي پنهون ڪيچ مڪران کي وساري، ڌوٻيءَ جي گهر ۾ رهي، خود ڌوٻي ٿيو. مومل جي سونهن جي هاڪ، ڪيترن هونهار جوانن کي ڪاڪ جي ظلم ڏانهن ڇڪيو ۽ ڪين جان تان هٿ ڌوئڻا پيا. اهو ڏسي ۽ ٻڌي به راڻو ڪاڪ محل ڏانهن ڪاهي ويو. مارئيءَ جي حسن جو صرف سڻي، عمر پاڳل ٿيو ۽ کيس ملير مان ڀڄائي ڪڍي آيو. معصوميت، تياڳ ۽ قربانيءَ ۾

ساڳيءَ طرح شيڪسپيئر پنهنجن جڳ پرسڌ ڏکانتن ۾ انساني من جي ڪشمڪش ۽ جهد وجهد جون تہ بينظير تصويرون چٽيون آهن مگر اُن پيڙا ۽ ڪشمڪش مان مڪتي يا ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي ڪا واهہ ڪانہ ٻڌائي آهي. هن تہ ان ڪشمڪش ۽ پيڙا جي بنيادي ڪارڻ جي بہ ڪا سمجهاڻي ڪانہ ڏني آهي. ٿوري ڏوهہ لاءِ ڳري سزا ڇو؟ گدري جي چور کي ڦاسي ڇو ٿي ملي. شيڪسپيئر مان ان قسم جي سمجهاڻي ملڻ جي يا ان پيڙا مان ڇوٽڪاري جي علاج جو ڏس ملڻ جي آشا بہ رکڻ نہ گهرجي. شيڪسپيئر ناٽڪ نويس هو ۽ نہ فيلسوف. هنجي ناٽڪن ۾، سندس راين ۽ وچارن، سندس جيون ڏانهن رخ، سندس فيلسوفيءَ جو ڪو اُهڃاڻ ڪو نہ ٿو ملي. آلوچڪن جو رايو آهي، تہ شيڪسپيئر پنهنجي نجي شخصيت کي ٻنهہ لڪائي رکيو هو، سندس ناٽڪن ۾ سندس شخصيت جو ڪو درشن ڪونہ ٿو ملي. جي اوهانکي شيڪسپيئر جي شخصيت جـو درشن ڪرڻو هجي تـہ سندس چوڏسين (Sonnets) ڏانهن نهارڻو پوندو، ڇو تہ هڪ آلوچڪ جي چوڻ موجب

In this Shakespeare unlocked his heart.

تہ شيڪسپيئر پنهنجين چوڏسين ۾ پنهنجي دل جو تالو کوليو، جيتوڻيڪ وري ٻئي نقاد چيو:

Did he,

If so the less Shakespeare he

تہ ڇا سچ پچ شيڪسپيئر پنهنجي دل جو تالو پنهنجين چوڏسين ۾ کوليو. جي ها، تہ اهو سندس مهانتا کي ڇيڙو ٿو ڪري.

ڊيسڊيمونا جيان پاڪدامن هئي. وائولا لاءِ شيڪسپيئر چوي ٿو:

She never told her love.
But let concealment like a worm in the hud
Feed on her damark check
She pined in thought.

ته هن ڪڏهن پنهنجي محبت جو اظهار نه ڪيو. هوءَ اندر ئي جهرندي وجهندي رهي.

ته شاهه صاحب فرمائي ٿو:

جي پائين پرينءَ مڙان ته سک چوران ڪي ڏاس،
جاڳڻ جنهن جنڪي، سک سهائي رات،
اڄهي ٻجهي آئيا، وائي ڪن نه وات،
سلي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪن نه بات،
توٽي ڪسن ڪات، ته به ساڳي سلين ڪينڪي.

۽ وري

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ،
لڳي لنءَ لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪين چاڪ، ته به آهه نه سليس عام ڪي.

بنگال جي جڳ پرسڌ ناول نويس شرت بابوءَ پنهنجن ناولن ۾ سماج جي ڪمزورين ۽ اوڻاين جي اوگهڙ ته ڪئي آهي، مگر هن انهن ڪمزورين کي مٽائڻ لاءِ ڪو علاج ڪو نه ڏسيو آهي. هن خود هڪ هنڌ چيو آهي ته انهن ڪمزورين جو علاج سماج سڌارڪ ئي ڏسي سگهي ٿو؛ اهو منهنجو ڪارج نه آهي. منهنجو ڪم صرف اهو آهي ته مان اهي ڪمزوريون لوڪن اڳيان آڻيان.

ته ڪوي بي اختيار ڳائيندو ته وهي گيت، جيسين دنيا، انهن آشائن ۽ ڏرن ڏانهن ڇڪجي نظر ڦيري، جن ڏانهن بي پرواهه رهي آهي.

شيڪسپيئر، پنهنجن ڏکانتن لکڻ وقت، پنهنجي آڏو ڪهڙو مقصد رکيو يا ڪو مقصد رکيو يا نه رکيو، اُن سوال کي في الحال پري رکي، سنڌس ڏکانتن جي هڪڙي روپ ڏانهن ذرا ڌيان ڏيون. آلوچڪن جو چوڻ آهي ته سنڌس ڏکانتن درشڪن جي دل ۾ ٻه ڀاوَنائون پيدا ڪن ٿا - ديا ۽ ڏر. ديا، سنڌس نائڪن جي ڪردارن لاءِ، جنکي ٿوري غلطيءَ لاءِ سزا ٿي ڀوڳڻي پوي؛ ۽ ڏر، پنهنجي لاءِ، ته ڪٿي اسان سان به اهڙو ناحق نه ٿئي. شيڪسپيئر جي من ۾ اهي ڀاوَنائون پئدا ڪرڻ جو وچار هو يا نه، ان سوال جو جواب ڏيڻ مشڪل آهي. پر سنڌس من ۾ اهو وچار هو يا نه هو، هڪ ڳالهه چٽي آهي ته ۾ گهٽ سنڌس ڏکانتن مان اُڀرندڙ مسئلن جو اُنهن ڏکانتن ۾ ڪو جواب نه ٿو ملي. شايد شيڪسپيئر کي انهن مسئلن جي جواب ڏيڻ جو ڪو ارادو ڪو نه هو.

پر اهي مسئلا اهڙا آهن جن جو جيسين جواب نٿو ملي تيسين اِنسان جي من کي شانتي نه ملندي. ٻه مکيه مسئلا جي شيڪسپيئر جي ڏکانتن مان اُڀرن ٿا، سي اهي آهن ته: اِنسان کي ٿوري ڏوهه لاءِ ڳري سزا ڇو ٿي ملي؟ ايشور وٽ انصاف ڪونهي ڇا؟ ٻيو ته، ان مانسڪ پيڙا جو ڪو علاج آهي يا نه آهي؟ اهي ٻئي سوال فيلسوفاڻا آهن ۽ اهي سوال سچ ته هرڪنهن اِنسان جي من ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن اُٿن ٿا. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته نيڪ ماڻهن کي سنسار ۾ ڪشٽ ڏسڻا پون ٿا. ڪرسٽ، گوتم ٻڌ، مهاتما

ڪوي، شاعر، ناٽڪ ڪار، ساهتيهڪار جو ڪارڄ يا رول ڪهڙو آهي، ان باري ۾ راين جو متڀيد ٿي سگهي ٿو، متڀيد رهيو آهي اُپامن ڪان. ڪلا جي باري ۾ ٻه وچار پڌتيون پرچلت رهيون آهن - ڪلا ڪلا جي لاءِ Art for art's sake ۽ ڪلا جيون جي لاءِ Art of life's sake. يونان جا چنتڪ، اُن وچار جا هئا، ته ڪلا جو اُديش محض اِهو آهي ته سندرتا ڇٽي من کي آنندت ڪري. ٻئي طرف ملٽن، ورڊ سورٿ، جان رسڪن اِن وچار پڌتيءَ جا سمرٿڪ هئا ته ڪلا جو اُديش محض لطف ڏيڻ نه آهي، مگر جيون کي مٿي نيڻ آهي. انگلنڊ جو پرسڌ ڪوي جان ڪيٽس، جو يونان جي ڪلا برائي ڪلا جي وچار پڌتيءَ جو سمرٿڪ هو ۽ جنهن ڳايو

A thing of beauty is joy for ever

ته سندرتا آنند جو دائمي سرچشمو آهي، تنهن ٻئي، هڪ دفع چيو ڏنو

The great end of poetry were
To be a friend
To soothe the cares and lift the thought of Men.

ته ڪوتا جو مهان اُديش اهو آهي، ته اِنسان جو متر بڻجي سندس چنتائن کي مٽجي ۽ سندس وچارن کي مٿي کڻجي.

انگلنڊ جي ٻئي مشهور ڪوي شعليءَ، شاعر جي ڪارڄ جو هين شبدن ۾ ورڻن ڪيو آهي

Singing hyms unbidden
Till the world is wrought
To sympathy with hopes and fears
It heeded not

وٺندين. هڪ دفعو تون اندر ۾ ليئو پائو، ۽ پنهنجي چاهنائن جي پورلي، تو پاڻ ۾ ئي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته تون پنهنجي مقصد کي پهچي ويندين.

سسئيءَ کي شاهه چوي ٿو:

وڃي ڇو وڻڪار، هٿ نه ڳولهين هوت کي،
اکو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻيءَ ٻار،
ٿي سٽي، ٻـڌ سنڌرو، پريت پنهوءَ سين پار،
ناٿي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

اُردو شاعر چيو آهي:

دل کي آئيني ۾ هئه تصوير يار
جب ذرا گردن جهڪالي ديکه لي

سسئي شاهه جي فرمودي جو پالن ڪري ٿي ته سنڌس کوج ۽ ڳڙپ پوري ٿي ٿي وڃي.

پنهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه اڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

جيڪي سسئيءَ لاءِ سچ آهي سوئي سهڻيءَ لاءِ به آهي:

ساهڙ سهڻي، ساڻ پڻ سوئي،
آهي نجوئي، ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي.

۽ ساڳي ڳالهه مومل ۽ راڻي سان لاڳو آهي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ ڇونس ڇتاٽو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين ڀتاٽو،
راڻو ۽ راڻو، ر ۽ راڻي پيو راهه ڪو.

انهن مڙني نصيحتن جو بنياد هڪڙو ئي آهي - ايڪو برهم دئم ناستي - هڪڙو برهم ئي اصليت آهي، ٻيو ڪي

گاندي، ٽنهي جا جيون، ان حقيقت جي شاهدي آهن. رواجي جيون ۾ ڏسو ته به ساڳي ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي. ايماندار ۽ سچار واپاري مشڪل سان گذران ٿو ڪري سگهي. بي ايمان، ٺڳ، ڪارو ڌندو ڪندڙ، سمگلر عيش عشرت جو جيون ٿو ماڻي. اهو سڀ ڏسي، دل ۾ اوس پيڙا ٿي پيدا ٿئي ۽ دماغ سوچڻ ٿو لڳي ته، ان پيڙا مان مڪتي ملڻ جي ڪا واهه آهي يا نه آهي. شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ وڏ ۾ وڏ خوبي اها آهي ته، ان ۾ اسانکي جيون جي پهيليءَ جو حل ملي ٿو ۽ من جي شانتي ۽ آنند حاصل ڪرڻ جو رستو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

جا ظاهري طور بي انصافي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اها بي انصافي نه آهي. اها ڳالهه ذهني طور شايد ڪرم ميمانسا جي ذريعي ڪري سگهجي. ڪرم-ڦل جي وچار پڌتي، شايد پارلي فلاسافيءَ جي وڏي ۾ وڏي ديـن آهي. مگر، جو شخص ذهني ورزش ڪرڻ نه ٿو گهري، يا جنهن جو دماغ ان ورزش جي يوڳيه نه آهي ۽ وشواس جو اجهو وڻڻ چاهي ٿو، ان لاءِ شاهه جو فرمودو آهي:

پريان سندي پار جي مڙئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

۽ ٻيو مسئلو، مانسڪ ڪشمڪش ۽ جدوجهد، ناڪاميابيءَ ۽ نراسائيءَ جي پيڙا کان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي، انهو حل، شاهه صاحب اهوئي ٻڌايو آهي جو شنڪر آچاريه جي ويدانت سمجهڻ لاءِ ذهني ورزش ڪرڻي پوندي؛ شاهه پنهنجي شاعريءَ ذريعي سڌو دل کي يقين ڪرائڻ ٿو گهري. تون، جيسين، پنهنجي من جي چاهنا جي ترپتيءَ لاءِ، پاڻ کان ڪوچ ڪندو رهندين، تيسين تون رڃ ۾ رلندو

۽ نائڪا جو مرليو ٿئي ٿو مگر مرڻ وقت هوءَ دکي ٿي ٿئا مرن، هوءَ انهن سمجهن ٿا ته هنن پنهنجي جيون جو مقصد حاصل ڪيو آهي. شاهه انڪري ئي ته سهڻيءَ لاءِ چيو آهي:

هونئن ئي هوند مئي، پـڌيءَ جا پيٽا ٿيا

ان خيال کان شاهه جون کهاڻيون دکانت نه، مگر سکانت آهن. مگر وري ڪاليداس جي سکانتن جو وچار ڪجي ته شاهه جا سکانت ڪاليداس جي سکانتن کان به نرالا آهن، جيئن اهي شيڪسپيئر جي دکانتن کان نرالا آهن. ڪاليداس جي دکانتن ۾ نائڪ ۽ نائڪا جو ميلاپ ٿئي ٿو، هن دنيا ۾ ئي، ۽ جي هن دنيا ۾ نه، ته سرڳ ۾ ديوتائن جي دنيا ۾. شاهه جي کهاڻين ۾ ميلاپ نه ٿو ٿئي، ميلاپ جي گنجائش ئي نه ٿي رهي جو طالب محسوس ٿو ڪري ته جنهن چيز جي پٺيان هو ڊوڙي رهيو هو سا ڪانئس ٻاهر نه آهي ئي ڪانه. ونس ئي موجود آهي. هو خود ئي اها چيز آهي. ان خيال کان شاهه جي کهاڻين کي دکانت-سکانت ڪري ڪوٺي سگهجي ٿو، يا اڃا به وڌيڪ صحي معنيٰ ۾ "نروان"، دک ۽ سک کان مٿي سڏي سگهجي ٿو. انهن کهاڻين ۾ انسان جي جيون جي مقصد جي ڄاڻ ملي ٿي. ۽ اُن مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ڏس به ملي ٿو. ان جو بهترين مثال راءِ ڏياچ جي کهاڻي آهي. سنسار ڀر جي ساهتيه ۾ اهڙو مثال مشڪل ملندو، جي ڪو شخص پنهنجي هٿن سان، راضي خوشيءَ پنهنجو سر ڪاٽي ڏئي، ۽ انهن سر ڪاٽي ڏيڻ ۾ پنهنجي جيون جي سڦلتا جو احساس ٿئيس.

ڏهيسر جيان ڏهه سسيون ڏهه ئي جيڪر ڏيان،
ڌڙ مٿي سر هيڪڙو ڏيندي لڄ مران،

ان قسم جو احساس پيدا ڪرڻ ۾ شاهه جي وڏي ۾ وڏي مهانتا سمايل آهي. اهوئي فيلسوفيءَ جو اُتم اُدش آهي.

(اُدبي مضمون)

ڪينهي.

وحدت ٿان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هڪڙو، ٻولي ٻيءَ م ڀل،
هي هلاچو هل، ٻا الله سندو سڄڻين.

اهو ساڳيو سبق ته ٻرهم ۽ الله هڪڙوئي آهي، سو ساميءَ ٻه سيکاريو آهي. ويدن جي واٽي ٿوڪي سنديءَ ۾ سمجهايان. پر شنڪر ۽ ساميءَ جي سکيا ۾ ۽ شاهه جي هدايت ۾ فرق ڪهڙو آهي؟ شنڪر جي ويدانت کي سمجهڻ لاءِ ذهني قابليت گهرجي، تصوراتي چيز Abstract کي هضم ڪرڻ جي شڪتي گهرجي ۽ سمجهڻ کانپوءِ به شڪ ۽ گمان من کي ورائيندو ته آخر هڪ رواجي انسان اهڙو ٿياڳ، وئراڳ، سادنا ڪري سگهندو؟ شاهه اهو سڄو اها فيلسوفي، ٺوس (Concrete) ڪهاڻين رستي ٻڌائي ٿو. جنهنڪري رواجي ماڻهو ٻه آسان رکي سگهي ٿو ته هڪ سسئي، سهڻي يا مومل پنهنجي منزل تي رسي سگهي ته آءٌ ڇو ڪين ٿو رسي سگهان.

ان درشٽيڪوڻ کان اچو ته آخر شاهه جي آکاڻين تي هڪ نظر اُڇلائون. هڪ سوال اسانجي سامهون ڪڙو ٿئي ٿو. شاهه جي آکاڻين کي اوهين ڪهڙي دفعي ۾ شمار ڪندا؟ اُهي دکانت آهن يا سکانت ۽ رواجي دستوري ويچار درشٽيءَ کان ته اهي دکانت ئي چئبا جو اُنهن ڪهاڻين ۾ گهڻو تڻو نايڪ ۽ نايڪا جو جسماني طور ميلاپ نٿو ٿئي. مگر اهي دکانت شيڪسپيئر جي دکانتن کان نيارا ۽ نرالا آهن ڇو ته شيڪسپيئر جي دکانتن ۾ نايڪ ۽ نايڪائون دکي ٿي، ڇڏي ٻهرانديءَ هن دنيا مان روانا ٿين ٿا. ٻئي طرف شاهه جي ڪهاڻين ۾ جيتوڻيڪ نايڪ

جيڪي فرق هوندا آهن، رڳو اهي ٿي ٻڌايا ويندا آهن. شيڪسپيئر ۽ ڪاليداس، جدا جدا ڪيترن ۾ مهان هئا. انساني من اندر جا جذبن جي چڪري لڳي ٿي، جو سنگهرش ٿئي ٿو، ان جو چٽر جهڙو شيڪسپيئر پنهنجن ڊرامن ۾ چٽيو آهي. اهڙو دنيا جي ٻي ڪنهن ڪويءَ جي ناٽڪن ۾ مشڪل ملندو. شيڪسپيئر جي وڏي ۾ وڏي مهانتا اها آهي. ٻئي طرف وري ڪاليداس استري جي شرير جي نزاڪت ۽ سندس من جي ڪوملتا، جنهن ڪماليت سان درشائي آهي اهڙي شايد ڪنهن ٻئي ڪويءَ جي ڪوتا ۾ ملندي. جرمن سڪالرن، ڪاليداس جي شڪنتلا جي جا ساراهه ڪئي آهي، سا اُن دعويٰ جي تصديق ٿي ڪري.

شيڪسپيئر جي ڊرامن ۽ ڪاليداس جي شڪنتلا جي لنبو عرصو من تي ڇاپ رهي. افسوس اهو جو شاهه جا بيت سڪول ۾ پڙهندي انهن جو مرم ۽ مهانتا جو احساس تڏهن ڪو نه ٿيو. شاهه جي شعر جي مهانتا جو احساس تڏهن ٿيو جڏهن ڪاليج ۾ فيلسوفيءَ جو ابياس ڪيم. جڏهن اهو احساس ٿيو تڏهن منهنجو من ائين چوڻ لاءِ تيار نه ٿيو ته، شيڪسپيئر انگلنڊ جو عبداللطيف آهي. شاهه جنهن چوٽيءَ تي رسيو آهي ان جو تصور ڪندي، شيڪسپيئر جي شاهه سان ڀيٽ ئي نٿي ڪري سگهجي.

شيڪسپيئر مون چيو ته ڊرامن ۾ انساني من اندر جا جدوجهد، جو سنگهرش هلي ٿو، تنهن جو لاثاني نموني دگدرشن ڪرايو آهي. اچو ته چئن ڊرامن تي ٿوري نظر ڦيرايون. ليئر بادشاهه. هڪ نيڪ بادشاهه آهي، سندس ڪمزوري اها آهي جو وڏين ڌيئن جي خوشامد ۾ اچي

١٩- شاهه عبداللطيف - دنيا جو اعليٰ ترين شاعر*

دوستو،

مون کان اڳ هن ميڙ ۾ گهڻين ئي مترن، ساهتڪارن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن گهڻو ئي ڪجهه چيو آهي. سچ پچ ته مون لاءِ ڪجهه بچيو ئي ڪونهي جو ڪٿي مان چوان. پر سڌ ٿيو آهي ته ڪي ٻه ٽي ويچار اوهانجي آڏو رکندس.

ننڍي هوندي اسڪولي ڏينهن جو هڪ واقعو ٿو ياد پويم. اسانکي ماستر صاحب پڙهائيندي ٻڌائيندا هئا ته ڪاليداس ڀارت جو شيڪسپيئر هو. اهو ٻڌي دل خوش ٿيندي هئي ۽ فخر ٿيندو هو ته ڀارت به شيڪسپيئر جهڙو هڪ مهان ڪوي پيدا ڪيو.

ٿورو وڏو ٿيم ۽ ڪجهه سمجهه ۾ ايزي آئي ته سوالن ۽ ديش پريم جي ڀاونا من اندر اُڀرڻ لڳي. جڏهن اسين، چئون ٿا ته ڪاليداس ڀارت جو شيڪسپيئر هو، تڏهن اسان اَڻ سڌيءَ طرح قبول ٿا ڪريون ته شيڪسپيئر، ڪاليداس کان مهان هو. انڪري ئي ته اسان ڪاليداس کي ڀارت جو شيڪسپيئر ڪري ٿا ڪوٺيون. ورنه ڇو ڪين ائين چئون ته شيڪسپيئر انگلنڊ جو ڪاليداس هو. ڪاليداس ڪو شيڪسپيئر کان گهٽ ٿورو ئي هو. البت، مهان شخصيت جي پيٽ ڪانه ڪبي آهي. هن جي وچ

* ساهتي سيمينار جي موقعي تي سنڌو ڀون ڀوپال جي ڪمپائونڊ ۾ آيوجت ڪيل هڪ ميڙ ۾ شري ٻلديو گاجرا جي ڏنل ڀاشڻ جو اختصار.

جي نائڪ ۽ نائڪائن جي موت جي وچ ۾ هڪ بنيادي فرق آهي. جتي شيڪسپيئر جا نائڪ ۽ نائڪائون رئندي پٽيندي، واڪا ۽ رڙيون ڪندي موت جي منهن ۾ وڃن ٿا، اتي شاهه جا سورما ۽ سورميون مرندي ائين سمجهن ٿا ته هنن پنهنجي جيون جو سفر خاطرخواهه نموني پورو ڪيو آهي. ۽ هاڻ آنادي پرش جي شرن ۾ وڃي رهيا آهن. هنن لاءِ ڪو مسئلو نه ٿو رهي. هو سمجهن ٿا ته جيون جي پرولي هنن بخوبي حل ڪئي آهي. سسئي، سهڻي ۽ مومل، ليئي، موت ۾ پنهنجي جيون جي مقصد جي حاصلات ٿيون پسن.

پنهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

يعني ڪ جيستائين انسان پنهنجي من جي خوشي ۽ آنند پاڻ کان ٻاهر ڳوليندو، تيستائين دکي ئي ٿيندو. جڏهن پنهنجي اندر ڳولا ڪندو، تڏهن کيس اهو آنند پراپت ٿيندو.

(أدبي مضمون)

پنهنجي ننڍي ڌيءَ کي لاوارث ٿو ڪري. ظلم اهو جو اهي ٻئي وڏيون ڌيئر ڪيس ڌڪي ٿيون ڪڍن، ۽ ننڍي ڪارڊيلا ئي سندس ڪم ٿي اچي. مگر تنهن وچ ۾ ماسڪ لناو ڪارڻ هو پاڳل ٿو ٿي پوي ۽ مرڻيءَ کي ٿو رسي. مئڪبيٿ هڪ بهادر سپهه سالار آهي ۽ پنهنجي بادشاهه لاءِ ڪيتريون جنگيون کٽيون اٿس. مگر ڏائڻين جي ڏيارڻ ۽ پنهنجي شيطان زال جي ڀڙڪائڻ تي، بادشاهه جو خون ٿو ڪري ۽ نتيجي طور ڪتي جو موت ٿو مري. آٿيلو زال جي بي وفائيءَ جي باري ۾ اعتبار ۾ اچڻ جهڙي ثبوت ڪارڻ گمراهه ٿي پنهنجي زال کي قتل ٿو ڪري، پر پوءِ جڏهن سندس پورتا جي خبر ٿي پويس، تڏهن آپگهات ٿو ڪري ۽ هئملٽ اهو سوچيندي ته سندس پتا جو خون سچ پچ سندس چاچي ڪيو آهي ڇا هن دنيا کي الوداع ٿو ڪري وڃي.

چئني دکانتن جا نايڪ دکي ٿي ٿا مرن ۽ درشڪ حيرانيءَ ۾ سوچڻ ٿا لڳن، ته آخر ٿوريءَ غلطيءَ لاءِ ڪين اهڙي ڳري سزا ڇو ملي- گڏري جو ڇور ڦاسيءَ تي ڇو لٽڪايو ويو.

هن سڄي تصوير مان هڪڙو نتيجو نڪري ٿو سو هيءُ ته شيڪسپيئر جيون جو مسئلو، جدوجهد، سنگهرش، ته لاثاني نموني چٽي ٿو، مگر جيون جي مسئلي جو حل نٿو ڏسي؛ شايد هن وقت ڪو حل هئوئي نه.

ٻئي طرف شاهه جي آکاڻين ڏانهن نظر ڦيرايو. محدود معنيٰ ۾ شاهه جون آکاڻيون به دکانت آهن. ان خيال کان ته نايڪ ۽ نايڪا، پريمي ۽ پريتما جو پاڻ ۾ ميلاپ نه ٿو ٿئي؛ ٻئي مرن ٿا. پر شاهه جي نايڪ ۽ نايڪائن ۽ شيڪسپيئر

دڪانت، ۽ ٻيو سندس اعليٰ ترين نائڪائون، واءولا، ڪارڊيليا، ڊيسڊيمونيا، آئموجن ۽ ٻيون. ڪاليداس جي شڪنتلا، انهن مڙني کان اعليٰ آهي. مان سمجهان ٿو ته ميڪسمولر هئو (يا گيٽي؟) جنهن جڏهن شڪنتلا جي سندرتا جو بيان هنن ٻن شبدن ۾ پڙهيو - ڌام جيڪي ڏسڻ يوگيه هو - تڏهن ڪرسيءَ تان اُٿي نچڻ لڳو. دشينت کان سندس ساٿي پڇي ٿو ته تو شڪنتلا ڏٺي، ۽ جڏهن دشينت نڪاري جواب ٿو ڏئي تڏهن سنسار ۾ جو شبد ڪوش ۾ سندرتا جو بيان هنن کان وڌيڪ اثرائتن شبدن ۾ ڪونه ملندو.

شيڪسپيئر جون نائڪائون نه فقط سندرتا ۽ نزاڪت ۾ سرس آهن پر سيرت ۾ سندن لاثاني آهي. ڪارڊيلا جو پتا لاءِ پريم، واءولا جي خاموشي، ڊيسڊيمونا جي پوترتا ۽ آئموجن جي وفاداري، مڙئي هڪ ٻئي کان سرس آهن. پر شاهه جي سورمين سان ڀيٽجي سگهنديون؟ نه نه ڪو سندن مهانتا ۾ ڪا ڪسر رهجي ويئي، مگر شاهه جون سورميون هن جهان جون ئي نه ٿيون لڳن. مومل راڻي سان گڏ سڙي ٿي، سهڻي ميهار درياهه ۾ گڏ جان ڏين ٿا، سسئي ٺڪر ٺاڪيندي الوداع ٿي ڪري. شهادت نه شيڪسپيئر جي نائڪائن کي به حاصل ٿئي ٿي، پر ٻنهي جي انت ۾ هڪ مهان انتر آهي جو آءٌ اڳتي هلي سمجهائيندس. آءٌ هتي شاهه جي هڪ ٻي نرالي ۽ يگاني سورميءَ جو ذڪر ڪريان - مارئي، جنهن جهڙي دنيا جي اتهاس ۾ نه ملندي، نه حقيقي اتهاس ۾، نه ساهتيه ۾. رامائڻ اسانجو آدي گرنٿ آهي. رام مريادا ڪري پرشوتم مڃيو ويو آهي ۽ سيتا ماتا کي پارٿي ناريءَ جو آدرش ڪري

٢٠- شاهه جي فيلسوفي

ننڍي هوندي ڪاليج ۾ پروفيسر هڪ گفتو چيو: ”ڪاليداس ڀارت جو شيڪسپيئر آهي“*، يعني ته، جهڙيءَ طرح شيڪسپيئر انگلنڊ جو پرسڌ ناٽڪ نويس آهي تهڙيءَ طرح ڪاليداس ڀارت جو پرسڌ ناٽڪ نويس آهي. دل کي ڪجهه ڏڪ آيو، ته آخر اسانجي ڀارت ڀومي سنڌي ڪيئن ٿي؟ اُن به انگلنڊ جهڙي هڪ مهان ڪويءَ ۽ ناٽڪ نويس کي جنم ڏنو. پوءِ ڪاليداس جي شڪنتلا کي پڙهڻ جو سڀاڳيه حاصل ٿيو. شڪنتلا جي پڙهڻ ڪانپوءِ من ۾ ڏاڍي پيڙا ٿيڻ لڳي. ڪاليداس کي ڀارت جو شيڪسپيئر ڇو سڏيائون. حب الوطنيءَ ۽ سوُاڀمان جا جذبا ڀڙڪي اُٿيا، من بغاوت ڪرڻ لڳو. ڪاليداس کي ڀارت جو شيڪسپيئر ڪري ڪوٺڻ ۾ احساس ڪمزوريءَ جي ڀاونا سمايل ڀاسڻ لڳي، ڇو ڪين ائين چئون ته شيڪسپيئر انگلنڊ جو ڪاليداس هو.

ڪاليداس جو درجو شيڪسپيئر کان اوچو آهي ۽ شيڪسپيئر جو ڪاليداس سان هڪ الڳ وشيه آهي ۽ ڪي قدر اڻ سهائيندي واد وواد ڪڙي ڪندڙ. هڪ انگريزي دان جو گفتو آهي ته مهان شخصيتن جي ڀيٽ ڪرڻ نه جڳائي، ڇو ته هنن جي وچ جو فرق هجي اهو جتائجي. آءٌ ڪاليداس جي ڀاري ڇو هڪڙو ڳالهه چوان. شيڪسپيئر جي مهانتا ان بنيادن تي ٻيٽل آهي، هڪڙو سندس بي مثل

* Kalidas is the Shakespeare of India

شيڪسپيئر جي دکانتن ۾ نايڪ جيڪا سزا ۽ ڪشٽ ڀوڳي ٿو سو سندس ڪمزوريءَ يا غلطيءَ جي ڀيٽ ۾ بلڪل ٿي ڳرو آهي. آخر ڊيسيڊيموليا جو قصور ڪهڙو؟ هوءَ ته آٿيلو سان بلڪل وفادار هئي؛ آٿيلو آئگلو جي شيطاني چال ۾ ڦاسي، ڊيسيڊيمونا ۾ شڪ ٿو آڻي، ۽ هن کي ماري ٿو ڇڏي ۽ پوءِ پاڻ به پڇتاءَ جي آگ ۾ جلي ٿو مري. ليئر بادشاهه هڪ بلڪل ئي نيڪ بادشاهه هئو. سندس ڪمزوري اها جو هن وڏين ڌيئن جي ڪوڙي خوشامد جي چنبي ۾ ڦاسي پيو ۽ ان لاءِ ڪيس ايترو ته لوڙهو پيو جو دل ۾ سندس لاءِ ديا جي ڀاونا ٿي پيدا ٿئي. هئمليٽ جو ڪهڙو ڏوهه؟ هن ته خاطري ڪرڻ ٿي گهري، ته سچ پچ، سندس چاچو ۽ ماءُ ڪوني پير ئي آهن ۽ سندس پتا جا خوني آهن. اُن دبدا ۾ پاڻ به مري ٿو ۽ اوفيليا به. مئڪبيٿ هڪ وفادار سپهه سالار هئو، جنهن پنهنجي بادشاهه لاءِ ڪيئي لڙائيون کٽيون هيون. پر پتنيءَ جي ڀڙڪائڻ ۾ اچي ٿو وڃي ۽ ڏائڻين جي اڳڪٿيءَ ڪارڻ پرڀجي ٿو وڃي ۽ بادشاهه جو قتل ٿو ڪري. ۽ نتيجي روپ، پاڻ ۽ سندس استري ٻئي جان ٿا ڏين.

ڏوهه ٿورو، سزا گهڻي. گدري جي چور کي ڦاسي. انڪري اسانجي دلين ۾ نايڪن نايڪائن لاءِ همدردي ٿي پيدا ٿئي. مٿن ديا ۽ پنهنجي لاءِ ڊر. ائين شيڪسپيئر جا دکانت مهان ٻڻجي پيا آهن.

مگر هڪڙو سوال، جواب ملڻ ڌاران رهجي ٿو وڃي. ٿوري گناهه لاءِ ايتري ڳري سزا ڇو؟ ڇا ايشور وٽ ايترو انياءُ ۽ بي انصافي آهي. ان سوال جو جواب مهنجي ڌيان ۾ ڪونهي ته ڪو آلوچڪن ڏنو آهي. مون برئڊلي پڙهيو

شمار ڪندا آهن. بلڪل درست. پر جي مونکي اوهين ڪفر بڪڻ جو ڏوهه نه ڏيو ته هوند آءٌ چوان ته ماروئي مونکي سيتا کان به وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. سيتا برابر ستي هئي، هوءَ نه راوڻ جي دڙڪن پئي ڊني ۽ نه سندس لالچن تي ڀني. پر سيتا، آخر ته راڄ محل مان آئي هئي. هن سکي ۽ شاهاڻي جيون جو لطف ورتو هو. هن جو من ڀاڀيل هو. ماروئي غريب مارون ۾ ڄائي ۽ نپني هئي. هن ڏک ۽ ڏونرا ئي چکيا هئا. هن کي عمر جا محلات ۽ دولت ٽيرڻ ۾ اسمرت رهيا. اها حقيقت ماروئيءَ جي درجي کي وڌيڪ مهان ٿي بڻائي.

عمر! اڇا ڪپڙا، ڪاٺيارين ڪيئن ڪن؟
جنين جا ٿرن ۾، ور ٿا وهڻ سهن،
هوءَ جي حق ڀڃن، ڪيئن ستيون؟ سومرا!
۽ سندس ساٿيهه ناءُ سڪ!
الا! ائين م هوءِ، جيئن آءٌ مران هت بند ۾!
جسو زنجيرن ۾، رائو ڏينهان روءِ،
ڀرن وڃان لوءِ، پوءِ مر پڃنم ڏينهڙا!

وري شيڪسپيئر جي دکانتن تي اچون. سندس دکانت جڳ پرسڌ آهن ۽ انهن کي اعليٰ درجو عطا ٿيل آهي. انهن دکانتن جي مرڪزي وشيه ڪهڙي آهي؟ شيڪسپيئر جا دکانت، يونان جي دکانتن کان نرالا آهن. يونان جي دکانتن ۾ نائڪ پيڙا سهي ٿو ديوتائن جي ڪوپ ڪري. شيڪسپيئر جي دکانتن ۾، نائڪ ڪشٽ سهي ٿو پنهنجي ڪنهن ڪمزوريءَ ڪارڻ. پر جي پنهنجي ڪمزوريءَ ڪارڻ ڪو سزا کائي ٿو، ته ان ۾ ڪهڙي وشيش ڳالهه آهي جو شيڪسپيئر جا دکانت ايترو پرسڌ ۽ لوڪ پريه بڻيا آهن. ڪارڻ هي آهي ته

جي ڪنجيءَ سان شيڪسپيئر پنهنجي دل جي تاڪي کولي ڇڏي. ☆ ميٿيو آرنولڊ ان تي اعتراض ورتو.

ته ڇا سچ پچ شيڪسپيئر انهن پنهنجي دل جو درشن ڪرايو آهي. جي هائو ته پوءِ سنڌس مهانتا تي ڌڪو ٿو اچي. £ شيڪسپيئر پنهنجا شخصي رايا ڏنا آهي يا نه سا الڳ وارتا آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌس رچنائن ۾ ڪا خاص مقرر، اندروني تضاد ڪان آجي، فيلسوفي نه ٿي ملي. ڪيس جيون طرف ڪو وشيش فلاسافاٽو رخ هئو هو، ان جي ڪا خاطري ڪانهي. گهٽ ۾ سنڌس رچنائن اندر اهڙو نظريو ڪو نه ٿو ملي. ڪٿي جي فيلسوفاڻا ويچار ملن ٿا ته وري ٻئي هنڌ ان جي اُبتڙ ويچار ملن ٿا. مثال جي هڪڙي هنڌ هو دنيا لاءِ چوي ٿو:

”هيءُ سنسار هڪ مورک جي ڪنيل ڪهاڻي آهي. گوڙ ۽ شور سان پر، مگر بي معنيٰ.“

ته وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:

”واهه واهه، هيءَ جيون بلڪل ئي موج مزو وارو آهي.“

حاصل مطلب ته شيڪسپيئر ۾ اسانکي ڪو هڪڙو، تضاد ڪان آجو، مڪمل جيون طرف رخ ۽ رويو نه ٿو ملي. ۽ سنڌس دڪانن مان جي ٻه مسئلا ڪڙا ٿا ٿين، هڪڙو اهو ته ڇوٽي گناهه لاءِ ڳري سزا ڇو ۽ جي ان پروليءَ جي ڪا سمجهاڻي ڪانهي ته پوءِ جيون ارٿ هين آهي. بي معنيٰ آهي. انهن ٻنهي مسئلن جو حل نه ٿو ملي.

☆ With this key Shakespeare unlocked his heart.

£ Drid he?
If so the less Shakespear he.

آهي ۽ ڪامپٽن رکيت، منهنجي خيال ۾ فرنيس به ان
سوال جو حل ڪونه ٻڌايو آهي. پروفيسر اجواڻيءَ هڪ لڳا
ڪلاس ۾ هڪ سمجهاڻي ڏني. ڪيرو ڪنو ٿي ويو هوندو
نه هڪڙي ليليءَ لڳڻ سان پنيت ٻري پوندو. پر هتي
ڪيرو ڪٿي آهي؟ نـايڪن جـي جيون، سواءِ مـذڪور
ڪمزوريءَ جي، هونئن نه بلڪل ئي بي داغ آهي. سو جي
ڪيرو ڪونهي نه ليلي لڳڻ سان پنيت ڪيئن ٿي پيو،
ڪٿان آيو؟

ان مٿين شڪا مان هڪ ٻيو مسئلو به ڪڙو ٿو ٿئي. جي
ان ڳالهه جي سمجهاڻي ڪانه ٿي ملي ته ٿوري گناهه لاءِ
ڳري سزا ڇو؟ پوءِ ايشور جي انصاف مان وشواس نڪري
ٿو وڃي. هيءُ سنسار ناحق جو سنسار پيو ڀاسي ۽ جيون
ارٿ هيڻ ۽ بي معنيٰ. ناستڪتا جي ڀاونا پيدا ٿي ٿئي.

انهن سوالن جو جواب شيڪسپيئر جي ڏکانتن ۾ ڪونه
ٿو ملي. ڏکانت صرف سوال اُٿارين ٿا. شيڪسپيئر ڇو اُن
سوال جو جواب ڪونه ڏنو آهي سو منهنجي ويچار شڪتي
کان ٻاهر آهي. آلوچڪن جو چوڻ آهي ته شيڪسپيئر
هڪ ناٽڪ نويس هو ۽ هن سنسار ۾ ڇرندڙ ڦرندڙ ڪردارن
کي چٽيو آهي. هن حقيقت پيش ڪئي. هو فلاسافر ڪونه
هو. سندس ناٽڪن ۾ سندس پنهنجن ويچارن ۽ رايـن ڳولڻ
جي ڪوشش نـه ڪرڻ گهرجي. هوُ چون ٿا تـه ڪـلا جي
خوبي ڪلا کي ڇپائڻ ۾ آهي. * شيڪسپيئر پاڻکي پنهنجن
پاٺڪن کان بلڪل ئي الڳ رکيو آهي.

ڪوي ورڊ سورٿ شيڪسپيئر جي شخصيت کي سندس
سانيٽس ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو ته سانيٽ

* Art lies concealing of art.

اُپديش آهي. اهائي تصوف جي سکيا آهي. اها سکيا، اهو اُپديش، اهو اديش، شاهه پنهنجي جدا جدا ڪهاڻين ذريعي ڏئي ٿو:

ساهڙ، سا سهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهي اجوئي، ٻجهه ٻجهاندڙ ڳالهڙي.

سهڻي، ساهڙ (ميهار) ۽ سائر (درياءُ) ٽيئي هڪ آهن. پرش، پرماتما ۽ پرڪرتي هڪڙي وستو آهن.

وچين ڇو وڻڪار؟ هت نه ڳولين هوت کي.
اکو ڪين، لطيف چئي، ٻارو ڇو ٻئي پار،
ٿي سٽي، ٻڌ سنڌڙو، ٻرهت پنهو ۽ سين يار،
ناٿي نيڻ نهار، تو ۾ درو دوست جو.
ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ ڇو ڏس ڇتاڻو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوڙي، منجهين لڌاڻو،
راڻو ۽ راڻو، ري راڻي ٻيو ناهه ڪو.

هڪ اُردو بند آهي:

دل کي آئيني ۾ هي تصوير يار،
جب ذرا گردن جهڪالي ديکه لي.

اهو صوفياڻو بند آهي، پر هڪ قدم هيٺ. چئبو ته تون ۽ تنهنجي يار جي تصوير ٻه الڳ چيزون آهن. شاهه ۾ اوچي منزل ملي ٿي:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا،

شاهه جون نايڪائون انهيءَ نڪته نظر کان شيڪسپيئر جي نايڪائن کان نراليون آهن. شيڪسپيئر جي دکانتن پڙهڻ کانپوءِ ائين پيو لڳي ته نايڪا جي جيون نشڦل وئي،

منهنجي دعويٰ آهي ته انهن ٻنهي مسئلن جو حل ڀارتي فيلسوفيءَ ۾ اسان کي ملي ٿو. سورڳيه واڌومل ٿمنداس ڪيولراماڻيءَ جي پستڪ "ڪرم ڦل وگيان" ۾ اسان کي ٻهرين سوال جو جواب ملي ٿو. اسانجو جيون هن موجوده زندگيءَ تائين محدود نه آهي. هن جنم کان اڳ به، اسان ڪيترن جنمن مان گذريا آهيون ۽ هن کان پوءِ به لنگهڻو پوندو. اڳيان جنم، هي جنم ۽ ايندڙ، سڀ هڪڙيءَ زنجير جون ڪڙيون آهن. جيڪو سک دک، هن جيون ۾ اسين ڀوڳيون ٿا، سو اڳين جنمن جي گڏيل ڪرمن جو ڦل آهي. اهو گڏيل ڪرمن جو ڪٺو ٿيل خزانو، پروفيسر اجواڻيءَ جي ڪلپنا وارو ڍير آهي جنهن کي ٽيلي لڳڻ سان ڀنيت ٻرڻو ٿو پوي.

اسانکي جيڪڏهن ٻهرين سوال جو جواب ملي وڃو ته ٻيو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو ۽ هيءَ زندگي بي معنيٰ نه آهي، مورک جي کهاڻي نه آهي پر سارٿڪ آهي. نراسائي ۽ ناڪاميابي، ڀارتي فيلسوفيءَ ۾ ڪا جڳهه ڪانه ٿا والارين. هڪڙي آلوچڪ چيو آهي: ڀارتي ناٽڪ ۾ دکانت ٿئي ئي ڪونه. ناٽڪ ۾ جي اوهين نايڪ ۽ نائڪا کي مرندو ڏسندا ته ٻيو پردو سرڳ جو ڏيکاريندا جتي ٻنهي جو سنگم ٿئي ٿو. اسانجي سنسڪرتي جيون جي سڦلتا ۽ سارٿڪتا جي ڪلپنا تي ٻڌل آهي. ڀلي ڪيترائي جنم لڳن، پر آتما جا ايشور وٽان آئي آهي، سا وري سفر پورو ڪري، ايشور وٽ ايندي.

انهيءَ ڀارتي فيلسوفيءَ جو دگدرشن، شاهه جي کهاڻين ۾ ملي ٿو. آتما پرماتما جو اَنش آهي، ان کان الڳ ڪين آهي ۽ نيٺ وڃي پرماتما ۾ سمائجي ٿي. اهو ئي ويدانت

٢١- شاهه جي مهان ۾ مهان سورمي

ڪجهه وقت ٿيو ته "هندواسيءَ" ۾ پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جو مٿينءَ وشيه تي مضمون پڙهڻ جو موقع مليو. پروفيسر صاحب جو اهو مضمون آل انڊيا ريڊيو جي ٻاهروني پروگرام جي دوران ۾ سندس ڪيل ڀاشڻ جي آڌار تي لکيل ٿو ڏسجي يا شايد سمورو اُهو ڀاشڻ جيئن جو تيئن مضمون ۾ درج آهي. ڪيئن به، پروفيسر شيوڪاڻيءَ جي مٿين مضمون منهنجي من تي ڪي تاثرات ڇڏيا ۽ ڪي ويچار دل ۽ دماغ اندر اُٿيا جي پائيم ته سنڌي پاٺڪن سان ونڊيان ۽ انڪري هي مضمون لکي رهيو آهيان.

پروفيسر شيوڪاڻيءَ ائين ڏيکاريو آهي ته شاهه جي سورمين ۾ مهان ۾ مهان سورمي سهڻي آهي ۽ ان لاءِ هن پنهنجن دليلن ڏيڻ سان گڏوگڏ خود شاهه جو به حوالو ڏنو آهي جنهن ۾ سندس چوڻ موجب شاهه چيو آهي ته سندس سورمين ۾ سهڻي سونهن ۾ مڙني کان سرس آهي. پروفيسر شيوڪاڻيءَ جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سونهن ۾ ته سهڻي سورمين کان هوءَ گوءِ کڻي ٿي وڃي، پر ساڳئي وقت سهڻي ۾ "سورمين جي برعڪس اُنتها محبت، دليريءَ سان ڏکين ۽ مخالف حالتن جو مقابلو ڪندي قربان ٿئي ٿي."

منهنجو ويچار ته هي آهي ته جهڙي دستور مهان ويڪتين جي ڀيٽ ڪرڻ سهائيندو نه آهي، تهڙيءَ طرح مهان ڪردارن جي ڀيٽ ڪرڻ به صحيح نه آهي. شيڪسپيئر جو هر ڪو سورمو ۽ هر ڪا سورمي اعليٰ آهي. هر ڪو

ناڪام وڃي ۽ ساڻس ناحق ۽ انياءُ ٿيو.

شاهه جون ڪهاڻيون من تي اهو تاثر ٿيون ڇڏين ته نايڪائون پنهنجي مقصد کي رسيون. سنڌن جيون سڦل ٿيو. هنن پنهنجو پاڻ صحي سچائو ۽ انهن جدائي رهي ٿي ڪاڻ. جيڪي ڳوليائون ٿي، سو وٽن هيو.

لها ڌار نـه سپرين
مونهن منجهائي پاءِ.

هيءَ تصوف ۽ ويدانت جي آخرين منزل آهي. اهو أناالحق ۽ اهم برهم اسمي جو منتر آهي. شاهه کي آءٌ ان ڪري دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿو تسليم ڪريان، جو هو اها اعليٰ ترين جيون فلاسافي، پنهنجي شعر ذريعي سيکاري ٿو. اها فيلسوفاڻي سکيا، جيئن شاهه جي هر ڪهاڻيءَ ۾ بالترتيب سمايل آهي، سا دنيا جي ڪنهن شاعر جي شعر ۾ مسلسل طور ڪونه ٿي ملي - نه هومر ۾، نه ملٽن ۾، نه براؤننگ ۾. ڪاليداس مهان آهي ته پاونا چٽڻ ۾، نه جيون جي فيلسوفي جتائڻ ۾. شاهه جي شعر ۽ ان شعر ۾ سمايل فيلسوفيءَ اڳيان منهنجو مستڪ سدائين جهڪندو.

"پارتواسي" ٦-٣-١٩٨٣

(أدبي مضمون)

جيون ۾ پريرنا جو سرچشمو عشق آهي. انساني محبت جي صدقي هو ڪيترائي ڪشٽ ۽ ڪشالا هموار ڪن ٿيون. سنڌڻ قرباني بي نظير آهي، پر اُهي محبت جي صدقي؛ ۽ انساني محبت جو بنياد آخر ته جنسياتي ڪشش تي ٻڌل آهي. ان جي شروعات ماس ۽ چمڙيءَ جي ڇڪ ۾ ٿئي ٿي، آخر ڪٿي به وڃي ٿئي. جنسياتي ڪشش اعليٰ ۾ اعليٰ ڪشش ڪري شمار ڪري نه ٿي سگهجي ڇو ته ان جي پٺيان جسماني ميلاپ جي تڙپ سمايل آهي ۽ ان حد تائين چئي سگهجي ٿو ته ان ۾ خود-غرضيءَ جو انش مليل آهي.

تنهن ۾ به سهڻيءَ جو رول پارٽي پرمپرا جي نڪته نظر کان ڪجهه هيٺانئون آهي. شاهه اعليٰ ڪوتا جي ذريعي سهڻيءَ جي اِن ڪمزوريءَ کي جڳ اُسرڻ نه ڏنو آهي. ورنه اها حقيقت ته سهڻيءَ پنهنجي حقي مڙس کي نظرانداز ڪري ميهر جي پٺيان وڃي ٿي سا جڏهن هنڊائجي ٿي، تڏهن اوس دل ۾ کٽڪي ٿي.

اِن هڪڙيءَ ڪمزوريءَ مان سهڻيءَ جي چرتر جي ٻي ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي. هوءَ سسئيءَ جيان کلئي پٽ اعلان ڪري پنهوءَ جي پٺيان نٿي وڃي. مگر روز رات جو جڏهن گهر جا مڙئي ڀاتي ننڊ ۾ ستل آهن تڏهن لڪچوريءَ گهڙو کڻي درياهه پار ڪري وڃي ٿي ميهر سان ملي. گهر جي ڀاتين کي سمڪ نٿي ڏيڻ چاهي ته هوءَ ڪو ڌارئي جي نيڻهن ۾ اَڙيل آهي. پر جيئن جو خون ڪستوري لڪي نه سگهندو آهي، تيئن سنڌس هلت چلت شڪ پيدا ڪندي ڪري. راز کلي ٿو پوي ۽ سنڌس نڻان پڪي گهڙي جي جڳهه تي ڪچو گهڙو رکي ٿي وڃي.

پنهنجي حق ۾ مهان آهي، ۽ هڪڙي کي ٻئي کان گهٽ سمجهڻ، يا ڪنهن کي ٻئي کان مهان سمجهڻ هڪ عظيم ڀل آهي. مهان هستين جي وچ ۾ جي فرق آهن، هڪڙو ٻئي کان ڪهڙي دستور نيارو ۽ نرالو آهي، ان ڳالهه جو اڀياس ڪرڻ اوس ڦلدائڪ ٿي سگهي ٿو. مگر هڪڙي کي ٻئي کان مهان ڪري سمجهڻ هڪ ذهني ڀل آهي.

پر جيڪڏهن هرو ڀرو ڀيٽ ڪرڻي آهي ۽ شاهه جي ڪا هڪڙي سورمي ٻين کان اعليٰ ڪري ڳولي ڪڍڻي آهي ته منهنجي چونڊ مطابق سهڻي نه، مگر مارئي ان درجي جي مستحق آهي. شيڪسپيئر جي سورمين جي ڀيٽ ڪندي، ڪيترن نقادن "وائولا" (ٻارهين رات يا جيڪا توهنجي مرضي) کي شيڪسپيئر جي مهان ۾ مهان سورمي ڪري شمار ڪيو آهي، پر آءٌ هوند اها جڳهه ليئر بادشاهه جي ڌيءَ ڪارڊيليا کي ڏيان. ساڳيءَ نڪتيءَ ۽ ساڳين دليلن جي آڌار تي، آءٌ مارئيءَ کي شاهه جي اعليٰ ۾ اعليٰ سورمي ڪري ٿو تسليم ڪريان. اچو ته انهن دليلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

شيڪسپيئر جون ٻه سورميون، وائولا ۽ آئوجين (ونٽرس ٽيل)، مهان ۾ مهان ڪري شمار ڪيون ويون آهن. انهن پريم ۽ محبت جي راهه ۾ اعليٰ معيار جي وفاداري ڏيکاري ۽ ڏک ڪشٽ ۽ ڪشالا سٺا. ساڳيءَ طرح، شاهه جون سورميون سهڻي، سسئي، نوري به پريت جي پنڌ ۾ استقامت، قربانيءَ ۽ سهن شڪتيءَ جو اعليٰ مثال پيش ڪن ٿيون. شاهه جي تمثيلي مطلب کي، جي اسين وسار ۾ نه آڻيون، ته به هڪڙي ڳالهه کان اسين انڪار ڪري نه سگهنداسين — اها هيءَ، ته انهن مڙني سورمين جي

۾ اعليٰ اُسرڻ آهي. هوءَ تياڳ، قرباني ۽ نشڪامتا جي مورتي آهي، ڪيٽ، سنڌس مڱيتو، سنڌس، پنهنجي چونڊ نہ آهي. محبت ۽ عشق ۾ ڦاسي هن مٿس هرڪ ڪو نہ هاريو هو. سنڌس مائٽن هن جو سڱ ڪيٽ کي ڏنو هو. پر هن اُن پرمپرا کي نباهڻ تي چاهيو تہ ڀارتي ناري رڳو هڪ دفعو پتي ڪندي آهي.

رامائڻ ۾ ڀارتي ناريءَ جي آدرش مورتيءَ طور سيتا جو ڪردار ڏنو ويو آهي. سيتا راوڻ وٽ قيد هئي؛ هن راوڻ جي، نہ ڏڙڪن اڳيان پنهنجو سر جهڪايو، نڪي سندس لب ۽ لالچ هن جي من کي لاڇايو. پر سيتا جي جيون تي ذرا نظر اُڇلايون. هوءَ راجائي ڌيءَ هئي ۽ راجائي نونهن.

هن زندگيءَ جا سمورا عيش ۽ سک ونئي ڏٺا هئا. ان ڪري هن لاءِ راوڻ جي سوني لنڪا جي سکن ۾ ڪو آڪرشڻ ڪو نہ هو. تنهن سواءِ سيتا کي آشا هئي تہ سندس پتي جو هڪ وير راجا تي رهيو آهي، سو اوس کيس اچي آزاد ڪرائيندو.

ٻئي طرف مارئي غريب ڳوٺاڻن مائٽن جي ڌيءُ هئي ۽ سندس ٿيڻ وارو پتي بہ اهڙوئي غريب ڪسان هو. هن لاءِ اُمرڪوٽ جي سيج پلنگن ۽ ست رڃي پوڄن ڪي، وڏي معني هئي ۽ هوءَ اها بہ خاطري نہ ٿي پاڻ کي ڏئي سگهي تہ ڪو سندس مارو اچي کيس ڇڏائيندا.

انهن بلڪل ئي مخالف ۽ غير موافق حالتن هيٺ، هن پنهنجو ست قائم رکيو. هن پنهنجي سونهن وڃائي سينگار وڃايو، هن ونجهڻ ۽ وار سنوارڻ بند ڪري ڇڏيو، هن ڪپڙا مٽائڻ بہ مٺو سمجهيو:

عمر! اُڇا ڪپڙا ڪاڙهيون ڪيئن ڪن؟
جن جا ٿرن ۾، ور ٿا ولڻ سهن،
هو جي حق لهن، سي ڪيئن سُتيون سومرا؟

خبر نہ آهي پروفيسر شيوڪاڻي سهڻيءَ کي مڙني سورمين ۾ وڌ ۾ وڌ ڇو ٿو سمجهي؟ جي سندس نالو ئي سهڻي آهي، نہ سسئي لفظ جي معنيٰ ئي چنڊ آهي يعني چندرما جهڙي سندر ۽ لڀائيندڙ. ۽ سندس سونهن جي هاڪ ٻڌي نہ پنهون ڪيچ مڪران مان ڪاهي آيو.

اهي ڳالهيون ڌرڪنار. پر سهڻيءَ جي ڀيٽ ۾ سسئيءَ نہ هزار وار وڌيڪ قرباني ڪئي، وڌيڪ ڪشٽ ۽ ڪشالا سٺا. سهڻي تہ روز پنهنجي محبوب سان وڃي ملندي هئي، هڪڙي موقع تي ئي دوکو کاڌائين، ۽ اُن هڪڙيءَ رات ۾ درياهہ جو ٻڪ ٿي. نہ ڪشٽ نہ ڀيڙا. پر سسئي ان جي ڀيٽ ۾ ڏينهن جا ڏينهن ويران جبل جهاڳيا. پير ڦٽون ڪيائين، ڪاهيندي هلي، ڪاهيندي هلي، رات ڏينهن، بکي ۽ پياسي. سندس ان سفر جي تصوير جنهن دردي نموني شاهہ چٽي آهي، اهڙو مثال دنيا ڀر جي ساهتيہ ۾ شايد ئي ملي.

پر آءٌ هن مضمون ۾ ڪجهہ ٻيو چوڻ ٿو گهران. مان شيڪسپيئر جي سورميءَ ڪارڊيلا کي وايولا يا آئموجين کان وڌيڪ مهان ڇو ٿو شمار ڪريان؟ ڇاڪاڻ تہ سندس پتا لاءِ پيار ۾ ڪا جنسياتي ڪشش ڪانهي، ڪا خود-غرضي ڪانهي، اهو سمپورن تياڳ، نشڪامتا ۽ خود ارپنتا جو نتيجو آهي. پتس ساڻس ناحق ٿو ڪري، بي انصافي ٿو ڪري، کيس حقي ورثي کان رهٽي ٿو ڇڏي ٻين ڌيئن جي خوشامد جي ور چڙهي، پر مصيبت وقت هوءَ ئي سندس ڪم ٿي اچي ۽ نہ اُهي ڌيئر جن کي بادشاهہ پنهنجي سموري ملڪيت ڏيئي ڇڏي.

عين ٻين ساڳيءَ طرح مارئيءَ جو چرتر شاهہ جي سورمين

٢٢- بيوس جو شعر

وديارٿي دوستو،

آءٌ اوهانجو شڪرگذار آهيان، جو اوهان مونکي هتي اچي ڪوي بيوس جي باري ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي.

آءٌ، بيوس جي شعر جي باري ۾ پنهنجا ڪي ويچار پيش ڪريان، ان کان اڳ، آءٌ هڪ ٻه ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو. آءٌ، اڄ هتي دستور طور بيوس جي شعر تي ڪونه ڳالهائيندس، نڪي بيوس جي شعر جو ڪٿ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندس، نه سندس شعر جي خوبين ۽ خامين تي بحث ڪندس. اهي ڳالهيون ته اوهان پنهنجن ڪتابن ۾ پڙهيون ئي آهن.

آءٌ، اڄ بيوس جي باري ۾ ٻيءَ درشٽي بندوءَ کان ڳالهائيندس، ٻي نقطه نظر پيش ڪرڻ چاهيندس. آءٌ اوهان کي بيوس ۽ سندس شعر سان ان دستور واقفيت ڪرائيندس جنهن دستور منهنجي بيوس سان واقفيت ٿي ۽ آءٌ ان سان اوهانجي گهرائيءَ سان ان دستور ڪرائيندس، جهڙي

(٢٥ سيپٽمبر ١٩٧٧ تي بيوس ڏينهن ملهائڻ لاءِ ڪوٺايل اُلسو جي موقعي تي آر. ڪي. ٽلريجا ڪاليج جي سنڌي سرڪل طرفان مونکي ڪوٺ ڏني وئي ته بيوس جي شعر تي اچي پنهنجا ويچار ڪاليجي شاگردن اڳيان رکان. ان موقع تي مون جيڪي ڪجهه ڳالهايو تنهن جو اختصار هتي ڏنل آهي.)

مارئي جو اُجهاڳ ۽ اڻ ٽٽندڙ پيار صرف کيت سان نہ آهي. رڳو کيت جي ياد کيس ستائيندي هجي تہ، کٽي ڇٽجي تہ ان جي پٺيان سندس اڇيت هردي ۾، غرور جي ڪٽڻ موجب، ڪا جنسيالي ڇڪ يا ڪشش لڪل آهي. پر هن جو پيار پنهنجي وطن جي هر چيز سان آهي. ٿر جي واريءَ سان، ٿر جي ٻوٽن سان، ٿر جي ٻڪن ۽ ٻيرن سان، ٿر جي ٻٻرن سان، ٿر جي ٻوڪن سان ۽ فصلن سان، ٿر جي هر چيز سان هن جي دل جڙيل آهي ۽ اُن ساٿيهہ جي سڪ جي سڪ ۾ ڪا غرض، ڪو سوارٿ شامل ڪو نہ آهي.

عمر کي آزي ڪندي ائين ٿي چوي تہ منهنجي مرڻ کان اڳ، منهنجي کيت سان ملاقات ڪرائج، پر چوي ٿي:

اَلا! ائين نہ هوءِ، جيئڻ آءٌ مران بند ۾!
جسو زنجيرن ۾، رائو ڏينهان روءِ،
ٻهرلن وچان لوءِ، ٻوءِ مر ٻچنم ڏينهڙا!

۽ جي مري بہ ٻوان تہ

واجهائي وطن کي، ساري، ڏيان ساهہ،
بت منهنجو بند ۾، قيد م ڪرائجاهہ،
پرڏيهاٽي پرنءَ ري، ڏار ۾ ڏرائجاءِ،
ٿڌي وسائج ٿرن جي، مٿي مٽيءَ متاهہ،
جي ٻولون ٿئي پساهہ، تہ نجانءِ مڙهہ ملير ڏي.

۽ آخر ۾

ميائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

اهڙي شڪ، ٻوٽي، نرمل، نشڪامتا سان ڀريل پريم جي ديوانيءَ کي سلام، سؤ وار پرنام!

”پارتواسي“ - آزادي پرچو ۱۹۷۴
(اُدبي مضمون)

هاڻ آءٌ ٻيوس سان ٿورن ملاقات جو ذڪر ڪريان. ملاقات جا ساٿس روبرو ڪانه ٿي مگر سندس شعر معرفت ٿي. شايد ١٩٢٨ جو زمانو هو. آءٌ ڪاليج ۾ ٻيو سال پڙهندو هوس. هڪ مشاعرو رکيو ويو هو جنهن ۾ جدا جدا شاعرن کي پنهنجا شعر اچي پڙهڻا هئا. اُن سمي مشاعرو اڄ جيان ڪونه ٿيندو هو جتي جنهنکي جيڪي وڻي سو اچي پڙهي، ايشور جي مهما کان وٺي شيطان جي شيطاني لائين ۽ جنهن نه وزن بحر ۾ يا ماڳهين بنا بحر وزن جي. تڏهن وشيه مقرر ڪئي ويندي هئي، بحر وزن مقرر ڪيو ويندو هو، مصرع طرح مقرر ڪئي ويندي هئي. ان مشاعري لاءِ مصرع طرح هئي:

هر شيءِ ۾ حسن تنهنجو يا رب نظر اچي ٿو

ان جو وزن شايد مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن آهي. ان مشاعري ۾ ڪوي ٻيوس طرفان به شعر پڙهيو ويو. هو پاڻ ته ڪونه آيو هو پر سندس شعر ڪنهن ٻئي شاعر پڙهيو. هو پاڻ گهٽو ڪري مشاعرن ۾ ڪونه ايندو هو. سندس شعر ۾ هڪ بند هو:

ڏالر جنم ڏيڻ تي لکن کير جي وهائي
سنسار ۾ سفر کان ٿورن ثمر اچي ٿو.

اهو بند ٻڌي مان ڪرلارٿ ٿي ويس. شعر جي آنند ڏيڻ جي شڪتيءَ جو احساس ٿيو. ان بند ۾ جو نازڪ ڀاءُ درج آهي ۽ جنهن نزاڪت سان اهو درج ڪيو ويو آهي سو لاشڪ داد جوڳو آهي.

اسانکي ڪاليج ۾ انگريزي پروفيسر ڪولا پڙهائيندي اڪثر هڪ ڀيد سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا - ڀيد سندرتا جي بيان جي ٻن روپن ۾. هڪڙو بيان جو اندرين

دستور منهنجي ساڻس گهرائي ٿي. آءٌ ڪوشش ڪندس ته اوهين ٻيوس جي شعر جو آنند حاصل ڪيو. انهي سندرتا ۽ مهانتا محسوس ڪريو جيئن مون ڪئي.

ڪوتا دستوري ۽ روائتي، هڪ سوکيم ڪلا آهي، جنهنجو سنبنڌ ۽ واسطو دماغ سان نه مگر دل سان آهي. اُنجو اُديش ڪجهه سمجهائڻ نه مگر ڪجهه محسوس ڪرائڻ آهي. انجي مراد ۽ مقصد آنندت ڪرڻ آهي ۽ نه گيان وگيان ۾ اضافو ڪرڻ.

اڄو ته اوهان جي ٻيوس سان واقفيت ڪرايان جيئن منهنجي ساڻس واقفيت ٿي. هڪ دفع وري آءٌ اها ڳالهه دهرايان ته ڪوتا سوکيم ڪلا آهي. انجو اُديش ڄاڻ ڏيڻ نه آهي مگر اعليٰ جذبات اڀاري هردي کي آنندميه ڪرڻ. ڪوي اهو اُديش ڪيئن ٿو سرانجام ڪري؟ ڪوتا جي باري ۾ جي جدا جدا تشريحون مون پڙهيون آهن انهن مان جنهن منهنجي دل تي دائمي ڇاپ ڇڏي آهي، سا هيءَ آهي.

Poetry is the musical, spontaneous outburst of joy, the joy that the soul experiences when it comes in contact with truth, beauty or goodness, in one form or another.

ڪوتا دل جي سنگيت مئي، خود بخود ٿيندڙ، آنند جي پلٽ آهي. جو آنند آتما تڏهن محسوس ڪري ٿي جڏهن انجو ستيه، سندرتا يا شيو چرن سان سمپرڪ ٿئي ٿو.

ستيه، سندرتا ۽ شيو چرن اهي ٽيئي هڪڙيءَ وستوءَ جا روپ آهن. انڪري ئي شاعر ڪيٽس ڳايو:

Truth is beauty, Beauty Truth.

چڙهيو هو ۽ ”شيرين شعر“ پهريون دفعو ئي ڏٺم. ڪتاب کڻي کوليم جيئن گروجن مان وچن وٺيو آهي. بيوس جو شعر ”ندي“ نڪري آيو. آءٌ پڙهندو ويس ۽ گڏ گڏ ٿيندو ويس، ۽ جڏهن شاگردن کي اُن جي معنيٰ، ان جي سندرتا، ان جي گهرائي ۽ عميقي، ان جي وشالتا ۽ وسترتا سمجهائڻ لڳس، تڏهن هو به گڏ گڏ ٿيڻ لڳا.

”ندي“ بيوس جي بهترين ڪوتائن مان هڪڙي آهي. ان ۾ ڏنل نديءَ جي بيان ۾ پاڻيءَ جي چڪر جو درشن ٿو ملي، منووگيان جي ڄاڻ سمايل آهي، روحانيت جو پاٺ ٻڌايل آهي. سمنڊ مان پاڻي ٻاڦ ٿي ڪڪرن ذريعي آسمان ۾ وڃي ٿو، جبلن جي ٿڌاڻ ۾ برف ٿو ٻڻجي ۽ وري گرمي لڳڻ ٿي پاڻي ٻڻجي نديءَ جي روپ ۾ وهي ٿو ۽ آخر سمنڊ ۾ وڃي داخل ٿئي ٿو.

ساهي پٽي ڪٿي ٻي مون موج ڪين ماڻي؛
هردم اُٿل پٿل ۾ ٻوڙيندو رهي ٿو پاڻي؛
وهندي وڃان سدائين بيهڪ کي موت ڄاڻي؛
هيٺار ڏي هلان ٿي هردم ندي نماڻي؛
آسا رهي اندر ۾ ٿي سمنڊ ۾ وڃڻ جي؛
پنهنجي پراڻي گهر ۾ ساهي وڃي کڻڻ جي؛

گيان وگيان ۽ آتم گيان جو ڀنڊار هن ڪوتا ۾ ملي ٿو. اهو سائنس جو قانون آهي، ته پاڻي ڪٿي رڪجي بيهندو آهي ته خراب ٿي ويندو آهي. اُن ۾ مڇر ۽ ٻيا جيوڙا ڪنا ٿي ويندا آهن ۽ اهو بيماري ۽ موت جو ڪارڻ بڻجي ويندو آهي. انڪري ڪويءَ چيو آهي:

”وهندي وڃان سدائين بيهڪ کي موت ڄاڻي.“

نمرتا هڪ اخلاقي ۽ روحاني گڻ آهي. ”نمي ڪمي هل“

وسيلي سندرتا جو انڀو ڪرائي سگهي Sensuous ۽ ٻيو جو ڪام ترشنا جي ڀاونا جاڳائي Sensual. پرسد انگريزي ڪوي ڪيٽس جو سندرتا جو ڪوي ڪري پرسد آهي، تنهن پنهنجي هڪ ڪهاڻي ڪوتا ”آئزابيلا“ ۾ استريءَ جي ستن ڏانهن نهايت ئي سندرتا سان مگر ساڳئي وقت نهايت ئي سنجيدگيءَ سان اشارو ڪيو آهي. چي

Those dainties made to still an infant's cries.

يعني اهي نفيس وستو جي ايشور ڪنهن ٻالڪ جي روڄن کي خاموش ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيا. ڪيترو ۽ سندر ۽ دلڪش بيان آهي ۽ ان هوندي به ڪيترو نه اعليٰ ۽ آدرشي. بيوس جي شعر جو بند به ڪيٽس جهڙي اعليٰ پدليءَ جو آهي.

بيوس سان منهنجي اها پهرين ملاقات هئي. سال گذري ويا، وري مونکي بيوس جي ڪوتا پڙهڻ يا ٻڌڻ جو سڀاڳيه حاصل ڪو نه ٿيو. سالن بعد مون لاءِ شڪارپور جي نيو ايرا اسڪول ۾ ڪو عرصو پڙهائڻ جو پرسنگ بڻيو. آءٌ انگريزي، تواريخ، جاگرافي وغيره پاڙهيندو هوس. هڪ ڀيرا سنڌي پاڙهيندڙ ماستر، شري ڪيئلداس بيگواڻي، جو هڪ شاعر آهي، اسڪول ۾ ڪو نه آيو ۽ مونکي پرنسيپال حڪم ڪيو ته سنڌس پيرڊ آءٌ وٺان. آءٌ ڪلاس ۾ ويس. شاگردن کان پڇيم ته ڇا پاڙهيو آهي؟ چيائون سائين اوهين سنڌي ڇا پاڙهيندا؟ ڀلي انگريزي يا جاگرافي يا تواريخ پڙهايو. مون شاگردن کي ڄڻ منت ڪئي ته مونکي سنڌي پاڙهڻ جو موقعو ڏيو ۽ هنن ڄڻ مون سان رعايت ڪئي. چيائون شعر جو پيرڊ آهي ۽ ”شيرين شعر“ اسانجو درسي ڪتاب آهي. مون بيوس کي نه وساري

جي ڇنڊڪڻ سان پيٽيو آهي. پڇڙ ٽاري جي پڇڻ سان اُن جي پنيان لعل روشنيءَ جي ڌارا لڳي آهي. هزارن اهڙن ڌارائن گڏ هلندڙ تصور ڪرڻ ۽ اُنهي پيٽ چشمي مان نڪرندڙ پاڻيءَ جي ڌارائن سان ڪرڻ پڻ ۽ محسوس ڪندا ته ٻيوس ڪلپنا شڪتيءَ جو ڇا اُپيوگ ڪيو آهي.

ٻيوس جي شعر جي باري ۾ هڪ آخرين ڳالهه چئي مان هي پاڻ پورو ڪندس. هر ڪنهن شاعر جي شعر ۾ ڪا هڪڙي ڪوتا ملندي آهي، بعضي ڪو هڪڙو بند، هڪڙي مصرع بہ، جا اهڙي اعليٰ هوندي آهي جو چئبو آهي ته شاعر ٻيو ڪجهه نہ لکي ها، رڳو اها ڪوتا، جو بند يا مصرع لکي ها ته امر ٿي وڃي ها. انگريزي شاعرن ۾ اوهان کي ڪيترا اهڙا مثال ملندا. ڪيٽس جي

Truth is Beauty, Beauty Truth
This is all...

يا شيليءَ جي مصرع

Our sweetest songs are those that
tell of saddest thought

يا براؤننگ جي

Teach me Oh teach love etc.

يا ورڊسورٿ جي

Then my heart with pleasure fills etc.

يا ملٽن جي

What though the field is lost

وغيره وغيره، اهڙي قسم جا مصرع آهن.

مون ضيا جي بـاري ۾ هڪ دفعو لکيو ته، سنڌس

اسانجي پراڻي شاعر چيو آهي. ۽ بيوس جي ندي ان حڪم جي پيروي ٿي ڪري:

”هيٺار ڏي هلان ٿي هردم ندي نماڻي.“

انسان ايشور وٽان آيو آهي ۽ وري ايشور جي دربار ۾ ئي ويندو ۽ برهم ۾ لين ٿيندو. هيءُ ويدانت جو سڌانت آهي. بيوس جي نديءَ کي ٻه اها آشا رهي ٿي ته هوءَ آخر سمنڊ ۾ وڃي وشرام پائيندي، جو ئي سندس پراڻو گهر آهي.

بيوس جي شعر مان ائين ڪيئي حوالا ڏيئي سندس شعر جي سندرتا، نزاڪت ۽ روحانيت جو درشن ڪرائي سگهجي ٿو. محض ڪوتا جي وچار درشٽيءَ کان ڏسجي، لفظن جي بندش، چتر چٽڻ جي شڪتي، وچارن کي نئن لفظن جو لباس پهرائڻ ته به بيوس هڪ اعليٰ شاعر ثابت ٿيندو.

آءٌ، بيوس جي ”تاج محل“ مان، هڪڙي تشبيهه هتي دهرائيندس، جا آمريڪن ٻوليءَ ۾ ١٠ لک ڊالرن جي ملهه واري چئجي.

آب ڪوثر جي ڦڙن ساڻ ڦوهارا ڇڻڪيا،
گويا آڪاس منجهان سهڻين ستارا ڇڻڪيا.

هي بند پڙهي، دل گد گد ٿــي ٿئي ۽ خوشيءَ مان جهومڻ ٿي لڳي. اوهين شايد چئو، ته آڪاس ۾ ته ستارا چمڪندا آهن، ڇڻڪندا ڪو نه آهن. مگر مٿين بند پڙهڻ وقت، اکين آڏو تصوير رواجي ستارن جي نه، مگر پڇڙ تارن جي ٿي اچي جو آڪاس مان ڌوم سان پکڙندڙ ڏسبو آهي. ڦوهارن ساڻ چوهه مان ڇڻڪي مٿي اڏامندڙ پاڻيءَ جي ڦڙائن جو نظارو بيوس آڪاس مان هزارن پڇڙ تارن

٢٣- ڀارتي ناٽڪ جي مهانتا

ناٽڪ جي ڪيتر ۾ جيترو نالو شيڪسپيئر جو آهي، اوترو ڪنهن ٻئي ناٽڪ نويس جو ڪونهي. صديون گذري ويون آهن، پر هن جو ناموس جهڪو ڪونه ٿيو آهي. هن جا ناٽڪ پراڻا ڪونه ٿيا آهن، منجهن نت نئين تازگي پيئي پسجي، نت نئون سواد پيو ملي.

انگلنڊ، شيڪسپيئر کانپوءِ ٻيا به ناٽڪ نويس پيدا ڪيا آهن جن ساهتڪ ڪيتر ۾ چڱو نالو ڪڍيو آهي: بيري، شيريڊن، آسڪر وائيلڊ، اِبسن، جارج برنارڊ شا وغيره. پر ڪوبه شيڪسپيئر جي نالي تي ڇانيا آڻي ڪونه سگهيو آهي.

شايد شيڪسپيئر کانپوءِ جا ناٽڪ نويس ۽ خاص طور تي موجود زماني جا ناٽڪ نويس هڪ خاص قسم جي دماغي تڙپ وڌيڪ پوري ڪن. شيڪسپيئر ۾ اسان کي من جي ڀاونائن ۽ جذبن جي تصوير ته ملي ٿي، مگر اُنهن جذبات ۽ ڀاونائن جو (Psycho - Analysis) ڪونه ملندو. جو بعضي جديد زماني ناٽڪ نويسن جي رچنائن ۾ ملي ٿو. نڪي وري شيڪسپيئر ۾ خيال ۽ ڀاشا جا وڪڙ ۽ مونجهارا ملندا جي مانسڪ ورزش لاءِ عمدو مصالحو ٿا مهيا ڪن. پر انهن ڪمين باوجود عام جنتا جو لاڏلو سدائين شيڪسپيئر رهندو. هن کي سندس مسند کان ڪوئي هٽائي ڪونه سگهندو.

اسين انگريزي علم يافته جي شيڪسپيئر جا ناٽڪ پڙهي گڏ گڏ ٿيندا آهيون ۽ خاص طور تي، سندس جڳ پرسد دکانت، "ڪنگ ليئر"، "ميڪبيٿ"، "هئمليٽ" ۽ "آٿيلو"

هڪڙي ڪوتا "تون سٺلاني مان سٺلاني" اهڙي آهي جا ڪيس امر ڪندي.

اهڙيءَ طرح مون ڪان ڪير پڇي ته ٻيوس جي اهڙي ڪا هڪڙي ڪوتا آهي ته مان ٻڌا هيڪڙ جي سندس ننڍڙي ڪوتا "مڪڙيءَ جي ٻي تاٻي" جو نالو کڻان.

مڪڙي! ٻهار ايندو، گل - پوش منهن پٽيندو،
ڪولي ڪئور ڏيندو، آزاد حسن ٽيندو،
ايندي نسيم گهلندي، سوپيا سڳند ڪلندي.
جيسين اچا ڪچائي، ٻيوس اندر سمائي،
ليسين لڪڙ اجائي، مڪڙيءَ ڪٽي مچائي،
اندر اُچل جي ڏيندو، ٻهرئون نه ست جهليندو.

هن ڪوتا جي نزاڪت خيال جي عميقي، شبدن جي بندش سڀ لاثاني آهن. ان ۾ نوجوان لاءِ سنديش آهي، سماج سيوڪ لاءِ سنديش آهي، برهم گيان جي پٿ لي پانڌيڙي لاءِ سنديش آهي. هرڪا چيز وقت سر ٽيندي، لڪڙ ڪرڻ نه جڳائي. اي نوجوان پريمي، جوانيءَ جي جوش ۾ اچي، وقت کان اڳ عيش عشرت ۾ پاٽڪي نه وجهه، پنهنجي برٻادي نه ڪر. اي سماج سيوڪ، سيوا جي کيتر ۾ گهڙڻ سان ئي، تون مان ۽ عزت ۽ عهدي ۽ پد لاءِ نه پاٽڪي دکي ڪر. جڏهن وقت آيو تڏهن پاٽهي لوڪي تسليميت ملندي. اي برهم سان لين ٿيڻ جا پياسي يڪدم نرواڻ پائڻ جا سپنا نه لهه. جڏهن اندرئون اُچل ڏيندو، جڏهن رسي راس ٿيندين تڏهن از خود ئي مقصد کي پائيندين.

(ادبي مضمون)

نه، جو هن خوشامد تي هرکي، ڌيري ۽ پٽ جي وچ ۾ فرق نه سمجهيو، پنهنجي سپاتر ڌيءَ ڪارڊيلا کي ڇڏي، ٻن وڏين ناخلف ڌيئرن کي پنهنجي ملڪيت ڏئي ڇڏي؟

يا هئمليٽ جو ڪهڙو قصور هو، جو سڄي زندگي صرف پڇندو رهيو ڪريان يا نه ڪريان To be or not to be is the Question ۽ آن ڊيڊيا اندر پاڻ به برباد ٿي ويو ۽ سندس محبوبا اوفيليا به برباد ٿي وئي؟ قصور اهو جو هن پنهنجي ووڪ کي خاطري ڏيڻ ٿي چاهي ته واقعي سندس ماءُ ۽ سندس چاچو هن جي پيءُ جا خوني هئا.

يا سنڌ ۾ روزانو، ڪارو ڪاريءَ جا مثال ڏسندي ۽ پڙهندي اصلي آٿيلو کي ڪيئن ٿا قصوروار ٺهرائي سگهون، جي هن ٻاگو جي رومال پيش ڪرڻ تي پاڪدامن ڊيسڊيمونيا جي پاڪيزگيءَ ۾ شڪ آڻي آن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي جان ڏئي ڪيس آن پاپ جو پراشچت ڪرڻو پيو!

يا وري وفاداري ۽ بهادريءَ جي ڳڻن سان ڀرپور سپهه سالار مئڪبيٿ زال جي ڀڙڪائڻ ۽ ڏائڻين جي ڦٽڪائڻ تي پنهنجي هڪ ڪمزوريءَ جي گهڙيءَ ۾ بادشاهه جي شرير ۾ تلوار گهسائي، ته ان قصور لاءِ هن کي ايترو ڇو ڀوڳڻو پيو؟ سندس پيڙت من جي پرسٿتي ڏسي، ۽ سندس بهادر استريءَ جي بيوسي ۽ بيڪسي ڏسي پٿر هردو به هوند پگهرجي پوي. جنهن هڪ دفعو چيو ته ٿورڙو ئي پاڻي هن گناهه کي ڌوئي ڇڏيندو

A little water clears you of this guilt.

تنهن کان پوءِ چوڻو پيو

Not all the waters of all the oceans can wash this blood away.

پڙهي مگن ٿي ويندا آهيون. تن مان ٿورن کن پارٽي ناٽڪ جو لطف ورلو هوندو. خبر نہ آهي تہ ڪيترن ڪاليداس جو شڪنتلا پڙهيو هوندو اصل سنسڪرت ۾.

شيڪسپيئر جا ڏکانت

شيڪسپيئر جي ڏکانتن جي ڪشش جو رهسيہ ڪهڙو آهي؟ انهن جي لوڪ پريتا جو راز ڇا ۾ سمايل آهي؟ انگريزي نقادن اسان کي ٻڌايو آهي تہ شيڪسپيئر جا ”ڏکانت“ پڙهندڙ جي من کي پوتر (Purge) بڻائين ٿا، ان کي مٽي نين ٿا. اهي ناٽڪ من جي اندر ٻن ڀاونائن پيدا ڪرڻ سان اُن کي پاڪ ڪن ٿا. ٻہ ڀاونائون هڪڙي ڏر جي ۽ ٻي ديا جي (Pity & Fear). ديا ڏکانت جي نائڪ لاءِ جنهن ويچاري کي سخت جزا ڀوڳڻي ٿي پوي ۽ ڏر پنهنجي لاءِ تہ ڪنهن وقت اها ساڳي جزا منهنجي مٿان نازل نہ ٿئي.

شيڪسپيئر اهي ٻہ ڀاونائون ڪيئن پيدا ڪري سگهيو آهي، ڪهڙي ڪرامت ڪيڏي اٿس، سندس ڏکانت جي نائڪن سان اسانجي همدردي ڇو ٿي پيدا ٿئي؟ هن، پنهنجي نائڪن جي شخصيت ان نموني جوڙي آهي جو ڪين ٿوريءَ غلطيءَ لاءِ ڳري سزا ٿي جري. مهان ويڪتيون ٻيءَ طرح اُتم ۽ اعليٰ، جي ڪنهن ٿورڙي من جي ڪمزوريءَ ڪارڻ ڪو گناہ ڪري وهن ٿا ۽ پوءِ بربادي‌ءَ کي رسن ٿا. سڀاويڪ من ۾ اُنهن لاءِ شردا، عزت، همدردي پيدا ٿي ٿئي.

آخر ليئر بادشاہ جو قصور ڪهڙو هو، جنهن لاءِ برڦ اوسٿا ۾ هن کي خانہ بدوش ٿي ڀٽڪڻو پيو. سخت ٿڌ ۽ برسات ۾ ڏڪي، پاڳل بڻجي جان ڏيڻي پيئي؟ اهو

indian drama knows no tragedy

يعني ڀارتي ناٽڪ ۾ دکانت ٿئي ئي ڪين.

اوهان جيڪڏهن پراڻا ڀارتي ناٽڪ ڏٺا هوندا ته دکانت جي حالت ۾ به اوهان ڏٺو هوندو ته پڇاڙيءَ ۾ هڪ درشيه سورڳ جو ڏيکاريو ويندو هو، جنهن ۾ پرمي ۽ پريتما هڪ ٻئي سان گڏ ميلاپ جي اسٿتيءَ ۾ پيش ڪيل هوندا هئا. اڄ جي فلمن ۾ جيڪي بعضي ڪي دکانت پيش ڪيا وڃن ٿا ته اهي ڀارتي جيون پدتي ۽ پرمپرا - سڦلتا جو چاهه نه آهن مگر مغربي وچار ڌارا جي پرڇانئين آهن.

ڀارتي جيون پدتي ۽ پرمپرا سڦلتا تي ٻڌل آهي ۽ نه نشڦلتا تي. پورڻتا (Completion)، سڦلتا (Fulfilment) ۽ خود پراپتي (Self - Realization) اسانجي جيون جا اُديش آهن، جي نه فقط هرڪنهن کي پنهنجو اڳو رکڻو اُديش طور رکڻا آهن، مگر جي حقيقت ۾ حاصل ڪرڻا آهن، جي هرڪو آخر حاصل ڪري ٿو. ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکش اهي چار پدارٿ انسان جي حاصلات لاءِ شاسترن ٻڌايا آهن ۽ موکش آخرين منزل آهي. ممڪن آهي ته هڪڙي جيون ۾ اهي چارئي پدارٿ حاصل نه ٿين. شايد ٨٤ لک جوڻين جي چڪر مان لنگهڻ بعد ئي جيو آتما آخرين منزل تي رسي، مگر رسندي ضرور.

اُهي ڌرم ۽ مذهب جي هن پرٿويءَ ۽ هن دنيا کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا جن لاءِ ٻيو جنم ٿئي ئي ڪونه، انهن لاءِ هي آشا جو دروازو برابر بند آهي. مگر اهائي ته اسان جي سنسڪرتي، اسانجي فيلسوفيءَ جي خوبي آهي، جو ان هيٺ اُدنا ۾ اُدنا، پتت ۾ پتت شخص لاءِ به سورڳ جو دروازو سدائين لاءِ بند نه ڪيو ويو آهي. هتي جي رام

۽ سڄي سنسار جي سمورن ساگرن جو پاڻي به هن داغ کي ڌوئي نه سگهندو.

ڏکانتن جو اخلاقي مسئلو

شيڪسپيئر جا اهي ڏکانت مهان تہ آهن، مگر اهي هڪڙو وڏو مسئلو ٿا پيدا ڪن جنهن جو حل ڳولهڻ لاءِ نقاد به سوين ورهيه ڪوشش ڪندا رهيا آهن، مگر اڃا ڪنهن سنتوش جنڪ حل ڪونه ڏنو آهي.

منوگيان جي خيال کان ته شيڪسپيئر لاثاني ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. پنهنجي ناٽڪن کي ٿوريءَ ڪمزوريءَ لاءِ ڳري سزا ڏيئي هنن لاءِ اسانجي همدردي حاصل ڪئي اٿس، مگر ائين ڪرڻ سان هن هڪ شاهي اخلاقي ۽ روحاني سوال کڙو ڪري ڇڏيو آهي. ڇا ايشور جو انصاف اهو آهي جو ٿوريءَ خطا لاءِ اهڙي ڳري سزا ٿو ڏئي. اهڙي ڳري سزا، ڪويءَ جي شاعري انصاف (Poetic ustice) جنهن سان ديا به لاڳو آهي. (Justiec tempered with mercy) جي ويچار ڌارا سان ته نه ٿي ٺهڪي، بلڪ مروج قانوني دستور جي به خلاف آهي. چالو قانون هيٺ به، جڏهن ڏيکاريو ويو آهي ته خونيءَ کي خون ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪارڻ هو يعني ته ڪا ڳالهه اهڙي ٿي جنهن ۾ هن جو غيرت جو جزو اٿيو ته ڪورٽ کيس موت جي سزا نه ڏيندي آهي.

هن اخلاقي ۽ روحاني مونجهاري جو حل ڪوئي مغربي نقاد ڏيئي ڪونه سگهيو آهي. حل، جو دماغ کي سنتوش ڏئي.

پارٿي ناٽڪ جي مهانتا

پارٿي ناٽڪ جي مهانتا ان ۾ آهي ته ان جي اندر، هن قسم جو ڪو شاهي اخلاقي يا روحاني مسئلو پيدا ڪونه ٿو ٿئي. هڪ انگريزي نقاد پارٿي ناٽڪ لاءِ چيو آهي:

٢٤- شري ٽيڻونمل نرسنگ هوم ۾

اسان کي ظاهر ڪندي نهايت افسوس ٿو ٿئي ته شري ٽيڻونمل کي اوچتو دل جي چپيٽ اچي وئي آهي، جنهنڪري ڊاڪٽرن کيس هڪ هفتي لاءِ مڪمل آرام وٺڻ جي هدايت ڪئي آهي ۽ ان مقصد سان کيس ”لوٽ مار“ نرسنگ هوم جي روم نمبر ٢٤٠ ۾ رکيو ويو آهي. ڊاڪٽرن ملاقاتين لاءِ رجسٽر رکيو ويو آهي، جنهن ۾ شري ٽيڻونمل جا مٽر ۽ شردالو صحيح ڪري سگهن ٿا. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته انتظاري ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونه آهي ۽ پورن آشا آهي ته شري ٽيڻونمل، هڪ هفتي جي آرام بعد، بلڪل نؤ بنو ٿي ويندو ۽ وري پنهنجي سرگرمين ۾ لڳي ويندو.

ڳالهه هن ريت آهي ته ڪجهه ڏينهن ٿيا ته شري ٽيڻونمل اوچتو اسانجي آفيس ۾ لنگهي آيو ۽ اسان کي ائين سندس درشن ڪرڻ جو شرف مليو هو، هو اسان سان ڳالهين ۾ اَئي مشغول هو ته اوچتو دانهن ڪيائين ته مونکي دل وٽ اچي سور پيو آهي. منهنجو نه هيٺيون هيٺ، مٿيون مٿي. هڙو معزز مهمان، هيڏن اسانجي آفيس ۾ اچي بيمار ٿي پوي سا ڳالهه سڀاويڪ اسان لاءِ انتظاريءَ جهڙي ٿيندي ٿي ٿيندي. تنهن سواءِ خدا نه خواست جي ڪا ڳالهه هيٺ مٿي ٿي پئي ته هڪ طرف سنڌي جاليءَ کي

موکش حاصل ڪري سگهي ٿو، ته راوڻ به مڪتيءَ جي
آشا رکي سگهي ٿو.

گانڌيجيءَ کي هڪ لڳا ڇيو ته جيسين جيو آتما شاريرڪ
بند ۾ بند آهي تيسين هو آخرڪار مڪتيءَ جي منزل تي
نه ٿو پهچي سگهي، ڇو ته شرير جا ٻنڌن هن جي پورن
ڇوٽڪاري ۾ ڪجهه نه ڪجهه رڪاوٽ وجهيا ٿي ٻٽيا.
مڪتيءَ تي رسڻ لاءِ هن شرير جي آخرڪار قيدخاني مان
رها ٿيڻو ئي پوندو.

بس، اهو راز اسان کي سمجهڻو آهي ته هيءَ زندگي،
جيو آتما جو هڪ سفر آهي، جنهن جي دوران ڪشٽ ۽
ڪشالا ڪڍي منش کي شاريرڪ ٻنڌن کي جيتي ۽ جيڪي
ڪجهه شريرڪ ٻنڌن سان لاڳو آهي من جا وڪار ۽ ورتيون
انهن تي فتح پائي وري ايشور جي دربار ۾ پهچڻو آهي.
هيءَ زندگي جڻ جسماني ٻنڌن تي روحانيت جي جيت
حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي عطا ڪيل آهي. اهو مرڪزي
راز، اهو بنيادي رهسيه سمجهوسون ته پوءِ ٻارڙي ناٽڪ
کي به سمجهي سگهبو.

لان ريڊئي گرام جي قيمت به نانيءَ کي ڏني. ڇو ته اسين پراڻي زماني جا ماڻهو آهيون ۽ نياڻيءَ جي ڇايا کان دور رهڻ پسند ڪندا آهيون.

ڊاڪٽر صاحب: (ڪجهه حيرانيءَ ۽ ڪجهه بي صبريءَ مان): سيٺ صاحب، مان ريڊيوگرام نٿو چوان، ڪارڊيوگرام ٿو چوان.

شري نيڻونمل: ڪارڊيوگرام! اها ڪهڙي بلا آهي. سرڪار جڏهن کان وزن ۽ ماپن جي ڦيرگهير ڪئي آهي، تڏهن کان هي ڪمبخت نيون جدوليون منهنجي دماغ ۾ وهن ئي ڪو نه ٿيون. ڪارڊيوگرام؟ ڊيڪاگرام، هيڪٽاگرام ڊيسي گرام ته ٻڌا اٿم، مگر ڪارڊيوگرام ته مونکي ياد ئي ڪو نه ٿو اچي، اها الائي ڪهڙي مصيبت آهي.

ڊاڪٽر صاحب، ذرا سوالي نظرن سان مون ڏانهن نهارڻ لڳو، ڄڻ ته ڄاڻڻ ٿي چاهيائين ته شري نيڻونمل کي رڳو دل جي چپيٽ آئي آهي يا گڏوگڏ ڪجهه دماغ کي به ضرب رسي اٿس.

مون، ڊاڪٽر صاحب کي خاطري ڏياريندي چيو ته شري نيڻونمل جو دماغ بلڪل سالم آهي. معصوميت ڀري مذاق ڪرڻ، شري نيڻونمل جي سڀاءَ جو هڪ بي نظير جزو آهي جنهن بدولت ئي هنجي شخصيت اهڙي ٺهي آهي. اوهان کي ته ڪيس شاباس ڏيڻ گهرجي، جو بيماريءَ ۾ به هو پنهنجي مذاق قائم رکي ٿو سگهي.

ڊاڪٽر صاحب: شري نيڻونمل! اوهان ته ڏاڍا ڪي چرچائي ٿا ڏسجو. اوهانجي خوش مزاجيءَ لاءِ اوهين بيشڪ مبارڪ جا حقدار آهيو. پر هاڻ اچون بيماريءَ ڏي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته مان اوهانجي دل جو ڪارڊيوگرام ڪيان.

وڏي هاڃي رسندي، جو سندن هيڏو نشڪام شيواداري هليو ويندو ۽ ٻئي طرف وري آءٌ پنهنجو ولدر ۽ مذاق جو ڀرپور سرچشمو کوهي ويهندس. انڪري مون بنا وقت وڃائڻ جي هڪ سندي دل جي ماهر ڊاڪٽر (Heart Specialist) کي فون ڪري تڪڙو گهرائي ورتو.

ڊاڪٽر صاحب اچڻ سان ئي شري ٽيڪونمل جي نبض ڏٺي، پوءِ سندس رت جو داٻ ورتو، پوءِ سٽيٿا سڪوپ سان سندس دل جي ڌڙڪن جاچي. ڊاڪٽر صاحب جي منهن تي وشواس جي جهلڪ ڏسي ڪجهه مونکي ۽ منهنجن سائين کي آٿت آيو.

ڊاڪٽر صاحب چيو:

گهٽي انتظاريءَ جي ڳالهه ڪينهي. شري ٽيڪونمل تمام سخت پورهيو پئي ڪيو آهي، تنهن ڪري سندس دل کي ٿوري چوٽ آئي آهي. مڪمل آرام سان هو جلد چڱو ڀلو ٿي پوندو.

شري ٽيڪونمل چيو: پورهئي جي ته ڳالهه ئي نه پڇو. رات ڏينهن پنهنجي جاليءَ جي آڌار لاءِ مشغول هجڻ ڪري ننڊ ۽ کاڌو حرام ٿي ويو آهي.

ڊاڪٽر شري ٽيڪونمل ڏانهن نهاري چيو:

مان سمجهان ٿو ته بهتر ٿيندو جي اوهانجو ڪارڊيوگرام (Cardiogram) وٺان.

شري ٽيڪونمل (ڪارڊيوگرام جو مطلب نه سمجهي):

ڊاڪٽر صاحب، ريڊيوگرام ته منهنجي گهر ۾ موجود آهي. منهنجو ناٺي تازو آمريڪا مان موٽندي اُتان وٺي آيو. اسان اُن تي ڪسٽم ڊيوٽي به فل ڀري آهي، جو آءٌ سرڪار سان ٺڳي ڪرڻ عظيم گناهه سمجهندو آهيان. تنهن سواءِ، مون

ڊاڪٽر صاحب: اوهانجي ڊاڪٽري وشيه ۾ دلچسپي آهي ڇا؟

آءٌ: سمپادڪ هجڻ جي حيثيت ۾ منهنجي سدائين ڪوشش رهندي آهي ته ڪجهه ڪجهه هر فن مولي بڻجان يعني هر ڪنهن وشيه جي ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪريان.

ڊاڪٽر: توهين هر ڳالهه ۾ پنهنجي ٽنگ اٽڪائڻ چاهيو ٿا ۽ (Jack of all trades) بڻجڻ ٿا چاهيو.

مان: هر معاملي تي قلم جو هلائڻو ٿو پوي.

ڊاڪٽر: چڱو اچو ته سمجهايانوَ. هن گراف ڏانهن نهاريو. جڏهن دل سسندي آهي تڏهن دل هڪڙي ڪمري مان نڪري ٻئي ڪمري ۾ وهندو آهي ۽ ان چال ڪري هيءَ ليڪ مٿي تي وڃي. وري جڏهن دل قنبندي آهي تڏهن رت هيٺ ڪرندو آهي، ته ليڪ به هيٺ لهندي آهي. دل جي هڪڙي اهڙي چڪر پوري ٿيڻ ۾ ٻه دفعا ليڪ مٿي چڙهندي ۽ ٻه دفعا هيٺ لهندي. وري ٻيو چڪر شروع ٿيڻ وقت ليڪ مٿي هاڻ شروع ٿيندي آهي. ان چال کي گراف ۾ P. Q. R. S. T. ڪري ڏيکاريو وڃي ٿو. جنهن وقت هڪڙي چال پوري ٿئي ته ٻي شروع ٿي ٿئي. هاڻ هن گراف ۾ جڏهن هڪڙي چال پوري ڪري ٻي چال دل شروع ٿي ڪري ته اُتي ليڪ پوري مٿي نٿي چڙهي يعني دل پوري زور سان نٿي رت کي مٿي موڪلي سگهي. ان ڪري ڇئون ٿا ته S. T. ڪجهه هيٺ لڙيل آهي. خبر نه آهي ته اوهان هي سڀ ڪجهه سمجهيو يا نه.

مان: ڪجهه ڪجهه سمجهيو. وڌيڪ سمجهڻ نٿو چاهيان

ٽيڪونمل: اوهو! اوهانکي منهنجي دل جو ڪارڊيوگرام گهرجي! حق ٿي ماڻهو اڄ ڪالهه ڊاڪٽرن جي پيٽ ڀوڏي شئلاڪ سان ڪندا آهن. پر شئلاڪ ۾ دل جي گوشت جو رڳو هڪڙو پائونڊ طلبيو هو. اوهانکي پورو ڪارڊيوگرام گهرجي. ڪلوگرام ٿي چون ٿا پائونڊ کان سوا ٻيڻو ٿيندو آهي. ڏٺي جاڻي ڪارڊيوگرام ۾ گهڻا ڪلوگرام هوندا. اوهان ته شئلاڪ کي ۾ شيهه ڏيئي ڇڏي. پر اوهانکي ۾ ڏوهه ڪيئن ڏيو. مهانگائي جو ايترو وڌي ويئي آهي سو اوهين ڪيئن نه پورت ڪندا ته.

ڊاڪٽر صاحب: هاڻ ايترو ڳالهايو نه. متان دل کي وڌيڪ صدمو رسي. ماٺ ڪري ليٽي پئو ته مان مشين سان اوهانجي دل جي چال جو گراف ڪڍي وٺان.

ٽيڪونمل: چڱو سائين، مان ليٽي ٿو پوان. اوهانکي کپي ته ڪلوگرام ڪيو، کپيوَ ته ڪارڊيوگرام ڪيو. مگر پورشا جي صلاح ياد رکجو، يعني رت جو هڪڙو ٽيپو به نه ڪيجو.

ڊاڪٽر صاحب پوءِ پنهنجي ڪمپائونڊر جي مدد سان ٽيڪونمل جو ڪارڊيوگرام ڪيو. ڪارڊيوگرام ڏسي چيائين ته گهڻي ڪجهه خرابي ڪانهي. رڳو ٿوري ڪا ڀڃڪڙ اٿس. هي ڏسو رڳو هتي ٻن نقطن S.T. وٽ ڪجهه گراف جي ليڪ هيٺ لڙيل آهي. ٻين مٿون ته ان ڪارڊيوگرام ۾ ڊاڪٽر جي سمجهاڻيءَ جو مطلب ڪجهه ڪو نه سمجهيو ۽ نڪي سمجهڻ لاءِ ڪجهه چاهه ٿي ڏيکاريو پر مان ٿورو رڙهي ڊاڪٽر جي ويجهو وڃي ڪيس چيو:

ڊاڪٽر صاحب! جي اعتراض نه هجيوَ ته ڀلائي ڪري مونکي ان ڪارڊيوگرام جو مطلب سمجهائيندا؟

٢٥- شري ٽيڪونمل نرسنگ هوم ۾-٢

اڳئين باب ۾ اسان ڏٺو ته ڪيئن دل جو ماهر ڊاڪٽر شري ٽيڪونمل کي تپاسي، کيس نرسنگ هوم ۾ موڪلڻ جي صلاح ڏيئي هليو ويو. هنجي وڃڻ کانپوءِ مون پڇايو ته ڪي متر اچي ويا جن ۾ ٽي ته ڊاڪٽري فن جا ڄاڻو هئا. هڪڙو هو يوناني حڪيم، ٻيو هو هوميوپٿ ۽ ٽيون قدرتي علاج جو ماهر.

جڏهن ڪين سڄي روئداد کان واقف ڪيوسين، تڏهن حڪيم صاحب فرمايو: اعتراض نه هجي ته مان بيمار کي تپاسيان. اسان چيو اعتراض ڪهڙو آهي. جيڪو سوا سين اوهان جا شڪرگذار رهنداسون.

حڪيم صاحب جڏهن بيمار جي ويجهو ويو تڏهن ڏٺائين ته ڇاتي ڏسڻ جو اوزار ته سندس کيسي ۾ هوئي ڪونه. چيائين مان هيڏانهن ڳالهين ڪرڻ لاءِ ٿي آيس ۽ نه بيمار کي ڏسڻ لاءِ. سو ربڙ جون نليون (Stethoscope) ته پاڻ سان آنديون ڪونه اٿم. پر فڪر نه آهي، انهيءَ کانسواءِ به ڪم هلي ويندو. جڏهن اڃا اهي نليون نه ٺهيون هيون تڏهن پوروج حڪيم ڇاتي ڪونه ڏسندا هئا ڇا؟ هنن وٽ هڪ اوزار هوندو هو جنهن جو ويڪرو پاسو ڇاتيءَ تي رکي ۽ سوڙهو نليءَ جو پاسو ڪن تي رکي ڦڦڙن ۽ دل جي ڪارگذارين جي تپاس ڪندا هئا.

مون ان تي ڇا ڪيو جو ڊوڙي هيٺ ڪارخاني ۾ لهي ويس ۽ جنهن ڪيف سان ڏبي مان موبل آئل ڇوڪرا ڪيندا

ته مٿان بدهاضمو نه ٿي پوي.

خير. ايتري ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي فـــي وٺـي ۽ هدايتون ڏيئي هليو ويو. آءٌ پنهنجن دوستن سان صـلاح ڪري رهيو هوس ته شري ٽيڪونمل لاءِ ڇا ڪجي ته ايتري ۾ ٽي مٽر اچي ويا جي ڪجهه ڪجهه ڊاڪٽري ڄاڻندا هوا ۽ ٽيئي وري جدا جدا پنٿ جا پيروڪار هئا.

هڪڙو هو حاذق حڪيم، ٻيو هوميو پٿ ۽ ٽيون قدرتي علاج جو ماهر.

يار ٽواسي ١٣-٩-١٩٦٤

(ٽيڪونمل)

تي سگهي تنهن لاءِ ڪيتري ساري خبرچار ڪري ٿي. مثلن سنڌس سڻن پيڙهين جو الهاس گهرجي ته ڪنهن به پيڙهيءَ مان ڪنهن کي به ڪڏهن دل جي تڪليف ٿي هئي ڇا؟ تنهن سواءِ اها ڄاڻ گهرجي ته شري ٽيڪونمل مانيءَ ڪاڻ وقت اوير ڏانهن منهن ڪري وهندو آهي يا اولهه ڏانهن. پاڻي اڳ پيئندو آهي وچ يا پوءِ. سمهندو آهي ته پيٽ ير يا پٺيءَ ير. رات جو ننڊ ۾ ڳالهائيندو آهي ڇا؟ ننڊ سپنن واري ايندي اٿس يا بنا سپنن ۽ ڪيترائي ٻيون حقيقتون گهربائين جنهن جو دل جي تڪليف ڪانسواءِ ٻئي ڳالهين سان واسطو هو.

هن وڌيڪ چيو ته اسانجي علاج ڪرڻ جي دستور جو بنيادي قانون آهي ته بيماريءَ جو جيڪو ڪارڻ آهي اهو ئي ان جو علاج ٿيندو جيڪن هيرو هيري کي ڪٽيندو آهي. تنهن ڪري اوهانکي ٻڌائڻو پوندو ته هن کي اڄ دل جو سور ڇو ٿيو؟ ته پوءِ اهو ساڳيو ئي علاج سنڌس ڪيو ويندو.

مون بلڪل گنڀيرتا سان چيو: يعني اوهانجو مطلب آهي ته جيڪڏهن بيمار کي اڄ دل جي تڪليف هئي به ڏاڪڻيون چڙهڻ ڪري ٿي هوندي ته اوهان ڪيس به ڏاڪڻيون ٻيون مٿي چڙهڻ جي صلاح ڏيندا. مگر افسوس جو هن جڳهه ۾ آهن ئي ڪل ٽي ماڙا. هاڻ جي حڪيم صاحب جي معجون ٿيڻ ۾ ١٠ ڏينهن لڳندا ته چوٿين ماڙي ٿيڻ ۾ ١٠ مهنا لڳي ويندا تيسين شڪ نه آهي، ته شري ٽيڪونمل بنا ڏاڪڻين چڙهڻ جي ئي سورڳ ۾ پهچي ويندو.

هوميوپٿ صاحب ذرا ناراضگيءَ سان مون ڏانهن نهارڻ لڳو. پوءِ پنهنجي ٿيلهي مان هڪ شيشي ڪڍي ان مان

هٿا سا آٽي حڪيم صاحب کي ڏنم ته سائين ٻلائي ڪري هن سان اوهان شري ٽيڪونمل جي دل جي تپاس ڪريو.

حڪيم صاحب ڪيف سان شري ٽيڪونمل جي دل جي تپاس ٻه ڪئي ۽ اسانکي ڪف، پت ۽ واءُ جي گهٽ وڌ ٿيڻ ۽ ان مان جدا جدا بيمارين جي پيدا ٿيڻ تي ليڪچر ٻه ڪندو رهيو، جو اسان ته بلڪل ڪونه سمجهيو باقي خبر نه آهي ته هن پاڻ سمجهيو يا نه سمجهيو.

آخر تمام گنڀيرتا سان چيائين ته دل کي ذرا ذونف اچي ويو آهي. انڪري بيمار لاءِ خاص معجون ٺاهڻو پوندو جنهن ۾ ياقوتيون، موتي، مرجان ۽ ٻيون ڪيتريون جڙيون ٻوٽيون ۽ وجهڻيون پونديون. جي حڪم ڪندا ته مان ان قسم جو معجون ٺهرائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

مون پڇيو ته ان معجون ٺهرائڻ لاءِ گهڻو وقت لڳندو ۽ ان تي خرچ گهڻو ايندو.

حڪيم صاحب چيو ته معجون تي اٽڪل هڪ هزار رپيا خرچ اچي ويندو ۽ ان جي ٺاهڻ تي ١٠ ڏينهن لڳي ويندا.

مون چيو: سائين هزار رپين جي شري ٽيڪونمل کي ڪا پرواهه ڪانهي، مگر ڏهن ڏينهن تائين بيمار ڪٿي بچي ويندو انجو ڪجهه سوچ ويچار ڪريو ٿا.

حڪيم صاحب چيو: ان ۾ مان ڇا ٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن بيمار کي اسانجي يوناني دوائن جو چمتڪار ڏسڻ جو چاهه آهي ته ڪيس ڏهه ڏينهن ۾ هن دنيا ۾ ترسڻو پوندو ئي. باقي جي هرو ڀرو ڪيس سرڳ ڏانهن وڃڻ جي تڪڙ هوندي ته ان ۾ مان ڪجهه ڪين ڪري سگهندس.

حڪيم صاحب ان ليڪچر ڏيڻ ۾ مشغول هو ته هوميوپٿ صاحب اچي ويو. مونکي چيائين ته بيمار جو علاج باقاعدي

ڊاڪٽر صاحب: ۽ هاڻ؟

ٽيڪونمل: هاڻ؟

"وه دن گذر گئي جب پسينا گلاب ٿا
آج عطر ملتي هئڻ تو بي خوشبوء نهين آتي"

ڊاڪٽر صاحب: ايندي وري ڪٿان؟ اوهان قدرتي طريقن موجب جو ٿا هلو.

ڊاڪٽر صاحب پوءِ ٿورو اڳتي هلي شري ٽيڪونمل جي چاليءَ تي به ٽي ٽونگا هنيا. پوءِ بلڪل گمڀيرتا سان چيائين:

ڪابه انتظاريءَ جي ڳالهه، ڪانهي. دل جي ڪابه خرابي ڪانهي. رڳو شري ٽيڪونمل جي دل جي کاٻيءَ آريڪل (Auricle) ۽ ساڄيءَ وينٽريڪل (Ventricle) جي وچ ۾ وڃي ڪجهه گئس ڦاسي پيو آهي. ائين چئي، پوءِ ڊاڪٽر صاحب آريڪل ۽ وينٽريڪل جي جوڙجڪ انهن جي ڪارگذاريءَ تي هڪ بلڪل عالمانه ليڪچر اسانکي ڏيئي ويو، جو اسانجي مٿي جي مٿان لنگهي هليو ويو ۽ دماغ جي اندر ذرو به ڪونه گهڙيو.

شري ٽيڪونمل تمام نمرتا سان ڊاڪٽر صاحب کان پڇيو: ڀلا ان ڦاٿل گئس کي ڪڍڻ جو ڪهڙو طريقو آهي.

ڊاڪٽر: مان اوهان کي ڪي ڪسرتون ٿو ڏسيان اهي ڪندا ته گئس نڪري ويندو.

مون ان تي ڊاڪٽر صاحب ڏانهن نهاري چيو: دل جي بيمار کان ڪسرت ڪرائڻ، مان سمجهان ٿو ته ڪيس سرڳ ۾ پهچائڻ لاءِ سولو اُپاءُ هوندو.

ڊاڪٽر تمام ڪاوڙ مان ورائي ڏني. چي: توهان اڄڪله جا انگريزي پڙهيل بلڪل بي وشواسي آهيو. درحقيقت،

٧-٨ ننڍڙيون سفيد گوريون شري ٽيڪوڄمل جي وات ۾ وڌائين.

هوميو پيٿ اچا گوريون بيمار جي وات ۾ وڌيون، ته قدرتي علاج جو ماهر مٿن نهايت چڙ ۾ اچي بيٺو. چي: اوهين دوائون (Drugs) ڏيئي بيمار جو هٿ وٺي موت ٿا آڻيو. بيمار کي ڪڏهن به دوا جي ضرورت ڪينهي. ٻيا ڪڏهن به دوا ڏيڻ جي ڪيس مان چٽائي سگهان ٿو.

قدرتي علاج جي ماهر مٿن جو اهو دلاسو ٻڌي منهنجي دل ڏاڍي خوش ٿي. ڪيس تمام نزاڪت سان چيم ته سائين، اوهين ئي شري ٽيڪوڄمل جو علاج ڪريو. مان ته منجهي پيو آهيان ته ڪهڙي ڊاڪٽر جي هٿ ۾ ٻانهن سونپجي. پر جي اوهان ٻنا دوائن جي علاج ڪري سگهو ٿا ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي.

منهنجي وينتي ڪرڻ تي هو مٿن اڳتي وڌيو. شري ٽيڪوڄمل جي ويجهو ويندي، ٻهراڻ شڪايت ڪيائين ته بيمار جو هاضمو ذرا خراب آهي. سندس وات مان تمام بدبوءِ پيئي نڪري.

شري ٽيڪوڄمل ان تي ٿورو بيزاريءَ مان چيو: ”ڊاڪٽر صاحب، مان ته پنهنجي منهن مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ (Carbon Dioxide) زهري گئس ٻاهر اڇلائيندو آهيان. اوهان جي وات مان شايد سرهاڻ نڪرندي هوندي.“

ڊاڪٽر صاحب چيو: تحقيق مان جڏهن ننڍو هوندو هوس، تڏهن ئي منهنجا مٿر مونکي چوندا هئا ته تنهنجو ساهه تمام سڳنڌ وارو آهي.

شري ٽيڪوڄمل ان تي وراڻيو:

ننڍي هوندي ته منهنجي پسيني مان به سڳنڌ ايندي هئي.

مان ڪو ڪڙيل نه ڪري ٽيسين مٿان شري ٽيڪونمل سچ پچ
سرڳي ۾ پهچي نه وڃي، انڪري مان ماٺ ميٺ ۾ شري
ٽيڪونمل جي پٽ کي فون ڪري کيس سندس پيءُ جي
حالت کان واقف ڪيو ۽ تڪڙو اچڻ لاءِ چيو.

پنجن منٽن اندر شري ٽيڪونمل فرزند ارجمند پنهنجي
ڪار ۾ اچي وارد ٿيو. هو نئين زماني جو نوجوان هو ۽
اچڻ سان اچي چيائين ”نٿنگ ڊوئنگ“(Nothing Doing).
مان پنهنجي نرسنگ هوم ۾ ڪٽائي ٿو وڃان.

ٽيڪي ماهر بعد اڌ ۾ ڇڏي اٿي کڙا ٿيا. سندن چهرن
تي نراسائيءَ جون نشانيون بلڪل چٽيون ٿي ڏسڻ ۾ آيون
جو پنهنجي پنهنجي هنر آزمائڻ جو ناياب موقعو سندس
هٿن مان هليو ويو.

پارنواسي گانڌي جينتي پرچو ١٩٦٤

(ٽيڪونمل)

ڪسرت ڪرڻ سان ٻانڌ دل مضبوط ٿيندي آهي.

مون چيو: ڊاڪٽر صاحب، اوهان جيئن ٻين تڪليفن جي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجا شخصي تجربا ٻڌائيندا آهيو، تيئن گئس کي ڪيڻ لاءِ ٻه ڪو پنهنجو شخصي تجربو ٻڌايو ته هوند سٺو نه ٿئي.

ڊاڪٽر صاحب ٽنهن لي چيو: منهنجي پيٽ ۾ نه گئس جڙي ۽ نه انجي نيڪال جو مون لاءِ مسئلو ئي پيدا ٿئي.

”او!“ مون چيو ”پوءِ ته اوهان هوند اڪبر بادشاهه جي ذهن ۾ پيدا ٿيو ها، ته ڪيڏو اساڻي ديش جو فائدو ٿئي ها. پوءِ اساڻي ديش ۾ وٽن ۽ جهاڙن لي ميون ۽ اناج بدران، هيرا جواهر پيدا ٿين ها ۽ اساڻو ديش سڄيءَ دنيا ۾ شاهوڪار ٿڻجي پوي ها.

ڊاڪٽر چيو: مون تنهنجو مطلب ڪو نه سمجهيو.

مون چيو اوهانکي اڪبر ۽ بيربل جي آکاڻي ياد ڪينهي. بيربل ڪين اڪبر کي چيو هو ته اوهانجي راڄ ۾ ڪو اهڙو شخص هجي جو گئس نه ڪيندو هجي ته هو هي هيرا جواهر زمين ۾ پوکيندو ته ان مان هيرن جواهرن جا وڻ نڪرندا. افسوس جو ان زماني ۾ ڪو به اهڙو شخص ڪو نه نڪتو.

ڊاڪٽر صاحب منهنجي ڳالهه جــو صرف ٻن لفظن ۾ جواب ڏنو:

”تون بلڪل بدفضيلت ۽ بي ادب ماڻهو آهين.“

پوءِ ڏٺم ته ٿيئي شارپرڪ علاج جا ماهر، حاذق حڪيم، هوميوپيٿ ۽ قدرتي علاج وارو پاڻ ۾ بلڪل گڏيئر ڪانفرنس ۾ لڳي ويا ته آخر شري ٽيئونمل جو ڪهڙو علاج ڪجي؟ مونکي اچي ڏر ورتو ته جيسين هنن جي ڪانفرنس

ڪانه پئي هوندي. جون ٽا هڪڙو فلاسافر هو جنهن گهر جون سمورين شين جاءِ سر ٺاهي رکيون ۽ پاڻ کي وهاريائين ڪرسيءَ ۾. ٿورن ڏينهن بعد چيائين ته تپاس ڪريان ته هرڪا شيءِ جاءِ سر رکي آهي يا نه. سو اٿي هڪ هڪ شيءِ تپاسڻ لڳو. پيو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ هو پر فلاسافر ڪرسيءَ ۾ هو ئي ڪونه. پوءِ ته ويچارو اچي پيو پاتال ۾. فلاسافر ڪيڏانهن هليو ويو؟ انکي ڪٿي ڳولهي؟

پيا وري چوندا ته وڏانت آهي انهن لاءِ جي سنسار کي ٽلانجلي ڏيئي وڃي ڪنهن غفا ۾ ويٺا هجن يا گنگا ڪناري ويهي رام جو جپ ڪن. سنسار جي روزاني ڪاروبار ۾ گهرجن ٺوس ڳالهيون. ڪيئن قابليت حاصل ڪري پنهنجو روزگار هٿ ڪجي ۽ ساڻ ساڻ ناموس به پرائجي. جيترو ٿي سگهي سنساري پدارٿ مٿو ميسر ٿين جيئن هرقسم جو سک سمپتي ملي. باقي ٺوٺ گيان جون ڳالهيون ڪير ٿو پڙهي؟ اڄ دنيا ۾ "عملي" ڳالهه کپي ۽ نه "وهمي." ساهتيه ۽ سائنس، ساهتيه ڪي قدر ۽ سائنس گهڻو ڪي، انهن عملي مرادن حاصل ڪرڻ ۾ هٿي ڏيندا. باقي فيلسوفي ته اجايو مٿي جو سور آهي.

فيلسوفي شايد سچ پچ مٿي جو سور هجي مگر اهو مٿي جو سور اڪثر هرڪنهن ماڻهوءَ کي جيون جي ڪنهن نه ڪنهن ڏاڪي تي اوس پوي ٿو. هرڪنهن جي زندگي ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن اهو سوال ضرور اٿڻ ٿئي ٿو ته مان ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ ۽ هي جو ڪجهه سنسار ۾ ڏسجي ۽ پسجي پيو سو ئي سڀ ڪجهه آهي يا ان جي پٺيان ۽ پريان ڪا ٻي حقيقت ۽ سچائي آهي. فيلسوفيءَ کي ڀلي چريائي ڪوٺيو مگر ان چريائيءَ ۾ به ڪو طريقو آهي،

٢٦- ساهتيه، سائنس يا ويدانت

سرڳواسي پرنسپل شهاڻي ڪاليج ۾ ليڪچر ڏيندي اڪثر چوندو هو ته ماڻهو هوند يونيورسٽيءَ جي معملات ۾ ڊڪٽيٽر هجان ته ڪنهن کي به بي. اي. جي ڊگري عطا نه ڪريان جنهن پالگريو جي گولڊن ٽريزري (انگريزي چونڊ ڪويتائن جي سنگرهه) نه پڙهي هجي. پرنسپال شهاڻي چوندو هو ته ماڻهو هوند بي. اي. ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري شرط اهو رکان ته ان وديارٿيءَ نيوٽن جا ”حرڪت جا قانون“ (Laws of Motion) اوس پڙهيا ۽ سمجهيا هوندا. بندي جي هٿ ۾ هوند اها ڏور اچي وڃي ته آءٌ نه اهو شرط وجهان ته جنهن ٽيلر جو ”فيلسوفيءَ جا ابتدائي اصول“ (Elements of Metaphysics) ڪتاب ڪو نه پڙهيو آهي سو بي. اي. جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي لائق ڪينهي. هڪڙو ساهتيه کي، ٻيو سائنس کي ٿو اهميت ڏئي. پر ويدانت جو درجو ٻنهي کان مٿي آهي.

ارمان اهو آهي جو هندستان پرجاتنتر جو حامي آهي انڪري ڊڪٽيٽري ملڻ جو آسرو خير ڪو آهي. پر ساهتيه ۽ سائنس جو درجو ته هرڪو سويڪار ڪندو. باقي فيلسوفيءَ جي ڳالهه تي گهٽا ڪلي ڏيندا. فيلسوفن کي اڄ چريو ته اڪثر ڪري ليکيو ويندو آهي. ٻه ٽوڪا فلاسافرن جا مشهور آهن، ڇي ڇيٽو پٽ تي ڏسي فلاسافر وائڙو ٿي ويو ته هي اسرار ڪهڙو؟ ڳانءِ پٽ تي ويٺي ها پٽ لهي زمين تي آئي. ”ڪرسيءَ ۾ فلاسافر“ جي آکاڻي شايد سڀني

آگيا خلاف پنهنجي دل جي دلهوءَ سان تو شادي ڪري، يا ڪنهن جي ڌيءَ، ڪٽنب ۽ ذات جي مريادا کي اورانگهي، ڪنهن ٻيءَ ذات واري سان پرڻي ٿي وڃي. اهي ۽ اهڙا ڪيئي ٻيا سوال، ننڍا ۽ وڏا، رواجي ماڻهن نوڙي شاهوڪارن جي روزاني زندگي زهر ڪريو ڇڏين. بنگلا ۽ موٽر ڏسي، ائين سمجهڻ ته انهن جي مالڪن وٽ سک ۽ خوشيءَ ڌاران ٻيو ڪي ڪينهي، ته سنڌس محلان ۾ ڏک جي ڏائڻ ڪي ڪڏهن پير پائڻ جي جرئت نه ٿي ٿئي، يا سنڌس گهر ۾ ڪڏهن ڪاڪل، گهڙي يا ڪٽ پٽ ٿئي ئي ڪانه، سو هڪ وڏو دوکو ٿيندو. ڪير جي دعوي ڪري ته انهن وٽ اهڙي ڪابه تڪليف يا رنج پيدا ڪندڙ ۽ اڻوڻندڙ وستو ڪانه آهي، ته به ٻه دک ته لڳل ئي هوندا- مؤت جو ڏر ۽ مؤت جو دک. دک ڪنهن ساٿي، مٽر يا عزيز جي مرڻ جو، ۽ ڏر پنهنجي مرڻ جو. اهڙو ورلو ورلام جو ڪنهن سچي ساٿيءَ جي مرليوءَ لي دک نه ڪري يا پنهنجي مؤت سان کلمک ٿي ملاقات ڪري، سو ملڻ مشڪل آهي. پوءِ انهن مسئلن جو حل "عملي" سوال آهي يا "وهمي"؟

"نوڙي ۽ ناڻگ" جو قصو ته مشهور آهي. رات جو اونده ۾ لنگهندي، نوڙيءَ کي ناڻگ سمجهڻ جي ڳالهه ته هرڪنهن ٻڌي هوندي. پر پڳت نرسيداس وانگيان ماڻهو وهم ۾ اچي ناڻگ کي نوڙي به سمجهي سگهي ٿو. اهو نوڙي ۽ ناڻگ جو مونجهارو روزانو هرڪنهن جي جيون ۾ اچي ٿو. هڪ تنهنجو دوست تنهنجي سامهون تنهنجي ڏاڍي واکاڻ ٿو ڪري ۽ پريم ۽ محبت جو اظهار ٿو ڪري، پر کهڙي خبر پرپٺ تنهنجي لاءِ ئي هي ڪاٽ کهاڙا

ڪا ڀڪتي آهي، ڪا سياڻپ سمايل آهي.

مٿان ڪير انهيءَ وهم ۾ ڦاسي، تہ فيلسوفيءَ جو ڪم رڳو اُنهن ڪي آهي، جي سنسار ڪي ٿياڳي گنگا جي ڪنڌي تي ٿا وڃي وهن. ڀارتي پرپاٽيءَ موجب، فيلسوفي هڪ نهايت ئي نهايت عملي ڳالهہ آهي. هندستان جي رشين لاءِ، فيلسوفيءَ جي اڀياس جي شروعات، غيب جي پڙدي کي چيرڻ جي اُتڪنٺا مان ڪانہ ٿي، مگر هڪ بلڪل عملي سوال مان تہ زندگيءَ کي صحيح ۽ سکيو ڪيئن بڻائجي. ويدانت جي اڀياس جو چاهہ ان خواهش مان ڪين جنميو تہ مان ڄاڻان تہ مان ڪير آهيان ۽ ايشور ڪير آهي. مگر انهيءَ عملي ضرورت مان تہ روزاني زندگيءَ جي هڪ ٻئي جي اُبتڙ ۽ هڪ ٻئي جي خلاف حقيقتون ۽ واقعا پيدا ٿين ٿا ۽ اُنهن جي اختلاف ۽ مقابلي وگهي جو من کي دُک ٿو رسي تنهن کان ڪيئن مڪتي ملي يعني ڪهڙي نموني جيون مان دُک کي هڪالي، سک ۽ سنتوش کي حاصل ڪريان.”

اها ڳالهہ تہ هرڪو مڃيندو تہ هن سنسار ۾ انسان جو سفر سدائين سڻائو ۽ سهنجو نہ ٿو ٿئي. ڪيتريون مشڪلاتون ۽ مونجهارا پيدا ٿين ٿا جي انسان جي سمجهہ ۾ نٿا اچن ۽ جي دل کي دُکي ٿا ڪن. انهن مونجهارن کي حل ڪرڻ ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ دُک تي فتح پائڻ اهو مسئلو ”وهمي“ چئجي يا ”عملي؟“ لکن جا خاوند بہ انهن نندين نندين مشڪلاتن ۽ ڇڙ ڏيارينڌڙ ۽ خفي ڪندڙ واقعن کان ڇٽل ڪونهن. ڪنهن وٽ پئسو آهي تہ اولاد ڪينهي. اولاد آهي تہ سندس حڪم ۾ نہ آهي. ڌن آهي تہ شايد تندرستي ڪينهي. ڪنهن جو پٽ ٻي ڇيو ٿيو، ٻيءَ جي

مونجهارن لاءِ صحيح حل ڏئي، جو ظاهريت ۽ حقيقت جو فرق ٻڌائي جو "مايا" ۽ "ستيه" جو ڀيد ڄاڻائي سگهي وسٽن ۽ ماڻهن جي صحيح ملهه ڄاڻڻ لاءِ ڪسوٽي تي ڪم اچي سگهي، اهو ملهه رتن ڇئبو. انڪي وهمي چيز ڪيئن چئي سگهبو؟ اهـا وڏي ۾ وڏي "عملي" وٿ ڇئجي. اهو املهه رتن آهي "ويدانت."

سنسار ۾ ورتڻ جا ٻه نمونا مشهور آهن. هڪڙا عملي، دنيوي ماهر چوندا ته نرڳ ۽ سرڳ، جنم ۽ مرڻ جي مونجهاري کي ڇڏي ڏيو. هي سنسار جيڪي ڏسو ٿا سو ئي ستيه آهي. انهيءَ سنسار ۾ جدوجهد ڪري جيترو سگهه ۽ سهنج هٿ ڪري سگهو اهو اوهانجو آهي. ڀلي موج ماڻيو، ڀيل کـوڙ، نـڳي، دوکـي سان پئسو ڪمايو ۽ اُن پئسي جي ذريعي مـوُجون اُڏايو ۽ شوق ونـو. "دنيا جهڪتي هئه جهڪاني والا چاهيئي." جنهن ۾ سمجهه آهي، عقل آهي، قابليت آهي سو فتح پائيندو. پر ٿورڙي سوچ ڪرڻ سان هن قسم جي جيون جي طرز جي اُپوارڻ جو احساس ٿيندو. هي جيون هڪ سنگرام آهي. جنگ ۾ هار به آهي ۽ جيت ٻه. انئين ضروري ڪينهي ته هرڪو جو محنت ڪندو يا ڪوشش ڪندو، دنيا ان جي اڳيان اچي سلام ڀرندي. جنگ ۽ لڙائيءَ ۾ ممڪن آهي ته تنهنجو مقابلو لوڪان هيٺي سان ٿئي يا لوڪان ڏاڍي سان ٻه ٿئي. پوءِ جڏهن تنهنجي هار ٿيندي تڏهن جو لوڪي دک ۽ صدمو رسندو ان جو علاج ڪهڙو؟ سکي ٿيڻ لاءِ ته هرڪو انسان ڪوشش ڪري ٿو. مگر مقبول ٿيل نموني جو سک، ڌن، دولت، جايون ۽ محل، گاڏيون ۽ موٽر سي ته هزارن مان ڪنهن هڪ کي نصيب ٿا ٿين. پوءِ باقين کي ڪهڙو آٿت ڏيندا؟

پيو گھڙي. تـــون سندس ظاهري ٻناوٽي ٻرنت ۽ باطني حقيقي دشمنيءَ جي وچ ۾ ڀيد ڪيئن پرکي سگھين؟ هڪ خودغرض ماڻهو عام جلسن ۾ جنتا جو خدمتگار سڏائي ڳلا ڦاڙي تقريرون پيو ڪري، مگر اندر وڃي عملدارن ۽ وزيرن جي خوشامد ڪري، پنھنجو پيٽ پيو ڀري، سا ڳالھ ڪا اڻ ٽيڻي ڪينھي. روزانو اهڙا مثال اسانجي آڏو پيا اچن. اهو جو ظاهري ۽ حقيقت جو ڀيد آهي، جو روپ ۽ سچيءَ جو فرق آهي، تنھن ڀيد کي سمجھڻ لاءِ ڪير نہ آتو هوندو. ڌنڌي ۾، واپار ۾، دوستيءَ ۾، عام جيون ۾، تون اوس چاهيندين تہ توسان ڪير دوکو نہ ڪري؛ ڪير توکي ٺڳيءَ سان ڀيلائي نہ وڃي. تون چوندين تہ توکي هرهڪ وستوءَ جي پوري ملھ جو ڄاڻ ٿئي، نہ فقط ايترو، تہ توکي هرڪنھن وستوءَ جي سچي ملھ جي ڄاڻ ٿئي، مگر تون، هرهڪ انسان ۽ هرڪنھن شيءَ جو سندس ملھ جي وزن موجب، پورو پورو اپيوگ ڪري سگھين. ڪيترا دفعا تو ڪنھن خوشامدڙيءَ کي ٿي فخر سان چيو هوندو ”او يار مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان، موکي ٺڳي نہ سگھندين“ يا ڌنڌي ۾ ڪنھن ڪوڙي واپاريءَ کي چيو هوندو ”مون سان اهي انگلون نہ هلنديون. مان سڀ ڪجھ سمجھي سگھان ٿو.“ توکي ائين چوندي پنھنجي سمجھ جي شڪتيءَ جو احساس ٿئي ٿو، پنھنجي فتح ۽ سوڀ جو ڀاس ٿئي ٿو ۽ فخر بہ.

پر اها سمجھ اسان سان سدائين ساٿ نہ ٿي ڏئي. اڪثر ڀلجيو وڃون، اسانکي ننڍيون ننڍيون ڳالھيون روز خفي ڪن ٿيون ۽ وڏا وڏا مونجھارا بعضي زندگي زهر ڪيو ڇڏين. اهڙو ڄاڻ جو جيون جي انھن مشڪلاتن ۽

ته رام جي به ڪو نه ٻڌيو، نه رشي اشٽاوڪر به نه. پوءِ اهو گيان وري وڃائي ڪيئن؟ سنسار کي ”مايا“ ڪوٺي اُن کي بدنام ڪرڻ سولو مگر انهي جار ڪان ڇٽڻ سولو ڪونهي. جڳت کي مٿيا چئو يا مايا چئو، مگر ان جي ڪا نه سمجهاڻي ڪپندي نه. جڳت کي مايا به چئون پيا ۽ سڄو وقت ان ۾ لپٽيا به پيا آهيون. هي وستار، جو اسان جي چوڌاري پسريو پيو آهي، جنهن ۾ روزانو جيئون ٿا ۽ ورئون ٿا، تنهن کي صرف ”مايا“ ڪوٺي يا ”وهم“ ڪوٺي دماغ مان هڪالي ڪيون، سا تمام وڏي گوري ڇڏڻي جا ڳهڻ مشڪل آهي. ”جڳت مٿيا برهم ستيه“. سو رڳو طوطي وانگر ياد ڪري پاڻ کي خوش ڪريون، سو ته ”نيم طبيب خطري جان“ وارو نسخو چئبو. اهو نسخو يا پاکنڊي ٻڌائيندو يا ڪانئر. ان ماياوي گمراهه ڪندڙ ويدانت، ڀارت ورش جي گراوٽ آندي. نه دنيا جي روحاني اڳواڻي ڪري سگهياسون، جا اسان جي پراچين رشين منين ڪئي؛ ۽ نه نئين زماني جي وگياني ۽ پدارٿي ترقي ڪري سگهياسون. دبدا ۾ دوئون گئي، نه مايا ملي نه رام. هڪ طرف اهي پاکنڊي وتندا ويا، جي سڄو ڏينهن ان ”مايا“ جي چڪر ۾ اچي، رڳو پئسو ڪٺو ڪرڻ کي لڳي ويا، ۽ ڌرم جي معنيٰ رڳو اها سمجهيائون ته رات جو مندر ۾ وڃي وشڻو ڀڳوان کي مٿو ٽيڪيون ته سرڳ جا دروازا اسان لاءِ کلي ويندا. ۽ ٻئي طرف اُهي، جن سمجهيو ته اسان رڳو گنگا ڪناري ويهي، اکيون ٻوري مالها جا داڻا آڱرين سان ڦيرائيندا رهياسين، ته اسان جو به ڪلياڻ ٿي ويو ۽ سنسار جو به؛ بشرطيڪ ان پورهئي جي عيوض ”مايا“ ۾ قاتل گرهستي، اُن ”مايا“ جو ڪجهه حصو اسان کي به ڏيندا رهيا.

روس ۽ ڪميونزم وادي چوندا ته اسان ان مسئلي جو حل ڳولهي ڪڍيو آهي. هرهڪ ڪان مهنت سندس شڪتيءَ آهر وٺبي ۽ اُجورو سندس ضرورت آهر ڏنو ويندو. اهو ته آهي ته سندن آخرين آدرش جنهن کان اڃا ته هو ڪوسين دور آهن؛ ۽ شايد اتي پهچي به نه سگهن. پر ضرورت جو فيصلو ڪير ڪندو؟ منهنجي ضرورت جو تون ڪيئن ڪاٿو ڪندين؟ موٽر کپي، بنگلو کپي، نوڪر چاڪر کپن، مان ته خود اسٽالن ٿيڻ چاهيان ٿو. تون منهنجون گهرجون پوريون ڪري سگهندين؟ تون ته منهنجون گهرجون ان حد تائين محدود ڪندين جنهن حد تائين سڀني جون گهرجون پوريون ڪري سگهين. پر جي هيءَ دنيا ئي سڀ ڪجهه آهي ته مان پنهنجون گهرجون محدود ڇو ڪريان؟ ۽ تون ڪير جو اهي محدود ڪرائين؟ ڀلي پنهنجي طاقت جي زور تي تون اهي محدود ڪر. مگر منهنجي آتما سنتشٽ ڪانه ٿيندي جيسين مونکي ان لاءِ ڪو خاطر خواهه دليل ملي. تون ڪٿي چوين ته توکي اهترو رکڻ گهرجي جيترو هرهڪ کي ملي سگهي. مگر مان پڻ سان ڇو پاڻ کي بدل رکان؟ جي مان پنهنجي طاقت سان يا ٺڳيءَ سان وڌيڪ حصو ڪٽي وڃان ته ڇو ڪين ڪٽان؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ آسان ڪينهي. تنهن سواءِ ساميواد به موت جي ڏر ۽ موت جي دک کان ته نجات ڏيئي ڪو نه سگهندو.

اهڙي قسم جي دليلن ۽ ويچارن وري دنيا ۾ ورلڻ جي بنهه اُبتڙ پيو رستو بتايو. هيءَ دنيا "مايا" آهي، "ڏيکاءُ" آهي، "وهم" آهي. ان کان جند ڇڏائي ڀڳوان ۾ پاڻ کي لين ڪر. "اي رام جي، جڳت بڻيائي نهين." پر جي جڳت نه بڻيو،

جي ضرورت جو احساس ڪڏهن ڪو نه ٿيو آهي. مان ته ايشور پائڻ لاءِ به، غريبن جي سيوا ئي ساڌن ٿو سمجهان."

ڏڌهن هي گورک ڌنڌو ڪيئن ڪــلــي. سنسار ۾ رهي سنساري پدارٿن جي پٺيان پوڻ سان دک ۽ مصيبت خريد ڪرڻ ٿيندو؛ ۽ سنسار کي مايا سمجهي ڇڏي وڃڻ به ٿيو "نيم طبيب جو نسخو". ته پوءِ ڪجي ڇا؟ سچو ويدانت انهيءَ ئي مشڪل مسئلي جو حل ٿو ٻڌائي. هاٿيءَ ۽ انڌن جي آکاڻي ته ٻڌي هوندءُ. ڪنهن هاٿيءَ کي ٿنڀو سمجهيو ۽ ڪنهن وڇٽي، ڪنهن ان کي ديوار سمجهيو ته ڪنهن پهاڙ. جنهن عضوي کي جنهن جو هٿ لڳو، انهيءَ هاٿيءَ کي اهڙو ئي سمجهيو.

هي سنسار ۽ برهمانڊ جيئن آهي تيئن، مگر سچو ۽ سمورو، جــي هڪڙيءَ نظر سان، هڪڙي ئـي پلڪ ۾، هڪڙو ئي درشن ڪري ڏسي سگهو، تہ اهو ستيہ آهي. پر جي ان جو رڳو ڪو هڪڙو ٽڪرو ئي ڏٺو ته پوءِ اها مايا آهي. جي تو رڳو پاڻ کي ۽ پنهنجن پارن ٻچن کي ئي سمورو سنسار سمجهيو ته پوءِ مٿيا ۾ ڦاٿين ۽ جي سڄي اُمت کي تو سنسار سمجهيو ته تو موکش پد کي پاتو. هڪ دفعو جي اندر جي سوجهه آئي، درشٽي کلي، ته پوءِ نه سنسار ۾ رهندي ئي ڪو دک پاسندو ۽ نه ان کي تياڳ ڪرڻ جي ڪا ضرورت رهندي. "اهڙي ماڻهوءَ لاءِ نه دک ۽ نه موه"، ائين گيتا ۾ ڪرشن ڀڳوان فرمايو آهي.

اهڙو ماڻهو سنسار ۾ ورتندي، يتن ۽ ڪوشش ڪندي، جيون سنگرام ۾ همت ۽ بهادريءَ سان لڙندي به، ڪڏهن بي همت، دکي يا نراُتساهي نه ٿيندو؛ ڇو ته سندس لاءِ ته ڪاميابيءَ ۽ سوڀ جي معنيٰ ئي بدلجي ويندي. اهڙي

پر، اُنهن جن ”جڳت مٿيا“ ۽ ”برهم“ جو سچو مطلب سمجهو، تن نہ مالها ڦيرڻ ۾ زندگي گذاري ۽ نہ جڳت کي ڇڏي ڀڄي ويا. جيڪو سو وري سنسار ۾ موٽي آيا. ڀڳوان ٻڌ ست سال تپسيا ڪري، ستيہ کي پرائي، وري هن مايا وي سنسار ۾ موٽي آيو، ان لاءِ تہ جيڪو ستيہ پاتو اُتم سو ٻين کي ٻڌايان. ۽ جو ستيہ ٻڌايائين تنهن ۾ ائين نہ چيائين تہ ڪو نہ، تہ سڀيئي گهر ٻار ڦٽا ڪري هلي تپسيا ڪريو. سوامي ورجانند، ويدن جو امرت وٺي، پنهنجي يوگيہ شِشيہ سوامي ديانند کان گرو دکشنا اها ڪانہ گهري، تہ تون بہ اچي هتي پهاڙي غفا ۾ ويهي ايشور جو ڌيان ڪر. مگر اها تہ دنيا جي لوڪن کي وڃي ان اَمرت جو دان ڪر. ۽ جو اُمرت سوامي ديانند کي ڏنو سو اهو ڪين هو تہ مون جيان سڀيئي مڪتون ڇڏي، برڦن ۾ پٽڪندا رهو. مگر اُهو تہ، دنيا ۾ رهي پنهنجو جيون سڦل ڪريو. ۽ شري رامڪرشن پرم هنس جو شش، سوامي وويڪانند، گروءَ وانگر آشرم ۾ رهي، ”برهم“ جو چنتن ڪرڻ نہ ويٺو. مگر ست سمنڊ پار ڪري، دنيا کي ڀارت جي ”ڪرم يوگ“ جو اُپديش ڪرڻ ويو. برابر هن مٺ برپا ڪيا ۽ سنياسي نہ، جي نديءَ جي ڪنڌي تي هڪ ٽنگ تي بيهي ڪري ڀڳوان کي رجهائين. مگر اُهي، جي عام خلقت جي وچ ۾ ويهي، سندن خدمت ۽ سيوا ڪن. جڏهن مهاتما گانڌيءَ کي ڪنهن چيو تہ اوهان هن سنسار ۾ ڇو ڦاٿا پيا آهيو، اوهان کي گهرجي تہ ڪنهن غفا ۾ وڃي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو ۽ موڪش پد کي پايو، تڏهن مهاتما جواب ڏنو: ”غفا تہ سدائين مان پاڻ سان کڻي پيو گهمان. مونکي موڪش پائڻ جي لاءِ سنسار کي ڇڏي ڪنهن غفا ۾ وڃي ويهڻ

٢٧- ڇُو منتر - جادو منتر!

ننڍي هوندي، رستن تي مدارين کي کيل ڪندو ڏسندي ڪير سندن تماشو ڏسڻ لاءِ بيهي نه رهندو هوندو. هٿ ۾ رپيو يا ڪا به شيءِ جهلي، هٿ بند ڪري، مداري چوندو ”ڇُو منتر - جادو منتر“ ۽ رپيو گم. وري خالي هٿ بند ڪري ساڳيو منتر دهرائيندو، ته رپيو واپس سندس تريءَ تي نظر ايندو. ڏسي حيران ٿي ويندا هئاسون. دل سرڪندي هئي ته جيڪر اهڙو جادو ڪرڻ پاڻ کي به اچي.

ٿورڙو وڏا ٿياسون، ته اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڪجهه اوُچي درجي وارا جادوگر کيل ڏيکارڻ ايندا هئا. ٽوپلي جي هيٺان شيءِ رکندا، ٽوپلو کڻندا ته شيءِ گم. هو ”ڇُو منتر - جادو منتر“ ڪو نه چوندا هئا، پر هڪ جادوءَ جي لڪڙي ڦيرائيندا هئا ته حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون ٿي وينديون. هوا مان روپين جي برسات وسندي، اڻ مندائتا ميوا اچي ويندا. بعضي ته ان لڪڙيءَ جي زور تي، درشڪن مان ڪنهن کي پنهنجي ڪري هن کان سوالن جا جواب به پڇي ڏيندا. تاس جي پتن جا عجيب غريب کيل ڏيکاريندا. پتو توهين ڪيئي پنهنجي هٿ ۾ رکندا، ته هوُ اوهان کي ٻڌائي ويندو ته پتو ڪهڙو آهي. اوهانجو نشان ڪيل روپيو ڊٻليءَ جي اندران نڪرندو. مطلب ته، ازان قسمن جا حيران ڪندڙ کيل ڏيکاريندا. سمجهه ۾ ئي ڪو نه ايندو، ته هو ڇا ٿا ڪن ۽ ڪيئن ٿا ڪن. ان عمر ۾ به شوق ٿيندو هو ته هوند اهو جادو ڪنهن نموني سکجي. گهڻن تي

ماڻهوءَ کي ڪرشڻ ڀڳوان سڀو ڪرم ڀوڳي ٿو ڇوي ۽ ٻيڙري
هري ڏيڻ ٻرش، اهڙي نشڪام ڪرمچاريءَ کي نه جيت لئي
خوشي ٿيندي ۽ نه هار لئي غم. اهو سنسار ۾ رهندي، هن
جڳت ۾ ورتندي به ان ماياوي چڪر ۾ نه ڦاسندو. جڳت
مٿيا نه آهي، مگر جڳت جي ڪنهن هڪڙي نڪري سان
سان جڏهن موهه ٿو ٿئي، ته پوءِ اُن مان مايا ٿي پيدا ٿئي.
جي اهڙو هنر اچي وڃي، ته ڪيئن هن سنسار ۾ رهجي،
سنسار جي جدا جدا ڪاروبارن ۾ ڀرو وٺندي به، ان جي
گهيڙ ۾ نه ڦاسجي ۽ ۽ دک ۽ سک، راڳ ۽ دويش جي دوندن
۾ دل نه ڦاسي، ته پوءِ اهو هنر "عملي چيٽبو يا "وهمي".
ائين جي ڪمل ڦول جيان، حياتيءَ جو هنر اچي وڃي،
ته پوءِ ڪويءَ جي اُنهن شبدن جو پورو ارٿ سمجهي
سگهبو ته هي سنسار جيئن ايشور پيدا ڪيو آهي سو سڀو
سونهن ۽ سوڀيا جو ڀنڊار آهي. اُن ۾ سندس اُتساهه ڀريل
سمايل آهي ۽ ان کي ڀريل ڪرڻ انسان جو ڪرتويه آهي.

("هندواسي" ٢٩-٥-١٩٥٥)

(روحاني رهاڻ)

رات ڏينهن ڪيس چورا ڪورا لڳل هوندي ته ڪهڙو "ڇُوَ منتر- جادو منتر" جو ترت ٿي لکن جا خاوند بڻجان.

مايا جي پٺيان ائين ڊوڙندي بعضي اِنسان ڪامياب ٿئي ٿو، بعضي نراس به ٿيو پوي. ڪاميابيءَ جو ڏنگ ڪونهي، خواهش جي ڪا سرحد ڪانهي. سدائين ڳولها ۽ سدائين سرگرداني، سدائين جادوءَ جي لڪڙيءَ جي ڦولا ۾ حيران پريشان. ناڪاميابيءَ مان نراسائي، غمگيني، مانسڪ پيڙا پيدا ٿيندي.

بعضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ بعد به اِنسان کي اهو احساس ٿو ٿئي ته آخر دولت آلمڪ سک نه ڏئي ڪو نه سگهي. بعضي نراسائي ۽ ناڪاميابي اِنسان جي من ۾ آنڌ مانڌ ٿي پيدا ڪري ته ڀلا ڏکي من کي سک ڪيئن ملي. ان اوسٿا ۾ وري من هڪ نئين هنر جي ڳولها ۾ ٿو وڃي؛ هڪ نئين جادوءَ جي لڪڙي ٿو ڳولهي جنهن سان من جو ميت حاصل ڪري سگهي. پوءِ ٽڪاڻا ڀٽڪندو، ليرڦ پٽيندو، سنتن ۽ ساڌن جي پٺيان دربدر ڦرندو ته من آٿان اها جادوءَ جي لڪڙي ملي وڃي.

اهڙي جادوءَ جي لڪڙي سچ پچ آهي جا اِنسان کي ڏک مان نجات ڏئي سگهي ۽ سنتوش جا خزانا هن لاءِ ميسر ڪري ڏئي؟ ڀارت جي رشين منين روحاني کيتر ۾ کوجنائون ڪري سچ پچ اهڙي جادوءَ جي لڪڙي ڳولهي ڪڍي. اهڙو ڇُوَ منتر- جادو منتر" ايجاد ڪيو جنهن جي اپيوگ ڪرڻ سان ڏک غائب ٿي وڃي ۽ سک جو چشمو اڳيان اچي ٿي. ان جادوءَ جي لڪڙي پائڻ لاءِ سنتن ۽ ساڌن وٽ ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪانهي. اها جادوءَ جي لڪڙي ته هرڪنهن وٽ موجود آهي رڳو ان جي اسانکي ڄاڻ ٿئي.

نوجوانن تجربا ڪيا هوندا. ڪجهه هٿ جي چالاڪيءَ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ڪجهه ڦڪو ڪجهه سگهي، ڪجهه انڪل بازي ڪري گهر ۾ وري ٻاٽڪان لنئين کي حيرت ۾ وڌو هوندو. گهٽ ۾ گهٽ مونکي ته نوجوانيءَ جي زماني جون پنهنجون ڪجهه اهڙيون يادگيريون آهن ۽ ڪيترن ٻين نوجوانن کي به ائين ڪندو ڏٺو اٿم.

ڪجهه عمر وڌي ٿي، نوجوانيءَ جي رومانيڪاري واري منزل مان ماڻهو ڪجهه مٿي چڙهي ٿو، ڪجهه جيون جي سنگرامي ميدان ۾ پير ڌري ٿو، ڪجهه زندگيءَ جي مشڪلاتن جو احساس ٿئي ٿو ۽ ڪجهه دنيا جي سکن، سهنجن، آرام ۽ عيش جي وستن جي ڪشش ٿئي ٿي ته پوءِ وري ٻيءَ جادوءَ جي لڪڙيءَ لاءِ من ۾ تڙپ پيدا ٿئي ٿي. ڪيئن دولت ڪمايان، ڪيئن پئسو ناهيان. ٿوري ڪمائيءَ وارو هوندو ۽ مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هوندو ته ان جاءِ کي سينگارڻ جو شوق ٿيندس. چوندو ان ۾ اعليٰ پڪو هجي، پلنگ هجن، ڪوچ هجن، گادريج ڪٻاٽ هجي، ريڊيو هجي وغيره. ڪجهه ڪمائي وڌيس ته چوندو پنهنجو فليٽ وٺان. فليٽ وٺندو ته موٽر ڪار آڻڻ جو شوق ٿيندس. موٽر هوندس ته چوندو ته بنگلو هجي. خواهشن جو ڪو انت ٿيڻ وارو ڪينهي. هڪڙي پوري ٿيندس ته ٻي سندس من ۾ اٿي بيهندي. اها حاصل ڪيائين ته ٽين ۽ ائين دور هلندو هلندو.

اهڙن خواهشن ۽ تمنائن جي پوري ڪرڻ لاءِ پئسو گهربو، جادوءَ جي لڪڙي ڳولهيندو جنهن سان تڪڙ دولت حاصل ڪري سگهجي. رشوت، چور مارڪيٽ، ڌنڌي ۾ ٺڳي دولاب ۽ ٻيا ڪئين هنر ڳولهيندو مايا حاصل ڪرڻ لاءِ.

۽ ان ڪان پڻ وڌيڪ خاطريءَ سان ٻڌائي ٿو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

["پارتواسي"، ڏياري پرچو ١٩٦٦]

(روحاني رهاڻ)

مونکي ياد آهي ته هڪ دفعو هڪ سرڪس ۾ جادوءَ جا کيل ويٺي ڏٺم ته جادوگر صاحب هيئن فرمايو:

”يه، سب کيل آپ خود کر سکتي هئه – دکانا ميرا کام هئه، پراڪٽس کرنا آپکا کام هئه.“

رشين به چئجي ڪٿي ته انين ئي چيو ته دک کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ ۽ جاوداني سک ۽ آنند ماڻڻ لاءِ جادو منتر اسين ٿا اوهانکي ڏسيون، ڪرڻو ڪرڻ اوهانجو ڪم آهي.

اهو جادو منتر هي آهي:

”پراڌين سپني سک نانهين.“

هن منتر ۾ رڳو راجنيتي غلاميءَ ڏانهن اشارو ڪينهي مگر هرقسم جي پراڌينتا ڏانهن ۽ آتمڪ پراڌينتا ته سڀ کان وڌيڪ پيڙا ڏيندڙ آهي. جي اِنسان پنهنجي سک جا ساڌن پاڻ کان ٻاهر ڳولهيندو ته هو اَوس ناڪامياب ٿيندو ڇو ته ٻاهرين دنيا سندس قبضي ۾ نه آهي؛ انجي ڪارگذارين ۾ هزارين جزا دست اندازي ڪن ٿا. مگر پنهنجي من جي دنيا پنهنجي وس ۾ آهي. اُن ۾ ڪنهن جي دست اندازي ٿي نه ٿي سگهي. جيڪڏهن اِنسان پاڻ سکي ٿيڻ چاهي ته دنيا ۾ ڪابه شڪتي دکي نه ٿي ڪري سگهي. اُردو شاعر اها ساڳي ڳالهه هيئن چئي آهي:

دل کي آئيني ۾ هئه تصوير يار
جب ذرا گردن جهڪالي ديکه لي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ساڳيو سبق هيئن ٿو سيکاري:

وڃين ڇو وڻڪار؟ هٿ نه ڳولهين هوت کي،
لکو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
ٿي سڃي، ٻڌ سندرو، پرت پنهوءَ سين يار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

انجام يا اُڌيش ڪيئنهي. ٻئي هڪ ڪويءَ فرمايو آهي:

هيءُ سنسار جيئن ايشور ٺاهيو آهي، هڪ سنڌر وستو آهي.

ٽئين شاعر چيو آهي:

ته هيءَ دنيا جيئن آهي، بلڪل ٺيڪ آهي.

شاعر به پيغمبر آهن ۽ هو ستيه ٿي پلٽيندا آهن. هوڏانهن مهاتما گانڌيءَ ۽ گرو نانڪ جا وچن ته، جيون مٿيا آهي ۽ موت ئي ستيه آهي. ٻنهي قسمن جا ويچار هڪ ٻئي جي خلاف آهن، ورڌ آهن؛ ڪهڙو ويچار درست آهي، ڪهڙو غلط، يا ٻئي غلط آهن، يا ٻئي درست آهن. ڇا ٻنهي ويچارن کي هڪ ٻئي سان ٺهڪائي سگهجي ٿو؟ اچو ته ڪوشش ڪريون.

هي جيون اسانجي آڏو آهي. اسين اُن جا مالڪ آهيون. اسانکي جيئن وڻي، تيئن اُن کي ٺاهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. هڪڙو ٻالڪ ننڍي هوندي چاهنا ٿو ڪري ته مان وڏي هوندي هڪ وڏو هنرمند يا ڪارخانيدار ٿيندس. ان چاهنا کي پوري ڪرڻ لاءِ هو وگيان جو وشيه ڪاليج ۾ کڻي ٿو. ڊگري حاصل ڪري ٻاهر نڪري ٿو. ڪجهه پونجي کڻي ڪارخاني کولڻ جي تياري ڪري ٿو، شروعاتي سنبت ٿي وڃيس ٿي. اوچتو ريل يا هوائي جهاز جي حادثي ۾ ڪال جي چنبي ۾ ٿو اچي وڃي. سندس سپنا سپنائي رهجي ٿا وڃن.

هي مثال رڳو ڪلپت مثال نه آهي. زندگيءَ ۾ روزانو واقعا ٿين ٿا، جڏهن جيون جو مٿياپڻو، ان جي بي بقائي اسانجي آڏو ڌڪو ڏئي اچي ٿي.

شاعر چيو آهي:

٢٨- جيون مٿيا، مرتيو ستيه!

[دستور موجب گذريل آرتوار تي گانڌي وچار اڀياس منڊل جي هفتيوار ستسنگ ۾ مهاتما جو، جو وچن کنيو "جيون مٿيا آهي، موت ئي ستيه آهي ۽ اٽل." ان وچن تي چرچا هلندي مون هيٺيان وچار پيش ڪيا:

مهاتما گانڌيءَ مٿيون وچار گرو نانڪ جي واڻيءَ مان پيش ڪيو آهي. هڪ بيت آهي:

فريدا، تيري ماءِ ڳهيلي، جو رکيا جيوڻ نام،
آيا جهونڪا ڪال ڪا، تو ڪت جيوڻ، ڪت نام.

مهاتما ٿو فرمائي - او فريدا! تنهنجي ماءُ ڪا ڳهيلي هئي جو توکي جيوڻ نالو رکيائين (فريدي جو سچو نالو جيوڻ هو.)

جي ڪال جو جهونڪو آيو ته پوءِ ڪٿي تون هوندين، ڪٿي تنهنجو نالو رهندو.

انگريزيءَ جـي هڪ پرسڌ ليکڪ لکيو آهي ته هن بي بقا دنيا ۾ هڪڙي ئي وستو آهي جنهن جي خاطري آهي ۽ اها چيز آهي مرڻو!

هاڻ هڪ طرف اهو وچن ته زندگي مٿيا آهي ۽ مرڻو ستيه آهي ۽ ٻئي طرف اسانجو روزانو آزمودو ته هيءَ دنيا جنهن ۾ اسين رهون ٿا، جيئون ٿا ۽ ڪرم ڪريون ٿا سا اسانجي آڏو هيتري وستار سان موجود آهي. اها ڪهڙي دستور جوٽ يا مٿيا چئجي. هڪ انگريزي شاعر جو گفتو آهي ته هي جيون حقيقي آهي. سچو آهي ۽ مرڻو ان جو

يا ٻاڳ جنهن کي آءٌ پنهنجو جيون ٿو سمجهان، اهو ستيہ ڪينهي، مٿيا آهي. ڇو ان ٽي بقاءُ ڪونهي. ڪڏهن بہ ڏوري ڪٿي وڃي. پر هي سڄو برهمانڊ ۽ جڳت، پنهنجي مڪمل وسترت پکيڙ ۾ ستيہ آهي، انادي آهي. ان جي شروعات آهي ۽ نہ پڄاڻي. اهو ستيہ آهي، اهو سندر آهي، اهو آنند ميہ آهي.

جوت ۽ مٿيا تڏهن ٿا پيدا ٿين، جڏهن اسان هڪڙي محدود حصي کي ستيہ ٿا سمجهون جڏهن هڪڙو شخص پاڻکي سڀڪجهہ سمجهي، صرف پنهنجي لئي سک ۽ ڪلياڻ لاءِ يتن ڪري ٿو تڏهن هو مٿيا ۾ ڦاٿل آهي. ڇو تہ هو ان ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب ڪو نہ ٿيڻو آهي. سندس سک ۽ دک صرف مٿس منحصر نہ آهي، سندس چوڌاري جو جڳت آهي، ان سان ڳنڍيل آهي.

هڪڙو شاهوڪار واپاري پاڻکي سکي نہ سمجهندو جي سندس هڪڙو ئي پٽ ڪنهن نگري بيماريءَ ۾ ورتل هوندو ۽ هڪ تندرست ۽ پٽو پهلوان سکي نہ هوندو جي ڪيس ٻارن کي ڪارڻ لاءِ پئسو ۽ ڪمائي ڪينهي.

جهڙيءَ طرح هڪڙو شخص صرف پنهنجي لئي سک لاءِ ڪوشش ڪندو تہ سکي ٿــي ڪين سگهندو جيڪڏهن سندس ڪٽنب سکي ڪينهي. تهڙيءَ طرح ڪو بہ هڪڙو ڪٽنب سکي ڪينهي، جي ڳوٺ سکي نہ آهي. ان نموني جيڪڏهن اسين پنهنجي نظر ۽ پنهنجي پڪڙ جو دائرو وڌائيندا ويندا سون، ايستائين جو اسين هن سڄي سنسار کي، چراچر جڳت کي، هڪڙي نگاهہ ۾ پڪڙي سگهون، هڪڙيءَ وچار - ڪلپنا ۾ گرهڻ ڪري سگهون، تڏهن اسين ستيہ کي پهچي ويندا سون. پوءِ دک سک جو دوند

انسان ۽ ڪوئن پنهي جون ٻهترين سوچيل رٿون بعضي اُلٽ پلٽ ٿيو پون. روز زندگيءَ ۾ ڏسون ٿا ته اسانجون رٿون پوريون ٻيهن ڪونه ٿيون. رٿ ته منشيه رٿي ٿو، مگر ان رٿ جو نيڪال ته ايشور ٿو ڪري، جنهن ٻهترين نموني ڪيس ڏسڻ ۾ اچي.

ان نموني سوچبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سچ پچ هي جيون اُستيه آهي، جوٺ آهي، مٿيا آهي؛ ۽ موت ئي هڪ سچي وستو آهي.

مگر هروڀرو ائين نه آهي. هن مسئلي جو هڪ ٻيو پهلو به آهي. جيڪڏهن سچ پچ زندگي جوٺ ۽ مٿيا مڃي وڃي ته پوءِ ان ۾ اسانجي ورتڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڪرم ڪرڻ جو ڪهڙو پرلوجن؟ ايتري جدوجهد ڇا لاءِ؟ پوءِ ته پرمارٿ، لوڪ سيوا، چيزن کي ڪا معنيٰ ڪانه ٿي رهي، پوءِ ته بهتر ٿيندو ته سنسار کي تياڳي وڃي گنگا جي ڪنٺي تي وهجي يا ڪا هماليه جي غار وسائجي. يا اڃا به بهتر ته آپگهات ڪري. هن مٿيا جڳت کي ڇڏي، مرليوءَ جي ستيه جو گود پڪڙجي. پر جن جڳت کي مٿيا مڃيو آهي تن به ڪرم جو تياڳ ڪرڻ جو اُپديش ڪونه ڏنو آهي. سوامي شنڪر آچاريه، ”ايڪو برهم جڳت ناستي“ وچار پڌتيءَ جو جنمداتا پاڻ پنهنجي جيون ۾ ويدڪ ڌرم جي استاپنا لاءِ ڦٽڪندو رهيو. مهاتما گانڌيءَ جنهن مٿيون وچن ڪيو آهي، تنهنجي ساري زندگي ڪرم سان ڀرپور آهي. اٿاهه ڪرم، ذم ۽ اتساهه سان ڪرم، مسلسل ڪرم.

ته پوءِ ڪهڙو وچار درست، ڪهڙو صحيح؟ هن گورکه ڌنڌي جي سمجهاڻي هيءَ آهي ته جيون جو اهو حصو يا

٢٩- "ستسنگ" مان خطرو!!

ليڪ جو سرو ڏسي شايد پاٺڪ ڏهلجي وڃن. "ستسنگ مان خطرو؟" ڪي شايد چون ته، جي ڪفر ڪعبي مان شروع ٿيو ته پوءِ مسلماني ڪٿي رهندي؟ سنت "سنگ" جنهن جي رشي مني، ساڌو سنت هيتري مهما ڳائي ويا آهن!

سنت ڪبير چيو آهي:

رام پروانا پاپه ڪي ڪبيرا ديا روءِ
ڪياڪرون تيري وئڪنٺ ڪو، جهان ساڌ سنگت نا هوءِ

سنت تلسيداس به فرمايو آهي:

ست دارا اور لڪشمي، پاپي گهر ڀي هوءِ،
سنت سماگم، هري ڪٿا، تلسي درلڀ دوءِ،

پر ڀلي تڪڙ ڪري منهنجي خلاف فتوو ڏيئي ڦاسي تي چاڙهجوم، مونکي ڀلو ضرور، پوءِ وٺيوَ ته جنم ٽيپ جي سزا جوڙيوم؛ وٺيوَ ته ڏيجيءَ جي ڪوٺ موڪليوم. جيل ڪان ته آءٌ ڀڄڻ وارو ڪونه آهيان. چار دفع ٽرنگ جو ٽيرٿ ڪري آيو آهيان. هڪ دفعو ٻيو ئي سهڻ. من آئي هن روزاني سنگرام واري جيون مان ڪا گهڙي فرصت ملي.

آءٌ اوهانکي خاطري ٿو ڏيان ته مان ناستڪ ڪونه آهيان. منهنجو آتما جي هستيءَ ۾ پورن وشواس آهي؛ منهنجو اهو ئي اٽول عقيدو آهي ته جيون جي ڀلائي، آتم واد ڌاران سمجهائي ڪانه سگهجي. پر "ستسنگ"، الاجي ڇو ستسنگ جو پڌي دل ۾ ڏاڍي چڙ اُڀرندي اٿم،

رهندو ئي ڪونه. ٻيو مڪمل ستيه اسانجي آڏو اچي بيهندو.

ان لاءِ اسين ٻنهي ويچار پڌتين کي ٺهڪائي سگهنداسون. جيون جڏهن ڪنهن هڪڙي حصي ۾ ٿا ڏسون، ۽ ان کي سڀ ڪجهه ٿا سمجهي وٺون، تڏهن جوت ۽ مٿيا آهي؛ ان جي پيٺ ۾ موت ستيه آهي. مگر جڏهن اسين سموري جيون جو سوچ ٿا ڪريون، ڪري سگهون تڏهن اهو ستيه آهي. ويد منتر ته اصل ۾ سڀ ڪجهه ئي پورن هو. پورن مان پورن ڪڍو ته باقي به پورن ئي رهيو وغيره، ان جو پرماڻ آهي.

”ڀارتواسي“ ١٢-٤-١٩٦٩

(روحاني رهاڻ)

۾ پنهنجي رواجي وقت پاڙهيندي کي ڪجهه هيٺين دستور چيو:

”مون پرارٿنا خلاف ته اکر ئي ڪونه ڳالهايو. مون انهن ٿورو ئي چيو ته ايشور جي آسيس انهن لئي ٿيندي جي پرارٿنا ڪونه ٿا ڪن. مون نه صرف اهين چيو ته ايشور جي انهن لئي آسيس ٿيندي جي پرارٿنا ڪلاس ۾ نه ٿا وڃن. پرارٿنا ته هڪ املهه چيز آهي. ڪمزور لاءِ ڏيڍ ۽ ڏاڍي ۾ نمرتا ڪرڻ جو وسيلو ۽ انسان کي سنڌس مالڪ سان جوڙڻ لاءِ هڪ مضبوط ڪڙي. اهڙي انوکي وستو جي مان ڪيئن گلا ڪندس. پر اهڙي پرارٿنا، سچي پرارٿنا ته انسان گهر ۾ ايڪانت ۾ ڪري سگهي ٿو، پرارٿنا ڪلاس ۾، پرارٿنا ته اڪثر هڪ ڏيکاءُ ٿيو پوي، هڪ ڍونگ ۽ سانگ. ايشور ان کان بچائي وٺي.“

٣٠ سال اڳ، جيڪي ڪجهه هن آچاريه چيو تنهنجو رهسيه اڄ ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ پيو اچي. پلا بدلو نه پڌايائون.

انهن جي ڳالهه ڇڏي ڏيو جي ٽڪاڻي ۾ ڪنهنجو چمپل لڳائڻ ويندا آهن، نڪي وري مان انهن جي ٿو ڳالهه ڪريان جي وات مٿي ڪرڻ لاءِ گروهه اڳيان سر نمائڻ ويندا آهن. مان هتي انهن نوجوانن جي به شڪايت ڪانه ڪندس جي گرو نانڪ صاحب جي جنم ڏن لئي خوب ٺاٺ باٺ سان چلڪڻا سوٽ پائي ۽ ”ڪنٺ لنگوٽ“ چاڙهي دربار ۾ ويندا آهن پنهنجي پريتما جي تلاش ۾، نڪي وري مان انهن نوجوان نينگرين کي ميار ڏيندس جي روج ۽ لپسٽڪ سان منهن سينگاري، رنگ برنگي ساڙهيون پهري بنا بانهن چولي سان بدن ڪجهه ڍڪي ۽ ڪجهه اگهاڙيل

جي ڪجهه اوهانجي ناراضپي ۽ ڪاوڙ جو ڊر نه ٿئيم ته هوند چئي ڏيان ته ٻهه نفرت ايندي اٿم. ڀانئيندو آهيان ته ”ستسنگ“ اسانجي سماج کي اڪٿ ڇيهو رسائي رهيو آهي ۽ جيترو وڌيڪ ”ستسنگ“ جي مهما ڳائبي اوترو ئي سماج کي وڌيڪ خطري ۾ وجهڻو ٿيندو. لڪل خطرو جنهنجي اسانکي سمک ڪانه ٿي پوي.

اوهين چوندا منهنجي دماغ جي ڪا ڪل ٽڙڪي آهي. سنڌ ۾ هجون ها ته گدو ٻندر موڪليو ها. هتي شايد ٽاٽي ڏانهن روانو ڪندا. منظور. پر منهنجي ڳالهه ته ٻڌندا نه.

٣٠ سال جو پراڻو واقعو ٿو اوهانکي ٻڌايان. ٽن ڏينهن آءٌ ڪراچيءَ واري ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. هاسٽل ۾ هڪ پرارٿنا ڪلاس هوندو هو جنهن طرفان هر ڪنهن آرتوار تي ستسنگ ڪيو ويندو هو ۽ ڪنهن نه ڪنهن ٻزرگ کي نوتو ڏيئي ڪانئس اُپديش ڪرايو ويندو هو. هڪڙي آرتوار تي ڪاليج جي هڪڙي آچاريه کي اُن ستسنگ ۾ اچي شاگردن تي روحاني ورکا ڪرڻ لاءِ نينڊ ڏيئي گهرايائون. اُن پروفيسر پنهنجي وياکياڻ جي شروعات هن جملي سان ڪئي:

”انهن تي ايشور جي آسيس آهي جي پرارٿنا ڪلاس ۾ نه ٿا وڃن.“

هائو وري به اهائي ڳالهه!

چو ڪفر از ڪعبي برخيزد ڪجا ماند مسلماني!

ٻئي ڏينهن ڪاليج ۾ وڏو شور مچي ويو. چي فلاڻو پروفيسر ناستڪ آهي، هنجو ايشور ۾ وشواس ڪونهي، هو پرارٿنا ڪرڻ جي خلاف آهي، وغيره وغيره. جڏهن ان آچاريه جي ڪن تائين اهي ڳالهيون رسيون ته هن ڪلاس

ڪرت ڪن. اهڙن جي حالت نهايت ئي رحم جوڳي آهي. ستسنگ ۾ ڀاڳ وٺڻ اهڙن نيڪ پرشن لاءِ ئي وڏي ۾ وڏو خطري جو باعث ٿي سگهي ٿو، ڇو ته اُهو ڪين ڪوڙي ٽيڪ ٿو ڏئي؛ هڪ دوکي سان ڀريل وشواس ۽ عقيدو ته هوُ ستسنگ ۾ وڃڻ سان نهايت ئي ڌرماتما پرک بڻجيو ٿا وڃن ۽ ايشور سندن لاءِ سرڳ ۾ ڪوٺي تيار ڪري رکڻ لاءِ ٻڌل آهي، رڳو سندن دم ڏيڻ جي دير آهي.

ڀونگي ماڻهو ته دل ۾ ڄاڻي ٿو ته مان مندر ۾ وڃڻ جو رڳو سانگ ٿو ڪريان؛ انڪري هوُ نه سرڳ جي آشا رکندو ۽ نه ڪيس دوکو ئي ايندو. نوجوان نينگر ۽ نينگريون ته وڃن ئي ٿيون پنهنجي پريتم يا پريتمائي تي قبضو ڪرڻ جي ڪو اٿن ۽ جي نه اٿن ته ان جي تلاش ۾؛ نه ڪين سرڳ جي اڇا آهي ۽ نه ڪين نراس ٿيڻو پوندو. پر هي وچارا شردالو ڀڳت جي بلڪل سچي ڀاونا سان ستسنگ ۾ وڃن ٿا ۽ نهايت ئي قرب ۽ عزت مان، اڌ ٻوٽيل اکين سان وهي گروءَ جي واڻي ٻڌن ٿا، جنکي وشواس ڏياريو ويو آهي ته هڪڙي گهڙي ڇا، اڌ گهڙي ئي سهين ۽ اڌ گهڙيءَ ۾ به اڌ، جي اوهين هري ڪيرتن ۾ شامل ٿيندا ته اوهان کي سورڳ ۾ داخلا ملندي، تن کي جڏهن سورڳ ۾ پير رکڻ جي اجازت نه ملندي تڏهن وچارن جو ڪهڙو حال ٿيندو؛ سندن دل کي ڪيڏو ڌڪو ايندو. تڏهن ٿي چيم ته سندن حالت رحم جوڳي آهي ڇو ته هنن ٽرهو اهڙو پڪڙيو آهي جنهن جي ٽري ۾ ٽنگ آهن ۽ جو هڪ ڏينهن اوس ڪين اوجهڙ ۾ وڃي هڻندو.

اوهان ته اوس عجب ۽ حيراني کائيندا ته هي ڪواس ڪهڙي پيو ڪري. سنتن جو شبد ته اڌ گهڙي هري ڪيرتن

ڇڏي گروءَ اڳيان ڪنڌ جهڪائي وهنديون آهن مگر سندن منتظر نيڻ ته هيڏانهن هوڏانهن پيا ڦرندا آهن اهو ڏسڻ ته ڪي پرامي اکيون ڏانهن نهارين ٿيون يا نه. جي گروءَ جو جنم ڏن انهن پرامي جوڙن جي ميلاپ لاءِ هڪ اوسر بڻجي ۽ ڀرپور آتمائن کي گهر گرهستيءَ جي پوتر بندڻ ۾ ٻڌڻ لاءِ موزون موقعو بڻجي ته مبارڪ انهن نوجوان نينگرن ۽ نينگرين کي سندن البيلاٻون معاف.

منهنجو پرلوجن ته ٻيءَ ڳالهه سان آهي. ڪاليج جي پروفيسر صاحب ته ڪجهه ڀونگه ڪرڻ ۽ سانگه رچائڻ جي ڳالهه ڪئي. جيون جي بي شمار ڪارگذارين ۾ ٻه ته اسين سانگه رچايون ٿا، ڀونگه ڪريون ٿا. پوءِ جي ايشور جي مندر ۾ ڪي ڪجهه سانگه رچايوسون يا ڀونگه ڪيوسون ته ڪهڙي اربع خطا ٿي. شاعر ڪين چيو آهي ته هي سڄو سنسار هڪ مهان نٽيه شالا آهي جتي هرڪو انسان پنهنجو مقرر ڪيل پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ هليو ٿو وڃي. ناٽڪ ۾ ٻه ڪردار ڀونگه نٿي ڪندا آهن نه، سانگه نٿي ته رچيندا آهن. ان ڪري آءٌ ڀونگي ۽ ڍڪاءُ ڪندڙ مترن کي نظر انداز ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جي ڀونگه لاءِ نٿا نڪاٽي ۾ وڃن تن لئه ڇا چئبو.

مونکي ته قياس انهن تي ٿو اچي جي نهايت پريم ۽ شرڌا سان پورو پورو وشواس رکي نڪاٽي ۾ وڃي گروءَ جي واٽي ٿا پڙهن:

گن گوبند گايو نهين، جنم اڪارٿ ڪين

۽ انين سچ پچ جنم اڪارٿو وڃائي رهيا آهن. ڀلا وري اهي جي صبوح جو ۽ رات جو نيم سان مندر ۾ هريءَ جو درشن ڪرڻ بنا نه کائين، نه پيئن ۽ نه ڪا ٻي

ڊوڙايو ته وڏي حصي جي جيون ڪهاڻي صاف ۽ بيداغ شايد ئي هوندي. رٽائرڊ عملدار هوندا ته سندن همت رشوت جي پئسي سان رڱيل هوندا. ۽ جي واپاري هوندا ته سندن گهر ٺهوڙڻ ۾ اڄ بـــ. بليڪ جو پئسو ڪم پيل هوندو. ڪيترن ۾ شرڪ ٿيڻ سندن دل کي ڏنگ ڏيندو ته گذريل پاپن جو پراشچت ٿا ڪريون ۽ ڏٺي اسانجا گناهه بخشي ڇڏيندو. ڪيڏو نه دوکو. ڇا ايشور به هڪ رواجي دنيوي جج آهي جو پرارٿنا ۽ ڀڳتيءَ روپي رشوت وٺي گناهه بخشيندو. تلسيداس ٺي چيو آهي:

تلسي ريکا ڪرم ڪي ميٽ نه سڪي رام

مون شاهوڪار ڏٺا آهن، واپاري ۽ ڪارخانيدار، نهايت نيڪ پرش ۽ ڀلا ماڻهو، جي تحقيق شرڌا سان ستسنگ ۾ شريڪ ٿيندا آهن بعضي پنهنجي گهر ۾ ستسنگ ڪرائيندا آهن، انهيءَ وهم وهيڙا ٿي ته هي ڌرم جو ڪم ڪري پنهنجو جنم سڦلو ٿا ڪريون ۽ پوءِ سڄو ڏينهن واپار ۽ ڌنڌي ۾ ڪوڙ، ڪپت يا بليڪ ڪري هزارين رپيا پيا جوڙيندا. ڪين دل ۾ اهو گمان به نه هوندو ته اسين ڪو ڪونو ڪم ٿا ڪريون. هنن کي اڻلندو اهو ڀروسو هوندو ته اسين جو روزانو نيم سان ستسنگ ۾ وڃڻ ۽ سنتن ۽ سادن جي سيوا ۽ ٽهل ٿا ڪريون سو اسانجو ايندڙ جنم اوس سکيو ۽ شاندار ٿيندو. اهڙو وشواس سندن دل تي اڪريل آهي ۽ سنتن جي وچن ئي ان قسم جو وشواس سندن دل ۾ پيدا ڪيو آهي.

بنگال جي ذڪر واري زماني ۾ مون هڪ ڪهاڻي پڙهي. ڪهاڻي ته شايد ڪلپنا روپي هئي. مگر ان جو بنياد ته اوس سچ تي ٻڌل هو، جيئن ڪ هر هڪ ساهتيڪ

ڪرڻ سان ٻه انسان هن ڀوساگر مان تري پار پئجي سگهي ٿو، سو جوٿو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، هي سٺ پرڪ ته سالن جا سال، نيم سان درٻار ۾ وڃن ٿا، تنکي ڪنهن جي مجال جو سورڳ ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي سگهي. برابر مجال ٻئي ڪنهن جي ته ڪانه آهي، مگر سندن پنهنجا ڪرم ئي کين روڪيندا. اچو ته ڪجهه سوچيون.

منهنجي هڪ دوست مون کي هيءَ ڳالهه ٻڌائي. بلڪل سچي، سندس اکين ڏٺل. ڇهائين گهر جي ٻڍي روزانو ٻه ٽي ڪلاڪ ويهي مالها ڦيرائيندي هئي ۽ پائيندي هئي ته ڪانئس وڌيڪ ڌرماتما استري ڪا ٻي مشڪل هوندي. مگر مالها ڦيرائيندي جي نهٽس کان ڀل ٿي ويئي، ڪو ڪوپ سندس هٿ مان ڪري پئي پيو يا سندس ٻار رنو ته اٿان واڪو ڪري چوندي هئس، ”نر (منهنجو دوست رن لفظ پنهنجي واتان ڪونه ڪڍي، انڪري اهو ڪري چوندو هو) اکيون ڪولي ته ڏس، هينئن نپڙ پڇندين ته گهر جو ڏيوالو ڪڍيندين يو ڇا ڪندين؟ يا چوندي هئس، ”نر، ڪهڙو ڪٽي ٻاڪر ڪٿو مچايو اٿيئي؟ ٻارن کي مات ڪرائي ڪا گهڙي ڀڳوان جو نالو ڳنهڻ ڏيندين ڪين نه؟“ ۽ دوست چيو ڪي ڏهه منٽ سؤلا ڪين گذرندا جنهن ۾ هڪ ٻه دفع اها ٻڍي وڦلندي ڪين.

جي مٽر گهٽو لٽو سٽسنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن ٿي ويندا آهن تن جي ڪڏهن ڇنڊ ڇاڻ ڪئي اٿوَ؟ ٥٠-٦٠ سيڪڙو ته انهن ۾ اهي هوندا جن جيون ڀاڱرا جو ڪٽن دور پار ڪيو آهي ۽ هاڻي دنيوي مشغولين کان فارغ ٿي پائيين پيا ته هري ڪيرتن ۾ باقي جيوت جا ڏهاڙا گذاري جنم سڦلو ڪريون. پر انهن جي گذريل زندگيءَ تي ڪٽي نظر

ٻڌڻ هڪ نهايت پنيه جو ڪم آهي. جنهن ذريعي انسان هن مها ساگر مان پار لنگهي ويندو. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته ماڻهن جي دل تي اڪثري هڪ غلط اثر ٿو وهي ته ڌرم ۽ وهنوار ٻه علحديون چيزون آهن جن جو هڪ ٻئي سان ڪو سنبنڌ يا ناتو ڪينهي. ان ڪري ئي ته ستسنگ ۾ "سنسار مايا آهي، هڪ سپني مثل." اُپديش ٻڌڻ وقت ٻه انسان اُن مايا جي چڪر ۾ ڦاٿو ئي ٿو رهي. نه انڪري ته ڪو هوُ ان چڪر مان نڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ نڪرڻ ۾ اسمرٿ آهي، مگر انڪري جو ڪيس احساس ئي ڪونهي ته هو ڪو مايا ۾ ڦاٿو پيو آهي. هو ائين پيو پائيين ته ستسنگ ۾ مک مان اهي لفظ اچارڻ ته "سنسار مايا آهي"، سو ئي هڪ ثابتي آهي ته هو مايا ۾ ڦاٿل ڪينهي؛ نه ته هو چوندو ته اهي گهڙيون جي مان ستسنگ ۾ گهاريان ٿو سي تاس ۽ چوپٽ ۾ يا فلمي کيل جي ڏسڻ ۾ يا گهوڙي ڊوڙ يا آنڪ فرق جي پٺيان نه وڃايان ها.

اوهين چوندا ته پلا گهٽ ۾ گهٽ اهي گهڙيون فلمن جي پٺيان وڃائڻ کان ته ستسنگ ۾ گذارڻ بهتر آهي نه. مان چوندس نه، پاڻو نه. فلمي کيل ڏسڻ جو وڃي ٿو سو سورڳ پراپتيءَ لاءِ نٿو وڃي سواءِ انهن جي جن لاءِ نرگس ۽ ميناڪماريءَ جو پڙدي تي درشن ڪرڻ ٻه سورڳ سمان آهي، پر رواجي درشڪ ته فلمي کيل ڏسڻ لاءِ ٿو وڃي ۽ وندر ڪيس ملي ٿي. اُن ۾ ڪجهه دوکو ۽ ٺڳي ته ڪانهي. هتي ته دنيا واسطي دوکو آهي. وڃي ماڻهو مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ فقط ٻاهرئين ڏيکه جي بندن ۾ ڦاسيو وڃي.

باقي هڪڙي ڳالهه. هڪڙو ماڻهو جو تحقيق ڌرمي سدائتن جي پٽاندڙ پنهنجي جيون گهڙڻ جي ڪوشش ڪري

رچنا جو ٿيندو آهي. ڪلڪتي ۾ ڪروڙپتي واپاري پنهنجي بنگلي تي گديءَ تي ويٺو آهي ۽ سماجڪ ڪم ڪندڙ اچي کيس چون ٿا:

"سيٺجي، اڄ چاليھ نگرواسي ڏڪار جو ٻک ٿيا ۽ سندن انتم ڪريا لاءِ گيھ ۽ سامگري گھرجي، جنھن لاءِ هيتري رقم ڏيو."

سيٺ نهايت ئي دلي درد ۽ همدرديءَ سان کين چوي ٿو:

"اوهين پئسي جي ڪا به چنتا نه ڪريو. روزانو جيتري رقم اوهان کي گھرجي مون کان وٺي وڃو، مگر ان ڳالھ جو ڌيان رکجو ته هي ويچارا اوگتيا نه وڃن."

پوءِ ڏينهن جو ڪونيءَ تي اچي ٿو ۽ جڏهن منيب ٿو پڇيس: "سيٺجي چانورن جو اگھ اڄ ٢٠٠ رپيا مڻ آهي، ڇٿو وڪڻان؟"، تڏهن جواب ٿو ڏئي: "نه، منيبجي نه. چانورن جو اگھ ته اڃا ٢٥٠ رپيا ٿيڻ وارو آهي انڪري وڪڻڻ جو نالو نه وٺ، پاڻ جيترا ملي سگھن اوترا وٺي رک. پل هڪڙو به، وڌيڪ پاندا ڪري پاڙي ڪر. مگر چانورن جو نيڪال هرگز نه ڪجِ."

کيس دل ۾ ڪڏهن اهو خيال ئي ڪونه آيو ته سندس ئي لوڀ وگھي ته روزانو سوين ماڻهو ڏڪار جي بکايل ديويءَ اڳيان ڀيٽ چڙهي رهيا هئا ڇاڪاڻ ته هن ئي ته سڄي بنگال جا چانور ڪٺي پنهنجن پانڊن ۾ قيد ڪيا هئا، ان لاءِ ته اگھ چڙهي ته مان ناڻو ڪمايان. هانءُ غريب پلي مرن، رڳو اوگتيا نه وڃن.

بس ستسنگ مان اهو ئي خطرو آهي. انسان جي دل ۾ هڪ غلط وشواس ٿو پيدا ڪري، هڪ گمراهه ڪندڙ ۽ دوکو ڏيندڙ ڏيه ته گروءَ جي ٽڪاڻي ۾ مٿو ٽيڪڻ ۽ واڻي

مندر ۾ ٺڪاڻو آهي ۽ ٻئي جو ڪيتر سنسار.

ستيه ۽ ڌرم جي پٺ تي هلندڙ پانڊيچري کي رستي ۾ وقتي مشڪلاتون اينديون. نااميدي ۽ نراسائي ڪڏهن ڪڏهن سنڌس من کي لوڏينديون. لالچ ۽ لوڀ بعضي سنڌس قدمن کي ڏوڏڻ جي ڪوشش ڪندا. اهڙي وقت ايشور جي اپاسنا سنڌس سهارو ٿي سگهي ٿي. ان ويلي ڪنهن ست پرش جو سنگ ۽ اپديش سنڌس الجهن سلجهائي سنڌس راهه روشن ڪري ٿو. بيشڪ اهڙا ستسنگ جي مهما آهي، مگر اهو ستسنگ نرالو. مهاتما گانڌيءَ جي عام پرارٿنا ۽ ان پرارٿنا ويل جي رام ڌن ڪوڙو ڏي نه ڏيندي چوڻ نه هو فقط مک مان چوندو هو:

وشنو جن تو تيني ڪهئي، جو پيڙ پرائي جاڻي ري

مگر پنهنجي سموري زندگي پيڙت جنتا جي خدمت ۾ گذارڻ جو هن ورت اختيار ڪيو ۽ پنهنجي ساٿين کي ان سيوا ڪارڻ ۾ شريڪ ڪندو هو، جيئن هو تحقيق سمجهن ۽ ان سمجهه تي عمل ڪن ته ايشور جي سچي پرارٿنا دريدر ناراڻ جي سيوا آهي. جيڪي ۱۲ سال اڳ گانڌيجي ڪندو هو سو اڄ ونوبا ڀاوي ڪري رهيو آهي. خبر نه آهي ته پنڊت جواهرلعل جو ايشور ۾ وشواس آهي يا نه، مگر هو پنهنجي جيون جي هر ڏن جا ۲۴ ڪلاڪ ڀارت جي ۳۵ ڪروڙ آدم کي اٿارڻ ۽ سندن ترقي ڪرڻ جي لئن ۾ گذاري ٿو. ٺڪاڻي ۾ مٿو ٽيڪڻ جي ڀيٽ ۾ هيءَ پرارٿنا هزار دفعو بهتر آهي، ساڻس گڏ گذارڻ کان وڌيڪ ستسنگ ڪو ورلو ٿيندو.

ٺڪاڻي ۾ وڃي طوطي وانگر اٺين چوڻ:

گن گووند ڳايو نهين جنم اڪارت ڪين

تو ۽ ستسنگ ۾ ٿيندڙ اُپديش تي هلڻ جو ڄتن ڪري ٿو، ان سان ته جهيڙو ڪونه ڪبو نه؟ ٻيلي مون مان ان رعايت جي به اميد نه رکجو. هڪڙو ته اهڙي ماڻهوءَ کي ستسنگ ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانهي؛ من جي ڪمزوريءَ واري هو گهر ۾ ويٺي به، پنهنجي من اندر ايشور کي ڏيائي، ڪانئس شڪتيءَ ۽ همت جي ڀکيا مڱي سگهي ٿو.

دل کي آئيني مين هي تصوير يار -
جب ذرا گردن جهڪالي ديکهه لي

ٻي ڳالهه ته ستسنگ ۾ وڃڻ سان ڊپ آهي ته مبادا هو به ان دوکي ۾ اچي ته ستسنگ ۾ نيم سان اچڻ بخود ئي هڪ وڏو ڌرم آهي ۽ هاڻ مون ۾ ٻي ڪا ڪمي رهي ئي ڪانه آهي. ٽيون، سماج جي اڳيان هو غلط مثال پيش ڪندو. ماڻهو سمجهندا ته هڪڙو نيڪ ماڻهو جا ڳالهه ڪري ٿو سا ٻنهه صحيح آهي ۽ ائين هو به ان ساڳئي دوکي جا شڪار ٿي ويندا.

ڌرم ۽ وهنوار به هڪ ٻئي کان الڳ چيزون نه آهن. ان بنيادي سڌانت کي ڀلجي اسان رڃ ۾ ڀٽڪندا پيا وتون. ڌرم اهو جو جيون جي هر قدم تي، هر کيتر ۾ اسان جو ساٿي هجي؛ ۽ جنهن کي هر گهڙيءَ ۾ اسين پنهنجو ساٿي ڀانيون. جي سچ ۽ ايمانداري، اهڙيون آهن، جي ڌنڌي ۾ ڪارگر ٿي نه سگهنديون، ته پوءِ يا ته سچ گرهڻ ڪرڻ يوڳيه وستو ئي نه آهي، يا اسان سچ کي چڱيءَ طرح نه پروڙيو آهي. ستسنگ جو وڏي ۾ وڏي خطرو اهو آهي ته ان تي حد کان وڌيڪ ڀاڙڻ ڪري اسان جيون جي هن مکيه سڌانت کي ڀلائي ٿا ويهون ۽ ڀانيون پيا ته ڌرم ۽ وهنوار ٻه بلڪل علحدئون وستو آهن. هڪڙيءَ جو کيتر

۳۰- ايشور جو سروپ

آتما ۽ پرماتما بابت واد وواد ڪرڻ جو حق تہ رڳو انهن کي حاصل آهي جي گيڙو رنگا ڪپڙا پائي هردوار ۾ گنگا جي ڪنڌي تي سمادي لڳايو ويٺا هجن يا هماليہ پربت جي ڪنهن غفا ۾ ويهي راج يوگ ۽ هٺ يوگ جا پريوگ ڪندا هجن. هڪ سنساري جيو جو رات ڏينهن ڌنڌي ۾ لپٽ ٿيل آهي ۽ جنهن جو وهنوار جان تان مايا سان ٿي آهي تنهن کي هن پوتر وشيہ تي وات پٽڻ جو ڪهڙو حق؟ پر خيال آهي تہ جي ڌنڌي موچيءَ ۽ سڌني ڪاسائيءَ کي گيان گوشٽ ڪرڻ جو حق هو تہ مان بہ ڪي ٻہ ٽي ٽوٽا ڦوٽا ويچار ڪٺي پاڻ کان اڳيان اڇليان تہ هرو ڀرو ڪا اربع خطا ڪانہ ٿي ويندي، تنهن سواءِ هڪ انگريزي ودوان جو گفتو آهي تہ چاليهن سالن جي عمر تي رسڻ بعد هرڪو انسان يا پاڳل بڻجي ٿو يا فيلسوف، مون کي جو اڃا ٽاٽي (پاڳل خاني) ڪو نہ موڪليو اٿائون، سو ڀانيان پيو تہ شايد فيلسوف بڻيو هجان. انڪري ٿو طبع آزمائي ڪريان!

ناستڪن جو فرمودو آهي تہ ايشور انسان کي ڪين خلقيو آهي مگر انسان ايشور کي. ائين چئي هو پڇيو وڃن. پر اهو ٻڌائين ٿي ڪو نہ تہ انسان کي ڪنهن خلقيو؟ وري جي چون تہ انسان کي ايشور خلقيو آهي، سي ان سوال جي جواب ۾ منجهي پوندا تہ ايشور کي ڪنهن خلقيو؟ ساڳيو پراڻو سوال، وڻ اڳي ڪ ٻج، بيدو اڳي يا ڪڪڙ،

جي پيٽ ۾ مان جيڪر شاعر سان گڏ هي ٿي چوڻ پسند ڪريان:

سڄي عمر گذري نه رب آيم،
نه مندر وسايم نه مسجد وسايم،
نه سجدو ڪيم ۽ نه سر کي جهڪايم،
نه سمرڻ ڪيم نه سمادي لڳايم.

پر اهو لڏهن جڏهن ساڻ ساڻ شاعر جو هي واڪو به سدائين پنهنجي آڏو رکي سگهان:

چيو مون خدا ها گنهگار آهيان
جو لوڪي وساريم خطاوار آهيان
مان بيشڪ خطا لئه سزاوار آهيان
جي دوزخ ڏيو آءٌ حقدار آهيان
مگر تنهنجي بندن سان رکيم محبت
عبادت جي بدران رکيم تي صداقت.

”پارتواسي“ پرجاوادي پرچو ١٩٦٠

(روحاني رهاڻ)

وٺو ڏئي. ان کي وقتي پرارٿنا ڪندا آهيون ته اسانجا گناهه بخش، وقتي ڪائنس ڀيڪ مڱندا آهيون ته اسان کي هي ڪ هي ڏئي. ڌن، مرتبو، استري، اولاد، ناموس يا ڪي شايد ان کان وڌيڪ ملهائتيون ۽ جٽاءُدار وستو گهرندا هجون: من جي شانتي، آنند ۽ مڪتي.

خبر ناهي ايشور جي دربار ۾ آزي نيازي، ڪُڙي خوشامد ۽ چوُچاءُ هلندي آهي يا نه. پر اڪثر ڌرمي ڪتاب ائين پيا چون. مسلمانن جي ڄاڻ آهي ته حضرت محمد اُمت کي بچائڻ جو بوجو پنهنجي سر تي کنيو آهي. البت هن ته شرط وڌو ته آءٌ بچائيندس جي اوهين شريعت تي هلندا. پر پهريان ڳالهه اُمت ياد ڪئي ۽ ٻي وساري ڇڏيائون. ڇو ته پهريان سوُلي آهي ۽ ٻي ڏکي. ساڳيءَ طرح عيسائن جي پيغمبر ڪرست به پنهنجي پيروڪارن سان پرڻ ڪري ڇڏيو آهي ته آءٌ اوهانجي لاءِ پيءُ وٽ وڪالت ڪندس، اوهين رڳو ڏنل حڪمن تي هلو. ساڳي ڳالهه اُتي به ٿي. حڪمن تي هلڻ وسري ويو، ڪرست تي بوجهه پيو ٿي رهيو. رستو جو سولو آهي.

پر جي ٿورو ويچار ڪريون ته ڳالهه دماغ کي تسڪين ڏئي ڪو نه سگهندي. هتي ئي جي ڪو ماجسٽريٽ يا جج رشوت تي، منت ميڙ تي يا چوُچاءُ تي انصاف جي ٿارازوءَ کي هيڏانهن هوڏانهن ٿو ڪري ته اسانجي نظرن ۾ ڪريو پوي؛ پوءِ جنهن کي پورڻ ٿا ڪونيون، جنهن ۾ ڪوئي وڪار ڪونهي. اُهو جي ائين پنهنجي رائي ۾ رياءُ ڏيکاري ته مٿس ته ڪلنڪ اچي ويندو. سو پنهنجي ٿوري ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي اِشٽ کي ڪلنڪت ڪريون سا ڳالهه ڪانهي؟ جي ماڻهو سڀو ڏينهن ڪوڙ پاپ ڪري،

ڀوواديُن ته اُن جهنجهٽ مان سولو رستو ڳولهي ڪڍيو، ڇي ايشور، آتما ۽ پرڪرتي ٽيئي انادي آهن. ڪنهن ڪنهن کي ڪين خلقيو؛ ايامن کان مڙئي پيا هلندا اچن ۽ هلندا ايندا.

پر هي ته وڏا منجهيل ۽ منجهائيندڙ مسئلا آهن، جن مسئلن کي گوتم ۽ شنڪر آچاريه جهڙا مها گياني پورن ريت سلجهائي نه سگهيا تن مسئلن تي مان ڪجهه لکان ته اها جي چريائي نه چئبي ته اجايو هٺ ضرور چئبو. تنهن ڪري انهن معاملي کي اتي ئي ڇڏيون. اچو ڳالهه پنهنجي ڪٿا کي. ساڪي اور چلي.

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته مونکي مڙيوئي ناستڪن جو گفتو ڪي قدر دل سان لڳندو آهي ته ايشور انسان کي ڪين خلقيو آهي مگر انسان ايشور کي؟ اڪثر ۾ مونکي ناستڪ سمجهي، حرف نه پئجو. مثان غصي ۾ گاريون ڏيو، تنهنڪري اڳ ئي چئي ڇڏيانءُ ته مان آستڪ آهيان، آتم وادي آهيان، روحانيت ۾ وشواس اٿم. جيتوڻيڪ ايشور کي جنهن سروپ ۾ لوڪ پنهنجي نظرن اڳيان چٽيندا آهن اهو منهنجي دل کي ڪونه آئڙندو آهي ۽ جي اند وشواس ڇڏي پاڻ کي ۽ جڳ کي نگهه جي ارادي کي ليائجي، ذرا سوچ کان ڪم وٺجي ته اهو سروپ سچ پچ آئڙندو به ڪونه.

اچو ته سوچيون. رواجي طرح ايشور جو سروپ تنهنجي، منهنجي ۽ ٻين جي اڳيان ڪهڙو آهي؟ هڪ مهان راجا وڏي آڪار ۽ وڏي سٽا وارو، جو ستين عرش تي شاهي تخت تي براجيل آهي ۽ هرهڪ بندي جي ڪارنامن جون وهيون وٺيو جاچي ۽ انجي ڪرمن انوسار ڪيس ڦل

جي اپلاشا ڪيائيان ٿو، نشڪام ڪرم جي درجي تي پهتو آهيان. نه ئي ايشور جي ضرورت محسوس ٿيندي؛ ان لاءِ نه جيڪي ڪي ڏک ۽ ڪليش اچن ڪو ٿن ڪرمن ڪري ملن، تن کي صبر سان سهي سگهان ۽ من کي پنهنجي نيڪ ڪمن لاءِ نتيجي جي چاهنا رکڻ کان روڪيان. انسان جي صورت ۾ منهنجي شڪتي محدود آهي، ان ۾ نه شڪ ڪونهي. من تمام هڪ چنچل وستو آهي، انکي روڪڻ سولو ڪونهي. ڏک تي مڪمل فتح پائي، ڦل جي اِڇا کان رهت ٿيڻ ڪٺن ۾ ڪٺن پد آهي جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا نيڪ گهرجي؛ ڪا مدد گهرجي، اها نيڪ ۽ مدد ايشور وٽان ملي سگهندي، ملي ٿي. جي پرارٿنا ڪندا آهن، تن جو اهو آزمودو آهي، انڀو آهي نه ايشور کان گناهه نه بخشائجن. ايشور کان بي جاءِ فائدا نه گهرجن، ان کان چڱن ڪمن لاءِ انعام به نه گهرجن؛ مگر ڪائنس صرف ان شڪتيءَ جي طلب ڪجي نه مونکي ڏک سهڻ لاءِ طاقت ڏئي نه ڪرڪڻ ۽ ڪنجهڻ کانسواءِ تنهنجي ڀاڻي تي راضي رهان، پنهنجي نيڪ ڪارنامن کي درياهه ۾ اڇلي ڇڏيان، انهن لاءِ ڪجهه اجورو نه گهران، نه الاجي ڪيئن اٿاهه. شڪتي اچي وڃندي آهي. وگياني انهيءَ جي هيءَ سمجهاڻي ڏيندا ته جيئن ڪنهن مقناطيس اوڏو اچڻ سان لوهه ۾ به مقناطيسي شڪتي اچي وڃندي آهي، تيئن ايشور جي اوڏو اچڻ سان انسان ۾ سندس شڪتيءَ جو ڪجهه جزو اچيو ٿو وڃي.

پر منهنجي من ۾ هڪڙو ڪٽڪو رهجي ٿو وڃي. شاسترن جو واڪيه آهي ”پراڻين سڀئي سڪه ناهين.“ پوءِ ٽڏهن انسان کي ڇا آخرين منزل تي رسڻ لاءِ ٻئي جي مدد جو

ڀائيندا آهن ته رات جو مٿي تي رومال وجهي ڏرو گرانٽ صاحب اڳيان مٿو نيڪي هو روزانو پنهنجا پاپ ڌوبو ڇڏين ۽ سورڳ ڏانهن رستو صاف پيا ڪن، تن جي دل کي اها ڳالهه ڪين آئڙندي؛ پر ٻين جي رڳو پنهنجي دل پرچائڻ ڪاڻ اٿن ۽ حقيقت شناس ٺيڪ چاهين ته ٻوءِ ته ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي.

چڱو ڀلا، اها تصوير ڇڏيون. نه ڪانئس معافي ٿا طلبيون ۽ نه ڪانئس سوکڙيون ٿا مڱيون ٻوءِ باقي ڇا رهيو. ٻوءِ به ته اهڙي مهان واڪتيءَ جي ضرورت رهندي نه. مان ڀال چوان، ته ”آنراکه حساب پاک است از محتسب چه باک“، جنهنجو حساب ڪتاب صاف آهي ان کي آڊيٽر جو ڪهڙو ڊپ؟ پر اهو حساب ڪندڙ ته ڳهرايو ئي سهين نه، جو مون کي حق ڏئي، مون سان انصاف ڪري؛ منهنجن سٺن ڪرمن لاءِ مونکي انعام ڏئي. مونکي ته سندس مهرباني گهرجي، نه مونکي ڪانئس ڊر آهي، ڇو ته مون نه کوٽا ڪرم ڪيا آهن جو سزا ڀوڳيان ۽ نه مونکي ڪو پنهنجي حق کان وڌيڪ گهرجي جو سندس خوشامد ڪريان. پر حق جو طلبيان ٿو سو ڪنهن کان ته طلبيدس نه؟ ايشور ڌاران ٻيو ڪنهن کان طلبيان؟ نه ٻئي کي شڪتي آهي مونکي ڏيڻ جي ۽ نه ٻئي ڪنهن جي انصاف ۾ ئي ڀورو وشواس ٿي سگهندو. اهو ئي هڪڙو آهي جو نياءَ ڪاري به آهي، سروَ شڪيتمان به آهي. ان ڪري ئي سندس هستيءَ جي ضرورت پاسي ٿي.

پر سمجهو ته مان ان دڳي کان مٿي چڙهي ويو آهيان. مون جيڪي کوٽا ڪرم ڪيا آهن تن جي لاءِ سزا ڀوڳڻ تيار آهيان ۽ جيڪي ڪجهه چڱو ڪيو اٿم تنهن لاءِ انعام

جي اها ضرورت ٿي ته، پوءِ هو پراڻن ٿيو ۽ پراڻن نه سمجهي سگهه ناهين.

پر مون اڳ ئي چيو آهي ته مان ڄڙوادي ڪونه آهيان. منهنجو روحانيت ۾ پورن وشواس آهي. ۽ ان لحاظ کان مان آستڪ آهيان. روحانيت ۾ وشواس ڌارڻ ڌاران جيون جي پهيلي سلجهڻ ناممڪن آهي. زندگيءَ جو الجهن سلجهائي نه سگهبو. هيءَ دنيا، جيڪي ڪي ڏسجي ۽ پسجي ٿو، اهو سڀ ڪجهه، ائين جيڪي آهي سو سمورو اصليت ڪينهي؛ سموري مايا به، ڪينهي. جيڪڏهن اهو سڀ جيڪي آهي سو سچو آهي ته پوءِ اخلاق ۽ پرمارٿ کي ڪا معني ڪانهي. پوءِ هرڪو انسان جيڪي ڪي وڻيس سو ترت، هينئر ۽ هر طريقي اختيار ڪرڻ سان حاصل ڪري ۽ دنيا جا ڪل عيش عشرت ڀوڳي ته ڪيس ڏوهه ڏيئي نه سگهبو؛ جي سمورو مٿيا آهي ته، پوءِ هرڪنهن لاءِ لازمي ٿيندو سنسار کي تياڳي گنگا جي ڪناري تي وڃي وهي، ۽ ائين ٿورن ئي ورهين ۾ سنسار جو خاتمو آڻي ڇڏي. ٻئي ڳالهيون غير عملي ٿيون لڳن، ناممڪن ٿيون لڳن.

هي سنسار جيڪي ڏسجي ٿو اهو ڪيئن ۽ ڪهڙي نڪته نظر کان مٿيا آهي ۽ ڪيئن ۽ ڪهڙي نڪته نظر کان سچو آهي، انهن مٿيا ۽ سچ جو پاڻ ۾ ڪهڙيءَ طرح ميل جهول ٿئي ٿو، يا ان برهم ۽ مايا جو ڪهڙو سنبنڌ آهي، ان جو جاڻ جاڻڻ ۽ ان جاڻ کي پنهنجي جيون جو انگ بڻائڻ ان جو نالو آهي سچو روحاني جاڻ. ان جاڻ جاڻڻ لاءِ، ان جاڻ کي پنهنجي جيون جزو بڻائي، پنهنجي شخصيت اهڙي بڻائڻ جنهن ۾ نه سزا جو ڊر ٿئي ۽ نه انعام

ڪپ ڏيندو؟ ۽ جيئن ٻئي جي مدد جو جيءُ محتاج آهي، اها مدد پل ايشور جي ڇو نه هجي. جيئن پراڻيتا ڏي، تيئين سڀني ۾ سگهه ڪونهي. صوفي پل مرشد جي مهما ڳائين ۽ ويدانتي ستگروءَ جي؛ پر آهي ته ٻنهي سان محتاجي. انهن جي مدد سان سورڳ مليو ته ڇا ٿيو؟ پارسيءَ واري چيو آهي:

حماق با عقوبت دوزخ برابر است
رفتن به پايمردي همسايگان بهشت

منهنجو هڪ واقفو عزيز هو. جوانيءَ ۾ مون ڪيس ڏٺو ته روزانو صبح سانجهيءَ پلٿي ماري ڪلاڪ ايشور جي ڀڳتي ڪندو هو. پوڙهائپ ۾ ناستڪ ٿي پيو. پڇيومانس ڇو اوهانجو ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس ڪونه آهي؟ چيائين ايشور آهي يا ڪونه، پر انسان کي آسرو کپي، ان لاءِ ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس رکڻ چڱو آهي، انسان جي فائدي وارو آهي. مونکي ڳالهه اٽي پيئي لڳي. ايشور شايد هجي، مان ان جي هستيءَ کان انڪاري ٿي نه ڪنهن جي دل کي ڏڪو ڏيڻ ٿو چاهيان ۽ نه پنهنجي لاءِ ڏينهن جو مانارو جاڳائڻ ٿو چاهيان. نه ڪي وري مان سنهن کڻي ائين چوندس ته جنهن قسم جي ايشور جي تصوير رواجي طرح انسان پنهنجي اڳيان ڇٽين ٿا، هڪ وڏي آڪار واري هستي جا سڄي برهمانڊ تي راڄ ٿي ڪري، ان تصوير ۾ منهنجو پورن وشواس آهي. مان ان ڳالهه جي نه کوج ڪئي آهي ۽ نه ڪرڻ جي چاهنا اٿم. مگر گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهه چوندس ته انسان کي پنهنجي مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ، يعني اوچ ۾ اوچ چاهنا، موکش جي پراپتيءَ لاءِ، ايشور جي مدد ٺي پائڻ جي ضرورت ڪانهي.

نه مونکي ڪو اعتراض ڪونهي. پر اها شڪتي آهي اسانجي اندر ئي ۽ ان لاءِ ٻاهر ڪوج ڪانه ڪرڻي آهي. ٻئي لي نه ڀاڙُو آهي. ٺيڪ ته اردوءَ واري چئو آهي:

دل ڪي آئيني مين هي تصوير يار،
جب ذرا گردن جهڪالي ديکه لي.

[”پارتواسي“، ڏياري پرچو ۱۹۷۶]

(روحاني رهاڻ)

لاءِ آشا، جيئن انسان سچو ڪرم ڀوڳي ٻڌي سگهي. تنهن لاءِ ٻئي تي آڌار رکڻ، يا ان لاءِ هروڀرو ايشور کي تڪليف ڏيڻ جو ڪهڙو سود؟ ايشور جي سچ پچ آهي، ان روپ ۾ ۽ جنهن روپ ۾ دنيا ان کي مڃي ٿي، هڪ مهاراجا، جو انسان کي سندس چڱن ڪرمن لاءِ انعام ٿو ڏئي ۽ بڇڙن لاءِ سزا، ته ڀل هجي. منهنجو ساڻس ڪو به جهيڙو ڪونهي ۽ نه مان انجي هستي مڃائڻ جي ڪوشش ڪري ڪروڙها ماڻهن جي دلين کي رنج رسائڻ ٿو چاهيان. پر منهنجو چوڻ رڳو اهو آهي ته انسان پنهنجي منزل مقصود تي رسڻ لاءِ ٻئي جو محتاج ڇو ٿئي؟ ڀوءِ اهو ٻيو ڀل ڪٿي ايشور ڇو نه هجي؟

منهنجو ته اهو وشواس آهي ته جا شڪتي ايشور کان مڱجي ٿي، اها پنهنجي اندر ۾ ئي آهي. ايشور جي پرارٿنا ڪرڻ سان بيشڪ دل کي ڏڍ ٿو اچي، سنتوش ٿو اچي، سهن شڪتي وڌي ٿي، من جي ممتا مري ٿي؛ پر جن ايشور جي هستي ڪانه مڃي آهي، تن ۾ ڇا اهي گڻ موجود ڪونه هئا؟ ڪيترا اهڙا مثال ملندا جو ناستڪن به عجيب چمتڪار ڏيکاريو آهي. ڀڳوان ٻڌ جنهن سڄيءَ دنيا تي ڌاڪو ڄمايو تنهن لاءِ عام طرح اهو ويچار آهي ته سندس ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس نه هو. انسان جي اندر هڪ اٿاهه ۽ اڻکٽ شڪتيءَ جو چشمو آهي، جتان جڏهن هو چاهي تڏهن ڏڍ ۽ طاقت وٺي سگهي ٿو. سچ ته جيڪي ايشور جي پرارٿنا ڪندا آهن، تن جي حالت ۾ به حقيقت ۾ ته اهو اڪل شڪتيءَ جو چشمو آهي. ان جو منهن کلي ٿو ۽ انهن کين قوت اچي ٿي. ان اٿاهه، اکنڊ، اڻکٽ شڪتيءَ کي جي اوهين ايشور جو نالو ڏيو

In the whole world, there is no study, so beneficial and so elevating, as that of Upanishads. It has been the solace of my life and it will be the salace in my death.

”سڄي دنيا ۾ ٻيو ڪو به اڀياس، ايترو لاڀدائڪ، ايترو اوچو نيندڙ ڪو نه آهي، جهڙو اپنشدن جو. اهو اڀياس، جيون ۾ مون لاءِ آنند جو سرچشمو بڻي رهيو آهي. موت ۾ به اهو مونکي سنتوش ڏيندو.“

ايش اُپنشد

مون وٽ پرسند آريه سماجي ودوان پنڊت نارائڻ سوامي جي نيڪا سان ايش اپنشد اچي پهتو. هڪدم ان جو اڌين شروع ڪيم. بس گيان جو ڀنڊار کلي ويو. آنند جو سرچشمو ملي ويو. چيم اپنشدن جو سرمور اپنشد ايش اپنشد آهي، جنهن ۾ رشين انادي ڪال جو ودوتا، ڏاهپ ۽ بدهماني ڀري ڇڏي آهي.

هڪ ڀيرو ڪنهن شرڌالوءَ مهاتما گانڌيءَ کان پرارٿنا سڀا جي هلندي پڇيو:

”اسلام ۽ ڪرستان ڌرم جيان، هندو شاسترن ۾ ڪو اهڙو سوتر آهي، جنهن ۾ هندو ڌرم جو سمورو سار سمايل هجي؟“

مهاتما چيو: هائو، هڪڙو منتر آهي جو مان اوهانکي ٻڌايان ٿو، جنهن جي اندر منهنجي ويچار ۾ هندو ڌرم جو سمورو سار سمايل آهي- ايش اُپنشد جو پهريون شلوڪ.

”گهڻا ورهيه ٿيا جو ايش اپنشد جو انواد ۽ ٽيڪا مون پڙهي. يروڊا مندر ۾ هوس ته مان ايش اپنشد جا شلوڪ ياد ڪري ڇڏيا. مان انهن منترن ري مگن آهيان.

٣١- ڀارتي فيلسوفي

اُپنشد

بي. اي. ۾ منهنجي خاص وشيه فلاسافي هئي تتو گيان-ان ڪري فلاسافيءَ جي ڄاڻ، ٿوري گهڻي ته ڪاليج ۾ پڙهندي ئي حاصل ٿي. پر تڏهن اڃا رڳو مغربي فيلسوفيءَ جي اڀياس ڪرڻ جو موقعو مليو هو. ڀارتي فيلسوفي خير ڪا ان ڪاليج ۾ پڙهائيندا هئا. ڀارتي فيلسوفي جي اڀياس ڪرڻ جو موقعو جيل ۾ مليو. مهاتما گانڌيءَ جي ستياگره لڙ ۾ ڀاڱو وٺندي هزارن ٻين سب وطن سان گڏ، مون کي به ترنگ روڀي تيرٿ ياترا ڪرڻ جو سوڀاڳيه حاصل ٿيو. اهو جيل وارو عرصو، مون ڀارتي فيلسوفيءَ جو اڀياس ڪرڻ ۾ صرف ڪيو.

ٻڌو هوم ته ڀارتي فيلسوفيءَ جو سرچشمو آهن اُپنشد. اُپنشدن ۾ رشين جا اُپديش ڏنل آهن. اُپديش، جي نديءَ جي ڪنارن تي ويهي اسان جا ودوان ۽ تتو ويتا رشي، جوانن کي ڏيندا هئا، جن جو اُمرت چکي، هزارين جگياسو آنند پراپت ڪندا هئا.

انهن اُپنشدن ۾ جو گيان ڀريل آهي تنهنجي ساکي، ڀارتواسي ته ٺهيو، پر پرديسي به ڏيندا آهن.

مغل شهزادي داراشڪوه، انهن اپنشدن جو پنهنجي فارسي زبان ۾ ترجمو ڪرايو، ايترو ته، انهن جي اڀياس سندس دل تي گهرو اثر ڪيو. پرسڌ جرمن فلاسافر شوپن هائر جو گفتو آهي:

ڀارتي سنسڪرتي ۽ ڀارتي فيلسوفيءَ جي سار ان ايش اپنشد جي پهرين شلوڪ ۾ ڏنل آهي. گيتا جي نشڪام ڪرم جي پرڀاڻي ان شلوڪ ۾ ٻڌايل آهي ايشور جو روپ ڪهڙو آهي، ايشور جي وستوءَ ۾ ۽ هر جيو ۾ براجمان آهي، اِها سکيا ان شلوڪ ۾ قلم بند ٿيل آهي. مطلب ته فيلسوفيءَ ۽ درشن شاستر جي سموري وديا ڄڻ ان هڪڙي ڪوزي ۾ ڀري وئي آهي.

جي اها سکيا ڪو بخوبي سمجهي ۽ هنڊائي ۽ جيون ان موجب گهارڻ جي ڪوشش ڪري ته پوءِ سندس ڏک ۽ پيڙا دور ٿي وڃن ۽ آنند جا دوار کلي وڃن.

اِنساني من جي تڙپ

اِنسان جي من جي اندرين تهن ۾ سدائين هڪ اڪنٺا لڪل رهي ٿي، ڄاڻ وڌائڻ جي، علم وڌائڻ جي، غيب جي پڙدي کي چيري ان جي پٺيان جيڪي ڪجهه لڪل آهي ان کي سڃاڻڻ ۽ پهچاڻڻ جي.

دنيا ۾ ڪيترين ايجادن ۽ اوشڪارن ان اڪنٺا جو نتيجو آهن. بجلي ۽ ان جا اپيوگ ٻيا ٽنڊ ٽار جي ڪم ڪندڙ ڪيترا سارا ونگيانڪ اوزار ۽ مشينون، اهي مڙئي ان انساني اڪنٺا جو ڦل آهن. اننت آڪاس جي کوج، چنڊ تي چڙهائي، اهي سڀ انساني سرگرميون ان پرٻل چاهنا جو نتيجو آهن. ڄاڻڻ ۽ پهچاڻڻ ته جيڪي ڪجهه انساني درشٽيءَ کان دور ۽ لڪل آهي ان جي پٺيان حقيقت ڪهڙي آهي؟ اصليت ڇا آهي؟ ان انساني من جي تڙپ اڪنٺا ۽ چاهنا ئي انسان کي ايشور ۽ آتما، جيون ۽ مرتيوءَ جي ڀيدن کولڻ ۽ انهن جي مرم ڄاڻڻ لاءِ، وقت به وقت اتيجت پئي ڪيو آهي.

”مان انهيءَ انتم نرنيه (آخرين فيصلي) تي پهتو آهيان ته جيڪڏهن اڪسمات (اوچتو) سڀئي اپنشد ۽ ٻيا ڌرم گرنٿ جلي ڀسم ٿي وڃن، پر ايش اپنشد جو رڳو پهريون شلوڪ، هندن جي سمرتيءَ ۾ قائم رهجي وڃي ته، هندو ڌرم سدائين جيوت رهندو.

”منشيه جي هردي ۾ جيڪي به مونجهارا يا شنڪائون اٿن تيون تن سڀني جي نوارڻ (حل) جي هيءَ سوني ڪنجي آهي. ايش اپنشد جو هڪڙو شلوڪ ياد رکيو ته پوءِ سڀئي شاستر ڀل ڀلائي ڇڏيو. اوهانجي مرضي ٿئي ته ڀلي شاستر جي ساگر ۾ ٽٻيون هڻو. نمرتاوان ودوان ڏاهپ سکڻ لاءِ ڀل شاستر پڙهيو پر ساماڻيه (رواجي) ماڻهوءَ لاءِ هن ڀوساگر مان تري پار پوڻ لاءِ هن منتر کان پوءِ ٻيو ڪجهه به ضروري نه آهي.

”مان، اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران ته هن ننڍڙي منتر ۾ جو سڀ سمايل آهي سو هرهڪ منشيه جي هن لوڪ توڙي پرلوڪ جي، اوچين ۾ اوچين ڪامنائن جي پورائي ڪرڻ وارو آهي.

”مان مڃان ٿو ته ان منتر ۾ هندو ڌرم جو سار سمايل آهي. ان ڪري اهو هرهڪ مندر جي دوار تي اُڪري ڇڏڻ گهرجي.“

اتي جيل ۾ پوءِ مهاتما گانڌيءَ جا ليک ۽ مضمون پڙهندي ڏٺم ته، باپوءَ به ايش اپنشد جي ڏاڍي ساراهه ڪئي آهي. هن پاڻ لکيو آهي ته اپنشدن ۾ رشين گيان روپي کير ڏهي ڀريو آهي. باپوءَ ايش اپنشد کي مهان ۾ مهان درجو ڏنو آهي ۽ تنهن ۾ به ان پهرين شلوڪ جي مهما ڏاڍي ڳائي اٿس.

آهي. سدائين سرهو ۽ سدائين هڪ سر ۾ آهي. ڦرڻ گهرڻ بدل سدل تنهن کي ستيه چئي ٿو سگهجي. ستيه اهو آهي جو سٿر رهي، انادي ڪال ٿائين دائم قائم رهي. انهيءَ، مشرقي تتو ويتائن، ستيه جي تشريح اها ڪئي آهي ته جو سٿر آهي انادي آهي نتيه آهي بدلي نٿو ڦري نٿو مٽجي نٿو سو ستيه آهي. ۽ جو ڦري گهري ٿو بدلجي سدلجي ٿو وقت ۽ جڳهه جي بدلجڻ سان روپ بدلائيندو ٿو رهي سو ستيه نه آهي اهو مايا آهي.

سک ۽ دک

ڀارتي رشين جو تتو وديا ڏانهن ڌيان ان ڪري ويو جو سندن آڏو هڪ بلڪل ڏکيو مگر عملي مسئلو اچي ڪڙو ٿيو. اهو مسئلو هي ته هن دنيا ۾ خالص سک ملي ئي نٿو. هر خوشيءَ جي آزمودي سان غم لاڳ لڳل ئي آهي. وستو جي سک جو احساس ڏين ٿيون سي نتيه نه آهن سٿر نه آهن دائمي نه آهن تنهن حالت ۾ سپاويڪ سک جو احساس دائمي ڪينهي مگر سک ڏيندڙ وستن جو اسان وٽان هلي وڃڻ دک ۽ غم جو پاس ٿو پيدا ڪري من کي پيڙا ٿو ڏئي.

اها ڳالهه ممڪن ئي ڪينهي ته انسان جي هر چاهنا پوري ٿئي. سندس هر خواهش سڪام ٿئي. هن سنسار ۾ اسان جي خواهشن جي پورتيءَ لاءِ ٿورا موقعا ميسر آهن. خوشي حاصل ڪرڻ جو بهترين اُپاءُ اهو آهي ته پنهنجن خواهشن کي قبضي ۾ رکجي.

سڀ کان وڏو دک ۽ پيڙا ڏيندڙ ڪارڻ موت چيو ويو آهي. موت جو دک ۽ موت جو ڏر - دک ڪنهن ويجهي عزيز جي مرڻ ڪارڻ ۽ ڏر پنهنجي موت جو - اهي ٻئي آزمودا نهايت ئي پيڙا ڏيندڙ آهن.

ستيه کھڙو ۽ مايا کھڙي

هن سنسار جي وستن سان سمپرڪ ۾ انهندي ڪيترا پرسنگ اهڙا بڻجن ٿا جو اسان کي پن مقصد يا هڪ ٻئي جي خلاف پرستين جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. اسان جي آڏو اهو سوال ڪڙو ٿو ٿي بيهي ته پنهي مان حقيقت کھڙي آهي يعني ڪھڙو آهي؟ ستيه کھڙو آهي، مايا کھڙي آهي؟

مغربي درشن شاسترن جي ماهرن جو هڪڙو سدانت ان مونجهاري جي لاهڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي؛ هڪڙي ڪسوٽي ڏني آهي، اهو سدانت، اها ڪسوٽي هي آهي ته جنهن وستوءَ ۾ جنهن وچار ڌارا جي اندر اندروني اختلاف يا تضاد آهي اها ستيه ٿي نٿي سگهي. ان ڪسوٽيءَ تي ئي "ايشور جي هستيءَ، "آتما جي امرتا"، "ڪرم جي آزاديءَ جي وچار پدتين کي ڦاسڻو آهي. جي پدتيون ان ڪسوٽيءَ مان پار پهتيون سي ستيه آهن. جي ان ڪسوٽيءَ تي ڪونه ٿيون ثابت ٿيون سي ڀرم آهن.

اسانجي پورپي يا مشرقي تتو وڃائن يا فلاسافرن اهو ساڳيو مونجهارو ۽ مسئلو ٻيءَ طرح پيش ڪيو آهي. هن اسان جي جسماني سنسار ۾ ڪيتريون شيون آهن جي انستر آهن جي دائمي نه آهن ۽ جي بدلجنديون رهن ٿيون. استري اڄ سندر آهي، سڀان هن جو روپ بدلجي بدزيبو ٿي سگهي ٿو. دولت اڄ آهي، سڀاڻي هلي وڃي ٿي. اڄ مون وٽ آهي جوانيءَ جي مستي ۽ چستي، سڀاڻي آءٌ بيمار ۽ روڳي ٿي ٿو پوان. هاڻ جي وستون ائين بدلجنديون رهن ٿيون ان جو روپ سدائين قرندو ٿو رهي سي ستيه ٿي نٿيون سگهن.

ستيه جيڪو آهي سو انادي آهي، اڻ مڙندڙ ۽ اڻ بدلجندڙ

جيترو ڪنهن سنياسيءَ جو آهي؛ ۽ شايد وڌيڪ ٿي.

ڀارتي فيلسوفيءَ جو سنساري مشن ڪي چونڊ آهي ته اوهين هن سنسار کي ڇڏي ڀڄي نه وڃو. الٽي رهو، ان ۾ گذر ڪريو، ڪمايو، تن ڪنو ڪريو، جي ڀي سنسار ۾ پدارٿ آهن، تن جو پل اپيوگ ڪريو انهن جو لطف وٺو؛ پر انهن جو تياڳ ڪري يعني انهن ۾ لپٽ ٿيڻ ڪانسواءِ ان جي موهه ۾ ڦاسجي پوڻ بنا. اهو تڏهن ڪري سگهبو، جڏهن ائين سمجهبو ته هن جڳت توڙي ٻين جڳتن ۾ جيڪي ڪجهه ڏسجي ڪجي ٿو اهو سڀ ڪجهه ايشور وٽان آيل آهي ان جو ئي حصو آهي، جزو آهي. ائين سمجهي ۽ محسوس ڪري ان پاونا سان، ان ۾ چت کي نه ڦاسائي ان ۾ لپٽ ٿيڻ بنا، هن دنيا ۾ ورتبو، وهنوار ڪبو ۽ سگهه جو اپيوڳ ڪبو. پهاڙيءَ ۾ ائين چيل آهي ته هئي جي تن ۾ اک نه رکڻي آهي.

ڪرم ڪرڻ

ڀارتي فيلسوفي هن سنسار کي ترڪ ڪري ٻيءَ دنيا جي حاصلات جو سبق نٿي سيکاري، اها اسانکي هن دنيا ۾ به قابليت ۽ نپڻتا سان ورتڻ جو آديش ٿي ڪري. ٻئي ساڳئي وقت اسانکي هن دنيا جي موهه ۾ ڦاسڻ کان آگاهه ٿي ڪري.

ڀارتي فلاسافي ٻنهي وستن - آڌونڪ ۽ اڌياتم، سنساري ۽ روحاني ملهن جو سمپرڪ ڪري، ٻنهي کي هڪڙي سوتر ۾ ٻڌڻ سيکاري ٿي.

ڀڳوت گيتا جو اسانجو مهان ۾ مهان ڌرمي گرنٿ ڪري تسليم ڪيو ويو آهي، ان جي مرڪزي سکيا اهائي آهي- ڪرم ڪر. ڦل جي اڇا کي تياڳي ڪرم ڪر. لوڪ سنگرهه

هاڻ جو مسئلو، هر انسان لاءِ پيدا ٿو ٿئي سو هي ته، اُن دکھ جي انيڙ کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪجي، ڪيئن مڪتي پائجي. اُهو ڪهڙو اُپاءُ آهي جو اسان کي ناڪامي مان پيدا ٿيندڙ مانسڪ پيڙا کان آزادي وٺي ڏئي. اِهو عملي سوال اسان جي رشين اڳيان ڪڙو ٿيو. هنن ان سوال جي جواب جي کوج ڪندي محسوس ڪيو ته جيڪي ڪجهه سنسار ۾ پسارڻل ڏسون ٿا اُن جي اصليت سمجهڻ کانسواءِ هن سوال جو جواب نه ملندو.

ڀارتي رشين پنهنجي کوج سان ڳولي لڌو ته جيڪي انت ۽ استر آهي، ان جي پٺيان دوڙڻو ته دکھ جو انيڙ ٿيڻو ئي آهي. ۽ جيڪي ستيه آهي ستر آهي، انادي آهي ان کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته هن کي سنتوش ملندو. هن اهو به محسوس ڪيو ته دکھ کان مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ سکھ جي احساس به ٻلڻو پوندو. ڇو ته دکھ ۽ سکھ ٻئي ٻنڌن آهن، ٻئي زنجير آهن، ٻئي قيد جون ڪڙيون آهن. جڏهن انهن ٻنهي دوندن کان من آزاد ٿيندو تڏهن هڪ نئون انيڙ ملندو، آنند جو انيڙ، جو انيڙ دکھ ۽ سکھ ٻنهي جي احساس کان مٿي ۽ پري آهي جنهن جو شبدن ۾ ورنن ڪرڻ مشڪل آهي.

گونگو ڳڙ کائي، مشڪي مشڪي ڪيئنڪي

* * * *

سنساري منش لاءِ آشا

ڀارتي سنسڪرتي اپش اُپنشد دواران گرهست ڌرم جي پالن ڪندڙن لاءِ، سنساري جيون لاءِ، ساڌارڻ منش لاءِ آشا جا دوار کولي، ڪين وشواس ڏيارڻو ٿو وچي ته اوهان جو به سورگ، مڪتي ۽ موڪش تي ايترو ئي حق آهي

ته سنڌس جيان، مڙهئي دنيا کي ڇڏي وڃي سنياسي بڻجو. مهاتما گانڌي، جنهن پنهنجي جيون جو لکش ئي مڪتي حاصل ڪرڻ ٺهرايو هو، تنهن ان مڪتيءَ جي ڳولها، پهاڙ جي غفا ۾ ڪانه ڪئي، پر هن دنيا ۾ رهي، سو به راڄنيتي کيتر اندر ورتي، جنهن کيتر کي غليظ ۽ ناپاڪ کيتر سمجهيو ويندو آهي، هن موکش هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ لڳا، جڏهن ڪيس ڇيو ته اوهان جي جڳهه ته ڪنهن غفا ۾ هئڻ گهرجي، تڏهن هن وراڻيو غفا ته مان پاڻ سان گڏ کڻي ٿو گهمان. مونکي ايشور جو درشن، جنتا جناردن ۾ حاصل ٿيو آهي.

ٿوري ۾ چئجي ته پارٽي فيلسوفي، آڌونڪ ۽ آڌياتمڪ، سنسارڪ ۽ آتمڪ. ٻنهي وچار ڌارائن جو هڪ سنگم آهي، ميل جهول آهي. هتي، منشيه جي جدا جدا شڪتين اڇائن ۽ ڀاونائن جي ولڙائن ۾ وڪاس ڪرڻو آهي. ڪنهن هڪڙي شيءِ کي تياڳي، ٻيءَ کي حد کان وڌيڪ وڌائڻو ڪينهي. نه هن سنسار کي پلائي؛ ٻي دنيا ۽ ٻي جهان جي پٺيان پوڻو آهي؛ ۽ نه وري، ٻيءَ دنيا يا سنسار جي موهه ۾ ڦاسي، هن دنيا کي ڇڏي ڏيڻو آهي.

صدقي ڪرم ڪر. گيتا، گيان مارگ توڙي ڀڳتي مارگ جو ذڪر ڪري ٿي، مگر سڀني ۾ سرواشٽ ان ۾، ڪرم پٽ کي ئي شمار ڪيو آهي.

ڀارتي فيلسوفيءَ جو چمتڪار

سوامي وويڪانند، جنهن ڀارتي فيلسوفيءَ جو چمتڪار نه فقط ڀارت کي ڏيکاريو، پر مغربي ديس ۾ به، ان جو ڏونڪو وڄايو. سوامي جن جي مڙني سکيائن جو مرڪزي خيال اهو ئي آهي، ته سنسار کي تياڳڻ نه ڪرڻو آهي مگر سنسار ۾ رهي، پنهنجي فرض ادائي ڪرڻي آهي، ۽ اهو فرض ادائي هيءَ آهي، ته جيڪو ڪرم پنهنجي ڀاڱي ۾ اچي، اهو ڪرم ڪجي، سچائيءَ سان، نشڪامتا سان. سوامي وويڪانند جو فرمودو آهي، ته هڪ رواجي گرهستي به، جو ايمانداريءَ سان، نشڪامتا سان ڪنهن غرض يا مطلب کانسواءِ ٻين جي ڀلائيءَ صدقي، پنهنجي فرض جي پالنا ٿو ڪري، اهو مڪتيءَ جو اوترو ئي حقدار آهي، جيترو ڪو تياڳي سنياسي آهي.

گيتا جي سکيا اهائي آهي، جا ايش اپنشد جي آهي. ڪرشن ڀڳوان ارجن جي مونجهاري کي ڏسي، کيس ڀڄي وڃڻ جي صلاح نٿو ڏئي. الٽندو ڀڄڻ جا سانڀها ڪندڙ ارجن کي واپس ڌنش ٻاڻ کڻڻ لاءِ اُتيجت ٿو ڪري. پڻ ڀڳوان، ١٢ ورهيه بن ۾ رهڻ کانپوءِ به سنسار ۾ واپس اچي منشن کي نيڪ چلن چلڻ جي سکيا ڏني. ۽ نه ڪ سڀني کي ڀڪشو بڻجڻ جو اُپديش ڏنائين، سوامي ديانند، رشي ورجانند کان ويدن جو گيان حاصل ڪرڻ بعد، وري هن دنيا ۾ واپس آيو ۽ لوڪن کي، آريه بڻجي، پنهنجن فرض جي ٻجاوريءَ جي سکيا ڏنائين. کين ائين ڪو نه چيائين

ڪرو - مرو جي نعري آندي آزاديءَ جي راڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

جاءِ ڏيئي جوهر کي پنهنجي باپوءَ ڪيو ڪنارو،
جيئن پيٽا ارپي موهن پاتو موت سونهارو،
زهر وٺي امرت بخشيائين ديش جو ٿيو نيتارو،
فرقن جو ٿيو جهيڙو پورو آهو دور نيارو،

گانڌي - سماڌيءَ ۾ دنيا لئه آتم جوت جڳائي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

ستيه اهنسا جي ٻيڙي تي جوهر قدم وڌايو،
جوت ڪٽي باپوءَ جي جڳه کي نهرو نياءُ ٻڌايو،
لهرن لوڏن آهه وراهو، واءُ اڻانگو آهو،
سمجهن ڪين وديشي حاڪم روحانيت جو راهو،

ڀارت وري ڪندو هڪواري دنيا جي اڳواڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

نيون رٿائون ۽ يوجنائون ملڪ بڻيو موچارو،
هند ٿيا ٻجلي تي جاري پوک ۾ ٿيو واڌارو،
هنر نوان برپا ٿيا هرهنڌ روپ ڦري ويو سارو،
پورهيت جو ٿيو قدر سوايو ڪڙميءَ وارو آيو،

ڳوٺن ۾ نوجيون آيو دل جي ڪلي اڏڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

منزل صاف اڳيان آ هاڻي ساميواد جو سعيو،
پنهنجو سانچو گهڙيو سوڌو گهرجي ڪين پرايو،
خون خرابيءَ کان جو آجو سڀ جو خير سوايو،
زور نه ڪنهن تي، ظلم نه ڪنهن سان، گڏجي قدم وڌايو،

ديش ۾ ترقي، شانت دنيا ۾، منزل آ هيڪاڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

٣٢- ڪانگريس جي ڪهاڻي

(طرز- سڻو سڻو اي ڀارتواسي، ٻاپوجي ڪي امر ڪهاڻي)

ڀارتواسي! سنڌ نواسي! حق جي ٻولي واڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

سٺ سال ٿيا پيو پايو قومي ڪاريه-ڀون جو،
ديس جي چرنن ۾ تنهن اربيو پورهيو ڪل جيون جو،
درپن آهه بڻيو اڄ ڀارتواسين جي دل من جو،
صاف ڏسون پيا عڪس انهيءَ ۾ ديش سنڌي جذبن جو.

ملڪ جي آسن ۽ آشائن جي صورت سڀاڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

تڙپ سوتنترتا تي پيدا جوش رڳن ۾ آيو،
ننڊ ڪلي غفلت جي کهني ماتا ناد وڄايو،
من ۾ محبت مادر آئيري چولين خون چلايو،
طوق غلاميءَ جي غيرت پيو دل ۾ درد دکايو،

فوج اهنسڪ سنهري نڪتي ماٿ نه ٿئي وڳاڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

دادا ڀائيءَ شبد اُچاريو، تلڪ اُهو اُپنايو،
لالاجيءَ ۽ داس انهيءَ لئه سر پنهنجو سهايو،
ٻابو ٻوس وديشن اندر لشڪر وڃي سنباهيو،
بادشا خان وطن جي صدقي گهر جيلن ۾ ڇاهيو،

ڪنهن جو ڪنهن جو نام اُچاريان ورن جي آڪاڻي!
ڪانگريس جي قربانين جي سڻ هيءَ ڪٿا سهاڻي!

ڪانگريس جي جهنڊي هيٺان گانڌيءَ ڪيو ڪمال،
مٽيءَ مان ڪيئن مرد ٿيا پيا، لوڙ بڻايل لعل،
ڏوکي ورو ويا جيلن ۾ چانگه ڏيئي ڪي چال،
ملڪ جي محبت ڪيا مستانا ملڪ چڏهائون مال،

هلندو هليو اڳاهون پويان نہ پير وراڻو:
جنهن جا سڪان جڳ ۾ پرست پيارا!
گانڌي ۽ تلڪ، نهرو، دنيا ڪنيا نيارا!

بنگال جي ورهاڱي رولو وڏو وطن ۾!
جوانن جو خون اُڇليو لڳي آگ تن بدن ۾!
بي چيني هڪ انوکي وڌي اچي چمن ۾،
جذبو نئون نرالو ڪيڏو لڳو مَن ۾:
”سرفروشي ڪي تمنا اَب هماري دل مين هي
ديکنا هي زور ڪتنا بازوي قاتل مين هي“
ڦڙڪي سا ٻاهہ اُڀري هڪ انقلاب آيو،
جوالان دل جوانن ۾ خيال هي سمايو،
گورن کي ديش مان ڪڍ، هڪ هڪ ڪري هٽايو،
بارود بم سندو پو هرهنڌ شروع ٿيو سعيو:
ڦاسيءَ تي ڪيئي لٽڪيا ڪي وڻ وطن ڇڏي ويا!
بلدان ڏيئي پنهنجو هن ديش کي آڏي ويا!

هلچل هلي سوديشي ڌاريو نہ واپرايو،
پنهنجي وطن جو پيارو سيني سان تنهن کي لايو،
ڪوجهو هجي يا ڪارو نيڻن اُتي لڳايو،
ظالم جي حرڪتن کي بيڪار انهن بڻايو:
دشمن سبق پرايو جنتا جي نيت جهہ تي!
بنگال کي ٻچڙ واريءَ جي ڪئي تي!

تلڪ گهريو ٿهائين آيو نئون زمانو،
منتر ڏنو نئون تنهن گونجيو نئون ترانو،
آڪاش تي اُڏايو ڀارت سندو نشانو،
هرهنڌ ٻُڌڻ ۾ آيو جذبن ڀريو هي گانو:

٣٣- آزاد ٿيو وطن!

١٨٥٧—١٩٥٧

قولي نه دل سمائي آزاد ٿيو وطن آ!
آزاد هند ۾ ٿيو اڄ شاد تن و من!

پورهيو نوي ورهين جو آخر بڻيو سڀاڳو،
ڀارت جو ڀاڳ ڦلڻيو اڄ ڏينهن سڀاڳو آيو،
داغ - غلامي مانا مستڪ مٿان مٽايو،
شاعر جو شبد بوليو ويو ڪينڪي اجايو:
ڀارت بڻيو نه رهندو هرگز غلام خانو!
آزاد ٿيندو ٿيندو ايندو اهو زمانو،
ڀارت نه رهه سڪيگا هرگز غلام خانا!
آزاد هوگا رهيگا آنا هئه وو زمانا!

اٺهين صدي جي اڌ ۾ لشڪر ۾ جوش آيو،
ٽانتيا اُٽيو ۽ نانا، لڪشميءَ بگل وڄايو،
گهانگهو غلامگيريءَ جو ديش تان هٽايو،
حملو ڪيائون هر جا قسمت نه پر ورايو،
ليڪن وڏو شهيدن آزادگيءَ جو پايو،
برما جي بند مان پو دهليءَ جي شاهه ڳايو:
”هم هندکي رهني والي هين دکهه دردکي سهني والي هين
ڪڇهه مونهن سي نه ڪهني والي هين، اي چرخ همين برباد نه ڪر“

ڀڄا سينگين وڏو ويو قومي سڀا جو پايو،
بوٽي منجهان سو اُڀري درخت بڻيو سوايو،
جهنڊي جي هيٺان تنهنجي ڀارت قدم وڌايو،

دل جي غبار مان دل گفتو غلط چوايو،
"آزاد ٿيندو ڀارت ايندو سکي زمانو!

مونکي خبر ڇا ٿيندو گهر منهنجو ٿي ويرانو!"
دلگير ٿيءُ نه بيڪس، جيڪس تو ڪجهه وڃايو،
وٺرت نه ويندو تنهنجو هي آخرين لايو،
سنتان تنهنجي سنڌي ٿيندو بخت سوايو،
ڪر ياد سو ترانو تو سنڌ ۾ جو ڳايو:
"ويو فرش نه گهر عرش ٿي ايجاد ڪنداسين!
مرنداسين مگر ملڪ کي آزاد ڪنداسين!"

پنهنجي نظر سنڌو تون ڪجهه دور ڪر پسارو،
اوڀر طرف ڏسين ٿو سورج ڪيڏو ڪنارو،
خوشرنگ ترورن سان سارو سنهيل نظارو،
ڀارت ڀويش ڀٽڪو سهڻو صبح سوارو:
"موٽي پوءِ چوڻ ايندو ساڳيو اڳيون زمانو!
گمنام ديش ٿيندو پو تو مٿان ديوانو!"

”مرحبا - ڇٽيءَ انهن کي ملڪ لئه جي ماريا!
ملڪ جي خاطر جوان ڇا رت جني جا هاريا!“

ويهين ۾ چڪر بدليو گانڌيءَ جو جڳ آيو،
آزاديءَ جو لهرڪ باپوءَ ڏنو هلايو،
سنگرام کي سنواري هن عام جو بڻايو،
ستياگرهه جو جوهر تنهن ديش کي ٻڌايو:
سوريءَ تي سر سنڀاهڻ جوانن لاءِ کيل ٿي پيو!
مردن ۾ جان آئي، جيلن جو ڏر هليو ويو!
پروا نهين هئه همکو اِس جيل اور دمن کي
اک کيل هو رها ڦانسي پي جهول جانا

ٽيهين ۾ ٻاهه ڀڙڪي جوالا اُٿي گگن ۾،
ڊانڊيءَ جي ڪاهه ڦوڪيو جذبو ستل رڳن ۾،
وسريو نه سي نظارا وسرن جڳن جڳن ۾،
جوانن جڏهن ٿي ڳايو مستيءَ منجهان مگن ۾:
”اچو نوجوانو هنر آزمايون!
ڇٽيون گرم گوليون جگر آزمايون!“

هڪڙو قدم هو باقي ”ڀارت ڇڏيو“ جو نعرو،
جادو هو تنهن ۾ جاڳي اُٿيو ديش سارو،
محب وطن مٿان پيو گولين ٻمن جو مارو،
ليڪن ڇڏڻ ٻنا پيو ڪوئي رهيو نه چارو:
انتم سمي ۾ ليڪن هڪ چال ويا چلائي!
ويندي وطن وراهي ويا آگ هڪ لڳائي!

خون - شهيدي آخر منزل متي رسايو،
آلم سٺا جي آڏو انگريز سر جهڪايو،
آزاد ٿيو وطن پر نزلو سنڌين تي آيو،

جڏهن سواڌينتا سان گڏ ويا حشمت، خودي، سومان
پراڌينتا جي ڪارڻ موڪلائي ويو هليو ايمان

جڏهن ٿيو شبد ”آزاديءَ“ جو هوٺن تي ڪڍڻ مشڪل
همت وئي، حوصلو ويو، ويرتا وئي هلي بلڪل

غلاميءَ جي جڏهن سوڪشم زهر جي سرت ڪيو عالم
جڏهن بي درد، بي-دل، بي-رحم بڻيو ظالم

جڏهن لوهي زنجيرن کي غنيمت ايشوري سمجهي
نه، رحمت ديشواسين اُف هي ڏاڍي راڄ جي پرجهي

جڏهن ڀيڙت ٿي ڀارت مات ٻاڏائي ڪئي فرياد
۽ گيتا ۾ ٻڌايل قول ڪرشن کي ياد ڏياريو

تڏهن آيو وري اوتار موهن جو ڪري ڌارڻ
آزادي ڪال کان ڀريوءَ ڏنل پنهنجي وچن ڪارڻ

سنيائي فوج تنهن نياري، انوکي ستيه آگرهين جي
اهنسڪ وير، سئنڪ، مرد ٻالڪ ۽ ڇا زالن جي

ٻڌائي مرد ميٽيءَ مان تنهي ۾ جان ڦوڪيائين
وهايو خون پل پنهنجو، وهائڻ ٻين جو روڪيائين

سدرشن چڪر جي عيوض هلائي چڪر چرخي جو
اهنسڪ سوٽر پيرن کان وٺائين ڪارڻ گولن جو

نمڪ چپٽي منجهان پيدا ڪيائين وير لاثاني
لڙيا جي جنگ آزادي ٻڌي سوراج جا ٻاني

ڏنو تنهن هڪ نئون نعرو ڪرو ٿان يا مرو لڙندي
ٿئي آزاد شل ماتا صدا اهڙي هٺو مرندي

ڪوتا ۾

جڏهن ٿي ڌرم جي هاڃي، وڌي ويو ظلم ڀارت ۾،
جڪڙجي ديس ويو غربت، بيڪاريءَ، جهالت ۾

جڏهن ڏٺيهه ڪوئي ڀارتي بيوس ٻڌي باندي
گذارين پيا حياتي مفلسيءَ ۾ هاءِ هيڪاندي

جڏهن هر ڏهه ورهين ڏڪال ٿي ڪيو ديش کي ماندو
ڪٽل فرنگيءَ سندين چالين ٿرين پر ملڪ کي آندو

جڏهن هڪ ويلي کاڌي لئه ٿي ترقيا ٻارڙا اُبهم
نه هو پد ڪين ڪوئي جو لڳائي تن مٿان مرهم

جڏهن ڀيوه يتيمن جون نه هو دانهون ٻڌڻ وارو
مثل هڪ قيدخاني جي ويو ٻڻجي ملڪ هو سارو

جڏهن ٻن انگ پٽڪيا دربدر ٿي ننگ اُف پنهنجا
مگر غيرت منجهان ٿي ڪين رونگٽ ٿيا ڪڙا ڪنهنجا

جڏهن روٽيءَ جي ٽڪري ٿي ڪتا ماڻهن سان ٿي جهڳڙيا
جڏهن هڪ ليڙ لئه وطني ٿي اڪثر پاڻ ۾ رڳڙيا

جڏهن ٿي ديس جي ڪاريگري نابود ڪل ساري
ڪيو محتاج ڏارين، ڪاسبي، ڪوري ۽ پڻ هاري

جڏهن مردانگيءَ منجهي هو ڪائرتا کي اپنايو
پلي احساس ويو ذلت، غلاميءَ جو ڪو ڀيو سايو

جڏهن سينو، ڪشي چالي، هلڻ مشڪل ٿيو ڀاري
محبت ملڪ لئه پڙٽي، جڏهن لوڪهه تي پئي ڀاري

٣٥- پنڊت جواهرلعل جا سنگهه

(اصل ليکڪا: روسي شاعرا مئڊم مرڊزا ڪيمپي)

ھيس پر ڪنھن ڏينھن ھڪ شعلو گرم؛
ھاڻ بڻجي پيو آن سيتل سنگھ مان.
سڙ اھا نھروءَ سندي خاڪ - عظيم،
گيت ڇا ٿي گنگنائيندي رھي:
"مون کي پھچايو مٿي آڪاس تي،
چو ته مان آن خاڪ نياري ٻيءَ طرح،
پر اتم جن تي اُڏامڻ ٿي گھران؛
پو اُفق نيلي مجھان مون کي ڇٽيو،
مات ڀارت جي زمين اندر لٽيو،
جيئن سندس سيني مٿان مان پکڙجي،
پردي جيان ڍڪري ۽ ڍڪمي وکڙجي،
نياز مان ماٿا ڪان پٽڪي م پڇان:
"مونکي او جنني ٻڌاءِ، مونکي سڻاءِ،
توکي ڪجھ محسوس ٿيو منھنجو ڇھاءُ،
زندگيءَ ۾ اڳ ۽ ھاڻي موت بعد،
شعلي جي صورت ۾ ڇا، ڇا خاڪ تي،
مون ڪيو ھو پاڻ تو ارپڻ ڪلي."
مون کي سيني سان لڳائي قرب مان:
مات ڀارت ھيئن آکيو پو قلب مان:
"اي جواھر منھنجا لاثاني سپوت!
توکي مان آرام جي ڪيئن ڏيان رضا،
۽ نه توکي آھ رسڻ ڏيندس آئي،
موت او سيري ۾ ونئو جتي،
منھنجي رک ٿرڪي ٿي غنچ لعل لئه."
"منھنجي جيون جو ڪنول مون ۾ ملي،
ٿو لڏو قلندو آنادي ڪال لئه."

ستاويهه سال سا ساندهه رهي هيءَ ڌرم يڌ جاري
مگر ڪا پل نه ٿنهن ٿوڏي همت هرگز ڪڏهن هاري

گهمندي سلطنت جنهن ٿان نه سورج ٿي لٿو ڪنهن دم
ڪري ۽ پٽ اڇي پيٽي گهڙو ٿنهنجو ڦٽو جنهن دم

ٿي جڳ جڳ ڪارگانديءَ جي، اهنسا جي ٿي سرساري
ظلم، هنسا ۽ ناحق کي لڳي جڙ چوٽ ڪاپاري

ڪٽي هن ٻند ماٿا جا ٿئين هڪ راهه ٻتلائي
روحانيت جي وري ٻيهر انوکي شڪت جتلائي

سفر جيون جو ٿيو پورو سڦل ٿي زندگي اعليٰ
مليو ڀارت کي قومن ۾ اڳوٽو اوج پد ٻالا

پرڪيا سنت ٿي پوري، پوش-واٽي جا هن ٻولي
عداوت، رنج، غم ڌاران، جهلي سيني ۾ ٿنهن گولي

ڇٽي "هي رام" وهو مک مان اَمرٿا جي گتي پائي
شهيدي لاج سر ٿي "گوڊسيءَ" کان پاڻ پهرائي

زهر پي پاڻ، امرت ڏئي سنسار کي گاندي
سماڌيءَ ٿي سندس زيارت دنيا جا پيا ڪندا پانڌي

جهڪي شرڌا منجهان ٿو شيش اڄ هر پارٿي "گمنام"
ٿو گونجي هر گلي ڪونچي انادي ناد سو **هي رام**

گمنام

گوڊسي - مهاتما جو خوني

"ماءُ تي، ماٿا سمنڊ جي لهرن مثل
هيس ڪر اٿيءَ، ليڪن هاڻ ٿس،
ٻڌجي پيو آهيان مان سيتل ميري خاڪ."

* * * *

سڻ اها نهرو ۽ سندي خاڪ- عظيم،
گيت ڇا ٿي گنگائيندي رهي:
"منهنجي هڪڙي مٺ پري، هڪڙي فقط،
پراڳ جي ڪنڌي تان درياهه ۾ وجهو،
جيئن اڌي مات گنگا ۾ ملان،
جا ڪٺي ڏيهي هلي، مون کي وٺي،
پيٽ ساگر ۾ تکي اڇلي جيئن
جگتر جي سمنڊن اندر گڏجي وڃان،

منش ماتر جي مان وچارن اندر،
ويا پڄي و ونديس ملي پورن طرح؛
هر وري مون کان ڪندا هڪڙو سوال،
"اهڙن جا فرشتا ڇو بي آرام آن؟"

منهنجي رک سان سوار ٿيل ڇولي ڇلي،
چوندي تن کي "پرش اي پرٿوي سندا،
پاڻ ۾ گڏجي هلو، پاڪر پوري."

انهن ڇڏي، پٽي لهر جي آغوش ۾،
پاڻ کي اڇلي، جهڪائي پنهنجو سر،
اڳتي ۽ اڳتي وڌائيندي قدم،
هن اشانتيءَ سان پرول سنسار ۾،
هر جڳاهه، هر ديش ۽ هر پار ۾،
صلح جو ۽ پريم جو نعرو هڻي.

(ترجمو: گمنام)

(هيءَ ڪويتا، دنيا جي ڪيترن ٻولين ۾ ترجمو
ڪئي وئي آهي.)

95

ٻلديو ٽي. گاجرا

ٻلديو گاجرا جو جيون، سادگيءَ، خودارپڻتا، ديس ڀڳتي، قرباني ۽ سالم سمجهه ۽ ٻوجهه جو جيئرو جاڳندو مثال آهي.

شري نيوندرام وشنداس

ٻلديو گاجرا "گمنام" پنهنجي للڪار ۽ اُمنگ سان سنڌين جي دلين ۾ اُمنگ ۽ اُتساهه جا انگ پٽي ڦوڪيا آهن.

پروفيسر لالسنگهه ايڇ اجواڻي

ٻلديو گاجرا، پنهنجي مضمونن دوارا، سياسي، سماجڪ ۽ ساهتڪ کيتر ۾ وڏي درجي جو يوگدان ڏنو آهي.

پروفيسر منگهارام يو. ملڪاڻي

"گمنام" جيڪو مشاهدو ماڻيو آهي، تنهنکي نئين رنگ ۽ روپ ۾ چٽيو آهي، جو ڪامل ڪاريگر جو ڪم آهي.

شري امرلعل هنگوراڻي

ٻلديو گاجرا، پترڪار به آهي ته شاعر به، نقاد آهي ته مضمون نگار به، انهن چئني صنفن ۾ هن قبوليت حاصل ڪئي آهي.

شري گوبند مالهي

شري گاجرا، پنهنجي سليس ۽ سپڪ ٻوليءَ ۽ دلچسپ عبارت سان، ساهت کيتر ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي

ٻلديو ڇيد ڪرڻ، ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، اثرائتي وياکيا ڪرڻ ۽ اوکه ڊوکه ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

شري تيرٿ سڀاڻي

ٻلديو گاجرا، سنڌي ساهت ۾، هڪ نقاد، شاعر ۽ مضمون نويس طور پرسڌ آهي. هو پڪو ۽ پختو روايت پرست نيتيوادي - سمالوچڪ آهي.

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي

ساهت ۾ نيتي نمل جي ٻگاڻي ۽ بي مثل تخليق، ٻلديو گاجرا کي هميشه زنده رکندي. سنڌي ساهت کي، گاجرا اَمر دان ڏني آهي.

شري وشنو ڀاٽيا